
سُر، شاھ، سمنڊ
استاد امير علي خان
SINDHI LANGUAGE AUTHORITY
سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد

# سُر شاهه ، سمند

(موسيقيءَ جي فن ۽ علم تي ٻڌل ڪتاب)

مصنف

استاد امير علي خان

سنڌي لئنگويج اٿارٽي

حيدرآباد – سنڌ

2007ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آرپـنـا

هن جديد دؤر ۾ نئين طرز سان سينگاريل هڪ نئين رُوپ ۾ لکيل سُر، شاه، سمُنڊ ۾ 11 سالن جي محنت کي آئون ارپيان ٿو پنهنجي بزرگوار ڏاڏي مرحوم خانصاحب حاجي خير محمد خان ۽ سندس فرزند يعني منهنجي والد محترم مرحوم خانصاحب اُستاد رمضان علي خان جي نانءُ ۽ پوري جيسلميري قوم کي.

## اُستاد امير علي خان جي گهراڻي جا بزرگ راڳي




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


ناشر نوٽ

پيش لفظ 7

مهاڳ 13

تاثرات 17

**باب پهريون**

سنگيت جو لڇڻ 25

موسيقيءَ جي علم جا لفظ ۽ اصطلاح 25

سُرن جي سجاڻپ ۽ سرگم جا قسم 26

راڳن کي سڃاڻڻ جا طريقا 28

تان جا قسم ۽ سمجهاڻي 29

ڪوٽ تانون ڳاهڻ جو طريقو ڪار ۽ ميرکنڊ جو حساب 30

النڪار جا قسم 39

تيور ۽ ڪومل 55

لئي 57

شاهه سائين جي راڳ جو چالو 62

شاهه ۽ جيسلمير جا راڳي 64

**باب ٻيو**

شاهه ۽ جيسلمير 67

**باب ٽيون**

سنگيت جون خوبيون 73

**باب چوٿون**

موسيقي جو علم ۽ ان جا سنگيت ڪار 76

**باب پنجون**

علم موسيقيءَ جون ڊگريون 78

**باب ڇهون**

آواز ڇا آهي 80

**باب ستون**

موسيقيءَ جو اثر 82

**باب اٺون**

موسيقيءَ جي تاريخ ۾ تبديليون ۽ نوان رخ 83

عرب جي موسيقي 83

عجم جي موسيقي 84

هندستان جي موسيقي 84

سلاطين اسلام ۽ موسيقي هند 85

سازن ۽ راڳن جي صنفن جي فهرست 87

هندستان جي موسيقي ۽ بادشاهن جو موسيقيءَ ۾ ڪردار 89

سنڌي راڳين جو ٽپي تان جو ڪلامن ۾ پنهنجو انداز 94

**باب نائون**

هلندڙ دؤر ۾ موسيقيءَ جون صنفون 97

**باب ڏهون**

سُر جا روپ 103

**باب يارهون**

آروهي ۽ امروهي جا قسم 108

**باب ٻارهون**

تان جي آروهي ۽ امروهيءَ جا قسم 110

**باب تيرهون**

ثاٿ جو جنم 118

مورچنا جا قسم 122

ثاٿ 126

**باب چوڏهون**

راڳ جي سجاڳپ 132

موسيقيءَ جي رنگن جا تخليقڪار 136

**باب پندرهون**

شاھ جي داستانن مان پيدا ٿيندڙ راڳ 140

سُر يمن ڪلياڻ 141

سُر سريراڳ 146

سُر ساموندي 150

سُر سُهڻي 153

سُر ڪنيات 157

سُر سارنگ 161

سُر ڪيڏارو 164

سُر سسئي آبري 167

سُر معذوري 170

سُر ڪوهياري 173

سُر حسيني 177

سُر سورٺ 189

سُر بيراگ 185

سُر هير رانجهو 188

سُر بروو سنڌيجو 192

سُر مومل راڻو 195

سُر ڪاهوڙي 201

سُر رامڪلي 204

سُر رپ 208

سُر ليلان چنيسر 212

سُر بلاول 217

سُر مارئي 221

سُر ڊولا مارول 226

سُر ڌناسري 234

سُر پورب 238

سُر ڪاموڏ 241

سُر ڪارايل 245

سُر بسنت 247

سُر ڪاپائتي 250

سُر پرڀاتي 254

سُر ڏهر 258

سُر گهات 262

سُر آسا 266

سُر ديسي 270

**باب سورهون**

تال اڏيائي 276

هوا ۾ گنڍيون لڳائڻ بابت ڄاڻ 304



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناشر پاران:

سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف موضوعن ۽ علمن جو احاطو ڪرڻ، سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جو بنيادي ۽ اهم ڪم آهي. ان ڪري ئي اٿارٽي شروع کان وٺي مختلف موضوعن، جهڙوڪ: ٻوٽن، ميون، درياهي جيوت، نفسيات، طب ۽ ٻين سائنسي توڙي سماجي موضوعن تي ڪتاب تيار ڪري ڇپايا آهن. هيءُ ڪتاب ”سُر شاهه، سمنڊ“ پڻ ان ئي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سدا حيات شاعر ۽ مفڪر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سُرن جي موسيقي ۽ مجموعي طور موسيقيءَ جي علم ۽ فن تي وڏي ڄاڻ موجود آهي.

استاد امير علي بنيادي طور هڪ گائڪ آهي ۽ موسيقيءَ جي شاگردن کي خانگي طور پڙهائيندو رهيو آهي. هڪ ڪتاب کي ترتيب ڏيڻ يا لکڻ سندس پهريون تجربو آهي، ان ڪري سندس لهجو Spoken آهي. اسان ڪوشش ڪري ڪتاب کي ايڊٽ ڪرايو آهي، پر ان ڳالهه کان به انڪار نٿو ڪري سگهجي ته ليکڪ جو لهجو اهو ئي رکيو وڃي، جيڪو هُن پاڻ لکيو آهي.

شاهه سائينءَ جي سُرن جي پسمنظر ۾ ڏنل موسيقيءَ جي سلسلي ۾ ليکڪ، لطيف سائين جي نالي ۾ ڪي اهڙا سُر ڏنا آهن، جيڪي جديد تحقيق موجب لطيف سائينءَ جا نه آهن ۽ اهو ذاريو ڪلام تصور ڪيو ويندو آهي، پر هن ڪتاب تي ماهراڻي راءِ ڏيندڙ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ۽ مهاڳ لکندڙ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان ڪلام کي ليکڪ/ محقق جي کاتي ۾ رهڻ ڏنو آهي. ان ڪري ادارو به ان صورت ۾ هن ڪلام کي ڪتاب ۾ رهڻ ڏئي ٿو ته هي ڪتاب موسيقيءَ بابت آهي ۽ ان ڪلام جي موسيقي جو پسمنظر ئي اهم آهي، جيڪو ڪتاب ۾ موجود آهي.

مون کي اميد آهي ته هيءُ ڪتاب موسيقيءَ جي شاگردن لاءِ نهايت ڪارائتو ثابت ٿيندو.

15 مئي 2007ع

**عبدالقادر جوڻيجو**

چيئرمئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

دنيا ۾ جيترا به شاعر ٿي گذريا آهن، اُنهن مان ڪنهن به شاعر کي راڳ وِديا (علمِ موسيقي) تي حڪمراني ڪري ، اُن ۾ پنهنجا راڳ تخليقي روپ ۾ ناهي ۽ هميشہ لاءِ امر بنائي ڇڏڻ جو اعزاز نصيب نہ ٿيو آهي. شاهہ جو رسالو سنڌ واسين لاءِ چوڏهين جي چنڊ جي حيثيت رکي ٿو. پر شاهہ سائين سنڌ جي جديد فڪر ۽ سوچ سان گڏوگڏ مذهبي، سماجي ، ثقافتي ۽ تاريخي پس منظر جو اهو وهندڙ درياهہ آهي، جنهن سان هر غريب امير سيراب ٿيندو رهيو آهي. شاهہ سائين جي پيغام سنڌ واسين لاءِ انسانيت جي راهہ سان گڏوگڏ اُنهن جي احساسن ۽ جذبن کي اهڙو ڏينگ ڏنو آهي، جو اهو دنيا جي وجود تائين شاهہ جي رسالي جي شڪل ۾ قائم دائم رهندو. پوري دنيا ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجن داستانن کي ظاهري ڪلاسيڪل راڳن جا نالا ڏئي ۽ ڪٿي راڳن کي ڳجهارت جي شڪل ڏني، انهن راڳن کي پنهنجي نئين تخليق سان سنڌ ڌرتيءَ کي ثقافتي روپ ۾ راڳ رنگ جو هڪ نمونو بخشيو، جيڪو رهندي دنيا تائين قائم هوندو.

شاهہ سائين جي انهي تخليق سنڌي موسيقي، ثقافت، سنڌ جي رهڻي ڪهڻي ۽ سنڌي شاعريءَ کي راڳن جي آلاپن وسيلي ان ماڳ تي رسائي ڇڏيو آهي، جيڪو سنڌ جي سڃاڻپ بڻجي ويو آهي. شاه سائين هڪ ساز پنج تارو دنبور ڏنو، جنهن جي شڪل ڪلاسيڪل اُنم ساز تانپوري وانگر آهي. ان ساز ۽ پنهنجي موسيقيءَ وسيلي بخشيل نئين تخليق وائي ۾ هڪ خوبصورت تال روپڪ يعني ستين ماترا کي ڳهٽو استعمال ڪيو اٿن. انهي سان گڏ دادرو يعني ڇهن ماترن وارو ۽ ڪَهروي يا ڪلواڙي جي بيٺ ۾ 8 آٺ ماترن جي زمين ناهي، انهيءَ تي پنهنجي ولايت واري رنگ سان شاعريءَ کي پنهنجي تخليق ڪيل راڳن جي چالن سان سينگاري ايندڙ نسلن لاءِ موسيقيءَ جي ميدان ۾ مشعل راهہ جيان رستو هموار ڪري ڏنو اٿن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل جي سچائي، شاهه لطيف ۽ اُن جي شاعريءَ سان محبت ۽ عقيدت رکندڙن پنهنجي پنهنجي نظرئي مطابق شاهه جي اعليٰ مقام بابت پنهنجن لکيل ڪتابن ۾ لفظن جا جيڪي بي بَها موتي چونڊيا آهن، اُهي موتي سمنڊ جي لهرن مان ڪڍهن به ختم نه ٿيندا ۽ قلم وسيلي پيدا ٿيندا رهندا. شاهه سائين عام ماڻهن واري ٻوليءَ وسيلي ماڻهن کي حق جي راهه ڏيکاري آهي. پنهنجي آفاقي شاعريءَ ۾ لطيف سائين غفلت جي ننڊ مان سُجاڳي جو درس ڏنو آهي ۽ پنهنجي نفس تي قابو رکڻ جو ۽ گناهن کان پري رهي عبادت ڪرڻ جي تلقين ڪئي آهي. شاهه سائينءَ جي رسالي هر قدم تي اسان جي رهنمائي ڪري ثابت قدم رهڻ جو ڏس ڏنو آهي ۽ گڏوگڏ ان قابل بنايو آهي ته اسين پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي سگهون. اهو ئي سبب آهي جو هر دور ۾ شاهه جو رسالو پڙهي پڙهندڙن کي ائين محسوس ٿيو آهي ته اهو ان ئي دؤر جو آهي.

تاريخ ۾ هي پهريون سنگيت (عِلم موسيقيءَ جو ڪتاب) آهي، جنهن ۾ شاهه سائين جي تخليق ڪيل راڳن جي چالن کي اُجاگر ڪري لِکل راڳن جي شڪلين کي ظاهر روپ ڏنو ويو آهي. هن ۾ سنڌي پرڪاش ۽ ديسي راڳن کي شاهه جي راڳي فقيرن جي آلاپڻ کان پوءِ اُنهن جي ڪلاسيڪل راڳن کي وڏن وڏن گرنٿن خاص ڪري رتناڪر، سارا امرت ڌارا، پاوي، لڪشس ۽ هنونت مت درپن، معرفت النغمات ۽ سيني به سيني حاصل ڪيل علم موسيقيءَ جي روشنيءَ سان اصُل نالا ڏنا ويا آهن. اُهي نالا صحيح ۽ حقيقي شاهه سائين جي تخليق ڪيل ڪلاسيڪل چالن مان هٿ ڪيا ويا آهن. شاهه لطيف هڪ سمنڊ جي مثل آهن، جنهن ۾ ماڻهو ٻُڏي سگهي ٿو، پر هِن کي حد کان مٿي ٻي نٿو سگهي. هي ڪتاب ان سلسلي جو پهريون قدم آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي بي بها خزاني يعني شاهه جي رسالي ۾ سڀ کان گهڻو پرچار انسانيت جي درس جو ڪيو آهي ۽ انهيءَ عشق جي وهڪري ۾ عاشقن جو مذهب ظاهري مذهبن کان پاسيرو رکي بيان ڪيو آهي.

عشق جو ڪوبہ مذهب ڪونهي. هميشہ پرينءَ کي پسڻ جو طريقو ۽ ان جو انداز مختلف رهيو آهي. هن بابت مولانا رومي فرمائي ٿو:

مِلت عشق ازهمہ دينها جدا است
عاشقان را مذهب و ملت خدا است

اهڙي طرح عشق جي دنيا بابت پنهنجي شاعري ۽ راڳن جي تخليقي ڪردار سان درس انسانيت جو پرچار ڪندي حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي فرمائي ٿو:

روزا ۽نمازون، ايءُ پڻ چڱو ڪم،
اُو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پَسين پرينءَ کي.

هر زمان ۽ مڪان ۾ اِنهي معنوي اصولن ياڻ کي نَون نَون نالن ۽ ويس ۾ ظاهر ڪيو آهي. قديمي يهودين ۾ اسيني فرقو اهڙن اصولن جو قائل هو. يونان ۾ فيثاغورث ۽ اِفلاطون بہ اِها ساڳي تند تنواري ۽ اهڙي طرح عيسائي مذهب جي شروعات ۾ هڪڙو فرقو پيدا ٿيو، جنهن ظاهري عبادت جو رستو ڦٽو ڪري اندر اُجارڻ تي گهڻو زور ڏنو. اِنهي فرقي جا معتقد ياڻ کي ناستڪ يعني عارف سڏائڻ لڳا. چوڏهين صدي عيسويءَ ۾ جرمني ملڪ ۾ مسٽر ايڪهرٽ ۽ پوءِ فرانس ۾ سندس مشهور چيلي مارم گيئان اِنهي عشق جي معنوي اصولن جي نئين سر پرچار ڪئي. معنوي مذهب عشق جيتري قدر هندستان ۽ ايران ۾ اوج تي رسيو، اوترو ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ نہ اسريو. هندستان ۾ شروع کان وٺي اِهي اصول هئا تہ هي عشق ويدانت جو ذڪر عام طرح نہ پر انهن ماڻهن ۾ پرچار ڪيو ويندو، جنهن کي انهي لائق سمجهيو ويندو. خاص ڪري اِهو نظام اصولَ گرو ۽ چيلي جي روپ ۾. يعني حق جي علم سان ڏنو ويندو هو ۽ انهي مت جي مکيہ اُصولن کي باد رائڻ انلي مشهور رشيءَ پنهنجي ڪتاب ويدانَت مُوتر جمع ڪيو. هندستان جي مشهور فيلسوف شنڪر اچاريہ (820-788ع) ويدانت مؤترن ۽ ڀڳوت گيتا ۾ پنهنجون لاثاني ڪٿائون لکي پوري ڪماليت تي آندو.

شاهہ سائين هن سنسار کي مٽيءَ جو ڍير ۽ نانگ جي مثل ڪوٺيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سڄو سنسار عشق جي ڪائنات کي ڪونيو ۽ ان عشق جي باھہ تي پنهنجي جسم کي پاڻ سيڪيو. انهيءَ لازوال عشق ۾ پنهنجي جسماني ۽ روحاني ڪيفيت کي اهڙي ريت بيان ڪيائين:

ڪامان، پچان، پچران، لُڇان ۽ لوچان،
تن ۾ توئنس پرين جِي، پيئان نہ ڍاپان،
جي سمنڊ منهن ڪريان، تہ سرڪيائي نہ ٿئي.

انهيءَ عشق جي انمول مسئلي کي شاھہ سائين پنهنجي بي نظير ٻوليءَ سان گهڻي چٽائي ۾ بيان ڪيو آهي. ان کانسواءِ شريعت. طريقت معرفت ۽ حقيقت جي جدا جدا منزلن. قضا ۽ قدر رضا ۽ تسليم تجلا. استغار وغيره ڏي پڻ سندس ڪلام ۾ هر هنڌ اشارا ملن ٿا. شاھہ سائين جي ناصحاني شعر جي وڏي خوبي اها آهي جو هر ڪا مت ۽ نصيحت اهڙي دلپذير طرز ۽ وڻندڙ ٻوليءَ ۾ آهي جو رهندي دنيا تائين هر ايندڙ نسل کي انسانيت ۽ حق جي راھہ شاھہ جي رسالي وسيلي ملندي رهندي. شاھہ سائين دنيا جو هرهڪ خطو پنهنجي ڪيميائي نظر سان ڏسي ٿو ۽ داستانن جي ڪردارن کي دلچسپ ۽ خوبصورت لباس پهرائي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪري ٿو. قدم قدم تي نيڪ صلاح جا موتي منظوم ٿيا پيا آهن. درس انسانيت لاءِ مخاطب ٿي، انسان کي نِمي ڪمي هلڻ لاءِ تلقين آهي. سيني کي من ماري ميڻ ڪِري، ڪينو ۽ ڏمر ٻاهر ڪڍڻ جو ڏس آهي.

ڪن کي بہ واتان ويڻ ورائڻ نہ گهرجن. دل مان بغاوت ۽ بغض ڪڍي خاڪساري اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ ڳڏوڳڏ هڪ جاءِ تي پاڻ فرمائي رهيا آهن تہ چار شيون پاڻ مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجن تہ آئون ضمانت ٿو ڏيان تہ انهن تي دوزخ جي باھہ حرام ٿي پوندي. اهي چارئي شيون هن ريت آهن:

مُون تُون. آئُون. اسين. اِهي چارئي ڇِناءُ لاه،
سندئي دوزخ باھہ، تہ تو اوڏيائي نہ اچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ سائين جي هر شعر ۾ هڪ شاعر نہ پر شاعريءَ جي زبان ۾ هڪ وڏو الله جو ولي، سالِڪ ۽ مجذوب لِکل آهي.

هڪ اُهو عشق آهي، جنهن جو مضمون نِج مجازي آهي ۽ ٻيو اهو جنهن جو مضمون حقيقي آهي ۽ ان طريقہ ڪار کي فارسي ٻوليءَ جي عظيم شاعر جلال الدين رومي بہ اختيار ڪيو، پر شاهہ ۽ روميءَ ۾ تفاوت اِهو آهي تہ شاهہ سائين راڳ وِديا کي سنڌي ٻولي وسيلي نئون جنم ڏنو ۽ اُنهن ڪلاسيڪي راڳڻ کي پنهنجي رنگ ۾ اهڙو تہ رڱيو جو خود ڪلاسيڪل راڳ وارا شاهہ جي ڏنل راڳڻ جي شڪلين ۽ انهن جي روپ جي سڃاڻپ نہ ڪري سگهيا. ڇاڪاڻ جو شاهہ سائين اِنهن ئي ڪلاسيڪل راڳڻ کي ديسي مارڳ جي چالن يعني سُرن کي هيٺ مٿي ۽ وچ ۾ اهڙي طرح ملايو، جو انهن چَالن جي ڪري راڳڻ جي صحيح سڃاڻپ نہ پئي ٿي سگهي. پُراڻي چوٽيءَ مطابق ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو تہ اصل ۾ 6 راڳ ۽ 30 راڳڻيون آهن. ڇهن راڳن ۾ ڀيرو، هندول، ميگهہ، سريراڳ، ديپڪ، مالڪوَنس آهن، پر 30 راڳڻين جو روپ نہ لکيو ويو آهي. هِن گرنٿ يعني ڪتاب "سُر، شاهہ، سَمَنَد" ۾ علمِ موسيقيءَ جا لڳ ڀڳ سڀ انگ ۽ اکر لکيا ۽ سمجهايا ويا آهن. هِن سنگيت ۾ شاهہ سائينءَ جي هٿ اکرن واري قلمي نُسخي مان 35 راڳ سُر (داستان)، راڳن جي صحيح روپ ۾ هٿ ڪري پهريون دفعو هِن سنگيت "سُر، شاهہ سمند" وسيلي اوهان تائين پهچايا ويا آهن.

شاهہ سائين تي لکڻ تمام ڏکيو ڪم آهي پر جيتري بہ ڪوشش ڪئي وئي آهي، اِها هڪڙي راڳي جي حيثيت سان تاريخ ۾ پهريون دفعو ڪئي ويئي آهي. تنهن ۾ ضرور ڪٿي ڪي غلطيون ٿي ويون هونديون تن کي طِفلِ مڪتب سمجهي نظر انداز ڪرڻ جي گذارش ڪجي ٿي.

مان سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جن منهنجي ٻارهن سالن جي محنت کي ڪتاب (سنگيت) جي شڪل ڏيڻ ۾ منهنجي وڏي همت افزائي ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح جن جي عرس مقدس جي موقعي تي قديمي زماني ڪان هاٿوڪي دور تائين شاهہ جي داستانن کي ڳايو ضرور آهي، پر سندن چيل ۽ آلاپيل داستانن جي راڳ جي شڪلين ۾ نہ، پر پنهنجي روحاني طريقي سان ڳايو آهي. ڪو بہ راڳي شاهہ جي داستانن جي آروهي، امروهي پيش نہ ڪري سگهيو آهي، باقي جن بہ بزرگ دوستن علم موسيقي ۽ شاهہ جي راڳن تي لکيو آهي، اُنهن جو علمِ موسيقيءَ سان ڪنهن بہ طرح جو ڪو بہ تعلق نہ هو، پوءِ اُنهن ٻُڌل ۽ چيل ڳالهيون ڪتاب وسيلي ڇپرائي ڇڏيون. هيءُ علمِ موسيقي ۽ موسيقيءَ جي تاريخ جو پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ شاهہ سائين جن جي چيل داستانن مان پيدا ٿيندڙ راڳ ۽ راڳڻيون بيان ڪيون ويون آهن ۽ راڳ داستانن جون آروهي، امروهي ۽ دنبوري تي لئيجو استعمال ۽ باقاعدي لئہ (گن تڪاري) جو پورو سبجيڪٽ سمجهايو ويو آهي.

اوهان جي دعائن جو طلبگار

**استاد امير علي خان**

گهر نمبر 633، وارڊ G،
سخي پير ڪالوني،
ٽمبر مارڪيٽ، حيدرآباد
0222631548
0301-3630639

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

هن ڪتاب جي مصنف استاد امير علي ولد استاد رمضان علي ولد استاد خير محمد ولد استاد نبي بخش جي راڳيندڙ گهراڻي جي وڏن جو تعلق سنڌ جي پاڙيسري ملڪ جيسلمير سان آهي. اتان استاد نبي بخش سنڌ ۾ آيو ۽ پهريائين ڪنڍياري (تعلقي سانگهڙ) ۾، پوءِ حيدرآباد ۾ اچي رهيو. امير علي سنہ 1961ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو ۽ پڙهيو، ۽ سنہ 1969ع ۾ انٽر پاس ڪيائين.

هو راڳ پهريائين پنهنجي والد رمضان علي خان کان سکيو ۽ پوءِ استاد واحد حسين خان جو باقاعدي شاگرد ٿيو. ننڍي هوندي کان شاهہ جي راڳ سان سنڌس دل لڳي. ٻڌايائين تہ: آءٌ ننڍو هوس ۽ جڏهن بابو راڳ ڳائيندو هو تہ وٽندو هو. ائين پوءِ منهنجي شاهہ سائين جي راڳ سان دل لڳي. جمعي رات بعضي ڀٽ تي ويندو هوس ۽ فقيرن کي راڳ ڪندي ٻڌندو هوس. اتان مونکي شاهہ جي راڳن جي وڏيڪ ڄاڻ حاصل ٿي. پوءِ مون سائين غلام شاهہ جي ڳايل ڪيسيٽ هٿ ڪئي ۽ ان کي ٻڌي مون پاڻ شاهہ جا راڳ ڳايا".

"شاهہ جي راڳ"، سان استاد امير علي جو شوق ۽ ان سلسلي ۾ سندس لکيل وضاحتون ڏسي مون کيس همٿايو تہ ڪتاب پورو ڪري. ان بعد سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ کي پنهنجي راءِ ڏني تہ هن ڪتاب جي اشاعت سان "شاهہ جي راڳ" جي موسيقي نظام کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿيندي. اٿارٽيءَ هيءُ ڪتاب شايع ڪري سنڌي موسيقي جي عموماً ۽ شاهہ جي راڳ جي خصوصاً وڏي خدمت ڪئي آهي.

مصنف جي پنهنجي اصطلاحي ٻوليءَ ۾ هي ڪتاب "شاهہ موسيقي سمنڊ گرنٿڪار" آهي ۽ مصنف پاڻ "شاهہ موسيقي سمنڊ سنگيتڪار" آهي. ڪتاب جي پهرئين اڌ ۾ راڳ جي عام روايتي رهاڻ آهي، جنهن ۾ موسيقي بابت کي انوکا خيال بہ ڏنل آهن. ڪتاب جو ٻيو اڌ، پوبون

ياڳو خاص "شاهہ جي راڳ" بابت ويچاريل آهي. مصنف جي انهن ويچارن بابت تنقيد لاءِ گنجائش آهي پر آءٌ تعريف ڪندس جو مصنف نيڪ نيتيءَ سان، پنهنجي سوچ ۽ ڄاڻ مطابق، "شاهہ جي راڳ" جي نظام کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مصنف جيڪا بنيادي ڳالهہ ڪئي آهي سا هيءَ تہ شاهہ جي راڳ جي نظام ۾، شاهہ صاحب هر راڳ کي پنهنجو تخليقي "چالو" ڏنو آهي. هن سلسلي ۾ سندس هينيان بيان ڪيل نڪات توجہ جي لائق آهن.

● شاهہ سائين سيني سُرن ۾ پنهنجي الڳ ٽلڳ موسيقيءَ کي، خوبصورتيءَ سان نئون چالو ڏيئي، سرن ۾ نئين تخليق ۽ خوبصورت آلاپن سان چتڪاري ڪئي آهي.

● سر سارنگ هيٺ وضاحت طور لکيو آهي تہ: "شاهہ صاحب جي (راڳ ۾) آلاپن جو رنگ هر سُر ۾ پنهنجي تخليق آهي، ۽ پنهنجو رنگ سمايل آهي. شاهہ جي هر راڳ يا سُر جي ڪٽڻ ۽ ڇڏڻ جو طريقہ ڪار وڏن وڏن علم موسيقي جي سنگيتن ۾ بہ نٿو ملي.

● شاهہ صاحب پنهنجا سر پنهنجي رنگ ۾ آلاپيا آهن. اهي علم موسيقي کان ٻاهر ناهن پر شاهہ سائين انهن رنگن ۾، هڪ معجزاتي سلسلي سان، قاعدي مطابق، پنهنجي تخليق "چالو" کي اهڙي طريقي سان آندو آهي جو ڪلاسيڪل شڪليون در جون غلام ڪنيزون ٿي بيٺيون آهن.

● شاهہ صاحب روايتي راڳ ودبا کي سنڌي اصطلاحن سان نئون جنم ڏنو آهي.

● شاهہ سائين اڪيلو شاعر آهي جنهن پنهنجي شعر جي داستانن کي، ظاهري ڪلاسيڪل راڳن جا نالا ڏيئي، انهن کي ڳجهارتن جي شڪل ۾ نئين تخليق سان، نئون ثقافتي روپ بخشي، اهڙو تہ رڱيو جو ڪلاسيڪل ڄاڻ وارن لاءِ بہ انهن جي روپن صورتن جي سڃاڻپ مشڪل ٿي وئي.

مصنف جي ڪيل وضاحت موجب، هن ڪتاب ۾ هُن شاهہ سائين

- ڌناسري. 1959ع ۾ ان جي سجاڳي ڌنا سري سان ڪئي وئي ۽ مصنف پڻ ساڳي سجاڳي ڪئي آهي.
- رامڪلي. 1959ع ۾ ان جي سجاڳي ائين ڪئي وئي جو جڻ ڪلاسيڪل رامڪلي آهي پر شاهہ جي راڳ ۾ مڌم ڪومل لڳي ۽ پڻ ڪي سر ديس ڪار سان ملن. مصنف هنجي سجاڳي ڪلاسيڪل رامڪلي سان ڪئي آهي.

انهن ڪانسواءِ، گهڻن ٻين سرن جي سجاڳي ۾ فرق آهي. جنهن جي معنيٰ تہ "شاهہ جي راڳ" جي سرن جي ترتيب تي اجان وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي.

آخر ۾ آءٌ استاد امير علي کي هن ڪتاب جي تصنيف ۾ فني مهارت سان ڪيل محنت تي مبارڪ ڏيان ٿو ۽ اميد تہ ان جي اشاعت بعد بہ هو "شاهہ جي راڳ" تي پنهنجي تحقيقي جاري رکندو.

خادم العلم

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

علامہ آءِ آءِ قاضي چيئر
سنڌ يونيورسٽي
9 جنوري 2005

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تاثرات

● علمِ موسيقي جي دنيا ٻن شين تي ٻڌل آهي: (1) راڳ (2 ) تال. هي ٻئي سبجيڪٽ (Subject) هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن. اهڙي طرح سان سازن جا آواز بہ چئن قسمن جا ٿين ٿا. جن کي ڪلاسيڪل زبان ۾ تت بي تت، گھن ۽ شُتر چوندا آهن.

تت جي معنيٰ آهي. تار جا ساز بي تت بغير تار جا ساز.

گھن مان مُراد آهي، جيترا بہ وڄت جا ساز آهن ۽ شتر جي معنيٰ ڦوڪ وارا ساز.

اِنهن سڀني سازن جي ڪائنات ۾ واحد ساز شاهہ سائين جن جو دنبورو آهي، جنهن ۾ 5 تارون آهن ۽ صحيح معنيٰ ۾ ننڍي ڄمار ۾ سنگيت پروان جو خطاب مائينڊز خان صاحب امير علي خان ئي آهي، جنهن دنبوري جي پوري ڄاڻ ڏني آهي ۽ شاهہ سائين جي داستانن مان پيدا ٿيندڙ راڳن کي پهريون دفعو متعارف ڪرايو آهي.

اُستاد امير علي خان، جيئن هي سنگيت "سُر. شاهہ. سَمُنڊ" لکيو آهي. تيئن هِن ڪان اڳ ۾ پاڪستان جي پوري تاريخ ۾ ڪوبہ اهڙو سنگيت نٿو ملي، جنهن جي پڙهڻ سان عام موسيقيءَ جا شوقين موسيقيءَ جو عِلم حاصل ڪري سگهن. پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ خانداني راڳي جي حيثيت رکندڙ پهريون راڳي آهي، جنهن 11 سالن جي مسلسل محنت ۽ جدوجهد ڪري سنڌ ڌرتيءَ جو موسيقي وسيلي مان مٿانهون ڪيو آهي.

خانصاحب امير علي خان اسان جو هڪ وڏو قيمتي سرمايو آهي، جنهن عِلم موسيقي تي ۽ خاص ڪري شاهہ جي داستانن مان پيدا ٿيندڙ راڳ تاريخ ۾ پهريون دفعو منظر عام تي آڻڻ ۾ پنهنجي لطيف سائين سان محبت عقيدت جو ثبوت ڏنو آهي. هِن کان اڳ ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن بہ راڳي خاندان جي فرد لکڻ جي سعادت حاصل نہ ڪئي آهي.

اُستاد امير علي خان اسان جو هڪ اُهو چمڪندڙ چنڊ آهي، جنهن

جي روشني علمِ موسيقي جي ايندڙ نسلن تائين جرڪندي رهندي.

اُستاد امير علي خان جو هي سنگيت صدين تائين موسيقي وارن جي دلين تي راڄ ڪندو رهندو. اسان جون دُعائون هِن سنگيت پروان لاءِ سچائي تي ٻڌل آهن ۽ اجان رب العالمين هِن کي اِن ڪان بہ وڌيڪ عزت عطا فرمائي.

## استاد نذير خان

سونو ڪلاسيڪل طبلہ نواز

● جيئن تہ منهنجي خاندان قديمي زماني کان سنڌي ڪلاسيڪل فوڪ جي راڳ وسيلي خدمت ڪئي آهي، جنهن ۾ منهنجي والد خانصاحب اُستاد حاجي خير محمد خان ڪلاسيڪل راڳن جي شڪلين ۾ سنڌي شاعريءَ جا ٻول ٻڌي ۽ مختلف تالن ۾ ڳائي يادگار ڪافيون - خيال- سادره ۽ ٺپہ جهڙيون صنفون ڏنيون.

هي ڪتاب جيڪو خان صاحب امير علي خان لکيو آهي، ان بابت مون کي ذاتي خبر آهي تہ اُستاد امير علي راتيون جاڳي ۽ سنڌ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ وڃي ۽ شاهہ سائين جي داستانن تي مطالعو ڪيو ۽ باقاعدگيءَ سان موسيقيءَ جي تاريخ هٿ ڪئي. هن 11 سالن جي محنت ڪان پوءِپاڪستان ۾ اسان جي سنڌي موسيقي کي لکت ۾ آڻڻ جو شرف پهرئين ماڻهو جي حيثيت ۾ ماڻيو آهي. امير علي خان کان اڳ ۾ ڪنهن بہ شخص اِهين ڪلاسيڪل جي پوري سمجهاڻي ڏني ۽ پوري ڪلاسيڪل بابت ڄاڻ ڏئي خاص ڪري شاهہ سائين جي راڳن مان پيدا ٿيندڙ راڳن جون شڪليون عوام الناس تائين پهچائڻ ۽ سمجهائڻ ۾ پهرئين گرنٿڪار جو اعزاز حاصل ڪيو آهي. اسان جون خدمتون نسل در نسل هلي رهيون آهن ۽ ايندڙ نسلن تائين اِها خدمت سر انجام ڏيندا رهنداسون. منهنجون دعائون منهنجي سنگيت پروان لاءِ اندر جي گهراين مان نڪري رهيون آهن. الله رب العظيم هِن کي ڳائڻ سان گڏ لکڻ جي اِن ڪان بہ وڌيڪ توفيق عطا فرمائي آمين

## استاد رجب علي رضا

موسيقار

● هِن علمِ موسيقي جي ڪتاب ”سُر شاھہ سَمُنڊ“ ۾ اُستاد امير علي خان ڪلاسيڪل موسيقيءَ جي حوالي سان جيڪو مواد ڏنو آهي، اِهو قابل تعريف آهي.

موسيقيءَ جو علم اُهو عِلم آهي، جنهن جي ابتدا جي ڄاڻ تہ هر سٺي راڳي ۽ راڳ جي ڄاڻ رکڻ واري شخص کي پوي ٿي پر اِن علمِ جي انتها جي منزل تي پهچڻ جي دعويٰ مُشڪل تہ ڇا پر ناممڪن آهي. ڄاڪاڻ جو موسيقيءَ جي دنيا جي وڏي ۾ وڏن گائڪن ۽ خان صاحبن هِن موسيقيءَ جي دنيا ۾ نانءُ ڪمايو. اُنهن بہ ڪنهن راڳ کي انتهائي مشڪل ۽ خوبصورت انداز ۾ ڳائڻ جي باوجود اِهو تسليم ڪيو تہ اِن راڳ کي اڃا بہ اِن کان خوبصورت ۽ مشڪل انداز ۾ ڳائي سگهجي ٿو. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ موسيقيءَ جي دنيا جي آخري حد مقرر ڪري نٿي سگهجي. ايڏي مشڪل وسيع عِلم کي ڪتاب جي شڪل ڏيڻ ۽ موسيقيءَ جي هر صِنف جي تفصيلي ڄاڻ ڏيڻ انتهائي مشڪل ڪم آهي، جنهن لاءِ امير علي خان جي محنت جي جيتري بہ تعريف ڪجي گهٽ آهي. هِن ڪتاب جو ٻيو پهلو آهي شاھہ جو راڳ. ڪلاسيڪل موسيقيءَ جي نظر ۾، شاھہ جو راڳ درگاھہ شريف تي شاھہ جي رسالي جي سُرن جي نالن سان ڳايو وڃي ٿو. پر ڪلاسيڪل موسيقيءَ ۾ اِنهن راڳن جا نالا مختلف آهن. شاھہ جي راڳ جي سُرن کي ڪلاسيڪل موسيقيءَ جي حوالي سان ڪهڙن راڳن ۾ ڳائيو ٿو وڃي، اِنهيءَ راڳن جي شناخت ڪري ۽ اُن کي اصل نالا ڏيڻ تمام مشڪل ڪم آهي. اِنهيءَ ڪم لاءِ ڪلاسيڪل راڳ جي مڪمل ڄاڻ هئڻ ضروري آهي. اُستاد امير علي خان پاڻ هڪ خانداني گائڪ آهي ۽ اها بہ حقيقت آهي تہ سندس خاندان سنڌي ٻوليءَ کي جنهن ڪلاسيڪل موسيقيءَ جي انداز ۾ ڳايو ۽ متعارف ڪرايو، اِن ڪان اڳ ۾ ڪنهن بہ ڪلاسيڪل گهراڻي سنڌيءَ ٻوليءَ کي ڪلاسيڪل موسيقي ۾ اِهو مقام نہ ڏنو.

اِهو امير علي خان لاءِ بہ وڏو اعزاز آهي تہ هن کي شاھہ جي راڳ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ڪلاسيڪل موسيقيءَ جي حوالي سان ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو، پر اِها بہ حقيقت آهي تہ شاھ جي راڳ تي ڪلاسيڪل موسيقيءَ جي حوالي سان جيڪا محنت ۽ ريسرچ ڪئي آهي اُن جي جيتري بہ تعريف ڪجي گھٽ آهي. امير علي خان جي اِن ڪاوش سان شاھ جي راڳ کي ڪلاسيڪل موسيقيءَ جي حوالي سان سمجھڻ ۾ تمام وڏي مدد ملندي. پر اِن سان گڏوگڏ هِن حقيقت کي بہ تسليم ڪرڻ کپي تہ شاھ جي ڪلام ۾ جيڪو اصل پيغام آهي اُن کي سمجھڻ لاءِ اِهو ضروري آهي تہ قرآن پاڪ حديث تاريخ جاگرافي- فلسفي ۽ منطق جي عِلم جي ڄاڻ هجي ۽ اِن سان گڏ هندي سنسڪرت فارسي، عربي ۽ سنڌي زبان جي بہ مڪمل ڄاڻ هجي ۽ اُن کان پوءِ وري ذهن جو پاڪيزه هجڻ حِرص و هوس ۽ تعصب کان پاڪ هجڻ بہ ضروري آهي. جيئن تہ شاھ سائين حقوق الله بابت فرمائن ٿا.

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناه سَجُود،
وِڃائي وجود، تنهان پوءِ تڪبير چؤ.

پاڻ فرمائن ٿا: اي بندا جڏهن بہ بارگاه اِلاهيءَ ۾ سجدو ڏين تہ پهرين پنهنجي پاڻ کي يادِ الاهيءَ ۾ گم ڪري ڇڏ. دنيا جي هر شيءِ کي وسار، اِن ٿائين جو پنهنجو پاڻ کي بہ وساري ڇڏ. اِهائي اصل ۾ نماز آهي.

وري حقوق العباد جي باري ۾ فرمائن ٿا:

پادشاهي نہ پاڙيان، سرتيون سُئي ساڻ،
ڏکِي اَگهاڙن کي، ڪين ڏڪيائين پاڻ،
پيهر ڇاپي ڄاڻ، ابر جي اوصاف کي.

مثال طور جيڪڏهن ڪو اِنسان خود پن ڏينهن جو بُکيو هجي ۽ مشڪل سان هُن کي هڪ ماني کائڻ جي لاءِ ملي هجي ۽ اُنهي ان وقت ڪو الله جو بندو اُن کان سوال ڪري تہ بُکيو آهي ماني کاراءِ - پاڻ بُکيو هجڻ جي باوجود اُهو تڪر هُو اُن بندي کي کارائي ڇڏي ۽ پاڻ

وري ٻُڪيو رهي ته لطيف سائين جن جي نظر ۾ اُهو انسان اصل ۾ بادشاهہ آهي. اُن جي سامهون دنيا جي بادشاهي بہ حيثيت نٿي رکي.

آئون ڪو ايڏو وڏو عالم يا ليکڪ ته نہ آهيان پر شاهہ جي ڪلام ۽ شاهہ جي راڳ جي ٿوري گهڻي ڄاڻ ضرور آهي. اُستاد امير علي جي فرمائش تي ڪتاب سُر شاهہ سمنڊ جي لاءِ چند سِٽون لکڻ جي جسارت ڪئي اٿم. اِن اُميد سان ته لکيل اِنهن سِٽن ۾ ڪٿي بہ منهنجي ڪم علمي ظاهر ٿئي ته پڙهندڙ دوست مون کي طِفل مکتب سمجهي منهنجي اِن غلطي کي نظر انداز ڪندا.

**سيد غلام رضا (رضا لطيفي)**

براد رسجاده نشين درگاهہ شريف

ڀٽ شاهہ

- علم هے اِبن الکتاب عشق هے اُمُ الکتاب

(عَلامہ اِقبال)

راڳ، وديا آهي ۽ تال اڌيائي آهي.
يعني راڳ علم آهي تال هوا آهي.

پر شاهہ سائين جو جيڪو راڳ آهي. اُهو صرف راڳ نہ آهي پر

اُن جو تال بہ سدا رنگيل آهي. اُهو حقيقي راڳ رمز آهي، اِها رمز ماڻڻ لاءِ شاهہ سائين جن جي مهر نظر هئڻ لازمي آهي. اِها رمز جنهن کي نصيب ٿئي، اُن ۾ هُن جو ڪو ڪمال ناهي، پر شاهہ سائين جن جو فيض نگاهہ جو ڪمال آهي. پوءِ اِها نگاهہ جنهن کي نصيب ٿئي. (اِنما الاعمال بالنيات) "بيشڪ عملن جو دارومدار نيتن تي آهي".

عِلم روشني آهي ۽ شاهہ سائين روشنين جو خزانو آهي، پوري دنيا ۾ هر هنڌ ڪنهن نہ ڪنهن قسم ۾ قانون رائج هوندو آهي ۽ هُن جي ٽُٽڻ ڪان اُنهيءَ دنيا يا اُنهيءَ مُلڪ ۾ بغاوت جنم ٿي وٺي ۽ جتي قانون نہ هُجي ته اُتي لاقانونيت اُسري ٿي ۽ اِهو قانون ايران مُلڪ جي هڪ

ڪندرات مان حضرت داؤد جي زماني جو هڪ ساز مليو، جيڪو پڻ تارن تي مڙهيل هو ۽ هُن جو نالو ئي قانون هُيو.

سا ۽ پا. اهڙي طرح پوري دنيا ۾ اج تائين سا ۽ پا جي قانون کي ڪير بہ ٽوڙي نہ سگهيو آهي. قانون موسيقيءَ ۾ چار شيون آهن.

(1) راڳ (2 ) تال (3 ) لئي (4 ) سُر. چئني شين مان بہ شيون لکي سگهجن ٿيون ۽ بہ لکي نٿيون سگهجن.

قانونِ موسيقيءَ ۾ هر هڪ شيءِ جو دائرو محدود هوندو آهي، جيئن ايترن سُرن جو راڳ ۽ ايترن ماترن جو تال. پر واحد شاهه سائين جن جي موسيقي لا محدود آهي ۽ شاهه سائين جن جي موسيقي اِنهيءَ ڪري راڳ ۽ رمز تي جڙيل آهي.

راڳ وِديا آهي يعني راڳ روشني آهي ۽ تال اڏيائي آهي. يعني هوا ۾ پڌل ماترن جي روشني تہ هي ٻئي گڏ شاهه سائين جن جي راڳن جي رمز ۾ ملن ٿا. شاهه سائين جن جي الهامي ناهيل موسيقي ۾ اِهي ٻئي گڏ (روشني ۽ هوا) تہ هي ٻئي روحاني شڪل ڏيڻ لاءِ پاڻ ۾ گڏجي ۽ عام ماڻهن کي،روحاني سڪون بخشين ٿيون.

جيئن شاهه سائين جن جي تارن مان "تون هي تون" جيڪا عين وحدانيت کي امرتا بخشي ٿي ۽ اِنهيءَ جو ثبوت اهڙي طرح بہ آهي تہ پري کان آيل علمِ موسيقيءَ جي ڄاڻن کي اهڙو موهي وڌو جو هُو پنهنجي سرزمين وِساري ۽ لطيف سائين جي راڳن جي ڪائنات ۾ پنهنجي موسيقي وِساري ويهي رهيا ۽ شاهه سائين جن جي موسيقيءَ جا پوڄاري ٿي اُنهيءَ موسيقي ۾ مست مگن ٿي ويا ۽ ڪجهه اُنهن مان پنهنجيون حياتيون اِنهيءَ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيائون. اُنهيءَ مهڪندڙ مٽيءَ مان جنم ونندڙ گلستان جو هڪڙو گل جنهن جو نالو اُستاد خان صاحب حاجي خير محمد خان، جنهن سنڌ ڌرتيءَ تي سڀ کان پهرين ڪلاسيڪل جي شڪلين مان لطيف سائينءَ جي ٻوليءَ کي نئين انداز ۾ تخليق ڪيو ۽ اُنهيءَ گلستان جي گل مان ڦندڙ هڪ گل ننڍي چمار جو اُستاد امير علي خان آهي. مون امير علي جو ننڍپڻ ڏٺو. ننڍڙي چمار ۾ ڪنهن کي

بہ پيرن فقيرن جو هوش نہ هوندو آهي، پر امير علي کي مون بزرگانِ دين جي درگاهن تي لطيف ڳائيندي ڏٺو ۽ سندس عڪاسي چمڪندڙ ستاري جيان هُئي ۽ اِئين محسوس ڪيم تہ هي هر درگاهہ تي لطيف سائين کي ڳولي رهيو آهي. امير علي ليڪڪ سان گڏوگڏ نئين تخليق راڳن ۾ ڪرڻ لڳو ۽ 36 سُر منهنجي سامهون هِن ڪمپوز ڪيا ۽ اهڙي طرح 72 نيون ڌنون ٺاهيون ۽ اِنهيءَ ڪمال جي ڪماليت جو اصل ڪارڻ ٻنائي سائين جي روشني جي چٽنگ نصيب تي ۽ راڳين جي گهراڻن مان واحد شخصيت امير علي خان تي اُيري پيو ۽ اِنهيءَ اُيرڻ جو ڪارڻ عشقِ لطيفي ئي آهي ۽ رهندو.

منهنجون دعائون ۽ نيڪ تمنائون امير علي سان گڏ رهنديون.

## استاد راجو خان سمرات ڪٿڪ

● عِلم موسيقيءَ جي اِنهيءَ طلسماتي ڪائنات ۾ جيڪي بہ راڳي پنهنجو طلسماتي رنگ آلاپين ٿا، اُنهن مان ڪي چند اهڙا راڳي ٿين ٿا، جيڪي هميشہ هميشہ لاءِ امر ٿي پوندا آهن. اُنهن مهان راڳين مان خانصاحب حاجي خير محمد خان، خانصاحب رمضان علي خان ۽ اُستاد لعل بخش خان شامل آهن. هِن گهراڻي سنڌ ڌرتيءَ کي ڪيترائي اَمر شاگرد ڏنا آهن، جن کي سنڌ ڌرتي ڪڏهن بہ فراموش نہ ڪري سگهندي. مان بہ اُنهن ئي شاگردن جي فهرست ۾ آهيان.

مون هِن گهراڻي جي باڪمال شاگرد مرحوم اُستا علم الدين خان کان ڪلاسيڪل راگ وِديا جي تعليم حاصل ڪئي. اِنهيءَ زماني ۾ سنڌ جو پلوڙ راڳي مرحوم اُستاد محمد يوسف بہ اُستاد علم الدين خان جو اچي شاگرد ٿيو. اهڙي طرح اُستاد امير علي خان سان مني مائٽي بہ ٻڻ آهي ۽ گڏوگڏ اِنهيءَ اُستادي شاگردي جو بہ رنگ آهي ۽ رهندو.

گهڻي خوشيءَ جي خبر اِها بہ آهي تہ هِن ننڍي جمار ۾ اُهو تاريخي ڪم ڪيو آهي. جنهن جو مثال ملي ئي ڪونہ ٿو.

هن شاهہ جي سنگيت ۾ ڪلاسيڪل جا ٿي رُوپ بيان ڪيا ويا

آهن.

(1) راڳ رهاڻ (2 ) شاهہ جي داستانن مان پيدا ٿيندڙ ڪلاسيڪل راڳ (3) سُر لئي، تال. هن راڳ رهاڻ ۾ سنڌ ڌرتيءَ تي رهندڙ هارمُونيم جي شوقينن لاءِ هي سنگيت تمام گهڻو ڪار آمد رهندو، ڇاڪاڻ جو هِن سنگيت ۾ هَارمُونيم جي باري ۾ پوري معلومات ڏني اٿس. ڪلاسيڪل سولو هارمُونيم نواز جي حيثيت سان مون پوري مُلڪ ۾ ڪلاسيڪل هارمُونيم جا اسٽيج پلي ڪيا ۽ پڻ ڪيترائي شاگرد بہ ڏنم پر هارمُونيم جي علم ڪي وڌائڻ ۽ گهر ويٺي موسيقيءَ سان دلچسپي رکندڙ لاءِ ڪوبہ انتظام نہ ڪري سگهيس. جَس هُجي اُستاد امير خان ڪي جو هُن ڪئي سالن جي محنت ڪري. اج اِهو سنگيت، ڪتاب جي شڪل ۾ اسان جي ڌرتيءَ تي رهندڙ علمِ موسيقيءَ جي شاگردن لاءِ هڪ خوبصورت ۽ حسين تحفو ڏنو آهي.

اُستاد امير علي خان جو ننڍپڻ بہ ڏنم ۽ هي ننڍڙي هوندي ئي جڏهن اِسڪول پڙهندو هو تڏهن ڪان ڪاليج جي زماني تائين پڙهائي سان گڏوگڏ پنهنجي مرحوم والد اُستاد رمضان علي خان سان گڏ ڪلاسيڪل راڳ جي تربيت وٺندو رهندو هو. تمام ذهين - خوبصورت طبيعت جو مالڪ باادب ۽ سُلڇڻو هوندو هو.

هِن وقت ماشاءَ الله امير علي خان اُستاد امير علي خان جي رُوپ ۾ اُبريو ۽ عِلم موسيقي تي ڪتاب لکڻ جو شرف واحد حيثيت ۾ ماڻيو اٿس. الله رب العالمين هِن ڪي ۽ هِن جي ڪَلا ڪي هميشہ ترو تازه رکي ۽ هِن جي گائڪي ۽ لکڻ پنهي ڪي وڏي حياتي نصيب ڪري.

**اُستاد علي نواز خان**

ڪلاسيڪل سولو هارمُونيم نواز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پهريون

# سنگيت جو لچڻ

هي لچڻ (روپ) تاريخ 31.6.2002 تي اُستاد ڪٽڪ راجو خان سمرات کان مليو.

## ڪلاسيڪل علمِ موسيقيءَ جي مڪمل ڄاڻ:

راڳ تال او نِرت ڪا ڏرا نام سنگيت
اُپجت انگ سياءُ اسي پرانام سنگيت
گنيجن گائڪ گاندرپ بِرلابچن بتائي
تين لوڪ پرنام، ڌام ۾ نام سنگيت

## موسيقيءَ جي علم جا لفظ ۽ اصطلاح ۽ انهن جو معنائون

**نرت:**- ڪنهن بہ سنگيت کي مڪمل ڪرڻ لاءِ انهن ٽنهي صنفن جي سخت ضرورت پوي ٿي. يعني جنهن ڪتاب ۾ انهن ٽِنهي جو ذڪر ٿئي، انهي کي سنگيت چئبو آهي.

**اُپجت:**- اندران جاڳڻ

**انگ سياءُ:**- اندرين ڳالهہ اُجاگر ڪرڻ

**بِرلابچن:**- نقطي جي ڳالهہ يا خوبصورت ڪان خوبصورت ڳالهہ ڏسڻ

**تين لوڪ پر نام ڌام:**- زمين جي هينان، زمين جي مٿان ۽ آڪاش ۾ بہ خاص مقام تي

**راڳ وِديا:** موسيقيءَ جو علم

**فنڪار لفظ جي معنيٰ:** ف. ن. ڪ. ا. ر

ف- فقير. ن- نياز مند. ڪ-ڪرڻي وارو. ا- اڪيلو. ر- روحن کي راحت بخشيندڙ

**ابتي معنيٰ يعني پيو پاسو:**- ف- فرادي، ن- نخريلو. ڪ- ڪوڙو.

ا- ايڪتر، ر- رنگيلو

علم موسيقيءَ جي ڪتاب (گرنت) يا سنگيت ۾ چار ڳالهيون هونديون آهن.

(1) راڳ (2) تال (3) لئي (4) سُر

اِنهن چئني مان ہہ قلم جي زد ۾ آهن ۽ ہہ لِکجڻ کان ٻاهر آهن. مثال طور: راڳ ۽ تال کي لکي سگهجي ٿو. جڏهن تہ لئہ ۽ سُر کي لکي نٿو سگهجي. اِنهن کي صرف محسوس ڪري سگهجي ٿو. جيئن گلن مان خوشبو. هي الڳ الڳ ہہ ہہ جوڙ آهن ۽ اِنهن جو پاڻ ۾ قديمي ميل آهي. جيئن راڳ ۽ تال ۽ لئہ ۽ سُر جو.

(1) **راڳ:** جيڪو مقرر ٿيل صورت ۾ آلاپجي.

(2) **تال:** تال اُنهيءَ کي چئبو آهي، جنهن تي ٻڌل ماترن جي زمين قائم ٿئي.

(3) **لئي:** لئہ تال جي ٻڌل ماترائن جي وزن کي برقرار رکي ٿي.

انهيءَ نظام جي ڪري لئي پهرين وجود جي اندر قائم ٿئي ٿي. هي هوا جي اندر گم هوندي آهي.

(4) **سُر:** راڳ ۽ تال کي جيڪا شيءِ آواز وسيلي قائم ڪري انهيءَ کي سُر چئبو آهي.

## سُرن جي سجائپ لاءِ سرگم جا 3 قسم

(5) **نِرت:** اِشارن جي زبان

سُرن جي اعتبار کان راڳن کي سجائڻ لاءِ سرگم جا ٽي قسم آهن:

(1) سم پورن- جنهن ۾ ست سُر هجن 7 سُر

(2) کاڊو- جنهن ۾ ڇهہ سُر هجن 6 سُر

(3) اوڊو - جنهن ۾ پنج سُر هُجن. 5 سُر

## پُوروانگ ۽ اُترانگ بابت سمجهاڻي

راڳن ۾ ڪجهہ اهڙيون شڪليون هونديون آهن. جيڪي پوري طرح يا تہ پُوروانگ ۾ گُلن ٿيون يا تہ وري اُترانگ ۾ يعني ڪنهن بہ راڳ جي "سا" کان "ما" تائين جي حصي کي پُوروانگ چئبو آهي ۽

جيڪي راڳ سُرن جي امروهي ۾ ”پا“ کان مٿي ”سا“ تائين ويندا آهن، انهن کي اُترانگ چئبو آهي.

پا ڌا ني سا (اُترانگ)

### (1) پُوروانگ جا راڳ:

جيڪي راڳ کرج (سا) کان مڌم (ما) تائين پنهنجي شڪل ۽ روپ کي ظاهر ڪن ۽ اڌ حصي ۾ سامهون اچي بيهن تن کي پُوروانگ راڳ چئبو آهي.

### (2) اترانگ جا راڳ:

جيڪي راڳ سرگم جي ٻئي حصي ۾ سجاڳ ۾ اچن، انهن کي اُترانگ جا راڳ چئبو آهي، انهن ۾ سُهڻي، بسنت، پرج وغيره اچي وڃن ٿا.

آروهي ۽ امروهيءَ جي لحاظ کان راڳن جا ٻه قسم آهن:

(1) شُڌ روپ جا راڳ (2) وِڪر روپ جا راڳ

### (1) شُڌ روپ جا راڳ:

شڌ معنيٰ خالص. ڪنهن ٻئي راڳ جي ملاوت ۽ لاڳاپيل سُر جي ملاوت کان بغير راڳ کي شڌ راڳ چئبو آهي. هن راڳ جا سُر صحيح سلسلي سان هڪ ٻئي پويان، ڳالهائيندا آهن، مثال طور:

سا- ري- گا- ما- پا- ڌا- ني- سا.

### (2) وڪر روپ جا راڳ:

جنهن راڳ ۾ سُر سلسلي وار صحيح نہ ڳالهائين، اُنهي کي وِڪر روپ چئبو آهي. مثال طور:- سا. گا. ري. ما. پا. ني. ڌا. سا

هاڻ راڳ خالص (شڌ) يا ملاوت هئڻ جي اعتبار سان ٽن طريقن سان سجاتا وڃن ٿا.

**شُڌ**: خالص ۽ سلسلي وار سُر، جيڪي ڳالهائين، انهن کي شڌ چيو وڃي ٿو.

**ڇايا لگ**: اهي راڳ آهن، جيڪي ٻن راڳن جي ميلاپ سان ٺهن.

**سنڪيرن**: اُهي جيڪي ٽِنَ کان مٿي رڪب ملائي ڳائجن تنهن شڪل کي سنڪيرن چئبو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## راڳن کي سڃاڻڻ جا ڇهه طريقا

موسيقيءَ جي ڄاڻن ۽ علم وارن راڳن جي سڃاڻپ ڇهن طريقن سان ڪئي آهي. انهن طريقن کي اصطلاحن ۾ بيد چيو ويو آهي. علم موسيقيءَ جي شاگردن لاءِ انهن ڇهن بيدن کي چڱي طرح سمجهڻ گهرجي.

(1) چند راڳ اهڙا هوندا آهن، جن ۾ شُڌ رکب ۽ شُڌ ڌيوت يعني ”ڌي“ هوندو آهي. هي سُر رات جي پهر ۾ گهڻو استعمال ٿين ٿا.

(2) چند راڳ اهڙا هوندا آهن، جن ۾ اهي ساڳيا سُر ”ڌي“ ڪومل يعني ”ڌا“ ۽ ”ما“ تي ٻوندا آهن. اِنهيءَ ڪري اهي ٻهرئين راڳ کان مختلف ٿي پوندا آهن.

(3) چند راڳ اهڙا هوندا آهن، جن ۾ گنڌار ۽ نکاد ڪومل ۽ تيور ڪرڻ سان مختلف ٿي پوندا آهن.

(4) ڪي راڳ شُڌ مڌم جي ڪري الڳ ٿي پوندا آهن.

(5) ڪي راڳ تيور - مڌم کان الڳ ٿي پوندا آهن.

(6) ڪي راڳ اهڙا آهن، جن ۾ ٻئي مڌمون سُر ”ما“ ۽ ”مي“ هڪ ئي راڳ ۾ ملندا آهن.

اِنهن ڇهن ئي بيدن کي سمجهڻ کان پوءِ هر قسم جي راڳ جي آروهي ۽ امروهي ۾ ڪو سُر آروهي ۾ نہ ملندو تہ ڪٿي امروهي ۾ نہ ملندو. انهيءَ طريقي سان راڳن جون شڪليون هڪ ٻئي کان جدا ٿي پونديون آهن، جيڪي طريقا لکيا ويا آهن. انهن ئي سرن کي اڳيان پويان ۽ وچ ۾ ڪرڻ سان مختلف راڳ پيدا ٿيندا آهن.

هيٺيون چند اهڙيون ڳالهيون آهن، جن کان موسيقيءَ جي ماهر کي واقف هئڻ لازمي آهي.

پهرين ڳالهہ تہ علم موسيقيءَ جي پوري ڪائنات ۾ ڪوبہ اهڙو راڳ ممڪن ناهي جنهن مان پنجم (پا) (مڌم) ما کي خارج ڪيو ويو هجي - ڇاڪاڻ جو هي ٻئي سُر علم موسيقي جي الفابيٽ ۾ واول جي حيثيت رکن ٿا.

جنهن راڳ يا راڳڻيءَ ۾ ڪومل. گنڌار ۽ تيور مڌم استعمال ٿين

ٿا، انھن سُرن ۾ ”ني“ استعمال نہ ڪبي، جيڪڏھن ڪو راڳي ائين ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو تہ اھو سُر ڪَنَنَ کي تمام گھڻو خراب لڳندو.

اسان وٽ موسيقيءَ جي مروج راڳن ۾ ٻئي رکب يا ٻئي گنڌار ”گا“ ۽ ”گي“ گڏوگڏ ترتيب سان سلسلي وار نہ لڳائيا آھن.

## تان جا قسم ۽ سمجھاڻي:

راڳن جي سرگم جا قسم بيان ڪرڻ کان پوءِ ھاڻ اسان کي اِھا ڳالھہ دريافت ڪرڻي آھي تہ تان ڪنھن کي چئبو آھي ۽ تان جو مروج موسيقيءَ ۾ ڪھڙو ڪردار آھي.

**تن:** ھي سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آھي ۽ معنيٰ اٿس ڇڪجڻ، وسيع ڪرڻ يا ڊگھو ڪرڻ. يعني تان لفظ تَن مان نڪتل آھي. تان لفظ سُرن جي اھڙي مجموعي جو نانءُ آھي جيڪو راڳ کي وڌائڻ ۾ ڪردار ادا ڪري ٿو. مثال طور: سا. ري. گا. ما. پا. ڌا. ني. سا- ھڪ تان آھي.

ھاڻ ھتي ھڪ سوال اھو بہ پيدا ٿئي ٿو تہ مورڇنا ۽ تان ۾ ڪھڙو فرق آھي. ياد رکڻ گھرجي تہ مورڇنا جي لاءِ آروھي ۽ امروھيءَ جو ھجڻ ضروري آھي ۽ سُرن جو پاڻ ترتيب وار سلسلي سان ڳائڻ پڻ ضروري آھي، پر تان لاءِ اِنھن ٻنھي ڳالھين جو ھجڻ ضروري ناھي. مورڇنا جو ڪم ٺاٺ ۽ راڳ پيدا ڪرڻ آھي.

تان جو ڪم صرف راڳن ۾ گھٽجڻ ۽ وڌجڻ آھي.

تان بلڪل آروھي ٿي سگھي ٿي، مثال طور: سا ري گا ما - وغيره

تان ٻن قسمن جي ھوندي آھي:

(1) **شُڌ تان** (2) **ڪوٽ تان**

**شُڌ تان:** شڌ تان اھڙي تان کي چئبو آھي، جنھن جا سُر ھڪ ٻئي پويان ترتيب ۽ سلسليوار لڳائجن مثال طور: سا. ري. گا. ما. پا. ڌا. ني. سا

**ڪوٽ تان:** اھڙي تان کي چئبو آھي، جنھن جا سُر ترتيب ۽ سلسليوار نہ ڳالھائيندا . مثال طور: ساري، گاما، پا گا ما. ھي ڪوٽ تان جي روپ جي ھڪ ڪڙي چئبي، ... جي ٺاھڻ جو نظام ھينئن

ريت آهي.

| | |
|---|---|
| هڪ سُر جي هڪ 1 ڪوٽ تان ٺيندي | 1 = 1 x 1 |
| ٻن سُرن جون ٻه 2 ڪوٽ تانون ٺينديون | 2 = 2 x 1 |
| ٽن سُرن جون ڇهه 6 ڪوٽ تانون ٺينديون | 6 = 3 x 2 x 1 |
| چئن سُرن جون چوويهه 24 ڪوٽ تانون ٺينديون | 24 = 4 x 3 x 2 x 1 |
| پنجن سُرن جون ٻارنهن 12 ڪوٽ تانون ٺينديون | 12 = 5 x 4 x 3 x 2 x 1 |
| ڇهن سُرن جون ٻاهتر 72 ڪوٽ تانون ٺينديون | 72 = 6 x 5 x 4 x 3 x 2 x 1 |

ستن سُرن جون پنج هزار چاليهه ڪوٽ تانون ٺينديون

50040+7+6+5+4+3+2+1

## ڪوٽ تانون ناهڻ جو طريقيڪار ۽ ميرکنڊ جو حساب

ڪوٽ تانن جو ٻيو نالو آهي مير کنڊ. هاڻ جيڪي مٿي ڪوٽ تانون لکيون ويون آهن تن جي ناهڻ جو طريقيڪار سمجهائجي ٿو. مثال ۾ چار سُر ڏجن ٿا: سا. ري. گا. ما. هاڻ اسان کي انهن جون ڪوٽ تانون ناهڻيون آهن، پر انهيءَ کان اڳ انهيءَ جي قانون ۽ طريقيڪار کي وڏيڪ سمجهڻو پوندو. انهيءَ طريقي کي سمجهڻ کان پوءِ ڪوٽ تانن کي ناهڻ بلڪل آسان ٿي پوندو. ان ۾ وڏو ڪردار عِلمِ ابجد جي شاخ الجبرا جو آهي، جنهن ۾ ڪوڙن جو استعمال ڪرڻو پوي ٿو. ڪوٽ تانون ناهڻ لاءِ نوَ طريقا استعمال ۾ آڻبا.

(1) ڪنهن ڪوٽ تان جي تعداد حاصل ڪرڻ جو نالو تان پرستار آهي.

(2) جنهن به تان ۾ جيترا به سُر موجود هوندا ان کي مُول ڪرم چئبو آهي.

يعني ساري گاما، ته هي چار سُر اسان کي تان پرستار لاءِ ڏنا ويا آهن. اِن طريقي سان هي پهريون پرستار ڪوٽ تان ٿيو، يعني سا. ري. گا. ما

(3) جيڪو به تعداد سُرن جي ڪوٽ تان لاءِ ڏبو، اُنهيءَ ۾ سُر سلسلي وار ترتيب سان هڪ ٻئي پويان ايندا ڇاڪاڻ جو ائين ڪرڻ لازمي آهي. تنهنڪري سُر اهڙي ريت لڳائبا جو في الحال صرف چار سُر. سا. ري. گا. ما. لڳن. هي سُر هجي به لکي ڏيکاريا ويا آهن، پر هاڻ

انهن مان اسان کي ڪوٽ تانون ڪڍڻيون آهن. ڪرج (سا) رکب (ري) گنڌار (گا) مڌم (ما) اِنهن چئني جو پرڪار يا مُول ڪرم ترتيب سان هجڻ ضروري آهي.

(4) هاڻ چڱي طرح سمجهڻ گهرجي تہ ڪرج يعني سا کان اڳ ۾ ڪوبہ سُر ناهي. رکب ري کان پهرين ڪرج آهي ۽ گنڌار کان اڳ ۾ رکب آهي، مڌم کان اڳ ۾ گنڌار.

هاڻ جيڪو بہ سُر جنهن سُر کان اڳ ۾ هُجي، يعني جهڙي طرح ري کان هيٺ ڪرج (سا) آهي ۽ سا (ڪرج) کان هيٺ ڪجهہ بہ (ڪوبہ سُر) لکي نٿو سگهجي.

(5) هاڻ هر نئين تان پنهنجي روپ ۾ پاڻ پيدا ٿيندي يعني ٻي تان پهرين تان مان پيدا ٿيندي ۽ ٽين تان ٻين تان مان پيدا ٿيندي. اهڙي طرح چوٿين تان ٽين تان مان پيدا ٿيندي.

(6) هر نئين تان ڪٽڻ ۾ کابي پاسي کان شروع ڪجي ۽ ساڄي پاسي تي ختم ڪجي ۽ سُرن جو تعداد اوترو ئي هجي، جيترو مقرر ڪيو وڃي.

(7) هر نئين تان ۾ صرف هڪ سُر جي ملائڻ جي ضرورت هوندي آهي ۽ انهيءَ کان پوءِ اڳين تان جا سُر اُنهيءَ سُرن تان نقل ڪبا آهن.

(8) ڪوٽ تانن جو تعداد صرف اوترو ٿيندو، جيترو سُرن جي نمبر شمار کي پاڻ ۾ ضرب ڏيڻ سان نڪري. مثال طور جيڪڏهن اسان کي دريافت ڪرڻو آهي سا. ري. گا. ما تہ اِنهن چئن سُرن مان ڪيتريون تانون ٺي سگهن ٿيون. ان صورت ۾ اسان اُن جي نمبر شمار کي پاڻ ۾ ضرب ڏينداسين.

اهڙي طرح 1 x 2 x 3 x4 = 24 تہ انهي طريقہ ڪار سان اسان کي چوويهہ تانون مليون ۽ اهڙي طرح چار تانن مان صرف چوويهہ تانون ملنديون. ان کان وڌيڪ تانون نٿيون نڪري سگهن.

(9) سمورين ڪوٽ تانون مقرر ڪيل سُرن جي تعداد مان هيٺئين طريقي سان پيدا ٿينديون. مثال طور اسان کي چار سُر سا. ري. گا. ما کي ڪوٽ تان ڪرڻ لاءِ ڏنا ويا آهن تہ اهڙي طرح اُن مان ڇهہ تانون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڱي طرح سمجهڻ گهرجي.

اِنهي سبجيڪٽ ۾ 5 سُرن مان پيدا ٿيندڙ تانن جو ذڪر ۽ سمجهاڻي ڏني وئي آهي.

| پهريون حصو | ٻيو حصو | ٽيون حصو | چوٿون حصو |
|---|---|---|---|
| سا ري گا ما | سا ري ما گا | سا گا ما ري | ري گا ما سا |
| ري سا گا ما | ري سا ما گا | گا سا ما ري | گا ري ما سا |
| سا گا ري ما | سا ما ري گا | سا ما گا ري | ري ما گا سا |
| گا سا ري ما | ما سا ري گا | ما سا گا ري | ما ري گا سا |
| ري گا سا ما | ري ما سا گا | گا ما سا ري | گا ما ري سا |
| گا ري سا ما | ما ري سا گا | ما گا سا ري | ما گا ري سا |
| (1) | (2) | (3) | (4) |

هي چار حصا انهن تانن لاءِ ان ڪري ٿيا جو چار ئي پرستار لاءِ نهيا. جيڪڏهن پرستار جي لاءِ ڇهه سُر ڏنا وڃن تہ اِنهن کي ڇهن حصن ۾ ورهائبو. هر هڪ سُر تي جيئن لکي ڏيکاريو ويو آهي. ساڳي طرح هر هڪ تان جو تعداد ان طرح ختم ٿيندو جيئن چئن سُرن ۾ ختم ٿئي ٿو.

وڌيڪ سمجهائڻ لاءِ آهي ساڳيا چار سُر لکي انهن مان ڪوٺ تانن ٺاهڻ جو طريقو هي آهي. پهرئين پرستار: سا ري گا ما. اها اسان جي پهرين تان ٿي.

ٻي تان پهرين مان نڪرندي. (ڏسو قاعدو پنجون) هاڻ قائدي چوٿين مطابق اسان کي شروعات ساڃي ٻاسي کان ڪرڻي آهي. اسان پهرين تان کي هڪ طرف کان ڪٺون ٿا تہ جيئن پڙهندڙن کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي. هاڻ اسانکي ڪرج (سا) جي هيٺيان ڪوبہ ٻيو سُر ڪٽڻ گهرجي. پر چوٿين قاعدي مطابق اسان ڪرج (سا) جي هيٺيان ڪوبہ سُر لکي نٿا سگهون. هاڻِ ڪرج جي هيٺيان هڪ ڇوٽ ٻاري گولائيءَ جو نشان ڏيون ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ۾ تانن جي نهڻ جا 4 حصا ڏنا ويا آهن. جنهن ۾ جيڪي 6 سُرن مان 24 تانون ٺهي نڪرنديون.

(1) هاڻ ڪرج (سا) کي ڇڏي ٻئي سُر تي وجڻ گهرجي ۽ اِهو سُر رکب (ري) آهي. هاڻ رکب جي هيٺيان ڪو سُر آهي. غور سان ڏسنڌؤ تہ نظر ايندو ڪرج (سا) آهي، تنهنڪري پهرين تان کي رکب (ري) جي هيٺيان ٻي تان ۾ ڪرج (سا) رکي سگهون ٿا. اهڙي طرح ٿيو سا. ري. گا. ما. هاڻ آخري قاعدي متعلق لکيو ويو ٿو ۽ هيٺ ڏجي ٿو.

جيڪو بہ سُر هيٺ لکيو ويو ٿو. انهي مطابق اهو ڏسڻ ضروري آهي تہ اڳين تان ۾ اهوئي سُر انهي سُر جي کابي پاسي موجود تہ ناهي. هاڻ اسان کي اِنهيءَ قاعدي مطابق دريافت ڪرڻ گهرجي تہ پهرين تان جو سا ٻي تان ۾ ايندڙ سا جي کابي پاسي تہ نہ آهي. معلوم ٿيندو تہ ٻي تان ۾ جنهن جاءِ تي سا رکيل آهي، اُهو بلڪل صحيح آهي.

(1) سا. ري. گا. ما

(2) X سا گا ما

پر قاعدي پنجين مطابق تہ هر تان ۾ پورا سُر هئڻ گهرجن. هاڻ صرف رکب (ري) رهجي وئي. انهيءَ کي گول نشان تي رکون ٿا. اهڙي طرح:

**پهرين تان:** ساري گا ما

**ٻي تان:** ري. سا. گا. ما

اهڙي طرح هاڻ ٽين تان. ٻين تان مان پيدا ٿيندي، (ڏسو قاعدو پنجون) ري کان اڳ جو سُر سا آهي، انهيءَ ڪري ري جي هيٺيان سُر چوٿين قاعدي مطابق لکڻ گهرجن. پر ائين ڪري نٿو سگهجي ڇاڪاڻ جو سا ٻي تان ۾ ري کان پوءِ ٿو اچي. (ڏسو قاعدو 10 ڏهون)

اسين ڄاڻون ٿا تہ جيڪڏهن هڪ سُر ٻي تان جو بدلائينداسين تہ ٽين تان پيدا ٿي پوندي. پر هاڻ اسان سا کي ڪنهن بہ صورت ۾ رکب (ري) جي هينان نٿا آڻي سگهون. ڇاڪاڻ جو ائين ڪرڻ سان سا سا گا ما جو اُچار ٿي پوندو ۽ اهڙي طرح هڪ سُر گهٽجي پوندو. جيڪو پنجين قاعدي جي برخلاف آهي. سمورا سُر پرستار جا هئڻ گهرجن.

اهڙي طرح انهي ۾ رکب (ري) جو سُر نڪري پوندو.

انهيءَ قانون مطابق تان جو اهو طريقو غلط آهي. تنهنڪري رکب (ري) جي هيٺان اسان ڪجهه نہ لکنداسين ۽ انهيءَ جي هيٺيان گول نشان ڏينداسون.

اهڙي طرح سر نهيو: ري. سا. گا

ان ۾ ٻيو سُر سا ٿيو. پر اُن جي هيٺان ڪو ٻيو سُر نٿا لکي سگهون، ڇاڪاڻ جو سا کان اڳ ۾ ڪوبہ سُر ناهي. تنهنڪري اِنهيءَ جي هيٺيان بہ هڪ گول نشان ڏينداسين.

(2) ري. سا. گا

اهڙي طرح ٻي تان ۾ ٽيون سُر گا آهي ۽ انهيءَ جي هيٺيان اسين رکب (ري) لکي سگهون ٿا. ڇاڪاڻ جو هي سُر ما کان اڳم آهي.

ڏسو قاعدو نمبر ڏهم

مثال طور (2) ري. سا. گا

x x ري

هاڻ ما کي بہ سنهيءَ طريقي سان نقل ڪبو (قاعدي ستين مطابق) صرف هاڻ هڪ سُر کي بدلائڻ جي ضرورت آهي.

(2) ري. سا. گا

x x ري

هاٺي جيڪي بہ نشان بچيل آهن، تن جي جاءِ تي بقايا سُر سا ۽گا رکيا ويندا. قاعدي ڇهين مطابق پرستار جي سُرن جو تعداد پورو ٿيڻ گهرجي پر اهڙي طريقي سان سُر قانوناً سلسلي وار هجن.

مثال طور (2) ري. سا. گا

ان طريقي ۾ قاعدي سان ٽين ڪوٽ تان ٿي. سا. گا. ري. ما ٿي (سا گا ري ما )سا

گا ري ۽ وري ساجي هٿ واري پاسي کان سُر شروع ٿيو. هن دفعي پهريون سُر سا آهي ۽ هن جي هيٺان ڪجهه بہ ناهي لکڻو. ڇاڪاڻ جو هن کان اڳ ۾ ڪو سُر ناهي ۽ اهڙي طرح **سا** جي سڃاڻپ لاءِ گول دائرو ڏبو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(3) سا. گا. ري

X

هاڻ ٻيو سُر گنڌار "گا" آهي. ان جي هينيان ري لکي سگهون ٿا. پر قاعدي چوٿين مطابق ري مٿين تان ۾ گا جي ڪاٻي پاسي موجود آهي، تنهنڪري گا جي هينيان نٿا ڏئي سگهون.

قاعدي ڏهين مطابق سا کي گا جي هينيان ڏئي سگهون ٿا، اِنهيءَ ڪري تہ هي سُر ري کان پهرين جو سُر آهي.

مثال طور: (3) سا. گا. ري

X سا

هاڻ باقي سُر رهيا ري ۽ ما، جن کي مٿي ڏنل سُرن وانگر نقل ڪبو. ڇاڪاڻ جو قاعدي ستين مطابق نئين تان ۾ صرف هڪ سُر بدلائڻ جي ضرورت آهي.

مثال طور (3) سا گا ري ما

X سا ري ما

هاڻ صرف هڪ سُر گا رهجي ويو. اِنهيءَ کي بہ گول دائري ۾ لکبو اهڙي طرح

(3) سا. گا. ري. ما

(4) گا. سا. ري. ما

پنجين تان چوٿين تان مان نڪرندي، تنهنڪري چوٿين تان هيٺ لکجي ٿي.

(4) گا. سا. ري. ما

هاڻ وري ساڄي پاسي کان پهريون سُر گا آهي هن جي هيٺ ري آهي، ڇاڪاڻ جو ري، گا کان اڳ جو سُر آهي. پر وري مٿين تان ۾ گا آهي تنهنڪري مٿين تان جي گا هيٺ نٿا لکي سگهون.

اهڙي طرح گا جي هيٺ بہ هڪ گول دائري جو نشان ڏبو.

اهڙي طرح. (4) گا. سا. ري. ما

هاڻ ٻيو سُر گا کان پوءِ ما آهي، تنهنڪري سا جي هينيان ڪجهہ

ٻہ نہ لکبو.

هن جي هيٺيان ٻہ هڪ گول نشان ڏبو

(4) گا. سا. ري. ما

هاڻ ٽيون سُر ري آهي ۽ هن کي سا جي هيٺان لکي سگهون ٿا.

"ري" x x

تنهنڪري ري جي هيٺان اسين سا لکي سگهون ٿا.

هاڻ مٿين تان وانگر اسان کي ان جو نقل ڪرڻو پوندو ڇاڪاڻ جو باقاعده هفتمر اسان کي صرف هڪ سُر بدلائڻ جي اجازت ڏئي ٿو.

(4) گا. سا. ري. ما

هاڻ ٻن گول دائرن ۾ ٻہ سُر ري ۽ گا x x سا ما کي پنهنجي سلسليوار طريقي مطابق رکيو ويندو. (ڏسو قاعدو پنجون) هي ٻئي سُر گول دائرن ۾ ايندا.

مثال طور (4) گا. سا. ري. ما

هاڻ پنجين تان نهندي ري گا سا ما. ان کي سمجهڻ کان پوءِ علم موسيقيءَ جي شاگردن کي اِنهي طريقہ ڪار سان چوويهہ ڪوٽ تانون چئن سُرن مان نهي ملنديون. اِنهيءَ طريقہ ڪار کي سمجهڻ کان پوءِ هر سُر مان 6 تانون نهي نڪرنديون.

مٿي ڪوٽ تانن جي ناهڻ جا قاعدا ۽ طريقا سمجهايا ويا. ان ۾ اهو سمجهڻ لازمي آهي تہ چوويهہ نمبر تان (ما گا ري سا) مان جيڪي سُر جنهن طريقي سان پرستار ڪرڻ لاءِ ڏنا ويا. آخر ۾ اهو تانن وارو سلسلو اُبتو ٿي پوندو.

مثال طور جيڪڏهن اسان کي ڇهہ سُر پرستار ڪرڻ لاءِ ڏنا وڃن تہ پهرين تان **سا ري گا ما پا ڏا** ٿيندي ۽ تان جو آخري حصو **ڏا پا ما گا ري سا** ٿيندو.

عِلم موسيقي جي ڄاڻن هنن تانن جي حساب کي ايڏو تہ مشڪل ۽ خوبصورت ڪري ناهيو آهي، جو ڪو راڳي انهن تانن کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪري تہ اِهو بلڪل ناممڪن آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچو ته هاڻ اسين 4 چئن سُرن جي پرستار جي آخري حصي **ما گا ري سا** مان ٻيون تانون ٺاهڻ جو طريقو سکون:

اِن تان کي پهرين وانگر لکڻ گهرجي، جيئن پرستار جي عمل ۾ آساني ٿئي. اهڙي طرح چوويهه تانون **ما گا ري** جي ساڄي پاسي کان شروع ڪجن ٿيون، اِئين ڪرڻ سان پهريون سُر **ما** ٿو ملي ۽ ٻنهيءَ جي هينيان اسان کي سُر **سا** ٿو ملي ۽ هر سُر **ما** جي کاٻي پاسي آهي. اِنهيءَ ڪري **گا ما** جي هينيان ٻي تان ۾ ملي سگهي ٿو. هاڻ اسين هِن کي ٻي تان ۾ نٿا لکي سگهون. (ڏسو قاعدو ڏهون): تنهنڪري ما جي هينيان هڪ گول نشان ڏبو.

(4) **ما گا ري سا**

هاڻ ٻيو سُر گا آهي ۽ هن جي هينيان ما نٿا لکي سگهون. باقي سُر ري کي لکي سگهجي ٿو، پر ري به مٿين تان جي گا جي کاٻي پاسي اچي ٿي. تنهنڪري ان کي به نٿا لکي سگهون. اهڙي صورتحال ۾ ان جي به هيٺان هڪ گول دائري جو نشان ڏبو.

ٽيون سُر **ري** آهي. ان جي هيٺان اسين نه گا کي ۽ نه وري ما کي لکي سگهون ٿا. ڇاڪاڻ جو اهي ٻئي سُر ري کان بعد جا سُر آهن. تنهنڪري اسين صرف **سا** کي **ري** جي هيٺان لکي سگهون ٿا. پر قاعدي چوٿين مطابق سا به مٿين تان ۾ ري کان پوءِ جو سُر آهي ۽ مٿين تان ۾ ري جي کاٻي پاسي کان آهي. قاعدي ڏهين مطابق هن سر کي به اسين ري جي هيٺان نٿا لکي سگهون. هِن جي هيٺان به هڪ گول دائرو ٺاهبو.



مثال طور (4 ) **ما گا ري**

هاڻ آخري سُر اسان کي سا ملي ٿو ۽ ان جي هيٺان اسين ڪنهن به سُر کي لکي نٿا سگهون. ڇو ڪاڻ جو سڀئي سُر سا کان پوءِ جا سُر آهن.

نتيجو اِهو نڪتو ته هن تان کان پوءِ ڪابه ان مان نه نڪري سگهندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## النڪار جا قِسم:

سر ڪنڊ جو بيان ختم ڪرڻ کان پوءِ هاڻ النڪار بابت معلومات ڏجي ٿي. النڪار اصل ۾ چئن قسمن سان ٿهي ٿو. جيئن اڳ ۾ بہ بيان ٿي چُڪو آهي تہ بَرن چئن قسمن جا ٿين ٿا.

(1) آستائي بَرن (2) آروهي بَرن (3) امروهي بَرن (4) سنچائي برن

هتي اهو سمجهڻ لازمي آهي تہ علم موسيقيءَ جو ڪوبہ سازندو يا ڪلاسيڪل راڳي اِنهن چئن النڪارن کان ٻاهر نٿو وڃي سگهي. ڪابہ تان يا پلٽو اِنهن چئني النڪارن کان الڳ ٿي ڳائي وڄائي نٿو سگهجي. اڄڪلهہ جي روز مره جي زبان ۾ النڪار، ٿهيل نڪيل پلٽي کي چئبو آهي.

النڪار جي لفظي معنيٰ آهي زيور. اِهو ڪوٺ تان جي سُرن جو مجموعو آهي، پر ياد رهي تہ هي النڪارون وڏن گرنٿن جي اعتبار کان نہ آهِن. اڳئين زماني جي گرنٿڪارن پنهنجي گرنٿن ۾ النڪار کان صرف چند سُرن جي ناهڻ جو ڪم ورتو هو. رتناڪر گرنٿ ۾ هر راڳ جي لاءِ اُن مطابق مخصوص النڪارون ناهيندا هئا.

اڄڪلهہ جي دؤر ۾ موسيقيءَ لاءِ النڪار صرف پلٽن لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن. هنن النڪارن جي مدد سان راڳ گهٽايا ۽ وڌايا وڃن ٿا ۽ اِهو طريقو موسيقيءَ جي شاگرد کي جلد سمجهہ ۾ اچي ويندو آهي.

پاريجات گرنٿ النڪارن جا ٽيهٺ 63 قسم لکيا آهن. رتناڪر سنگيت هن جا چوٽيهہ 34 قسم بيان ڪيا آهن ۽ چئني النڪارن کي چئن برَن ۾ الڳ الڳ ورهايو آهي. جهڙوڪ آستائي برن النڪار، ڪو آروهي بَرن النڪار، تہ ڪو سنچائي بَرن ۽ ڪو امروهي بَرن النڪار ڪري. انهن مان هر هڪ کي الڳ ڪري ۽ اُنهن مان مختلف نهندڙ تانن جو گرنٿڪارن نالو رکيو آهي.

پريجات پاريجات گرنٿ مان ورتل چارئي النڪارون جيڪڏهن ڪنهن موسيقيءَ جي شوقين ۽ علم حاصل ڪندڙن کي سمجهہ ۾ اچي وڃن تہ اُن کي هِن علم تي وڏي مهارت حاصل ٿي پوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي ريت هارمُونيم سمجهڻ لاءِ پهريائين اُن جي وڄت جا قسم سمجهڻ ضروري آهن ۽ اُهي قسم هيٺ لکجن ٿا.

**نوٽ:** هارمُونيم ٽِنَ قسمن سان وڄائبو آهي ۽ اُنهن ٽِنَي قسمن جي وڄائڻ تي پڻ نالا رکيل آهن.

(1) **مِلتي پيدي:** سينڱنگ ڪري ڳائڻي سان پوءِ اسٽيج تي اچي وڄائبو آهي. اِنهيءَ هارمُونيم جي انگ کي ”مِلتي پيدي“ چئبو آهي.

(2) **نغميا انگ:-** جڏهن بہ جتي بہ عِلم موسيقي جا دنگل ٿيندا آهن اتي سولو طبلو وڄايو ويندو آهي. سولو طبلي واري لاءِ هڪ هارمونيم تي نغمو وڄائڻ واري جي ضرورت پوندي آهي ۽ هُو نغمو وڄائڻ وارو لکن مان هڪ هوندو آهي. ان نغمي واري کي هر هڪ تال جو نغمو ياد هوندو آهي. پوءِ ڍولڪ يا سولو طبلي وڄائڻ واري جي مرضي آهي تہ هُو 11. 12. 13. 15. 16. 18 يا جنهن بہ تال ۾ وڄائي تہ هُن نغمي واري کي اِنهن تالن جا نغما ياد هوندا آهن.

اهڙن نغمي وڄائڻ وارن مان جيڪي مشهور ٿي گذريا آهن، تن ۾ مرحوم اُستاد غفور خان، مرحوم ريڊيو پروڊيوسر دادُو خان. پوري مُلڪ ۾ هِن هارمُونيم وڄائڻ وارا 20 کان 25 تائين ماڻهو آهن.

(3) **ڪَهي سُن:** يعني چؤ ۽ ٻُڌ. هِن قسم جي هارمُونيم واري کي ڪنهن بہ ڪلاسيڪل ڳائڪ سان ويهاربو ۽ هُن ڳائڪ جي ڳلي مان نڪرندڙ هر تان کي هي هارمُونيم وارو اکيون بند ڪري ۽ اُنهيءَ ڳلي واريون تانون آڱرين تانون آڱرين مان هارمُونيم تي ڪڍي ڏيکاريندو.

اِنهيءَ قسم جي هارمُونيم تي شهرت رکندڙ هڪ ماڻهو آهي، جنهن جو جنم حيدرآباد سنڌ جو آهي. پر هاڻ هُو گهڻي وقت کان بمبئي ۾ موسيقيءَ جون خدمتون سر انجام ڏئي رهيو آهي. سندس نالو اُستاد پوري خان آهي.

(4) **سولو پرفارمر:** هِن هارمُونيم جو قسم اِنهن ٽنهي قسمن کان اُتم ۽ مشڪل انگ آهي. هيٺ ماترن جو چار وڄائي ۽ پوءِ ڪِلاسيڪل ڳائڪن وانگر اُنهن تالن ۾ اڪيلي هارمُونيم کي وڄائڻ جي مهارت

# آستائي برن النڪار

هِن ۾ ست تانون آهن.

**پهريون قسم: هارمُونيم ۾ گلي لاءِ**

| | |
|---|---|
| پَدر | ساري . سا. ري گا ري. گاماگا. ماپاما<br>پا ڌا پا . ڌا ني ڌا. ني سا ني. سا ري سا |
| (2)<br>نند<br>2<br>نند | سا سا ري ري سا سا ري ري گا گا ري ري<br>گاگا ماما گا گا ماما پا پا ما ما<br>پاپا ڌا ڌا پا پا ڌا ڌا ني ني ڌا ڌا<br>ني ني سا سا ني ني سا سا ري ري سا سا |
| جِت<br>(3)جِت | سا گا ري سا ري ماگاري گاپا ما<br>ما ڌا پا ما. پاني ڌاپا. ڌا سا ني ڌا<br>ني ري ساني سا گاري سا |
| (4)<br>سوم<br>4<br>سوم | سا سا گاگا ري ري سا سا ري ري ماما گا گا ري ري<br>گاگا پاپا ماما گا گا ماما ڌا ڌا پا پا ما ما<br>پاپا ني ني ڌا ڌا پا پا ڌا ڌا سا سا ني ني ڌا ڌا<br>ني ني ري ري سا سا ني ني سا سا گا گا ري سا سا |
| ( 5)<br>گِريو<br>5<br>گِريو | سا گا ري گا ما گا ري سا ري ماگاما پا ماگاري<br>گا پا ما پا ڌا پا ماگا. ما ڌا پا ڌا ني ڌا پا ما<br>پاني ڌاني سا ني ڌا پا. ڌا ساني ساري ساني ڌا<br>ني ري سا ري گا ري ني سا گاري گاما گاري سا |

رڪندڙن مان سر فهرست مرحُوم اُستاد حبيب الدين خان، جيڪو ڪلاسيڪل هارمُونيم جو هڪ وڏو اُستاد ٿي گذريو آهي، تنهن جو جنم ڪراچي ۾ ٿيو. ٻيو اُستاد صادق علي خان پنڊي وارو. هي اُستاد بہ بين الاقوامي شخصيت جو مالڪ هو. هاڻ موجوده دؤر ۾ اِنهيءَ قسم جي هارمُونيم وارو پوري مُلڪ ۾ هڪڙو فقط اُستاد علي نواز خان آهي، جنهن جو جنم حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. هِن وقت سولو ڪلاسيڪل هارمونيم وارو صرف هڪ ئي آهي.

## انگريزي سرگم

DO. RE.ME. FA. SO. LA. SE. DO

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| هِندي سرگم | – | سا. | ني. | ڌا. | پا. | ما. | گا. | ري. | سا |
| تال جو ٻول | – | نا. | ڌِن. | ڌِن. | ڌا. | نا. | ڌن. | ڌِن. | ڌا |
| انگ | – | 8. | 7. | 6. | 5. | 4. | 3. | 2. | 1. |

هارمُونيم جي ڦهرئين اچي سُر ڪان ڦيروي اهڙي ريت ڪبي، جو آڱوٺو ڦهرئيناڇي سُر تي رکبو، ڦهرين آڱر 'ري' تي، وچين آڱر 'گا' تي ۽ ٽين آڱر 'ما' تي رکبي.

آستائي النڪار جون تانون نالن سان ڏجن ٿيون. هي تانون نواب ناڪر علي خان جي سنگيت مان ورتيون ويون آهن.

| | |
|---|---|
| (6)<br>پال<br>6<br>پال | ساگاري. ما. ما گا ري سا. ري ما گا پا. پاماگاري<br>گاپا ماڌا. ڌاپاماگا. ماڌا پا ني. ني ڌا پا ما<br>پاني ڌا سا. ساني ڌاپا. ڌا سا ني ري. ري سا ني ڌا<br>ني ري سا گا. گاري ساني ساگاري ماگاري سا |
| (7)<br>پرڪاش<br>7<br>پرڪاش | ساسا ري گا گا. ما گاري گاري سا<br>ري ري گا گا ما ما پا ما گا ما گا ري سا<br>گا گا ما ما پا پا ڌا پا ما پا ما گا<br>ڌا ڌا ني ني سا سا. گا ري سا ساني<br>سا سا ري ري گا گا. ما گا ري گا ري سا |

## ٻيو قسم: آروهي ٻرن النڪار

(هِن جون 12 تانون آهن)

| | |
|---|---|
| (1)<br>وسيرنڙ | سا. ري. گا. ما. پا. ڌا. ني. سا |
| (2)<br>نيپ ڪرش | سا سا. ري ري. گاگا. ماما. پاپا. ڌا ڌا. ني ني. ساسا |
| گاترو رنڙ | ساساسا. ري ري ري. گاگاگا. ماماما. پاپاپا |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| (4)<br>بندر | ساساسا ري. ري ري ري گا. گا گا گا ما. ما ما ما پا.<br>ڌا ڌا ڌا ني. ني ني ني سا. سا سا سا ري. |
| هَستِ هَستِ | سا. سا. ري. ساري گا. ساري گا ما. ساري گا<br>ماپا. ساري گا ما پا ڌا. ساري گا ما پا ڌا ني<br>ساري گا ما پا ڌا ني سا |
| اتيچُر | سا گا. ري ما. گاپا. ماڌا. پاني. ڌاسا |
| پرنيکت<br>برچادَن | ساري گا. ري گا. گا ما. ما پا. پاڌا. ڌاني. ني سا<br>ساري گا. ري گا ما. گا ما پا. ما پا ڌا. پاڌاني. ڌاني سا |
| تِري برن | ساري گا گا گا. ري گا ما ما ما. ري گا ما ما ما. گا ما پا پا پا.<br>ما پا ڌا ڌا ڌا. پا ڌا ني ني ني. ڌاني سا سا سا |
| اُد گيت | سا سا ري گا. ري ري گا ما. گا گا ما پا.<br>ما ما پا ڌا. پا پا ڌا ني. ڌا ڌا ني سا |
| پرٺگبرن | سا. سا سا. ري ري ري. گا گا گا<br>ري ري ري گا گا گا ما ما ما<br>گا گا گا ما ما ما پا پا پا<br>ما ما ما پا پا پا ڌا ڌا ڌا<br>پا پا پا ڌا ڌا ڌا ني ني ني<br>ڌا ڌا ڌا ني ني ني سا سا سا |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻ امروهي بَرن النڪار لکڻ ضروري ناهي. ڇاڪاڻ تہ جهڙي طريقي آروهي برن النڪار ناهي وئي آهي، ساڳي ريت سُرن جي لهڻ کي امروهي النڪار چئبو آهي.

## ٽيون قسم: سنچاري بَرن النڪار

سنچاري النڪار ۾ آروهي ۽ امروهي برن النڪار جون ٽانون ملنديون.

| | |
|---|---|
| منڊرِآد (1) | سا ري گا ما. ما گا ري سا. سا ري گا ري. سا ري گا ما<br>ري گا ما پا. پا ما گا ري. ري گا ما گا. ري گا ما پا |
| منڊرِآد (2) | گا ما پا. ڌا. ڌا پا ما گا. گا ما پا ما. گا ما پا ڌا<br><br>ما پا ڌا ني. ني ڌا پا ما. ما پا ڌا ڌا. ما پا ڌا ني<br>پا ڌا ني سا. سا ني ڌا پا. پا ڌا ني ڌا. پا ڌا ني سا |
| منڊرس | سا گا ري گا. ما گا ري گا. ري گا ري سا. سا ري گا<br>ري ما گا ما. پا ما گا ما. گا ما گا ري. ري گا ما |
| منڊرس | گا پا ما پا. ڌا پا ما پا. ما پا ما گا. گا ما پا<br>ما ڌا پا ڌا. ني ڌا پاڌا. پا ڌا پا ما. ما پا ڌا<br>پاني ڌاني. ساني ڌاني. ڌاني ڌاپا. پاڌاني |

انهيءَ ۾ امروهي بَرن النڪار ۽ سنچاري بَرن النڪار ڏجن ٿيون.

| | |
|---|---|
| منڊرآنت | سا سا ري گا گا ما گاري گاري سا<br>ري گا گا ما پا ما گا گا ما گا ري |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| مندرآنت | گا گا ما ما پا پا ڌا پا ما پا ما گا<br>پا پا ڌا ڌا ني ني ساني ڌاني ڌا پا<br>ڌا ڌا ني ني سا ري ساني ساني ڌا<br>ني ني سا ساري ري گا ري سا ري سا ني |
| پرستار | سا. ما ري پا. گا ڌا ما ني پا سا |
| پرساد<br>پرساد | ساري ساري ساري گاري. ري گاري ري گا ري مارگا<br>گا ما گا ما گا ما پا ما. ما پا ما پا ما پا ڌا پا ما پا<br>پاڌا پاڌا پا ڌاني ڌا. ڌاني ڌاني ڌاني ساني |
| دياورت | ساگاري ما. ساري گا ما. ري ما گا پا. ري گا ما<br>گا پا ما ڌا. گا ما پا ڌا. ما ڌا پاني. ما پا ڌاني<br>پاني ڌا سا. پا ڌاني سا |
| چَلت<br>چَلت | ساگاري ما. ما گا ري سا. ساري گا ما<br>ري ما گا پا. پا ما گا ري. ري گا ما پا<br>ما ڌا پا ني. ني ڌا پا ما. ما پا ڌا ني<br>پا ني ڌا سا. ساني ڌا پا. پا ڌا ني سا |
| يُدرت<br>نيپ<br>نيپ | ساگاماري. ري ما پا گا. گا پا ڌا مَا<br>ماڌاني پا پاني سا ڌا. ڌاساري ني<br>ساري گا. ري گاما پا. ماپاڌا<br>پاڌاني. ڌاني سا |

| | |
|---|---|
| نندو<br><br>نندو | ري ري ري گا ري ما. گا گا گا ما گا پا<br>ما ما ما پا ما ڌا. پا پا ا ڌا پاني<br>ڌا ڌا ڌا ني ڌا سا |
| داهت | ساري گاري. ري گا ما گا. گا ما پا<br>ماپا ڌا پا. ڌاپاني ڌ. ڌاني ساني<br>ني ساري سا<br>سا ما ما سا ما. ري پا پا پا ري پا |
| آمي | گاڌا ڌا گا ڌا. ماني ني ني ماني<br>پاسا سا سا پا سا |
| سَمر<br>سَمر | ساري گا ما. ما گا ري سا. سا ري گا ما<br>ري گا ما پا. پا ما گاري. ري گا ما پا<br>گا ما پا ڌا. ڌا پا ما گا گاما پا ڌا<br>ما پا ڌاني ني ڌا پا ما. ما پاڌاني<br>پا ڌاني سا ساني ڌا پا پاڌاني سا |
| ليکا | ساسا. ماما. ري ري. پاپا. گاگا. ڌاڌا<br>ما ما ني ني. پاپا. ساسا |
| اجيت | ساما سا ما ساري گاما. ري پاري پاري گاما پا<br>گاڌا گاڌا گا ما پاڌا. ماني ماني پاما ڌاني<br>پاسا پاسا پاڌاني سا |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| تنيسن | ساري ساگا. ساما. ساپا. ڌاسا. ني سا. سا<br>ري گاري ماري پاري ڌاري. ني ري سا<br>. گا ما گا پا گا ڌاگا ني گا سا<br>ما پا ما ڌا ما ني ما سا<br>پاڌا پاني پاسا<br>ڌاني ڌاسا<br>ني سا |
| ڪرم | ساري ري گا گا ما. ري گا گا ما ما پا<br>گا ما سا پا پا ڌا. ما پا پا ڌا ڌا ني<br>پا ڌا ڌا ني ني سا |
| اُڏگهاٽِ | ساگا ساگا ساري گا ما. ري ما ري ماري گاماپا<br>گاپا ما پا گا ما پا ڌا. ما ڌا پاڌا ما پا ڌا ني<br>پاني پاني پا ڌاني سا |
| رَبُحُت | ساگاري گا سا ري گا ما. ري ما گا ري گا ما پا<br>گاپا ما پا گا ما پاڌا. ما ڌا پا ڌا ما پا ڌاني<br>پاني ڌاني پاڌاني سا |
| سن نيورت | ساري گا ري. گا ما گاري. ساري گاما<br>ري گا ما گا. ماپاماگا. ري گاماپا<br>گاما پا ما پا ڌا پاما گ ما پا ڌا<br>ما پا ڌا پا. ڌاني ڌاپا. ما پا ڌاني<br>پا ڌاني سا. ني ڌا پا ڌا پا ڌاني سا |

| | |
|---|---|
| پرور تتڪ | ساسا ري ري گا گا ري ري گا گا ما ما گا گا ري ري<br>سا سا ري ري گا گا ماما<br>ري ري گا گا ماما گا ا ما ما ا پا ما ما گا گا<br>ري ري گا گا ما ما پا پا<br>گا گا ما ما پا پا ڌاڌا ما ما پا پا ڌا ڌا. ما ما پا پا ڌا نا<br>ني ني ڌا ڌا پا پا. ما ما پا پا ڌا ڌا ني ني<br>پا پا ڌا ڌا ڌا ني ني. ڌا ني ني سا سا. ني ني ڌا ڌا<br>پا پا ڌا ڌا ني ني سا سا |
| پرورتتڪ | |
| وينترو | سا سا گا. ما سا ري گا ما. ري ري ما ري گا ما ا<br>گا گا پا ڌا گا ما پا ڌا. ما ما ڌاني. ما پا ڌاني<br>پا پاني سا. پاڌاني سا |
| سُر المتِ | سا سا. ما ما گا گا ري سا. سا ري گا ري ساري گاما<br>ري ري پا پا. ما ما گاري. ري گا ما گاري گا ما پا<br>گا گا ڌا ڌا پا پا ماگا گا ما ا ما گا ما پا ڌا<br>ما ما ني ني ڌا ڌا پا ما. ما پا ڌا پا ما پا ڌاني<br>پا سا سا. ني ني ڌا پا. پا ڌا ني ڌا. پا ڌا ني سا |
| هنڪات | ساسا پا پا ري ري ڌا ڌا گا گا ني ني ماما ساما |
| ڪهاومان | ساسا گا ري ري پا ما گا. گاڌا پا ما. ماني ڌاپا<br>پاساني ڌا. ڌاري ساني. ني گاري سا |

| | |
|---|---|
| اولو ڪِت | سا سا سا. ما ما ما. ري ري پا پا پا<br>گا گا گا. ڌا ڌا ڌا. ما ما ما. ني ني ني<br>پا پا پا سا سا سا |

## چوٿون قسم: سپت تال النڪار

هيٺ سپت تال النڪار ۾ ڳائڻ جا سپ النڪار ڏجن ٿا، جن کي مختلف تالن ۾ ڳائي سگهجي ٿو. هي النڪار جنهن بہ لئي سان آهن، ان جو وڏو لاڳاپو تانن سان آهي. اِنهن تانن ۾ ڪوشش ڪري علم موسيقي ۾ جيترا بہ تال آهن اُنهن جي حساب سان ٻَڌا ويا آهن.

مثال طور 12- 8- 7- 5- 10- 15- 14 ۽ 16 يعني اِڪتالو، تين تال، روپڪ، سُول جهپتال، پنج تال جي هسواري، ڌمار، ڪهروا ۽ ڪلواڙو. انهن تالن سان جڙيل تانون پيش ڪجن ٿيون.

| | |
|---|---|
| اِندر ميل<br><br>هي 14 ماترن<br>۾ ڳائبا | ساري گا ما گا ري. سا ري گاري. ساري گاما<br>ري گا ما پا ما گا. ري گا ما گا. ري گاما پا<br>گا ما پا ڌا پا ما گا ما پا ما. گاما پا ڌا<br>ماپا ڌاني ڌاپا ما پا ڌا پا. ما پا ڌاني<br>پا ڌاني ساني ڌا پاڌاني ڌا پا ڌا ني سا |
| مهاوجَر<br>هي 4 ۽ 8<br>ماترن ۾ | ساري گاري. ساري گاما. ري گاماگا. ري گا ما پا<br>گاما پا ما گا ما پا ڌا ما پا ڌا پا. ما پاڌاني<br>پا ڌا ني ڌا پا ڌا ني سا |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| **نيد روش**<br>هي 9 ماترن<br>۾ ڳائبا | ساري ساري گا. ڳائبا ساري گا ما<br>ري گا ري گا ما ري گا ما پا<br>گا ما گا ما پا گا ما پا ڌا<br>ما پا ما پا ڌاما پا ڌا ني<br>پا ڌا پا ڌا ني پا ڌاني سا |
| **سِير** | ساري ساري گا. ساري گا ما<br>ري گا ري گا ماري گا ما پا<br>گا ما گا ما پا گا ما پا ڌا<br>ما پا ما پا ڌا ما پا ڌا ني<br>پا ڌا پا ڌا ني پا ڌا ني سا |
| **ڪوڪِل**<br>هي 7 ۽ 14<br>ماترن ۾ ڳائبا | ساري گا ساري گا ما. ري گا ماري گا ما پا<br>گا ما پا گا ما پا ڌا. ما پا ڌا ما پا ڌاني<br>پا ڌاني پا ڌا ني سا |
| **آورت**<br>هي 12 ماترن<br>۾ ڳائبا | ساري گا ري سا ري سا ري ساري گاما<br>ري گا ما گا ري گا ري گا ما پا<br>گا ما پا ما گا ما گا ما گا پاڌا<br>ما پا ڌا پا ما پا ما پا ما پا ڌاني<br>پاڌاني ڌا پا ڌا پاڌا پا ڌاني سا |
| **سدا نند**<br>هي 8 ۽ 10<br>۾ ڳائبا | ساري گا ما. ري گا ما پا. گا ما پا ڌا<br>ما پا ڌاني. پا ڌاني سا |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

4. 14. 9. 10. 7 ۽ 14. 12. 9. ۽ 10 تالن ۾ ڳائڻ جي النڪار.

| | |
|---|---|
| **چڪرا ڪار** هي 14 ماترن ۾ ڳائبا | ري ري ري ساري ري ري. گا گا گا ري گا گا گا<br>ما ما ما گا ما ما ما. پا پا پا ما پا پا پا<br>ڌا ڌا ڌا پا. ڌا ڌا ڌا. ني ني ني ڌا ني ني ني<br>سا سا سا ني سا سا سا |
| <br><br>**جَوَ**<br><br>**جَوَ** | ساري گا ما پا ڌا ني سا. ني ڌا پا گاري سا<br>سا ري گا ما پا ڌا ني ڌا پا ما گاري سا<br>سا ري گا ما پا ڌا پا ما گا ري سا<br>سا ري گا ما پا ما گا ري سا<br>سا ري گا ما گا ري سا<br>سا ري گا سا<br>سا ري سا |
| ماترن لاءِ شنڪ | سا سا ني ڌا. ني ني ڌا پا. ڌا ڌا پا ما<br>پا پا ما گا. ما ما گا ري. گا گا ري سا. ري ري سا ني |
| **پراڪار** 8 ماترن لاءِ | ساري سا سا ري گا گا. ري گا ري گا گا ري ري گا ما ما<br>گا ما گا گا ما پا پا. ما پا ما ما پا ڌا ڌا<br>پا ڌا پا پا ڌا ني ني. ڌا ني ڌا ڌا ني سا سا |
| **وارد** 6 ماترن لاءِ | ساني ني ني. سا ڌا ڌا ڌا. سا پا پا پا. سا ما ما ما<br>سا گا گا گا. سا ري ري ري. سا سا سا سا |

هي جيڪڏهن تانون هارمُونيم تي استعمال ڪبيون ۽ چاڻايل طريقي سان آڳريون رکبيون تہ هِن علم وسيلي هارمونيم جو وڏو ماهر ثابت ٿي سگهجي ٿو.

## لچڻ گيت

النڪار جي بيان ڪرڻ کان پوءِ لچڻ گيت بابت چند ڳالهيون سمجهڻ لاءِ لکجن ٿيون. جيڪي هن سُر اڏيائي ۾ شامل ڪرڻ تمام ضروري آهن. لچڻ گيت، لڪش سنگيت جي مصنف چتر پنڊت جا ايجاد ڪيل آهن. هي لچڻ گيت هر هڪ راڳ لاءِ الڳ الڳ آهن ۽ انهن ۾ سمورن راڳن جي ضروري ڳالهين جو بيان ڪيل آهي. هتي خاص طور تي راڳ جي وادي ۽ سمر وادي سرن کي راڳن ۾ استعمال ڪرڻ جو طريقہ ڪار بيان ڪجي ٿو.

لچڻ گيت کي سکڻ جا بہ فائدا آهن:

(1) راڳ جي شڪل ناهڻ ۽ اُن ۾ راڳ جي گهٽائڻ ۽ وڌائڻ جي ترڪيب ۽ اُنهن جون تانون ناهڻ جو طريقو ملندو.

(2) راڳ جي خاص ڳالهہ وادي ۽ سمر وادي کي ظاهر ڪرڻ ۽ سمجهڻ جو طريقہ ڪار بخوبي معلوم ٿي سگهندو ۽ آساني سان ياد بہ رهندو.

مثال طور: ڪنهن شخص کي ڪنهن بہ راڳ جو لچڻ ياد آهي تہ ڪيس راڳ جي ڪيفيت ڄاڻڻ لاءِ ڪتاب کولڻ جي ضرورت نہ پوندي.

راڳ جي شاگرد لاءِ هي مفيد ايجاد آهي، جنهن کي قدر جي نگاهن سان ڏسڻ جي لائق سمجهيو ويندو آهي. انهيءَ کي حاصل ڪرڻ سان ڳائڻ جو فن هڪ قائدي ۾ رهندو.

هن علمِ موسيقيءَ جي ڪتاب سُر شاهہ سمنڊ ۾ ڳائڻ ۽ علمِ موسيقي جي تقسيم جي هر اُنهي طريقي کي لکيو ويو آهي، جنهن سان راڳ ۽ تال ٻئي آساني سان ڳايا وڄايا وڃن ٿا. ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ هِن علمِ موسيقيءَ جو ڪوبہ رنگ قلم جي ضد کان ٻاهر نہ وڃي ۽ هر قسم سان محنت ۽ جدوجهد ڪري علم موسيقيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقينن لاءِ اُهي سڀ رنگ ۽ طريقا لکيا ويا آهن، جنهن جي مشق ڪرڻ سان گهر ويٺي موسيقيءَ جو وڏو ڄاڻو ۽ پارکو ٿي سگهجي ٿو. اسان هِن ڪتاب ۾ شاه سائين جي داستانن ڪي ڪلاسيڪل راڳن سان مشابهت ڏيندي هر هڪ سُر ۾ اُنهيءَ جو ڪلاسيڪل لِڇڻ پڻ لکيو آهي، تہ جيئن نون راڳن ڪي ياد ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. لِڇڻ گيت اهڙي آسان طريقي سان لکيل آهن، جن ۾ ننڍيون ننڍيون تانون ناهي ۽ انهن ڪي ڳلي ۾ هٿن جي آڱرين ڪي هلائڻ ۾ ڪا تڪليف محسوس نہ ٿيندي.

ڪنهن بہ راڳ ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ اُنهيءَ جا لِڇڻ گيت ۽ آروهي امروهي جي سرگرم استعمال ڪرڻ سان راڳ حاصل ٿي پوندو. لِڇڻ گيت انهيءَ ڪري ڏنا ويا آهن تہ جيئن موسيقيءَ جي طالب علمن ڪي گلي ڪي هلائڻ جو رنگ ڍنگ سمجهہ ۾ اچي وڃي. ڪن جاين تي لِڇڻ گيتن ۾ ٿي سُر ۽ انهن جي مٿان هڪ نشان ڏنل آهي. جنهن مان مراد آهي تہ هڪ ئي ماتري ۾ **سا** کان **ري** تائين اچجي، پر هلڪي نموني **گا** ڪي پاسوڙ هٽي لهبو. انهيءَ طريقہ ڪار ڪي منڊ چئبو آهي. ياد رکڻ گهرجي تہ علمِ موسيقيءَ جي اصطلاح ۾ سُرن جا نالا ڪٺي ڳائڻ ڪي **سرگم** چئبو آهي.

راڳ وديا (علم موسيقي) جي پنڊتن راڳ جي هن گڻ جو خاص طريقو ناهي علم موسيقيءَ جي سڪندڙن جي گهڻي مدد ڪئي آهي، يعني ڪوبہ سيکاريندڙ ڪنهن شاگرد ڪي ڪو نئون راڳ سيکاري ٿو ۽ هو گلي ۽ آڱرين مان سرگم جي روپ ۾ نوٽيشن ڪري ننو سمجهائي تہ اهو راڳ شاگرد ڪي جلد حِفظ نہ ٿي سگهندو.

آوازن جا بہ روپ آهن: هڪ مردانو ۽ هڪ زنانو. قدرت طرفان مرد جي آواز ڪي ٿلهو ۽ عورت جو آواز سنهو بڻايو ويو آهي. سنهي آواز ڪي ٽيپ جو آواز چيو وڃي ٿو. اِهي ٻئي آواز ٽنهي سپتڪ ۾ ملن ٿا.

**سپتڪ جا قسم هيٺ ڏجن ٿا.**

هيٺين سپتڪ: مندر استان

وچين سپتڪ: مڌ استان

مٿين سپتڪ: تار استان

تنهي سپتڪن جي سڃاڻپ هيٺ لکجي ٿي.

1. سا ري گا ما پا ڌا ني سا (مندر استان) هيٺين سپتڪ

2. سا - ري- گا- ما- پا- ڌا- ني- سا (مڌ استان) وچين سپتڪ

3. سا ري گا ما پا ڌا ني سا (تار استان) مٿين سپتڪ

علمِ موسيقيءَ جي اِنهيءَ پوري ڪائنات ۾ انهن ٽنهي سپتڪن جي ضرورت پوي ٿي. فرض ڪريو ته جيڪڏهن ڪو آواز انهن ٽنهي سپتڪن کان به مٿي آهي ته پوءِ تار استان جي ڏنل نشان کي ٻيڻ ڏئي لکبو. يعني، سًاً

## تيور ۽ ڪومل:

تيور ۽ ڪومل کي سمجهڻ تمام گهڻو ضروري آهي. هڪ سپتڪ ۾ ارڙهن سُر ٿين ٿا. انهن ۾ ٻه سُر اڪيلا آهن ۽ انهن جو جوڙو ناهي. اهي سر اَچل آهن، يعني پنهنجي جاءِ تان نه هٽڻ وارا. باقي پنج سُر جوڙن ۾ آهن يعني. ري. گا. ما. ڌا. ني- اڪيلا سُر سا ۽ پا آهن، جن جي مٿان انهن جي سڃاڻپ لاءِ گول نشان لڳائبا

اچُل سا ۽ اَچل پا

اَچُل جي معنيٰ آهي پنهنجي جاءِ تي قائم رهڻ.

| سٰا | ڪومل | تيور | ڪومل | تيور | ڪومل | تيور |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | را | ري | گا | گي | ما | مي |
| | – | – | ڌا | ڌي | نا | ني |
| پٰا | ڌا | – | ڌي | نا | ني | – |
| سٰا | – | – | – | – | – | – |

هاڻ انهن سُرن کي غور سان ڏسبو تہ هي ڪُل تيرهن سُر نظر ايندا پر اهي ڪُل ٻارهن آهن. ڇاڪاڻ جو هِن ۾ سُر (سا) ٻہ دفعا اچي ٿو ۽ 7 سُرن يعني (**ساري گا ما پاڌا ني سا**) کي ٻہ غور سان ڏسبو تہ اهي اٺ سر نظر ايندا پر اصول مطابق سا کان ني تائين ڳڻبو. ڇاڪاڻ جو ٻي سا جي اچڻ سان ٻي سپتڪ شروع ٿئي ٿي. تنهنڪري صرف ني تائين ڳڻبو تہ **ست** سُر ملندا.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| - | سا | - | - | - | - |
| آچل | | (ڪومل) | (تيور) | گا | گي (تيور) |
| | | را | ري | (ڪومل) | |
| | | ڌا | ڌي | نا | ني |
| | پا | - | - | - | |
| آچل | (ڪومل) | (تيور) | نا | لي | - |
| | ڌا | ڌي | (ڪومل) | (تيور) | |
| | سا | - | - | - | |

## تال جا روپ

موسيقي چاهي جهڙي بہ روپ يا زبان ۾ ڳائي وڃي. پر اها ڪنهن نہ ڪنهن تال سان ضرور جُڙيل هوندي آهي. هيٺ تال جي وضاحت ٿي ڪجي.

تال ماترن جي جار ۾ ٻڌل هوندو آهي ۽ نظر نہ ايندو آهي. ڇاڪاڻ جو وزن هميشہ هوا ۾ نڪل هوندو آهي. بقول موسيقيءَ جي علم جي بزرگن جي تہ ماترو هوا ۾ ڪِنڊ نڳائڻ جي برابر آهي. ماترن جو علم. علمِ ابجد جي شاخ الجبرا مان ورتو ويو آهي. هي علم باقاعدي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙن يعني ضرب. ڪٽ. ۽ ونڊ مان نهي ٿو. اڄ بہ علمِ موسيقي جي گائڪيءَ جا خيال، وڏا وڏا ڪلاسيڪل راڳي بلمپت لئي ۾ ڳائيندا آهن. يعني ڪنهن ڪلاسيڪل راڳي کي فرمائش ڪجي تہ سورهن ماترن جي هيٺين لئي جي مقدار ۾ ڳاءِ ٻڌايو تہ هو سورهن ماترن کي 4 سان ضرب ڏئي ڳائيندو تہ اهڙي ريت هو چوهٺ ماترائن جي بلمپت لئي ۾ ڳائيندو ۽ ڪيس ٻول جهلڻ لاءِ تال جي هڪ قائدي ”تيهائي“ کي استعمال ۾ آڻو پوندو. يعني هو سورهن ۽ اندر سَم جي هڪ کي ڳڌائيندو تہ جملي ٽيندا سترهن. هاڻ سترهن کي ٽن جاين تي هڪ جيترو ورهائڻو پوندو. پر اهو ٽن حصن ۾ پورو نہ ايندو، تنهنڪري اسين سورهن سورهن جي ٻيڻ ڪنداسين تہ انگ ملندو ٻٽيهہ ۽ اهڙي هڪ سم جو ڳڌائينداسين تہ ٽيندا ٽيٽيهہ. هاڻ ٽن حصن ۾ برابر وزن سان ورهائڻ ۾ ملندا هر هڪ کي 11 يارهن يعني 33 = 3x11. 22 = 2x11 .

1x11 = 11 اهڙي ريت انهن ماترن ۾ هرهڪ خاني ۾ يارهن 11 جي سرگم ناهي ۽ ڳائبي تہ پوري سَم تي سرگم اچي ڪرندي ۽ انهي طريقي کي ٽِڪو چئبو آهي.

**لئي**

جيڪا شيءِ حرڪت ڪندي هجي ۽ ان حرڪت ڪندڙ شيءِ جا باقاعدي درجا هجن، تہ حرڪت جي انهن درجن کي علم موسيقيءَ ۾ لئي چئبو آهي. لئي کي يوناني ٻولي ۾ Rythm ۽ سنسڪرت جي ٻوليءَ ۾ سُر چئبو آهي.

ڪنهن شخص جي ڳلي ۾ ڪيترو بہ سُر هجي ۽ پر اهو لئي ۾ نہ هجي تہ ان کي بنا لئي وارو يعني بي سُرو چئبو. پرواز جي وقت جهرڪين جي پرن جي حرڪت ٻين سيني پکين جي رفتار ڪان وڌيڪ ۽ انسان جي نبض جي حرڪت وڏن پهاڙن مان ڪرندڙ آبشارن ڪان وڌيڪ هوندي آهي. زمين تي هلندڙ اِنسان ۽ جانورن جي پيرن جي رفتار تيز تہ ڪڏهن آهستي، زمين تي هلندڙ ريل گاڏيون. ڪارون. جيپون. موٽرون ۽ سائيڪلون- اُنهن جي ابندا ۾ هلڻ جي رفتار ۽ بعد جي رفتار

- اِهو سڀ لئي جو حصو آهي.

راڳ بہ خود لئي جو محتاج آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ان کي ماترائن جي شڪل ۾ نہ ٻڌبو تہ ان جي ڪابہ شڪل نهي نہ سگهندي. لئي شاعري ۽ راڳ کي اهڙي شوخ انداز ۾ آڻي ٿي جو ٻڌندڙن جي دلين تي هڪدم اثر ڪري وٺي ٿي.

اصل ۾ جادو لئي جو نالو آهي، بقول حڪيم افلاطون تہ جيستائين ڪوبہ شخص لئي کي چڱي طرح سمجهي نٿو سگهي، تيستائين هو علم موسيقيءَ جو واقف نٿو ٿي سگهي. حڪيم فيثا غورث لئي کي مُردي سان تشبيهہ ڏيندو هو ۽ راڳ کي عورت جو مثال ڏيندو. حڪيم دوني لئي کي تصوير ۽ راڳ کي رنگ آميزي تي مشابهت ڏيندو هو.

عِلم موسيقي ۾ لئي ٽِن قسمن ۾ ورهايل هوندي آهي. (1) بِلمپت (2) مَڌ (3) درت. اهي ٽئي لفظ سنسڪرت ٻوليءَ جا آهن.

**(1) بلمپت:**

دير سان سَم جو واپس اچڻ يعني ماترائن جو زمين جي هيٺين حصي ۾ چار ٺاهڻ ۽ مليل وقت مطابق ڪولڻ.

**(2) مَڌ:**

مَڌ جي معنيٰ آهي وِچ يعني زمين مٿي ۽ هيٺ واري حصي جو وِچ

**(3) دُرت:**

ڪنهن رکيل هيٺين زمين تي ماترن جي ٻيٽي ٽيڻ کي چئبو آهي. ان کان علاوه سَم جي جلدي ۽ تيزيءَ سان اچڻ کي دُرت چئبو آهي.

لئي جو صحيح اندازو لڳائڻ لاءِ موسيقي جي قديم علم جي گرنٿن ۾ ماترن جي صحيح پيمائش هيٺين ريت ملي ٿي. ان طريقيڪار سان ماترائن جي سڃاڻپ ٿي سگهي ٿي.

| | |
|---|---|
| آٺ چِن | جو هڪ لو ٿئي ٿو. |
| آٺ لَو | جو هڪ ڪاشٺو ٿئي ٿو. |
| آٺ ڪاشيٺا | جو هڪ نِمش ٿئي ٿو |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| آٺ نِمش | جو هڪ ڪَلا ٿئي ٿو |
| چار ڪَلا | جو هڪ آنودرت ٿئي ٿو (اِن کي برام ۾ چئبو آهي) |
| ٻہ انودُرت | جو هڪ دُرت ٿئي ٿو |
| ٻن دُرت | جو هڪ لگهو ٿئي ٿو |
| ٻن لگهو | جو هڪ گِره ٿئي ٿو |
| چار لگهو | جو هڪ ڪپد ٿئي ٿو |

عِلم موسيقي جي اِنهن ماترن جي تقسيم کي سمجهڻ تمام ضروري آهي، ڇاڪاڻ جو اِڳتي هلي جيڪي بہ تانون عملي طور تي سامهون اينديون، اُهي اِنهن نالن سان لکيون وينديون. ماتري جي ٻي نشاني اهڙي ريت آهي تہ ڪنهن صحت مند شخص جي نبض حرڪت ڪري تہ اُنهيءَ کي ماترو چئبو آهي ۽ اهو هن جو هڪ مثال آهي.

**لگهو:**

”لگهو“ بابت ڪئي چوڻيون آهن. ڪن جو چوڻ آهي تہ لگهو چئن ماترائن ۽ ڪِن جو چوڻ آهي تہ هڪ ماتري جي برابر هئڻ گهرجي. هاڻ جيڪڏهن اِنهن ٻنهي ڳالهين مان ڪنهن بہ هڪ کي صحيح سمجهڻ لاءِ پهرين اسان کي لئي جي ابتدائي دؤر کي سمجهڻو پوندو ۽ اِنهي جا مختلف درجن يعني ٻيڻ ۽ چؤڻ کي چڱي طرح ذهن ۾ آڻڻو پوندو.

جيڪڏهن اسان پهرئين قول کي صحيح قرار ڏينداسين تہ هڪ لگهو چئن ماترائن جي برابر آهي تہ اهڙي طرح دُرت (ٻيڻ) ٻن ماترن جي برابر ٿيندي ۽ انودرت هڪ ماتري جي برابر سمجهيو ويندو ۽ اهڙي طرح ڪاڪپد سورهن ماترن جي برابر ٿي پوندو. انو درت ڪن وٽي ڪاڪپد تائين سورنهن ماترا 16 موسيقيءَ جي اصطلاح ۾ هينئن طرح بيان ڪجن ٿا.

1). هڪ ماتري کي بام يا انُودُرت چئبو آهي (برام = 1)
2). ٻن ماترن کي دُرت يا ٻيڻ چئبو آهي (دورت = 2)
3 ). ٽن ماترن کي دُرت برام چئبو آهي (دُرت = 2 + برام)

4 ). چار ماترن کي لگھو چئبو آهي (لگھو = 4 )
5 ). پنجن ماترن کي لگھو برام چئبو آهي (لگھو = 4 + برام = 1)
6 ). ڇهن ماترن کي لگھو دُرت چئبو آهي (لگھو = 4 + دُرت = 2 )
7 ). ستن ماترن کي لگھو دُرت برام چئبو آهي (لگھو= 4 + دُرت= 2 +برام= 1)
8). اٺ ماترن کي گرو چئبو آهي (گرو 8=)
9). نو ماترن کي گرو برام چئبو آهي (گرو = 8 + برام = 1)
10). ڏهن ماترن کي گرو دُرت چئبو آهي (گرو = 8 + دُرت 2 )
11). يارهن ماترن کي گرو دُرت برام چئبو آهي (دُرت = 2 + برام= 1)
12). ٻارهن ماترن کي پُلت چئبو آهي (پُلت = 12)
13). تيرهن ماترن کي پُلت برام چئبو آهي (پلت = 12 + برام = 1)
14). چوڏهن ماترن کي پُلت دُرت چئبو آهي. (ڪپُلت = 12 + دُرت = 2 )
15). پندرهن ماترن کي پُلت دُرت برام چئبو آهي (پُلت 12 + دُرت = 2 + برام = 1)
16). سورنهن ماترن کي ڪاڪپد چئبو آهي (ڪاڪپد = 16)

هاڻ سورهن ماترا تال جي ضرورت لاءِ ڪافي آهن. وڏن وڏن پنڊتن ان تال لاءِ چيو آهي تہ هِن تال مان هزارين تال جنم وٺن ٿا ۽ ٻين لفظن ۾ هن تال کي تالن جي ماءُ جو درجو ڏنو آهي. اڳيان هلي انهيءَ تال مان عملي طرح 32000 ٻتيهہ هزار ۽ ڪئين سَوَ تالون پيدا ٿي سگھن ٿيون. هيٺ اِنهن ماترن کي لکڻ لاءِ اڳين پنڊتن جيڪي علامتون مقرر ڪيون آهن، اُهي بيان ڪجن ٿيون. اِنهيءَ علم کي حاصل ڪرڻ لاءِ اِنهن جون ڏنل علامتي شڪليون ياد ڪرڻ تمام ضروري آهن، ڇاڪاڻ جو سموريون تالون اِنهيءَ طريقي سان لکبيون آهن.

V هي نشان قوس جو اَنو دُرت يا برام لاءِ آهي.
O هي گولائي جو نشان دُرت (ٻيڻ) يا ٻن 2 ماترن جي برابر سمجھبو.
ا هي الف جي علامت لگھو لاءِ آهي يعني چئن 4 ماترن جي برابر سمجھبو.

ـــ هي همزي جو نشان گرو لاءِ آهي ۽ انن 8 ماترن جي برابر سمجهبو.

3 هي علامت پُلت جي آهي ۽ بارهن 12 ماترن جي برابر سمجهجي.

+ هي نشان ڪاڪپد جو آهي ۽ سورنهن 16 ماترن جي برابر سمجهبو.

هاڻ جيڪڏهن اسان کي ٽن ماترن جي لکڻ جي ضرورت پئي ٿي تہ اهو ڪيئن لکنداسين؟ هاڻ اِنهي طريقي سان علامتن کي مقرر ڪرڻ سان هر ماترو لکڻ ۾ آسان ٿي پوندو. هاڻ ٽن ماترن جي شڪل هن طرح ملندي 1 + 2 = 3 يعني برام + دُرت هاڻ انهن ٻنهي علامتن کي گڏائبو اهڙي ريت

جيڪڏهن اسان کي پنج 5 ماترا لکڻا آهن تہ اُنهي جي شڪل هيءَ ٿيندي:

(1 + 4 = 5) (لگهو + انو = آ) جيڪڏهن ست 7 ماترا لکڻا آهن

7 = 4 + 3 + 1 = لگهو دُرت + برام = 1

# شاهہ سائين جن جو تخليق ڪيل ساز

# دنبورو

موسيقي جي وسيع ڪائنات ۾ جيترا بہ ساز ٿيا آهن، اُنهن ۾ واحد شاهہ سائين جن جو ساز دنبورو آهي، جنهن ۾ 5 پنج تارن جو استعمال ٿئي ٿو. ڪنهن بہ تار جي ساز ۾ پنج تارون ڪونہ ٿيون ملن. جيڪڏهن سِتار کي ڏسجي تہ اُن ۾ 3 وڏيون تارون ٽِن ٿيون، جيڪڏهن تانپوري کي ڏسبو تہ اُن ۾ 4 چار تارون مِلن ٿيون، تارن جي سازن ۾ ڪنهن بہ ساز ۾ 5 پنج تارون ڪونہ ٿيون ملن.

شاهہ سائين جن جي تخليق ڪيل ساز "دنبوري" کي باقاعدي ڳائڻ کان علاوه Play ڪبو تہ دنبوري مان هر هڪ راڳ جي شڪل نهي نڪرندي ۽ خالي دنبوري تي بہ راڳ تارن وسيلي ٿاهي سگهجي ٿو.

هِن وقت سيد جمن شاه (شاه جو راڳي) هِن دنبوري کي وڄائڻ جو ماهر آهي. دنبورو ساز دل جي گهراين مان نهي نڪتو آهي ۽ شاه عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ پنهنجي ولايت جي ڪرامتن سان ئي هي ساز ناهي تيار ڪيو. موسيقي جي دنيا ۾ جيترا به ساز نهيا آهن. هندو مذهب جي مطابق انهن جي اوتارن ۽ مسلمانن جي مطابق حضرت نظام الدين اولياءَ پنهنجي ولايت سان ئي ڪئين ساز جوڙيا آهن وسيلي حضرت امير خسرو رح جي. شاه ڀٽائي گهوٽ پنج تارون انهيءَ ڪري جوڙيون جو هِن ساز تي پنجتن جو ذڪر ڪري، ان ۾ روحانيت بخشيائون.

## شاه سائين جن جو راڳ جو چالو پنجو

(1) **چالو**:- موسيقيءَ جي دنيا ۾ جيتريون به راڳ بابت وصفون آهن، انهن لاءِ چالو ضروري آهي. پوري دنيا ۾ هڪ ئي قسم جو چالو ملي ٿو. اهو چالو آهي ڪلاسيڪل جو، جڏهن ته ٻيو چالو آهي شاهہ سائين جن جو، اهو چالو شاهہ سائين جن پنهنجي موسيقي لاءِ وجود ۾ آندو. هي چالو ڪلاسيڪل کان گهٽو مٽ پرو چالو چئي سگهجي ٿو.

شاهہ جو آلاپ به پنهنجو، وايون به پنهنجيون، دنبورو به پنهنجو ته 36 راڳ به پنهنجا.

## دنبوري جي پوري شڪل

پنج ڪاٺي ڪونئيون جن ۾ تارون لڳل هونديون آهن ۽ جن کي ڇڪڻ سان سُرن ۾ ملي پون ٿيون. (1) ڪونئيون)

**گهوڙي**:- جنهن تي تارن جو چار وڇيل هوندو آهي.

**ڏڪڙون**:- 5 تارَن جو پاڻ ۾ ملائڻ واري طريقي کي ڏڪڙون چئبو آهي.

**ٽالي**:- هيٺيون حصو (گولائي ۾)

**سَنگَ**:- سنگَ مٿيون حصو

**جهل**:- تارن کي سهارو (تارن جو جوڙو جوڙو)

**گولو**:- مٿيون هيٺيون گول تختو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِهڙي طرح هي سمورن رنگن سان ٺهي جڙي نڪتل دنبورو آهي، جيڪو شاهہ سائين جن جي ڪرامت جو سنڌ لاءِ هڪ ناياب تحفو پڻ آهي.

شاهہ سائين جن جو راڳ ڪي ڏنل چالو ۽ وري اُنهيءَ سان گڏوگڏ جيڪو علمِ گِنتڪاري جي سبجيڪٽ الجبرا جي حساب مان ٺهي نڪري ٿو اُنهيءَ لئي جو انگ جيڪو شاهہ سائين جن استعمال ڪيو. اُهو آهي: ٽي 4 چار، چار پنج، پنج ست.

اِنهيءَ لئہ جي وزن ڪي بيهاري شاهہ سائينءَ پنهنجي چالي ڪي آلاپيو آهي.

## توازن حضرت امير خُسرو رح ۽ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح

حضرت امير خسرو ڪي موسيقيءَ تي عبور پنهنجي مُرشد حضرت نظام الدين اولياءَ جي ڪرامت سان مليو. حضرت امير خسرو هندستان ۾ ايراني عِلمِ فارس، يونان جا راڳ ۽ صِنفون متعارف ڪرايون. گڏوگڏ سازن ڪي بہ متعارف ڪرايو. تن مان ستار ايران جو ساز- طبلو جيڪو مرڏنگ ڪي ڪٽي ۽ ٺاهيو. جنهن ۾ ترانو، نقش و گل قوالي وغيره وغيره - پاڻ شروع ۾ هڪ فوجي جي حيثيت سان رهيا، هڪ وڏي تاجر جي حيثيت ۾ بہ آيا ۽ پوءِ مُرشد جي حڪم تي عِلم موسيقيءَ ۾ آيا.

## شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح

شاهہ سائين جن ڪنهن بہ بادشاهہ وٽ ملازم ڪونہ هئا. پنهنجي طبعيت ۾ پاڻ شهنشاہ هُئا. عِلم موسيقي جي ڪائنات ۾ پاڻ اُهي داستان ڏنائون، جن مان ڪلاسيڪل جي پوري ڪائنات ٺهي نڪري ٿي. شاهہ سائين پنهنجا 36 ناٿ ڏنا. پنهنجي حقيقي ۽ تخليقي اِلهامي راڳن جا چالا ڏنا، 5 پنج تارو دنبورو ڏنائون، وائي جي صنف ڏنائون. بين سيني اولائن شاعري وسيلي وحدانيت ۽ انسانيت جو درس تہ ڏنو آهي، پر راڳ ڪي پنهنجي شاعريءَ ۾ آڻي نہ سگهيا آهن. اهڙي طرح پوري عِلمِ موسيقي جي ڪائنات ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جهڙي شخصيت نہ ٿي ملي.

## شاهہ ۽ جيسلمير جا سپوت راڳي:

سنڌ ڌرتيءَ تي سنڌي ٻولي کي ڪمپوز ڪرڻ جو اعزاز فقط اسان جي خاندانن کي نصيب ٿيو. سنڌي ٻولي جي گائڪي کي يڪتاري چيڙي مان ڪڍي، سُنن سازن تي ڪمپوز ڪري ۽ سنن آوازن ۾ ريڪارڊ ڪري پوري دنيا ۾ متعارف ڪرائڻ وارو شخص اُستاد رمضان علي خان جو مامو هو. سنڌ ڌرتيءَ جا پهريان موسيقار غلام نبي ۽ عبداللطيف هئا. اِنهن پهرين سنڌي فِلم عُمر مارئي ۽ پرديسي ۾ موسيقي جا رنگ ڀري سنڌي ٻولي کي موسيقي وسيلي پوري دنيا ۾ مڃرايو. اِنهن ٻنهي ڀائرن کي اهو اعزاز آهي تہ اِنهن شاهہ سائين جي راڳ داستان ڪوهياري مان ميڊم نورجهان کي اُردو جو ٻول وجهي ڳارايو (مَن جا مَن جا بالم مَن جانا نا ٺڪرا ميرا پيار) هِن گاني پوري دنيا ۾ عُروج ماڻيو. اهڙي طرح ميڊم نورجهان کي ڳارايائون (هَواسي موتي برس رهي هين) اِنهيءَ گاني کي اِنڊيا جي فلم اِنڊسٽري ۾ ٻڻ ايوارڊ مليو. اِنهن موسيقارن کان پوءِ اِنهيءَ دؤر ۾ هڪ ٻيو سنڌي موسيقار اُڀريو ماسٽر غلام علي. اِنهيءَ سنڌي موسيقار جي دريافت رونا ليلي هُئي، جنهن کي اُردو فِلم "پروفيسر" ۾ مشهور اُردو گيت "جنم جنم تيرا ميرا ساٿهہ رهي" ڳارائي، پوري دنيا ۾ متعارف ڪرايو. موسيقار غلام علي 71 سنڌي فلمن ۾ موسيقي جا جوهر ڏيکاريا ۽ سنڌي ٻولي کي موسيقي وسيلي پوري دنيا ۾ مڃرايو. اِنهن کان پوءِ موسيقار فيروز گل آيو. اُنهيءَ بہ 40 کن سنڌي فلمون ڏئي سنڌي موسيقي ۾ وڏي جدوجهد ڪري پوري مُلڪ ۾ سنڌي موسيقي کي مڃرايو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ميڊم نورجهان کي "درد ڏکن ٿا" ڳارايو ويو. اهڙي طرح چوٿون موسيقار بہ اسان جي راڄ برادري مان امداد حسين آيو. اِمداد حسين بہ تمام سُريلو موسيقار هو. جنهن سنڌي موسيقي کي عُروج تي پهچائي ڇڏيو. سنڌي فلمن ۾ خاص ڪري فِلم "گهونگهٽ لاهہ ڪنوار" ۾ سنڌي گانا لاهور ۾ ميڊم نورجهان کان ڳارايائين. "اي هوا آئون چوان نہ ڪِلان مون کي پيار مليو". اِنهيءَ موسيقار اِمداد حسين جي دريافت حميرا چنا. مهناز. ليلي ناز.

ترنم ناز، وحيد شاهہ ۽ پڻ ڪيترا فنڪار آهن.

اهڙي طرح موسيقار غلام نبي عبداللطيف جي دريافت مرحوم محمد يوسف، پوءِ موسيقار غلام علي صاحب محمد يوسف ڪي سنڌي موسيقي ۾ ڳارايو ”راحت ملي ٿي درد ۾“

سنڌي فلمن ۾ موسيقي ڏيڻ لاءِ جيڪي ٻيا موسيقار لٿا، سي سڀ ٻين زبانن وارا موسيقار هئا، تنهنڪري اُهي سنڌي موسيقيءَ ۾ مقبوليت ماڻي نہ سگهيا. جيئن تہ مون اڳ عرض ڪيو تہ اسان جي فني علمِ موسيقي جون خدمتون شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سائين جن جي دؤر ۾ بہ رهيون، خاص ڪري آتنل خان ۽ چينچل خان، جيڪي پڻ اسان جي برادري مان هئا. شاهہ سائين جا موسيقي وسيلي خاص خدمت گار ۽ ڊيوتيدار مڱڻهار سماٽڪا هئا.

اسان جي هن وسيع موسيقارن جي خاندان مان هِن دؤر ۾ نئين ٿهي ۾ موسيقار اُستاد رجب علي رضا، موسيقار امانت گل، موسيقار غلام حسين خان، موسيقار مجاهد علي فرزند ۽ روشن جِي شامل آهن.

ڳائڻ مان هِن دؤر ۾ اُستاد امير علي خان، حيدر علي خان، تعمير حسين، وارث علي، شفيع فقير، صادق فقير، الهبچايو، ماستر رفيق، رمضان جيٽو، اِبراهيم جِيٽو، فيروز آنائي، شوڪت فيروز گل ۽ پڻ ٻيا ڪيترائي آهن.

## آلاپ ورلاپ جَي روپ جا سور هن سينگار

| | |
|---|---|
| 1). ست ڪا چِير | وچ سچائي سان پريل |
| 2). شِماڪي بِنديا | قياس يا رحم جي بِنديا. |
| 3). شرم ڪا سُرما | اکين ۾ حيا جو سرمو |
| 4). نـت نارائڻ ڪي نام ڪي | نڪ ۾ نت پاڪ پالڻهار جي |
| 5). پريم ڪي جُهومر | ڪنن ۾ مُرڪيون عشق جون |
| 6). من ڪي مِسِي | اندران مُشڪ مسي جهڙي |
| 7). پرم ڪي لالي | لبن تي ڳاڙهاڻ پرم جي |
| 8). چولي چِت ڪي چاؤڪي | اندر ۾ پيار جو اُچار |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| 9). ڏرم ڪي ڳاتي | ڳچيءَ م ٻانو فقيري ڏرم جو |
| 10).آنند سانڪڙا | نفسِ مطمئن |
| 11). گيان مُوندرا | پوري دنيا هُن جي هٿن تي نظر اچي |
| 12). ديا ڪي مهندي | جنهن جي هٿن سان ٻيا محفوظ هجن |
| 13). ڌيان ڪا تڏا | جتي ٻه وينل هجي، نگاه، قدرت جي نگاه هجي |
| 14). لگتا ڪا لنگر | تون هي تون، اِڪ دم غافل سو دم ڪافر |
| 15). لگن ڪا لنگوٽا | لنگوٽ جا پابند ۽ حيا جو پيڪر |
| 16). نيم ڪڙاؤ پاؤن مين | جتي پير ڪٽي اُتِ خير ٿي وڃي. |

علم موسيقي جو گهرو تعلق ستن جي عدد سان آهي، مثال طور: ست سُر، ست آسمان، ست هفتي جا ڏينهن، ست سُک، ست وڏا تارا، ست پيڻ م زمين جا طبق ست سمنڊ، ست ماترن، جا تال.

باب پيو

# شاهہ ۽ جيسلمير

هن ڪتاب ”سُر، شاهہ، سمنڊ“ جي لکڻ جي شروعات 5.7.1988 کان ڪيم. سر شاهہ سَمُنڊ ۾ موسيقيءَ جا سڀ طريقا لکيا ويا آهن ۽ موسيقيءَ سان لڳاؤ رکندڙن لاءِ نهايت سولي طريقي سان سمجهائي ڏني وئي آهي، جو اهي گهر ويٺي علم موسيقيءَ کي چڱي طرح سمجهي ۽ راڳن ۽ سُرن کي صحيح استعمال ڪرڻ جي صلاحيت حاصل ڪري سگهن. ”سر، شاهہ، سمنڊ“ موسيقيءَ جي گرنٿن ۾ اُهو واحد سنگيت (گرنٿ) ثابت ٿيندو، جنهن ۾ عِلم موسيقيءَ جي الفابيٽ کان وٺي اُهي ڪرتب لکيا ويا آهن، جن کي آساني سان علم موسيقيءَ جا شاگرد ادا ڪري سگهندا ۽ انهي طريقہ ڪار سان عِلم موسيقي ۽ شاهہ سائينءَ جا لکيل راڳ ۽ ”سُر“ ايندڙ نسلن جي ذهنن ۾ محفوظ رهندا. اهڙيءَ ريت اُنهن کي استعمال ڪرڻ ۾ ڪابہ ڏکيائي پيش نہ ايندي.

سنڌي زبان ۾ موسيقيءَ جي علم جو هيءُ پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ لطيف سائينءَ جي داستانن پويان لکل راڳ ظاهر ڪيا ويا آهن. ٻارهن سالن جي عرصي ۾ صرف شاهہ سائينءَ جي سُرن تي تحقيق ڪئي وئي آهي، جنهن سان موسيقي جا وڏا وڏا ماهر، گائڪ ۽ بجائڪ متفق ٿيا ۽ شاهہ سائين جا فقير هن سنگيت سُر شاهہ سمنڊ کي صحيح ۽ درست قرار ڏين ٿا. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي راڳين ۽ موسيقي جي ماهرن لاءِ راڳن جي هڪ ڳجهارت ڇڏي ويو آهي. مثال طور: ڪٿي شاهہ سائين راڳن جا ظاهري نالا پنهنجي داستانن کي ڏنا آهن تہ ڪٿي لِڪ رکي اٿن.

## شاهہ جي شاعريءَ ۾ راڳ جا ظاهري نالا:

مثال طور: ايمن ڪلياڻ، سورٺ، سهڻي، سريراڳ، ڪيڏارو، ڪنيات، ڪاموڏ ۽ ديسي وغيره. هي ڪلاسيڪل راڳن جا ظاهري نالا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. جيڪي شاهہ سائينءَ جي مختلف داستانن مان پيدا ٿين ٿا. انهيءَ جي مقابلي ۾ ڪتي راڳن جا نالا لڪ ۾ آهن. جيڪي داستانن جي مطابق آهن. اهي سُر، راڳ - ويراڳ وارن لاءِ ڳجهارت ۽ مشڪل رنگ ۾ لڪل آهن. مثال طور: ڪوهياري، سامونڊي، رپ، مارئي، راڻو، ڪاپائتي ۽ ڪارايل، وغيره. انهن راڳن جا نالا داستانن جي حساب سان ڏنا ويا آهن. ڪتي ڪردارن جي حساب سان نالن تي داستان ٻڌل آهن، پر انهن جي پس منظر (Back ground) ۾ جيڪي لِڪل سُر آهن، اُنهن کي هن ڪتاب "سُر، شاهہ، سمنڊ" ۾ ٻارهن سالن جي تحقيق، وڏن وڏن موسيقيءَ جي علم جي پنڊتن، گرنٿڪارن، سنگيت پروانن، ڳائڪن ۽ بجائڪن کان سواءِ علم موسيقيءَ جي سنگيتن، مثال طور: رتناڪر، سُر امرت ڌارا، ياوِي، لڪش، هنونت مت درپن ۽ معرفت النغمات جي حوالن ۽ سيني بہ سيني علم ۽ شاهہ سائين جي فقيرن جي آلاپن جي ڪلاسيڪل نوٽيشن ڪرڻ کان هٽ ڪيو ويو آهي. انهن راڳن ۾ ڪوبہ ڏکو استعمال نہ ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ صحيح راڳن جي نوٽيشن ڪرڻ کان پوءِ شاهہ سائين جي داستانن مان پيدا ٿيندڙ اصل راڳن جا نالا ڏنا ويا آهن. جنهن سان ڀٽائي سائينءَ جي داستانن کي ڳائڻ وارا سادات ۽ فقير متفق ٿيا تہ داستانن جي راڳن جا صحيح نالا ۽ راڳن جون شڪليون هڪجهڙيون آهن. هاڻ صرف فرق اِهو آهي تہ شاهہ سائين جي آلاپڻ جو چالو يعني جنهن طريقي سان شاهہ سائين جا فقير اُنهن داستانن کي آلاپين ٿا. اُهو چالو ۽ چالي جا تخليقڪار صرف ڀٽائي سائين پاڻ آهن.

هتي اصل سوال اِهو آهي تہ شاهہ سائين جي داستانن جو اِهو چالو سنڌ ڌرتي جي ڪهڙي علائقي جو آهي؟ 11 سالن جي تحقيق کان پوءِ اِهو آلاپ جيڪو شاهہ سائين جو آهي، جنهن جي تالن جي زمين ست ماترن تي ٻڌل آهي ۽ شاهہ سائين جو پورو بياض مقدس انهن ستن ماترن تي يعني 3 - 5 - 7 - 8 ماترائن ۾ پڙهيو ويندو آهي. انهيءَ جو طريقہ ڪار اِهو آهي تہ فقير راڳ جي شروعات، مٿين تار ستان يعني

ٽيپ جي سُرن سان ڪن ٿا ۽ مٿان بلڪل آهستي آهستي هيٺ راڳ جي شڪل ٺاهي لهن ٿا. انهيءَ کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو چالو چئبو آهي ۽ اهائي شاهہ سائينءَ جي تخليق ڪاري آهي. هاڻ اِنهيءَ چالي کي سُر. شاهہ. سمنڊ ۾ ڳولي هٿ ڪيو تہ هي چالو صرف ۽ صرف جيسلمير جي خِطي ۽ انهيءَ جي اڌ حصي ٿرپارڪر ۾ مليو ٿو ۽ هي آلاپ اڄ بہ سواءِ ٿرپارڪر جي ٻيو ڪٿي بہ ڪونہ ملي ٿو. انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت ڀٽائي سائين پاڻ پنهنجي رسالي ۾ ڏنو آهي.

**جِتي جيسلميران، آندي اُستادن.**

## ڏوئو

اها ڳالهہ اجا اڳتي هلي وڌيڪ واضح ٿيندي. ڏئي ڪوٽ، جسلمير، ٻاڙ مير، بيڪانير، جوڌپور ۽ ٿرپارڪر جي ٻين حصن عمر ڪوٽ، ڇاڇري، مٺي ۽ آس پاس جي علائقن ۾ اڄ بہ اهي آلاپ ظاهري طور مڱڻهارن ۽ انهن جي رواجن ، رسمن ۾ سمايل آهن. مثال طور قديمي راڳ وِديا جي هڪ ديسي صِنف ڏوئو آهي. ڏوئي جو جنم موهن جي دڙي جي تاريخ سان گڏوگڏ هليو رهيو آهي ۽ پوءِ هي ڏوئو راجن ۽ مهاراجن جي شادين ۽ خوشين جي موقعن تي استعمال ٿيندو هو. جڏهن ڪا بہ ڄڃ ڪنوارين ڏانهن ويندي هُئي تہ اُنهي زماني ۾ لاؤڊ اسپيڪر وغيره جو دؤر نہ هو پوءِ اُنن گهوڙن تي راجائن سان گڏ انهن جا مڱڻهار بہ هوندا هئا ۽ جڏهن فاصلو ميل اڌ تي هوندو هو تہ مڱڻهار اُنن تي وينل ڏوئو ڏيندا هئا ۽ ڏوئي ڏيڻ سان ڪنوارين کي خبر پئجي ويندي هئي تہ ڄاڃي پهچي ويا آهن ۽ اُنهي ڏوئي جو طريقو بلڪل هُوبہ هُو شاهہ سائين جي راڳ جي انداز وانگر ئي آهي. اڄ بہ ٿرپارڪر ۾ ڪنهن رجوازي يا ناڪرن ۾ شادي هوندي آهي يا مڱڻهارن جي پنهنجين شادين ۾ ڏوئو استعمال ڪندا آهن ۽ هن ڏوئي جي هونگار تار استان جي ٽيپ جي سُرن تي ٻڌل آهي. تحقيق مطابق سنڌ ڌرتيءَ تي شاهہ سائينءَ وارو انداز سواءِ ٿرپارڪر جي ڪٿي بہ ڪونہ ٿو ملي. علم موسيقي تي ٻڌل هڪ ڪتاب آهي. جنهن ۾ ڪن ڳائڪن اِهو لکرايو تہ

شاهہ سائين وٽ هڪڙا بہ ٻائر آنتل ۽ چانچل هوندا هئا. جيڪي ٻئي شاهہ سائين جا اُستاد هئا ۽ انهن جو تعلق هندستان جي پنجاب صوبي جي شهر گواليار سان هو. اول ڳالهہ تہ ڪنهن پنجابيءَ جو نالو آنتل ۽ چانچل ٿي ئي نٿو سگهي. جيڪڏهن اُنهن جو نالو تسليم بہ ڪيو وڃي تہ انهن جي مادري زبان پنجابي هئي ۽ شاهہ سائين جي سنڌي تہ سنڌي ۽ پنجابي زبان جو پاڻ ۾ ميلاپ ڪيئن ٿيو هوندو. جيڪڏهن ٿي بہ ويو تہ شاهہ سائين اُنهيءَ جو ذڪر ڇو نہ ڪيو. منهنجي تحقيق مطابق انهن ٻنهي ٻائرن جو تعلق ضلعي جيسلمير جي ڳوٺ ريڏاٽي سان هو ۽ اهي ذات جا جيٽا مڱڻهار هئا. ان ڪري اُنهن جا نالا بہ ٽري نالن وانگر هئا. اصل ۾ هڪ جو نالو آنتڙيو ۽ ٻئي جو نالو چانچڙيو هو. آنتڙيو اِنهيءَ ڪري چيو ويو جو هُو ٿورو منڊڪائي هلندو هو ۽ ٻئي جو نالو چانچڙيو اِنهيءَ ڪري جو هُو طبعيت ۾ شوخ مزاج هُوندو هو. هي ٻئي شاهہ سائينءَ جي حاضري ڏيڻ لاءِ ضلعي جسلمير کان هِتي ايندا هئا ۽ ضلعي جيسلمير جي خوبصورت سوڪڙي اُتي جي جُتي، جنهن کي ٽري زبان ۾ چانڪڙي چئبو آهي، اها کڻي آيا هئا. جنهن جو ذڪر شاهہ سائين پڻ ڪيو آهي. جڏهن تہ پاڻ کڻي بہ گواليار جي اُستادن جو ذڪر نہ ڪيو اٿن.

## جيسلميري گهراڻي جا سپوت راڳي

جيسلميري گهراڻي جي علمِ موسيقي ۾ تمام گهڻي خدمت آهي، جيڪا ڳڻپ ڪرڻ کان تمام گهڻي متيري آهي. راجستان جي راجائن مهاراجائن جي زماني کان وٺي ميرن جي دؤر تائين علمِ موسيقي جي خدمت ڪئي ۽ ميرن جي دؤر کان اڄ جي دؤر ۾ خدمتون جاري ساري آهن.

قديمي دؤر ۾ خانصاحب اُستاد نبي بخش خان، جهوجهو خان، سڀ رنگ خان، خانصاحب حاجي خير محمد خان، اُستاد رمضان علي خان بہ ان سلسلي جا گائڪ هئا. اهم ڳالهہ اِها آهي تہ سنڌ ڌرتي سنڌي ٻولي کي پهريون دفعو گهڻ سازن تي ڪمپوز ڪري

ڪمپوزيشن آٽڻ وارا پهريان موسيقار جيسلمير گهراڻي جا هئا. سنڌ ن شُبي نالا موسيقار غلام نبي ۽ عبداللطيف هئا. اِنهيءَ دؤر ۾ ماسٽر غلام علي موسيقار، ماسٽر اِمداد حسين موسيقار، ماسٽر فيروز گل موسيقار، رجب علي رضا موسيقار، ماسٽر غلام حسين، ماسٽر علي نواز (هار مونيم) ميرن جي دؤر ۾ اُستاد حَسن خان نغارچي (سارنگي نواز)، اُستاد رُومڙي خان، (طبلہ نواز) اُستاد ضامن علي خان (جهانؤرو) اُستاد برڪت خان (طبلہ نواز). اِنهيءَ کان پوءِ اُستا غلام محمد خان (طبلہ نواز) محمد يوسف خان سارنگي نواز- حسين بخش آناڻي، علم الدين اُستاد الله وسايو خان (راڳي) اُستاد راڻو خان (راڳي) (عابده پروين جي مُرّس مرحوم پروڊيوسر غلام حسين شيخ جو والد)، وڏو سُومار خان (طبلہ نواز) اُستاد موسيٰ خان (سارنگي نواز) فيروز علي راڳي - گل محمد راڳي- نوٽ- فيروز گل - هي ٻئي نالا مختلف آهن - فيروز ۽ گل راڻو خان (فيروز گل جو والد) ننڍو سُومار خان (طبلہ نواز). اُستاد نور محمد خان طبلہ نواز.

نئين ٽهي ۾ موسيقار: موسيقار رجب علي رضا، اُستاد امير علي، حيدر علي خان، موسيقار ماسٽر غلام حسين، موسيقار امانت گل، اُستاد علي نواز خان (ڪلاسيڪل هار مُونيم) منور علي خان (طبلہ نواز) نصرت خان (طبلہ نواز) روشن جي (ڪي بورڊ پليئر) صادق علي خان (طبلہ نواز) ۽ ٻڻ ٻيا ڪيترائي.

## اُستاد امير علي خان جا شاگرد

حيدر علي خان، امير مهڪ . اقبال ڪلهوڙو، حُسنہ پروين، زيبا سحر، عامر علي شوڪت علي نظام خان (هندستان) الله بچايو، رمضان علي تلهار وارو.

**نوٽ:** ريڊيو پاڪستان جي سنگ بُنياد کان وٺي K.T.N ۽ سنڌ ٽي.وي تي موسيقي جا گهڻا فرائض جيسلميري گهراڻو ادا ڪري ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## خان صاحب حاجي خير محمد خان جا شاگرد

مائي جيوڻي- علم الدين خان - اُستاد دين محمد خان- مرحوم شادي فقير زوار بسنت - نَمر فقير - نذير محمد آناڻي- مائي الله بچائي ٽيڙ ۽ ٻيا ڪيترائي.

## اُستاد رمضان علي خان جا شاگرد

امير علي خان - شفيع فقير- حيدر علي . حسين بخش مني صادق فقير ڪريم ڏنو فقير - مائي بدرو - الله وسائي هالا ۽ ٻيا ڪيترائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٽيون

# سنگيت جون چار خوبيون

موسيقيءَ جي علم ۾ سنگيت جون هيٺيون چار خوبيون هونديون آهن.

(1) راڳ
(2) تال
(3) لئي
(4) سُر

انهن چئني خوبين ۾ ٻہ خوبيون قلم جي زد ۾ آهن ۽ ٻہ لکجڻ کان ٻاهر آهن.

**راڳ ۽ تال :** راڳ ۽ تال کنهن بہ طريقي سان لکت ۾ اچي سگهن ٿا.

**لئي سُر :** سر ۽ لئي کي لکي نٿو سگهجي ۽ اهي قلم جي پهچ کان ٻاهر آهن. انهن کي صرف محسوس ڪري سگهجي ٿو، جيئن گلن مان خوشبوءِ کي محسوس ڪري سگهجي ٿو. اهي چار ئي خوبيون جوڙن جي شڪل ۾ آهن.

**پهريون جوڙو:**- راڳ ۽ تال
**ٻيو جوڙو:** لئي ۽ سُر
(1) **راڳ:**- آلاپ جي صورت
(2) **تال:**- قائم ڪرڻ جي صورت
(3) **لئي:**- تال جي وزن ۽ مقدار قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪندي آهي.
(4) **سُر:**- جيڪو راڳ ۽ تال جي ٽڪرائڻ مان نڪري ٿو.

ان کان علاوه جڏهن اهي چارئي شيون گڏ ٿي نڪرن ٿيون تہ هڪ ٻيو روپ بہ استعمال ۾ ايندو آهي، جنهن کي نرت چئبو . نرت جي معنيٰ آهي اِشارن جي زبان. ڪوبہ راڳي ڪنهن بہ زبان ۾ جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳائيندو آهي ته ان سان گڏ هلڪي ڦلڪي نِرت به ادا ڪندو آهي. نِرت موسيقي جي هڪ سبجيڪٽ (Subject) ڪتا ڪلي مان نڪتل آهي. ڪتا ڪلي کي ادا ڪرڻ واري کي ڪٿڪ چئبو آهي.

موسيقيءَ جي علم جي پهرين صنف جو تخليق ڪار حضرت آدم عليه سلام آهي، جنهن وقت حضرت آدم عليه سلام زمين جي هڪ ڪنڊ تي لاٿو ويو ته ٻي ڪنڊ تي ڏاڏي بيبي حوا عليها السلام کي لاٿو ويو. اُنهي وقت نه ٻولي هئي نه ڪا ٻي مخلوق هُئي ء ڏاڏي آدم هن وسيع زمين تي ويرانِن، جبلن ء سمنڊ جي لهرن تي ڏاڏي حوا کي ڳولڻ ۾ جيڪي وڏيون رڙيون هونگار جي شڪل ۾ ڪيون آهن. انهن مان موسيقيءَ جي پهرئين صِنف "آلاپ" جنم ورتو.

**بحث**

هن ڏس ۾ هڪ قديمي بحث ڪٿڪن ء گوَين جي وچ ۾ هلي رهيو هو. ڪٿڪن جو چوڻ هو ته حضرت آدم عليه السلام زمين ڦاڙي نه نڪتو هو، پر آسمان تان لاٿو ويو هئو ء ڪجهه فاصلي تان هيٺ زمين تي ڪِريو هئو. هو جيئن ڪريو ته اُنهي وقت نِرت پيدا ٿي يعني جنهن مهل ڪريو، ته سندس ڪِرڻ جي ادا ۾ نرت پيدا ٿي. اِهو بحث به پڻ علم موسيقيءَ ۾ قديم آهي. تحقيق مطابق هيٺين ريت هن بحث بابت ڪٿڪن کي مطمئن ڪيو ويو آهي ته جنهن وقت حضرت آدم عليه السلام جن جو بوتو تيار ٿيو ته زمين تي اچڻ کان اڳ ۾ عرش تي بوتي ۾ جڏهن روح کي داخل ٿيڻ جو حُڪم ٿيو ته بوتي ۾ هڪ Tempo يعني سُر پيدا ٿيو: ٺڪ ٺڪ ٺڪ. اهو لئي جو هڪ قسم آهي ء اهو جيڪڏهن وڌي وڃي ته بخار يا بلڊ پريشر جو سبب بڻجي سگهي ٿو. جنهن وقت اها لئي بلڪل بند ٿي وڃي ته صرف بوتو رهجي ويندو ء روح اڏامي ويندو. روح معني سُر ء پهرئين سُر لئي ٽيمپو جي شڪل ۾ رِڌم پيدا ٿيو. ء نرت زمين تي اچڻ وقت پيدا ٿي. هي دنيا سُر سان وجود ۾ آئي آهي ء ختم به سُر ۾ ٿي ٿيندي.

هي لئي ۾ ٻيڻل آسمان ء سُر ۾ ٻيڻل زمين- زمين تي ٻيڻل پهاڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦھاڙن مان ڪرندڙ آبشار - آسمان ۾ اُڏامندڙ پکي. آسمان تان ڪرندڙ بوندون- زمين تي هلندڙ ريل گاڏيون، ڪارون، موٽرون ۽ زمين تي ٻينل 3 حصا پاڻي، ان پاڻيءَ تي هزارين ٽن جا جهاز، آسمان ۾ پرواز ڪندڙ هوائي جهاز ۽ زمين تي هلندڙ لکين مخلوقون ۽ خاص ڪري اشرف المخلوقات- اهي سڀ شيون لئي ۾ ٻينل آهن. جتي بہ بنا لئي وارا ٽيندا، ڪري پوندا. هي پوري ڪائنات لئي ۽ سُر سان سجايل آهي.

سُرن جو هڪ نبي بہ ٿي گذريو آهي جنهن جو نالو مبارڪ حضرت داؤد عليہ السلام هو، جنهن کي لحنِ داؤدي پڻ چوندا آهن، يعني خوبصورت گلي وارو. حضرت داؤد کي پنهنجي گلي مبارڪ ۾ ايڏو تہ سُر هو جو جڏهن پاڻ اِنهيءَ سُر ۾ زبُور جي قرائت ڪندو هو تہ سمنڊ ساڪِن ٿي پوندا هئا ۽ جبل گڏ جهومڻ لڳندا هئا. جانور، پکي، پرند پنهنجيون ٻچيون ڊاري اڳيان اچي قدمن ۾ ويهي رهندا هئا ۽ پوءِ سُر جو اهڙو تہ اثر پوندو هو جو ڪيترائي ڏينهن ٻک ۽ اُڃ تي ويهي رهندا هُئا ۽ گلي مان نڪرندڙ سُرن جي لهرن ۾ مدهوش ٿي گم ٿي ويندا هُئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوٿون

# موسيقيءَ جو علم ۽ ان جا سنگيتڪار

## مُو. سِي. قِي

موسيقي فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي.

| | | |
|---|---|---|
| مُو:- | معنيٰ | وار |
| سِي:- | معنيٰ | 30 |
| قي:- | معنيٰ | حصو |

**موسيقي**:- موسيقي هڪ وڏو ۽ وسيع شعبو آهي، جنهن جون شاخون پوري روءِ زمين تي وڇايل آهن. هن اصطلاح جي لفظي معنيٰ وار ُجو 30هون حصو ٿئي ٿي. پوري دنيا ۾ هي علم سڀ کان مشڪل، باريڪ ۽ خوبصورت پُل صراط وانگر آهي، جنهن جون ڪيتريون ئي شاخون آهن، مثال طور:

(1) سَازِيندا (Musician's)

(2) ڳَائِڻا (Singer's)

(3) مُوسِيقار (Music Director)

(4) ڪَٿڪ (Dance Director)

(5) ڌن ڪَار (Tuner)

(6) آرَينجر (Arranger)

(7) سينفينَر (Sanfinar)

(1) **سازيندا:** دنيا ۾ جيترا بہ ساز آهن اُهي پنجن شين مان ٺهيل آهن.

(1) هوا (2) ڪاٺ (3) لوهہ (4) چمڙو (5) پاڻي

انهن پنجن شين کي خوبصورتي سان آگرين، وات، يا ٻنهي هٿن ذريعي استعمال ڪندڙن کي سازيندو چئبو آهي.

(2) **ڳائڻا:** جيڪو ڳلي، جگر، نڪ کي استعمال ڪري ۽ شاعريءَ کي آواز جو روپ ڏئي ۽ سُر ۾ ڳائي تنهن کي ڳائڻو چئبو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(3) **موسيقار:** الڳ الڳ روپ جي سازن ۽ سازيندن کي گڏائي، هر ساز کي ڳالهرائڻ واري کي موسيقار چئجي ٿو.

(4) **ڪٽڪ:** هوا ۾ ٻڌل ماترائن کي هڪجيتري وزن سان، ٻيرن ۽ هٽن کي لفظن جي ادائگي ڏئي، اکين، پِرن، چپن، ڪلهن جي اشارن يعني وجود جي هرهڪ حصي مان لفظن کي ادا ڪرڻ واري کي ڪٽڪ چئبو آهي.

(5) **ڌُنڪار:** جيڪو لفظن کي گهربل راڳن ۾ ناهڻ جي صلاحيت رکندو هجي. شاعريءَ ۾ گهڻو ڪري غمگين يا خوشيءَ وارا لفظ هوندا آهن. ڌنڪار کي بخوبي اِها خبر هوندي آهي تہ غمگين شاعريءَ لاءِ ڪهڙو راڳ ڪتب آڻبو ۽ خوشيءَ لاءِ ڪهڙن راڳن کي استعمال ۾ آڻبو. اِنهيءَ ڪرتب ۾ ڪمال رکندڙ کي ڌُنڪار چئبو آهي.

(6) **اريئجر:** ڌن ترتيب ڏيڻ کان پوءِ موسيقار لاءِ لازم هوندو آهي تہ هو شاعري ۽ منظر نامي لاءِ ڪهڙن سازن جو استعمال ڪري. جيڪڏهن ڪنهن سِين ۾ بادشاهي دربار ڏيکارڻي آهي تہ ان لاءِ هو لازمي ستار ۽ طبلي جي آواز کي ڪتب ۾ آڻيندو. ڪا شاعري پهاڙن ۽ آبشارن تي آهي تہ هو ضرورت مطابق بانسري، ويبرا فون ۽ وائلن کي استعمال ۾ آڻيندو، يعنيٰ لفظن کي سمجهي ۽ منظر ڪشي کي سازن وسيلي سينگاريندڙ کي اريئجر چئبو آهي. هي بہ هڪ موسيقار جي صِنف آهي يا هُن جو گڻ چئبو.

(7) **سينفينر:** اوهان ڪڏهن ڪڏهن ٽي وي تي مختلف چينلن تي 200 سازندن کي گڏ وڄائيندي بہ ڏسندا هوندؤ ۽ گڏوگڏ هڪ شخص جيڪو اُنهن 200 سازندن کي هڪ ننڍڙي ڪاٺي (Stick) جي اِشارن سان پنهنجي پنهنجي وقت تي آواز ڪڍڻ لاءِ هلائيندو رهندو آهي ۽ هر سازندي جي اڳيان پنهنجي پنهنجي حصي جي نوٽيشن پڻ لکيل هوندي آهي ، اُنهن 200 سازندن جي هلائيندڙ کي سينفينر چئبو آهي. هِن وقت پاڪستان ۾ اِهو اعزاز منهنجي اُستاد موسيقار نياز احمد صاحب جن کي آهي ۽ جن جو P.T.V تان هڪ پروگرام سازينو هلندو آهي. جنهن ۾ پاڻ سينفينر جي حيثيت سان ڪم ڪري چُڪا آهن. هي موسيقاريءَ جي آخري صنف يا ان جو هڪ گڻ آهي.

باب پنجون

# علم موسيقيءَ جون ڊگريون

موسيقيءَ جي علم ۾ باقاعدي ڊگريون پڻ آهن، جو تہ دنيا ۾ 14 وِيد يعني 14 علم آيا آهن، جن مان هڪ علم، موسيقيءَ جو علم آهي ۽ اِنهي موسيقيءَ جي علم جي يونيورسٽيءَ ۾ هڪ ٻئي کان مٿي ڊگريون پڻ آهن، جن کي الڳ الڳ طريقي سان حاصل ڪرڻو آهي. هيٺ ڊگريون لکجن ٿيون.

## موسيقيءَ جوُن ڊگريون

(1) نائڪ
(2) گائڪ
(3) بجائڪ
(4) گندرپ
(5) گُني
(6) پندت

(1) **نائِڪ:** نائڪ اُنهيءَ ڊگري جي مالڪ کي چئبو آهي، جيڪو ماضي ۽ حال جي موسيقيءَ جو علم رکندڙ، باعمل، سنگيت جو واقفڪار ۽ راڳن کي ٺاهڻ جي قائدي قانون جو واقفڪار هجي

(2) **گائڪ:** علم موسيقيءَ جي صنفن کي بخوبي ڳائي ادا ڪرڻ واري کي گائڪ چئبو آهي.

(3) **بجائڪ:** علم موسيقي جي ڪنهن بہ ساز کي آسان ڪري وڄائڻ واري کي بجائڪ چئبو آهي. معنيٰ- سازيندو

(4) **گندرپ:** ماضيءَ جي راڳ (مارگ راڳ) ۽ ديسي راڳن کي بخوبي ڳائڻ ۽ وڄائڻ واري کي گندرپ چئبو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(5) **ڪَٽي:** اُهو شخص آهي، جيڪو حال جي راڳن کي بخوبي ڳائڻ ۽ وڄائڻ ۾ مهارت رکندو هجي.

(6) **پنڊت:** هي ڊگري علم موسيقيءَ ۾ Ph.D جي حيثيت رکي ٿي. پنڊت جي لاءِ لازمي آهي تہ هو علمِ ابجد جو پڻ ماهر هجي ۽ انهيءَ علم ۾ باقاعدي عالم هجي . راڳن کي شروعات کان سڃاڻندو هجي پنهنجا راڳ تال ناهيندو هجي، پر ڳائي وڄائي نہ سگهندو هجي.

باب ڇهون

# آواز ڇا آهي؟

## آواز ڪيئن نهي ۽ نڪري ٿو؟

هي تحقيق حڪمت نبويءَ جي ڪتابن ۽ ڪن سائنسي ڪتابن مان احوال ذريعي حاصل ڪئي وئي آهي. جڏهن تہ ڪجهہ معلومات نواب ناڪر علي خان جي ڪتاب معرف النغمات مان بہ حاصل ڪئي وئي آهي.

## آواز ڇا آهي:

پراڻي زماني جي قولن جو خلاصو آهي تہ:

آواز هڪ ارتعاش (خاص قسم جي لرزشي جنبش)

هوائي محيط بال ابدان جو سبب اٿڪڻ.

واسط ڪاڪ (رگهڙجڻ)

اجزاءِ لينا يا صلبہ نرم يا سخت

اِنهي تموج يا ارتعاش کي انگريزي ۾ (Vibration) وائبريشن چئبو آهي.

انسان جي وجود مان جيڪو آواز نڪري ٿو. ان ۾ جسم جون بہ نسون پاڻ ۾ ٽڪرائجن ٿيون تہ هڪ آواز اُڀري نڪري ٿو. تنهن کي تصادم اضطراري چئبو آهي.

**حس سِماع:** حس سماع سِيني شين کي ڳڏائي آواز ڪڍڻ ۾ مدد ڪري ٿي.

قوت صوت ۽ حس سماع جا خاص پروفيسر ريڊ لکي ٿو تہ جنهن شخص جو حس سماع قوي هجي اُهو شخص 500 آوازن جي وچ ۾ اختلاف جي تميز ۽ پرک رکي سگهي ٿو.

ڪجهہ آواز بعض ماڻهن کي بدن ۾ ڪونہ ٿا اچن . جيڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُهي ساڳيا آواز ٻين کي ٻڌڻ ۾ اچن تہ ان ڳالهہ مان اِهو ظاهر ٿيو تہ قوت سماع هر شخص وٽ هڪجهڙي ڪانہ ٿي ٿئي.

**لين اول:** ڪجهہ ماڻهو اهڙا بہ ڏٺا ويا آهن، جن جا آواز ماڻهن جي دلين تي هميشہ لاءِ قائم رهيا ۽ اُنهن جي آوازن جا نقل ڪري هوبهو اهڙائي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي.

**متڪلمين باطن:** يورپ وارا اِنهي فرقي وارن کي ونٽريلوڪوسٽس متڪلمين باطن چوندا آهن. مسٽر ڊيڪنس پنهنجي ڪتاب آڪسفورڊ 1655 ۾ بارانبث خادم، شاهہ فرانس جي هڪ حڪايت لکي آهي تہ هو هڪ امير ترين شخص جي ڌيءَ تي عاشق ٿي پيو. ڇوڪريءَ جي پيءَ درخواست عقد نا منظور ڪري ڇڏي. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اُهو امير شخص گذاري ويو. رسم تعزيت تي شاهہ فرانس ڇوڪريءَ جي ماءُ وٽ ويو. ڪجهہ دير کان پوءِ گهر جي ڇت مان انهي بيوه کي هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو. لوئس سان هن جي ڌيءَ جو عقد ڪري ڇڏيو. ”اِنهيءَ رشتي کي نہ مڃڻ جي ڪري مون تي سخت عذاب آهي“. اِهو آواز هن بيوه جي ڪنن تي ايندو رهيو. آخر خوفزده ٿي هُن اهو رشتو قبول ڪيو پوءِ خبر پئي تہ اهو آواز شاهہ فرانس پاڻ ڪڍيو هو تہ جيڪو بہ شخص علم موسيقي ۾ مهارت حاصل ڪرڻ چاهي اُنهي جو پهريون فرض آهي تہ پنهنجو آواز ٻئي جي آواز کان مختلف ٻڻائي.

باب ستون

# موسيقيءَ جو اثر

معلم ابونصر فارابي جو هڪ واقعو جيڪو وفيات العيان زيل اِبن خلڪان ۽ روفتا الصفا مان نظر ۾ گذريو. ابو نصر فارابي، هڪ جليل القدر فلسفي ۽ مَوجِد ساز قانون (باجو) زمانہ خلافت راضي بالله ۾ هو. جنهن کيس موسيقيءَ جي علم جي وڏي خبر چار هئي. هو موسيقيءَ جو وڏو عالم ٿي گذريو آهي. هڪ ڏينهن هن جو گذر سيف الدولہ علي اِبن همدان جي مجلس ۾ ٿيو. اُن وقت هِن وٽ اڪثر علمن جا عالم موجود هُئا. هو پاڻ بہ اچي بيهي رهيو. سيف الدولہ کيس هٿ جي اشاري سان چيو ويهہ تہ هن جواب ڏنو تہ ڪٿي؟ مون واري جاءِ يا تو واري جاءِ تي! هُن وراڻيو تہ جتي وڻئي. هو ماڻهو اورانگهيندو اچي سيف الدولا جي نهيل تخت تي اهڙي طرح وينو جو هن کي سُرِٽو پيو. سُرندي سُرندي ايترو پري ٿي ويو جو وڃي تخت جي ڪنڌ تي رسيو.

اِها حرڪت سيف الدولا کي تمام خراب لڳي ۽ هُن پنهنجي خاص زبان ۾ پنهنجن غلامن کي چيو تہ هي پوڙهو تمام بي ادب آهي. مان کانئس موسيقيءَ جي علم جي باري ۾ ڪي سوال ڪرڻ گهران ٿو جيڪڏهن جواب صحيح نہ ڏئي تہ سندس سر قلم ڪري ڇڏجو. پوءِ سيف الدولا سوال ڪيو تہ ڇا توهان کي اِها ٻولي اچي ٿي، جيڪا اسان ڳالهائي؟ هن جواب ڏنو تہ دنيا ۾ جيترين ٻولين ڳالهايون وڃن ٿيون، اُنهن کان وڌيڪ ڄاڻان ٿو. پوءِ پنهنجي کيسي مان هڪ ڪاٺين جي ٽڪرن سان نهيل ساز جوڙي وڄايائين، جنهن کي ٻُڌڻ سان پهرين ماڻهو کليا ۽ پوءِ رُنا ۽ پوءِ بلڪل بيهوش ٿي ويا ۽ ابو النصر فارابي ساز ۾ گم ٿي ويو.

عباسي خليفي المهدي جي دؤر ۾ زرياب نالي هڪ موسيقار گذريو جنهن ساز رُباب ايجاد ڪيو ۽ هن کي مولانا روم پنهنجي ڪتاب مثنوي رومي ۾ پڻ هن جو ذڪر ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب انون

# موسيقيءَ جي تاريخ ۾ تبديليون ۽ نوان تجربا

## عرب جي موسيقي:

عربستان ۾ موسيقي ايڏي وڏي پيماني تي مشهور نہ ٿي سگهي، جيئن هندوستان ۾ ٿي. عربستان ۾ ڪي چند راڳ صرف دف تي شادين ۽ ٻين تقريبن ۾ ڳايا ويندا هئا يا ٻيو ء حدي خواني جو رواج هو پر اهڙي طريقي سان نہ هو جو ان کي فن جي حيثيت ڏني وڃي ها.

جڏهن فارس يعني ايران فتح ٿيو ۽ اُتي جا اُمراء عربن جي غلامي ۾ آيا تہ اُنهن طرح طرح جي طريقن سان غزل ۽ قصيدا چيا. عبدالله بن جعفر جي غلام نائب حاثر ۽ طويس نشيط فارسيءَ جو عربن ۾ وڏو چرچو هو. ان کان سکيا وٺندڙن مان معبدو ابن سريع پڻ هو. اهي موسيقيءَ جي علم کي ترقي ڏيندا رهيا. ايستائين جو بني عباس جي دؤر ۾ هي علم عروج تي اچي ويو ۽ ابراهيم بن مهدي، ابراهيم موصلي، اسحاق اِبن ابراهيم، حماد بن اسحاق وغيره وڏا وڏا ڳويا هئا ۽ اج بہ عربستان ۾ عربي موسيقيءَ جا ماهر موجود آهن.

## عرب جو انوکو ناچ:

عربستان ۾ موسيقيءَ جي علم بابت نيون ايجادون پڻ ٿيڻ لڳيون، جن مان خاص ڪري ناچ جو نئون قسم پڻ ايجاد ٿيو، جنهن کي ڪرجنا جو نالو ڏنو ويو. هِن ناچ جو نئون طريقو اِهو هو تہ ڪاٺ جو هڪ گهوڙو ٺاهي اُن ۾ لغام وجهي ان تي عورتن کي سوار ڪري هيڏانهن ڪان هوڏانهن ڪنهن گول دائري ۾ گهمائبو هو. اهو ناچ مشهور ٿيو.

اندلس ۾ ڳائڻ وڄائڻ ۽ نچڻ جو علم زرياب موصلي جي ذريعي مشهور ٿيو. جنهن کي بعد ۾ عربن هم پيشگي ۽ رشڪ و حسد کان

ڪيڏي چڙيو هو. حڪم بن هشام بن عبدالرحمان (امير اندلس) جي دؤر ۾ پهريون مقدمو اِبن خلدون جو هليو. باوجود عربن جي حرڪتن جي، هي علم عربن ۾ مقبول ٿيو. عرب جيڪڏهن قديم ڪتب خانہ نہ ساڙين يا پاڻي ۾ نہ لوڙهين ها تہ سلاطين عباسيہ ڪان بہ اڳ ۾ اهو عِلم عربن جو هجي ها.

## عجمن جي موسيقي:

عجمن جي موسيقيءَ جا ڪتاب سڀ عربي زبان ۾ آهن. جڏهن اُتي جي سلطنت تباهہ ٿي تہ اهي سڀ ڪجهہ وڃائي ويٺا. اُتي جو ڪتب خانو بہ سڙي رک ٿي ويو. اُنهيَ ڪتب خاني ۾ علم موسيقي جي ماهرن جا لکيل ڪتاب جن جو واسطو هندوستان جي علمي ۽ ثقافتي دوستي جهڙي رنگ ۾ هو. جنهن جي تصديق تاريخ پاڻ ڪري ٿي. موسيقي اُنهي زماني جي حڪيمن تي بہ چڱو قبضو ڪيو هو. گڏوگڏ اُنهيءَ دؤر جي حڪيمن بہ عربي موسيقي تي رسالو جاري ڪيو هو، جيڪو بهاؤالدين عامل رضہ جو لکيل آهي. هن ۾ اِهو بہ لکيل آهي تہ موسيقي جي فضيلت بيان ڪرڻ سان نطق اِنساني عاجز ٿي ٿئي ۽ اِنهي جو اظهار لفظن ذريعي ممڪن ڪونهي . موسيقيءَ جي ٻڌڻ سان طبعيت فرحت بخش ٿئي ٿي، سرُور ۽ لذت ۾ ماڻهو مَهو ٿي پوي ٿو.

ٻيو حڪيم لکي ٿو تہ جيڪڏهن موسيقي صحيح اثر انداز ٿئي تہ نفس انساني فضائل ڏانهن وڌي ٿو ۽ دنياوي مسئلن ڪان ڪجهہ دير لاءِ ٻري ٿي ٿو وڃي. هندوستان ۾ موسيقي 3000 سالن کان اڳ رائج آهي سام ويد، هندو مذهب جو مقدس ويد آهي ۽ انهي ڪتاب ذريعي راڳ ۽ ناچ هندن جي عبادت ۾ شامل آهي.

## هندوستان جي موسيقي:

هندو گرنٿڪار (ليکڪ) اُنهيءَ ڳالهہ سان مُتفق آهن تہ هندستاني موسيقيءَ ۾ ڪجهہ راڳ عجم، فارس، يونان ۽ عجمي سنگيت جا پڻ شامل آهن. مثال طور ايمن ڪلياڻ، يمني ۽ عجمي راڳ آهي، جنهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاھہ عبداللطيف ڀٽائي پنھنجي رسالي ۾ حقيقي نالي سان ڪونيو آھي. سُر ايمن ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ جو بگڙيل نالو آھي. ان ڪان سواءِ نوروز چڪايا، زنگولا جنھن کي سنڌ ۾ جھنگلا جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو، حجاز جنھن کي ھيج جي نالي سان بہ سڃاتو وڃي ٿو، سر پردا غارا ۽ سازگيري وغيره آھن. ھي راڳ ڪسريٰ جي دؤر حڪومت ۾ متعارف ٿيا ھُئا. ھندوستان جي ڪجھہ حصي تي ڪسريٰ جي بادشاھي ھُئي. ھيءَ تاريخ، ”معرفت النغمات سنگيت“ مان ملي.

## سلاطين اسلام ۽ موسيقي ھند:

غزني ۽ غوري سلاطين جي زماني ۾ ھندوستاني علم فنون ماڻھن تي گھڻو وارد ٿيو ۽ الجلا ھِن جي جُنبيت رھي. سنہ 1294ع ۾ جڏھن علاؤالدين خلجي ڊاڪا تي فوج ڪشي ڪئي ۽ جڏھن سنہ 1310ع ۾ ملڪ ڪافور ڏکڻ ھند فتح ڪيو تہ ان زماني ۾ موسيقيءَ جو علم اعليٰ پئماني تي رائج ھو ۽ پوءِ اُتان جا موسيقي جا عالم اتر ھند ۾ آباد ڪيا ويا.

سلاطين تغلق جي دؤر ۾ حضرت امير خسرو جھڙي مشھور ۽ باڪمال شاعر جو ڌيان ھندستان جي موسيقيءَ تي پيو. خداداد صلاحيت ۽ ذھانت جي ڪري ھِن موسيقي تي پنھنجي ولائيت جو اھڙو رنگ چڙھيو جو ھن دؤر جو نائڪ، گندرپ ۽ گائڪ نائڪ گوپال جيڪو ھندوستان جو وڏي گائڪ جي حيثيت ۾ سڃاتو ويندو ھو، دربار ۾ پڻ ملازم ھو. تنھن کي حضرت امير خُسرو پنھنجي فني صلاحيتن وسيلي شاگرد بنايو ۽ ڪيترين ئي موسيقي جون صنفون متعارف ڪرايون ۽ پڻ ڪيترائي ساز متعارف ڪرايا. حضرت امير خسرو جيڪي موسيقي جون نيون صنفون ڏنيون تن ۾ ترانو، تروٽ، چٽہ ترنگ، نمري، نقش گل، قوالي، غزل ۽ پڻ نوان راڳ شامل آھن. گڏوگڏ سازن کي بہ متعارف ڪريائون تن ۾ سئہ تار، سِتار، دلرُبا، طبلو وغيره شامل آھن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حضرت امير خسرو رح:

پاڻ فارس عجم ۾ يونان جو هڪ وڏو تاجر ۽ امير ترين شاهوڪار هو، جنهن جا 99 مال بردار ٻيڙا مشهور هوندا هئا. حضرت امير خسرو جن جا مُرشد حضرت نظام الدين اولياءَ اسلام جي تبليغ جي لاءِ هندستان آيا. پر اُتي بت پرستي عروج تي هئي ۽ ماڻهو نشن ۾ قاتل هُئا . مندرن ۾ اشلوڪ پڙهيا ويندا هئا. تنهنڪري حضرت نظام الدين اوليا جي تبليغ ٻڌڻ لاءِ ڪوبہ تيار ڪونہ هو. مئہ ڪده پريل هوندا هئا . حضرت امير خسرو پنهنجن مال بردار ٻيڙن سان گڏ سمنڊ جي سفر ۾ پنهنجي مُرشد لاءِ نعلين (جُتي) سچن موتين ۽ سوني تندن سان مڙهائي رهيو هو ۽ هن جُتي (نعلين) ۾ جهڙو عشق سمايل هو. سمنڊ جي سفر ۾ ئي پنهنجي پير و مرشد جونياپو مليو تہ جلد دهلي پهچ ۽ انهي ريت جلدي سفر طئہ ڪري ۽ نعلين مبارڪ پنهنجي مٿي تي رکي. پنهنجي مُرشد جي حاضري ۾ پهتو.

## حضرت امير خسرو جو موسيقي ۾ اچڻ جو واقعو

خضرت امير خسرو پنهنجي مُرشد جي دربار ۾ پُهتو ۽ مرشد جي حضور ۾ عشق سان رتيل نعلين (جُتي) پيش ڪيائين. ٻنهي مُرشد ۽ مريد جي وچ ۾ نعلين پئي هئي تہ ايتري ۾ هڪ فقير اچي صدا هنئي تہ اَي نظام الدين اولياءَ، صدقي پنجتن پاڪ جي هي جُتي مون کي ڏي. مُرشد مُريد ڏانهن ڏٺو ۽ حڪم فرمايائون تہ خسرو هي جُتي هِن فقير کي ڏئي ڇڏ، مُريد جي اکين ۾ لڙڪ جاري هُئا ۽ انهن لڙڪن سان گڏ حڪم مڃندي جتي فقير کي کڻي ڏنائين. فقير ويو هليو. مُرشد مريد کان روئڻ جو ڪارڻ پڇيو تہ مُريد روئندي چيو تہ سرڪار هن (نعلين) جُتي سان منهنجو عشق هو، هِن جُتي جي بدران منهنجي سِسي لاهي ڏئي ڇڏيو ها تہ بهتر هو. پاڻ فرمايائون تہ نيڪ آهي روءُ نہ. هُن فقير جي پويان وڃ ۽ تون بہ هُن کي مِنٿون ڪر ۽ واسطا ڏئي جُتي واپس وٺي اچ. پر زوري زبردستي نہ ڪجان. امير خسرو رح هُن فقير جي پويان

ويڪرا ۽ مٿان گول ٿهيل هوندا هئا. جن جي چوڀاسي ڪان ڏاڪٽيون لڳائي مٿي چڙهي ۽ ڪاٺ ۽ لوهہ جي ٿهيل ڏنئوڪن سان وڄائيندا هُئا. طبل جي وڄڻ سان پري پري تائين آواز ويندو هو ۽ ميلن تي خبر پوندي هُئي تہ جنگ جو اعلان ٿي ويو آهي. هِن جي وڄائڻ وارن کي طبلچي چيو ويندو هو.

حضرت امير خسرو، اَصل ۾ هڪ ساز مرڏنگ جيڪو پکاوج وانگر ٺهيل هو، ان کي ڪَٽي ٻہ ٽڪر ڪري هڪڙي کي نئڊو ۽ هڪ کي وڏو ناهي. ٻنهي کي ٻڪر يا ٻُگئونْ جون کلون چاڙهي، اُنهي کل کي سنهيون پٽيون ڪري ، نئڊي (جنهن کي ٻُڙي يا ڇَٽو چئبو آهي) ۾ نئڊيون گول ڪاٺ جون ٽڪريون ناهي چوڀاسي لڳايائون ۽ مٿس لوهہ ڪٽي بلڪل اٽو ڪري ڪاري رنگ ۾ ملائي ان مٿان هنيائون. انهن مان وڏي يعني ٻائين يا ڏامَي کي بہ گول ڪري بغير ڪاٺين جي صرف چمڙي جا ڪشا ناهي مڙهي ۽ هِن نر مادي جو نالو بلبل داستان رکيائين هِن جي نڪرندڙ آوازن ۾ پکين ۽ جانورن جون ٻوليون سمايل آهن ۽ اڄڪلهہ هِن جي وڄائڻ واري کي طبلچي چئبو آهي ۽ هڪڙو ساز دلرُبا جي نالي سان پڻ متعارف ڪرايائون.

## امير خسرو پاران متعارف ڪرايل راڳ جون صنفون

امير خسرو پاران ٺاهيل راڳن جي صِنفن ۾ ترانو. ترِوٽ، چَئہ ترنگ، نقش گل، غزل، ٺُمري، قوالي اڄ بہ رائج آهن:

**ترانو:** هي صنف صرف فارسي ٻوليءَ ۾ ٺهيل بندش آهي، جنهن کي مختلف راڳن ۾ ٺاهيو ويو ۽ انهيءَ ۾ جيڪي لفظ استعمال ڪيا ويا، اُهي با معنيٰ ۽ با مقصد آهن. مثال طور تومر. تانومر. در دِر، دانِي، تاداني، درا تاداني، تانومر

**ترِوٽ:** هِن صنف ۾ فارسي رنگ ۽ طبلي جا ٻول گڏايا ويا آهن . انهن ٻنهيءَ جي ملائڻ کي ترِوٽ چئبو آهي.

**چئہ ترنگ:** معنيٰ چار رنگ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(1) فارسي ٻولي (2) مرڏنگ جا ٻول
(3) سرگم جا ٻول (4) ناڻي واري مِصرع

**نقش گل:** راڳن جون اهڙيون بندشون، جن ۾ گلن جا اِسم استعمال ڪيا ويا آهن، مثال طور قول لعل، چمپا چنبيلي، نرگس موتيا، ڪرنت وغيره.

**غزل:** حضرت امير خسرو هِن صنف ۾ حسن جي واکاڻ ڪري، غزل جي گائڪيءَ کي عورت جي روپ وانگر استعمال ڪيو آهي.

**ٺمري:** ٻہ ٽي لفظ حسن جي واکاڻ يا بهادريءَ جي قصي ۽ درد فراق ۽ وڇوڙي جہ وجهي 14 ماترن ۾ ڪنهن بہ راڳ ۾ ڳائي ۽ استعمال ڪرڻ کي، ٺمري جو نالو ڏنو ويو. خاص ڪري ٺمري کي، کماچ، ڀيروين، پيلو ۽ پهاڙيءَ ۾ استعمال ڪيو ويو آهي.

**قوالي:** هِن صنف جو اصل نالو تال آهي ۽ قوالي نيڪي جو نالو آهي. جنهن بہ راڳ ۾ هي صِنف ڳائي وڃي، پر ان کي چئجي قوالي ٿو. ظاهر ٿيو تہ هي نالو نيڪي جو آهي. امير خسرو هِن تال ۾ قول ناهي، ڳارايو. قول ڳائڻ واري کي قوال چئبو آهي.

# هندستان جي موسيقي ۽ بادشاهن جو موسيقي ۾ ڪردار

## گواليار ۾ موسيقي:

گواليار جو فرمانروا راجا مان تنوار سنگهہ جيڪو موسيقيءَ جو ٻڻ وڏو ماهر ٿي گذريو آهي، ان جي حڪومت سنہ1486ع کان 1516ع تائين رهي. انهيءَ دؤر ۾ موسيقيءَ جي هڪ قديم ۽ وڏي صِنف ڌُر پد وجود ۾ آئي ۽ انهيءَ بادشاهہ جي دؤر ۾ نائڪ بيجو اِنهيءَ صنف کي عروج تي پهچايو. اصل ۾ ڌُرَپد جو اصل نالو ڌُرو پد آهي ۽ اِهوئي نالو هڪ شخص جو آهي، جنهن هِن صنف کي وجود ۾ آندو جنهن جي لفظي معنيٰ آهي ڌرتيءَ جو چنڊ. هن صنف کي سمجهڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ نشانيون هيٺ ڏجن ٿيون. ان سان ڪٿي بہ ڪو راڳي هِن صنف ڪي آلاپيندو تہ پڙهندڙن کي اِها خبر پئجي ويندي تہ هي صحيح ڌرپد ڳائي رهيو آهي يا غلط طريقو قائم ڪيو اٿس.

**ڌرپد:** سر فهرست اِها نشاني آهي تہ هِن راڳ جي شروع يا آخر ۾ ڪنهن بہ قسم جو تان يا پلٽو نہ هئبو. جيڪڏهن ڪو راڳي هِن صنف ۾ اُٺندي ئي سرگم يا تان پلٽو هٽي ٿو تہ چئبو ڪيس آلاپڻ جي طريقي ڪار جي بلڪل خبر نہ اٿس. هِن صِنف جي سڃاڻپ جون نشانيون هيٺ لکجن ٿيون.

(1) آستائي (2) سنچاري (سنچائي) (3) ابوگ (4) انتره

جيڪو بہ راڳي ڌرپد کي ڳائڻ جي صلاحيت رکندو تہ ڪيس لازمي اهي چارئي لڙيون آلاپڻيون پونديون. انهيءَ ڌرپد جي لڙين مان، علم موسيقيءَ جي سيني صنفن جنم ورتو ۽ انهي صِنف مان شاعري جو بہ آغاز ٿيو آهي. موسيقيءَ جي اِنهيءَ ِصنف کي عروج تي پهچائيندڙ نائڪ بيجو هو. جيڪو ان زماني جو مشهور ۽ بي نظير ماهر علم موسيقي هو. علم موسيقيءَ جي خاص ڊگري نائڪ آهي، جنهن جو ذڪر اسين اڳ ۾ ڪري آيا آهيون. اُنهي ڊگريءَ جي نائڪ يعني نائڪ بيجو کي بيجو باوَرا جي نالي سان بہ سڃاتو ويندو آهي. سندس زندگيءَ جي آخري عمر جو حصو سلطان بهادر واليءِ گجرات زمانہءِ حڪومت 1516ع کان 1526ع تائين رهيو. راجا مان تنوار سنگهہ 1516ع ۾ گذاري ويو انهيءَ ريت نائڪ بيجو سلطان بهادر وٽ رهيو ۽ اِنهي دور ۾ نائڪ بيجو هڪ نئين توڙي راڳ راجا سلطان بهادر جي نالي سان ناهيائين جنهن جو نالو رکيائين بهادري توڙي جيڪا اڄ بہ ڳائي ويندي آهي.

## سلطان حسين شرقي جونپوري

پندرهين عيسوي صديءَ ۾ سلاطين شرقيہ جو آخري بادشاہ علم موسيقيءَ جو اُستاد ۽ علم موسيقيءَ جي صِنف خيال جو تخليق ڪار ۽ موجِد نعمت خان سدا رنگ هو، جنهن جو تخلص رنگيلو هو. محمد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ جي عهد ۾ نعمت خان سدا رنگ جيڪو صنف کي درجہءِ ڪمال تي پهچائي ڇڏيو.

**خيال:** هن صنف جي سجائپ اها آهي تہ هن ۾ تي ٽڪون ، (1) هڪ آستائي (2 ) بہ سنچائي تي (3 ) انتره آهن. گذوگذ هن راڳ جي سرگم ۾ تانون، پلٽا، زم زما، بَل، لپڪ جهپڪ ۽ بولُ جهڙن جو طريقيڪار ۽ راڳن ۾ وادي - سَم وادي سرن ۽ چَالن کي استعمال ڪيو آهي. هن صنف کي شرقي جونپوري جي بادشاه، محمد شاه رنگيلي ۽ نعمت خان سدا رنگ عروج تي پهچايو ۽ انهي زماني ۾ بادشاه محمد شاه رنگيلي، خود پڻ ڪيترائي نوان راڳ ايجاد ڪيا، جنهن مان خاص ڪري، پنهنجي نالي سان راڳ ٺاهيا، جيڪي اڄ بہ ڳايا وڃن ٿا.

(1) جونپوري (2) حسيني ڪانره (3) حسيني توڙي. انهن راڳن جي آلاپڻ ۽ مشهور ٿيڻ ڪان پوءِ ايندڙ هر بادشاه علم موسيقيءَ جي اُستادن جي همت افزائي ڪئي ۽ پنهنجي درٻارن ۾ علم موسيقيءَ جي ماهرن کي پنهنجو رَتن قرار ڏئي درٻارن کي علم موسيقيءَ جي سُرن وسيلي روشنيون بخشندا رهيا.

## سلاطين مغليہ

سلاطين مغليہ جي بادشاهن خاص ڪري بابر ۽ همايون، جن کي ويڙهين ۽ جهڳڙن مان ئي فرصت ڪونہ ملي سگهي پر پوءِ بہ ڪونہ ڪو راڳي سندن محل ۾ ضرور هوندو هو.

مغليہ دور علم موسيقيءَ جو يادگار ۽ بي نظير باب آهي، جنهن جو ڪوبہ مثال نہ ملي سگهندو.

## اڪبر بادشاهہ

اڪبر بادشاهہ جو جنم سنڌ ڌرتيءَ جي ٿر واري علائقي عمر ڪوٽ جي ڀرپاسي ٿيو. جڏهن اڪبر بادشاهہ تخت هند سنڀاليو ۽ دربار جون رونقون آس پاس جي ملڪن ۾ مشهور ٿيون تہ اُن وقت اڪبر بادشاه وٽ هَر فن جا ماهر فاضل عامل پنهنجي پنهنجي علم جا

مَوَجد درٻار ۾ رتن جي نالي سان سڃاتا ويندا هُئا.

اڪبر بادشاه جي عهد ۾ وديا وتي جي وڏو قدر هوندو هو. اڪبر بادشاهہ سان گڏ باز بهادر حاڪم مالوا بہ علم موسيقيءَ جو وڏو ماهر ۽ عامل هو ۽ گائڪي ڪي هُن اهڙي تخليق ڏئي سينگاريو، جو سندس موسيقيءَ جي انداز ڪي بازخاني تخليق جو نانءُ مليو. اِنهي دؤر ۾ شيوسنگهہ (جيڪو راجا ترهٽ جي درٻار ۾ ملازم هو) ۽ راڻا اُڏئي پور جي زال ميران ٻائي عِلم موسيقي ۽ هِندي شاعريءَ ۾ ڪمال رکندي هُئي ۽ هُن انهي دؤر ۾ هڪ راڳ ملهار پڻ ايجاد ڪيو. جنهن ڪي اڄ بہ ميران ٻائي ملهار جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي.

## تان سين:

تان سين، اڪبر بادشاه جو خاص گويو هو، جنهن لاءِ علامہ ابو الفضل پنهنجي ڪتاب "آئين اڪبريءَ" ۾ لکي ٿو تہ تان سين جهڙو گويو هزار سالن ۾ بہ پيدا ڪونہ ٿيو. خود اڪبر بادشاهہ ڪي راڳ سان تمام گهڻي دلچسپي هئي ۽ ڪيترن راڳن جا نالا هُن پاڻ بدلائي رکيا. تان سين جي قبضي جو راڳ ڪانره جنهنجو سنسڪرت ۾ نالو ڪرناٽڪي هو. اڪبر بادشاه جي عهد ۾ اِهو راڳ اڪبر بادشاه کي تمام گهڻو پسند هو ۽ هُن جي درٻار جي جهڙوڪر سونهن هو ۽ درٻار ۾ جڏهن بہ آلاپيو ويو تہ پوري درٻار سُرن جي آلاپن سان مهڪي پوندي هئي. اڪبر بادشاه هِن راڳ کي نئون نالو "درٻاري" ڏنو ۽ اڄ بہ اِنهيءَ نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح ڪرائي راڳ جو نالو رکيائون سگهرائي ۽ سُهانا جو نالو رکيائين شهانا ۽ اهڙي طرح هِن عهد ۾ ڪيترائي نوان راڳ وجود ۾ آيا. خاص ڪري ميان جي توڙي، ميان جو سارنگ وغيره. انهيءَ دؤر ۾ ملهار جا بہ نوان قسم ٺهڻ لڳا، جن ۾ ميان تان سين جي ملهار، رام داس جي ملهار، نائڪ برجو جي ملهار، ميران ٻائي جي ملهار وغيره. آئين اڪبريءَ ۾ اِنهن نالي وارن گوَين جي فهرست ڏني وئي آهي، جنهن سان درٻار جا شاهي نواب فيضياب ٿيندا هئا.

تان سين پاڻ برهمڻ هو. سندس پيءُ جو نالو مڪرند پانڊي هو، بعد ۾ هي گؤيو مسلمان ٿيو. تان سين، اصل ۾ تخلص اٿس، يعني پهاڙن تان ڪرندڙ آبشار. اهو خطاب ڪيس دربار ۾ مليو تہ تان سين جي تان اِئين آهي جيئن پهاڙن جي وچان گجگوڙ ڪري ڪرندڙ آبشار. تان سَين علم موسيقيءَ جي سکيا هري داس کان حاصل ڪئي.

## جهانگير

جهانگير جي عهدِ سلطنت ۾ جهانگير داد چتر خان، پرويز داد، خرم داد ۽ همزا خان وڏا موسيقيءَ جا ماهر ٿي گذريا آهن. اِنهي بادشاهہ جي دؤر ۾ تُلسي داس جو پڻ انتقال ٿيو. جيڪو بي مثل هندي ڪويتا رامائڻ جو مُصنف پڻ آهي. علمِ موسيقيءَ جي هي تاريخ امرت ڌارا جي سنگيت مان ورتي وئي آهي.

## شاه جهان

شاهہ جهان جي عهد سلطنت ۾ جهانگير داد خان، جگ ناٿ خان، لعل خان (جنهن جو لقب گُن سمندر خان هو) بلاس خان (جيڪو تان سين خان جي پسر جو نياٽو جنهن جو ناهيل راڳ اڄ بہ بلاس خان جي نالي بلاس خاني توڙي سان مشهور آهي) شامل آهن.

## اورنگزيب

هِن بادشاهہ پنهنجي عهد سلطنت مان موسيقيءَ جي ڄاڻن کي ڏڪِي ٻاهر ڪڍيو ۽ اُنهن جا وظيفا ۽ زندگيءَ جون ٻيون سڀ سهولتون جيڪي مليل هيون سي ختم ڪري ڇڏيائين. هڪ روايت آهي تہ اُنهي زماني ۾ جڏهن علم موسيقيءَ جي اُستادن کي ڌِڪي ٻاهر ڪڍيو پئي ويو تہ اُنهن هڪ گاڏي تي سازن جو جنازو ڪڍيو ۽ اُنهي وقت سيني ڳائڻ وڄائڻ وارن گڏ تي محل جي اڳيان احتجاج ڪيو ۽ هاءِ گهوڙي ڪري چوندا رهيا تہ اڄ راڳ مري ويو آهي ۽ اسان اڄ سازن کي بادشاه جي اڳيان دفن ڪنداسين. جڏهن شاهي محل جي اڳيان بادشاه گوڙ ٻڌو تہ پاڻ دريءَ تي اچي بيهو ۽ پڇيائين تہ [illegible] گوڙ آهي تہ جواب ۾

راڳين ڇيو تہ اڄ اسان اِنهن سازن کي دفنائڻ ٿا وڃون. بادشاه مٿان ڪلنديءَ ڇيو تہ چڱي طرح پورجو جو واپس نڪري نہ اچن. جڏهن اها خبر ڪن رياستن جي بادشاهن ۽ شهزادن کي پئي تہ هِن بادشاه جي دؤر حڪومت ۾ علمِ موسيقيءَ جا اُستاد پريشان آهن تہ ڪن بادشاهن کي گؤيا پاڻ وٽ رکي ڇڏيا. اورنگ زيب جي دؤر کان پوءِ طوائف الملوڪيءَ جو سلسلو شروع ٿيو.

## تان ٽپو

محمد شاه رنگيلي جي دؤر ۾ ٽپو تان ايجاد ٿيو. محمد شاهہ رنگيلي جي عهد تائين علم موسيقيءَ جون صنفون هَوري ڌُرپد، سادرا عروج تي پهتل هُيون. پوءِ وري نعمت خان سدا رنگ ۽ سلطان حسين شرقي جي ايجاد ڪيل صنف ۾ خيال کي ايڏي ترقي ملي ، جو هُن جي مقابلي ۾ هورِي سادرا ڌرپَد جو رنگ ڦِڪو پئجي ويو ۽ جڏهن سلطنت مغليہ نوابن جي حصي ۾ آئي تہ هُن وقت اُڏي پور جي نواب آصف الدولا جي دربار ۾ مشهورگويا بازياب ٿيا ۽ اِنهيءَ زماني ۾ شوريءَ نامي گويو، جنهن پنهنجي هڪ نئين تخليق ٽپو ايجاد ڪيو. هي انداز پنجاب ۾ اڳي کان هو پر اِنهيءَ کي اِهو مقام حاصل ٿي نہ سگهيو جو ڪنهن راڳن جي اندر ڪنهن صِنف جي شڪل اختيار ڪري سگهي.

## سنڌي راڳين جو ٽپي تان جو ڪلامن ۾ پنهنجو انداز

شوريءَ اِنهي صِنف کي صِنف جي شڪل ۾ نَاهي پيش ڪيو ۽ اهڙي طريقي سان پيش ڪيو جو هُن دؤر جي علم موسيقي جي ڏگرين جي مالڪن کي مجبور ٿي هُن کي صِنف جي شِڪل ڏيئي پئجي وئي ۽ اهڙي طرح هي صِنف پوري هندوستان ۾ مشهور ٿي آهي. صنف سجائڻ ۾ اِئين ايندي جو هِن جي هر لفظ جي پويان تان هجي ۽ لفظ تانن ۾ ورهايل هجن اِنهيءَ صنف کي سِنڌي رنگ ۾ جن گؤين استعمال ۾ آندو. اُنهيءَ جا خاص تخليقار جن سنڌي ٻولي جي شاعري جي هر لفظ جي پويان وِڪر تانن جو استعمال ڪيو اُنهن ۾ سر فهرست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**خانصاحب اُستاد حاجي خير محمد خان** عُرف حاجي خيرو خان هو. جنهن هِن صنف کي سنڌي شاعريءَ جي روپ کي هُن دؤر ۾ سڀ کان گهڻو ڳايو ۽ اڄ بہ انهن جي ڳايل خيال وانگر ڪلامن ۾ اُهي زمہ زما ۽ لڳاتار لفظن کي تانن جا روپ ڏنائين.

### الله ڏنو خان نوناري

هِن گائڪ پڻ اِهو ساڳيو ئي رنگ ٿيي وارو استعمال ڪيو.

### منو خان ڪلهوڙو

هن راڳي لفظن کي نوٽيشن جي شڪل ڏئي ٿيي واري رنگ کي تانن جي بدران لفظن جو روپ ڏنو. مثال طور ”طوطل دلڙي“ جيڪو ان وقت گهڻو مشهور ٿيو هو.

اُنهي زماني ۾ سنڌي شاعريءَ کي ڪجهہ ڪلاسيڪل جي وڏن گائڪن، هڪ ٻن يا ٽن ڪلاسن تائين ڳايو، جن ۾ خاص ڪري خانصاحب اُستاد ٻيبو خان، خان صاحب اُستاد عاشق علي خان، خان صاحب اُستاد بڙي غلام علي خان، خان صاحب اُستاد اُميد علي خان، خان صاحب اُستاد عطا محمد خان (ٻوڏر) ۽ ٻيا شامل آهن. اِنهيءَ دؤر کان پوءِ هڪ ٻيو تخليق ڪار جنهن شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سائين ۽ ٻين عشاقن کي تمام گهڻو ڳائي پنهنجو پاڻ مڃرايو تن ۾ سر فهرست اُستاد خان صاحب منظور علي خان، اُستاد محمد جمن خان، اُستاد فدا حسين، اُستاد خان صاحب رمضان علي خان، اُستاد علم الدين خان (مير منگ) اُستاد دين محمد خان، اُستاد شادي فقير مرحوم ۽ ٻيا جن ٿيي گائيڪي کي پنهنجي موسيقيءَ جي پلٽن ۾ استعمال ڪيو.

هڪ ڪتاب اصول النغمات فارسي زبان ۾ لکيو ويو هو. اِهو ڪتاب عمده ۽ علم موسيقي جو علمي ڪتاب هو. پر بدقسمتي سان هاڻ اِهو ڪتاب نٿو ملي. اصل ۾ علم موسيقي مسلمانن جي دؤر حڪومتن ۾ عروج تي پهتي. هندو مت جي سام ويد ۾ عِلم موسيقي جي سنگيت ۽ ڪِرت کي هُو پنهنجي مذهب مطابق عبادت جو درجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏين ٿا.

هري داس سوامي سڄي زندگي پنهنجي ڳائڻ کي عام ماڻهن جي اڳيان پيش نہ ڪيائين ۽ پنهنجي سڄي زندگي جهنگ ۽ ٻيلن ۾ راڳ جي تپسيا ۾ گذاري ۽ ڳڙوگڙ هِن تپسيا جي ڪرٽي ڪري راڳ ۽ راڳڻيون سرسوتي جي شڪل ۾ سامهون اچي بيهي رهندي هئي اُنهي جي مقابلي ۾ مسلمان ڳوَئين هِن ڪم کي بطور پيشي جي اختيار ڪيو.

باب نائون

# هلندڙ دور ۾ موسيقيءَ جون صنفون

**آلاپ:**

هي صنف علم موسيقيءَ جي پهرين صنف آهي، جنهن جو ذڪر اسان اڳ ۾ ڪري آيا آهيون. هي صنف اُنهيءَ دؤر جي آهي، جڏهن نہ دنيا نهي هئي نہ زمين جو وجود هو نہ آسمان هو. نہ چنڊ سج هئا، ڪجهہ ڪونہ هو . صرف الله رب العظيم هو ۽ هُن جا ملائڪ هئا. تڏهن هڪ لفظ ڪُن آلاپ ۾ چيو ويو ۽ دنيا جي تخليق ٿي پئي ۽ پئي دفعي هِن صِنف جو تخليق ڪار حضرت آدم عليہ السلام ٿيو، جنهن بيبي حوا جي وڇوڙي ۾ هِن صنف وسيلي بغير ٻولي ۽ زبان جي هن سنسان دنيا ۾ آلاپيو. جتي ٻي ڪابہ مخلوق زمين تي موجود ڪونہ هئي ۽ انهي تنهائي ۾ جيڪي اندر لڪل گونگي شڪل ۾ صرف آلاپ ئي هُئي، جنهن هن سنسان دنيا ۾ خاموش سمندر ۽ گم سُم پهاڙن ۽ بنجر زمين تي ڏاڏي حوا ۽ ڏاڏي آدم عليہ السلام کي پاڻ ۾ ملايو.

**ڌرُ پد**

هن جي ڳائڻ جو طريقو سادو ۽ صرف مرداڻو آهي. هِن صنف جي دؤر ۾ عورتون ڪونہ ڳائينديون هيون، هي صنف هندو مذهب جي اوتارن جي ناهيل صنف آهي ۽ هِن صنف ۾ صرف سنسڪرت جي ٻولي ڳائي ويندي هُئي ۽ پوءِ هن صِنف کي مسلمان بادشاهن جي دؤر ۾ وڌيڪ خوبصورت ڪري ڳايو ويو. نائڪ بيجو بانورا کان پوءِ خان صاحب حدو حسو خان اِنهيءَ صنف جا باني رهيا. هِن صنف ۾ صرف ماترائن کي هيٺ کان هيٺ ڪٽي وڃڻ. مثال طور 16 ماترائن کي هيٺ وٺي هوا جي چار ۾ نظر نہ اچڻ واري زمين کي 4x 16 = 64 ماترن جو چار ناهي ۽ ان کي بغير تانن پلٽن ۽ نوٽيشن جي ڳائڻو آهي ۽ هِن

صنف ۾ حقيقي واقعا ۽ تاريخي واقعات ، بهادريءَ جا قصا يا توحيدي قصا ڳايا وڃن ٿا. اهڙي گائڪي کي ڌرُپد چئبو آهي.

## سادرا

هي علم موسيقيءَ جي صِنف ڌرپد مان نڪتل آهي. جيئن اڳ ۾ لکيو ويو آهي تہ ڌرُپد ۾ چار ٽُڪون آهن. اُنهن چئن ٽُڪن مان 3 ٽڪون استعمال ۾ ايندڙيون پر هِن لئي تال ۾ صرف 10 ماترا مخصوص ڪيا ويا آهن. مثال طور جهپتال - هي بِلمپت لئي يعني هيٺين لئي ۽ دُرت لئي يعني تيز لئي ۾ بہ ڳايو ويندو آهي ۽ هن ۾ گهڻو توحيدي رنگ ڳايو ويو آهي.

## هوري

هيءَ صنف بہ ڌرُپَد وانگر ئي آهي ۽ اُن مان ئي ورتي وئي آهي. هن جو مخصوص تال ڌمال آهي. ڪرشن جا واقعا ۽ بُرج جا سيس هن صِنف ۾ بيان ڪيا ويندا آهن. هي صنف هندستان ۾ اڄ بہ رائج آهي ۽ هندن جي ميلن ۽ مندرن ۾ اڄ بہ هي ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

## خيال

علم موسيقيءَ جي سڀ کان خوبصورت صِنف. جنهن کي گذريل صنفن ۾ سڀ کان وڌيڪ پسند ڪيو ويو. موسيقيءَ سان لڳاءُ رکندڙ روءِ زمين تي ڪنهن بہ ٻولي يا ڪنهن بہ مذهب سان تعلق رکندڙ کي هي صِنف ضرور سڪٽي ٻوندي. هِن جي گائڪيءَ جوتمام خوبصورت طريقڪار آهي. هي صِنف بہ **سادره** مان ئي ورتي وئي ۽ هِن ۾ سادرا صنف جون ٽئي صنفون استعمال ٿينديون پر فرق صرف اهو آهي تہ سادرا ۾ صرف تال جهپتال لڳائبو آهي ۽ خيال صِنف ۾ اها بندش ناهي. خيال ڪنهن بہ تال ۾ ڳائي سگهجي ٿو. خيال جي صِنف جي شاعري جو مضمون خاص ڪري عاشقانہ مزاج تي ٻڌل هوندو آهي ۽ هِن ۾ سادرا جون ٽي ئي ٽُڪون (ٽڙيون) استعمال ۾ اچن ٿيون.

(1) آستائي (2) سنچائي (3) انترو .

هن ۾ ٽپو بہ ڳڌائبو آهي. جيئن اڳ ۾ لکي آيا آهيون تہ ٽپي جو تخليق ڪار شوري نالي هڪ شخص هو ۽ قديمي رواج مطابق مشرقي پنجاب جا ڪُنبر ۽ خچر هلائڻ وارا هير جو قصو ڳائيندا هُئا ۽ پنجاب جو هي لوڪ رنگ ۾ شامل هو. اڄ بہ هير رانجهو ٽپي واري انداز ۾ ڳائبو آهي.

## ترانو

هي صِنف ۽ طِرز حضرت امير خسرو جي اِختراع آهي ۽ هي انداز، عجم، فارس ۽ يونان مان ورتو ويو. هِن ۾ ٻولي بہ خاص ڪري فارسي استعمال ڪئي وئي آهي. توم، تانوم، در در وغيره ۽ اِنهيءَ صِنف وسيلي هندستان ۾ اِسلام جي تبليغ پڻ ڪئي وئي.

## تروَٽ

مرڏنگ ۽ پکاوج جا ٻول مثال طور دينگ دينگ، ناڙ ناڙ ، ڏاڪِٽ ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ تراني جا ٻول وجهي ٻنهي رنگن کي گڏ ڪري نئين تخليق تِروٽ جو وجود عِلم موسيقي ۾ آيو.

## چتر رنگ

چئہ ترنگ جو مطلب آهي چار رنگ، جيئن تِروٽ ۾ بہ رنگ آيا. تيئن چئہ ترنگ ۾ چار رنگ ڳاهي گڏايا ويا جيڪي هن ريت آهن:

(1) مرڏنگ پکاوج جا ٻول
(2) فارسي ٻوليءَ جو رنگ
(3) سرگم جا ٻول
(4) نالي وارِي مصرا (مقطع)

چئہ ترنگ جو هيٺيون طريقيڪار آهي:

(1) دينگ ناڙ ڏاڪِٽ
(2) توم تانوم در در تادي
(3) ساڳا ماڳا ماڏاني ڏا سا
(4) چئترنگ ڳاوت رام داس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سرگم

سرگم جا سُر علم موسيقيءَ جي الفابيت جي حيثيت رکن ٿا. هِن جا شُدّ سُر ست آهن. الله رب العظيم جي خلقيل روءِ زمين تي انهن ئي ستن سُرن جو جادو سمايل آهي. صرف زبانن ۽ ٻولين جو فرق آهي.

انگريز هن کي پنهنجي طريقي سان استعمال ڪن ٿا ۽ پوري دنيا جون ٻيون قومون انهن ست سرن کي ڪنهن نہ ڪنهن نشانيءَ سان سڃاڻپ رکي استعمال ۾ آڻين ٿيون. هنن ستن سُرن ۾ مختلف جانورن، پکين ۽ جيتن جا آواز رکيا ويا آهن ۽ هن کي ڪنهن بہ تال ۾ يا ڪنهن نمري يا ڪافي ڪلام ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

## قوالي:

هن صِنف ۽ شاعري جو تخليق ڪار بہ حضرت امير خسرو آهي. اُنهي زماني ۾ هي صنف بہ تمام گهڻي مشهور ٿي ۽ هِن صنف وسيلي هزارين ماڻهن اِسلام قبوليو ۽ هن قول پڙهڻ لاءِ حضرت امير خسرو جن هڪ تال "قوالي تال" پڻ ٺاهيو جنهن جي وڄت ٿيڻ سان محسوس ٿيندو تہ قوالي هلي رهي آهي، چاهي اها ڪنهن بہ راڳ ۾ ڇو نہ ڳائي پئي وڃي تہ ظاهر ٿيو تہ قوالي تال جو نالو آهي ۽ قوال ان کي چئبو، جيڪو قول پڙهي.

## نقش و گل

هي صنف گلن جي خوشبوءِ جهڙي علم موسيقيءَ جي صِنف آهي ۽ هن صنف جي بہ تخليق حضرت امير خسرو جي آهي. هِن صنف ۾ گلن جا نالا ۽ اُنهن کي شاعري جي شڪل ڏئي اُنهن جي موضوع جا راڳ استعمال ۾ آندا ويا. مثال طور:

هندول ڪِي بهار. ميگهہ ملهار. ساونت مُکياري. بسنت بهار. هَمت ڪي بهار. بهار. اڙانہ ڪي بهار. شهانا وغيره- هي صنف اِنتظار جي ڪيفيت، سانوڻ رُت ۽ اڪيلائيءَ ۾ سٺي لڳندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِنهيءَ کان علاوه سنڌ ڌرتيءَ جي ڪيترن علائقن مان پڻ ڌرُپد ۽ سادرا جهڙين شڪلين جا لوڪ گيت ڪلاسيڪل وجود ۾ اچڻ کان اڳ بہ موجود هُئا ۽ قديمي سنگيت ڪافي ٺاٺ ۽ بلاول ٺاٺ آهن. جنهن ڪي دنيا جي سڀني علم موسيقي جي ڪتابن مڃيو آهي. تنهنڪري ديسي راڳن جي ڄمار ڪلاسيڪل کان بہ الڳ جي آهي. لوڪ گيتن جي تاريخ موهن جي دڙي کان اڳ جي ٿي سگهي ٿي. موهن جي دڙي جو سِڪو بہ لوڪ ساز ڍُهل جهڙو آهي ۽ اِهو سِڪو ظاهر ڪري ٿو تہ لوڪ موسيقي جو موهن جي دڙي شهر ۾ بہ عروج رهيو هوندو.

## راڳن جي سرگم جا قسم

(1) سَمر پُورن

(2) کاڊو

(3) اوڊو

**(1) سَمر پُورن:**- پورن سٽن سُرن وارو سرگم

**(2) کاڊو:**- ڇهہ سُرن وارو سرگم جو راڳ

**(3) اوڊو:**- پنج سُرن وارو سرگم جو راڳ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڏهون

# سر جا روپ

دنيا ۾ ڪا بہ اهڙي قوم نہ هوندي، جنهن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن قسم ۽ پنهنجي طريقي ڪلاسيڪل راڳ رائج نہ هجي، پر جيڪي ملڪ قديم دؤر کان علم موسيقيءَ کي اختيار ڪيو بيٺا اهن، تن وٽ هي علم، مهان علم جي حيثيت رکي ٿو۔ هن علم کي سنسڪرت ٻوليءَ ۾ "ناد" ۽ موسيقيءَ جي نظام کي "سنگيت" چئبو آهي.

علم موسيقيءَ جي وڏن نائڪن ، گنين ۽ پنڊتن يعني عالمن سنگيت جا ٽي قسم بيان ڪيا آهن:

**(1) گرنٿ سنگيت:** هندن جي اوتارن جو لکيل سنگيت

**(3) لڪش سنگيت:** گذريل راڳن وارو سنگيت

**(3) ڀاوي سنگيت:** ايندڙ وقت جي موسيقيءَ جي نظام وارو سنگيت

### ٻارهن سُرن جو نقشو

| | | | |
|---|---|---|---|
| اچل | | | |
| اچل | | گا | گا تيور |
| سا | ري تيور | ڪومل | |
| ري ڪومل | | | |
| ما ڪومل | ما تيور | اچل | |
| ڌا ڪومل | | پا | ني تيور |
| اَچل | ڌا تيور | ني ڪومل | |
| سا | | | |

سنگيت جو مطلب آهي سر ۽ گيت يعني گذريل سن جو گيت يا ماضي جو سنگيت. جيڪو اسانجي دؤر کان گهڻو اڳ ۾ هو ۽ پراڻن گرنٿن مان ورتو ويو هجي يا پوءِ هن دؤر جو سنگيت جيڪو اڄڪلهہ رواجن موجب هجي. هن ڪتاب "سر. شاهہ. سمنڊ" ۾ جتي جتي ڪا

ضرورت محسوس ٿيندي تہ علمِ موسيقي جي گرنٿن جو ڪٿي سهارو ونبو. ظاهر آهي تہ جيئن جيئن دؤر بدلبو تيئن تيئن نظامِ موسيقي بدلبو ۽ وقت کي پورو ڪرڻ لاءِ وري ڪو نئون نظامِ موسيقي رائج ٿيندو.

**آواز:** علم موسيقي آواز جو محتاج آهي ۽ هن جو موضوع بہ آواز آهي. هاڻ اچون ٿا هن پاسي تہ آواز ڇا آهي ۽ ڪيئن پيدا ٿئي ٿو. هي مسئلو علم سائنس جو آهي يا حڪمت نبوي ۾ بہ ملندو. نظام موسيقي ۾ ڪجهہ آواز سنها تہ ڪجهہ آواز ٿلها هوندا آهن، تہ ڪجهہ تيز.

**تيز آواز:** تموج جي قوت ۽ زور لڳائڻ سان هڪ لرزش پيدا ٿئي ٿي ۽ اُنهي لرزش مان تيز آواز نڪري ٿو.

علم سائنس جي حساب سان مرد جي آواز جي مقدار هيٺ ڪان هيٺ ڪرج ۾ اُن جا تموجات 190 (هڪ سؤ نوي) سيڪنڊ ۽ مٿي ڪان مٿي آواز جو مقدار 687 سيڪنڊ آهي.

عورت جي گلي جو مقدار هيٺ ڪان هيٺ 572 في سيڪنڊ آهي ۽ گهٽي ڪان گهٽو مقدار 1600 في سيڪنڊ آهي. هر آواز ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين ضرور بلند ٿئي ٿو.

## 21 سُرتين جو نقشو

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| (1) | (2) | (3) | (4) | (5) |
| تيبرا | ڪهو دَوتي | مَندا | ڇَندوَتي | وِديا وَتي |
| (6) | (7) | (8) | (9) | (10) |
| رَنجني | رَڪتيڪا | رَودري | ڪِروڌي | |
| (11) | (12) | (13) | (14) | (15) |
| پَرسارنڙي | پريتي | مَارجني | شيريتي | رُتڪا |
| (16) | (17) | (18) | (19) | (20) |
| آلاپني | مدنتي | روهني | رَميا | اُگرا |
| | | (21) | | |
| | | شَروپني | | |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن الف کي اسين سُر فرض ڪيون ۽ ب کي اسين سُر مجون تہ سر الف جون مٿيون سُر مجون جيڪو الف کان بااعتبار بلندي تي هجي تہ ب وارو سُر الف جون مٿيون (ٻيڻ) سُر ٿيو. هاڻ الف جو مٿي وارو سُر (ب) هِنن ٻنهي سُرن جي وچ ۾ جيڪي سُر ٿيندا اُهي ڪل 13 ٿيندا.

الف سا ۽ ب معنيٰ مٿين سا. هاڻ هڪڙو نقشو ناهي ڏيکارجي ٿو. سا ۽ ب يعني سا جي مٿين سا. هاڻ هِن نقشي کي غور سان ڏسبو تہ هن ۾ ظاهري طرح سان 13 سر نظر ايندا پر هي ٿيندا ڪُل 12 سُر. ڇاڪاڻ جو سا شروع ۾ لڳو ۽ مٿي ختم بہ سا تي ٿيو. هي مڪمل هڪ سپتڪ ٿيو. هڪ سپتڪ ۾ ٻہ سُر اچل آهن- سا ۽ پا

اچُل 0 جي معنيٰ آهي اڪيلو ۽ پنهنجي جاءِ تان نہ هٽڻ. يعني قائم سُر ۽ هن جي نشاني 0 ٻڙي آهي تہ اهڙي ريت سان قائم سُر ٿيا سا پا باقي 5 سُر ڊبل يعني ٻيڻا يا جوڙي جي شڪل ۾ آهن.

(ري. ري). (گا. گا) (ما. ما) (ڌا. ڌا) (ني. ني)

هي سبق (Lesson) گائڪي سان گڏوگڏ هارمونيم جي سکيا ۾ بہ مددگار ثابت ٿيندو. هاڻ اجا اهڙيون 2 سپتڪون پڻ رهيل آهن انهيءَ طرح هر سپتڪ ۾ 12 سُر ناهٽا آهن. اِنهن 12 سرن جي وچ ۾ 21 سُرتيون موجود هونديون آهن جن جي خود گائڪن کي بہ خبر نہ پوندي آهي.

سُرتين جو مثال ائين آهي تہ سُر ۾ ڪو راڳي ڳائيندي ڳائيندي اوچتو ڪو بي سُرو سر لڳائي ڇڏي تہ اُهو بي سُرو سُر پاڻ هڪ سُر تي آهي. جيڪو راڳي کان بي خبري ۾ لڳي. هن وقت پوري روءِ زمين تي ڪوبہ اهڙو گائڪ نٿو سُجهي جيڪو سُرتين کي راڳن ۾ استعمال ڪري سگهي ۽ بخوبي هن کي الاپي جيڪو اڄ ڪلهہ جي دؤر ۾ سُرتين کي ڳائڻ جو دؤر ناهي پر سُرتين جي خبر چار ذهن ۾ هئڻ

باب يارهون

# آروهي ۽ امروهيءَ جا قسم

سڀ ڪان پهريائين اِهو سمجهڻ گهرجي تہ لڳايل آروهي ۽ امروهي ڪهڙي راڳ جي آهي ۽ ان ۾ تانون ڪيئن وڌائڻ گهرجن. ڪنهن بہ راڳ جي آروهي ۽ امروهيءَ ۾ ڪرج جي **سا** کان مٿي ٽِيپ جي **سا** تائين جنهن بہ طريقي سان وڃجي، ان ئي طريقي سان واپس لهڻ گهرجي.

راڳن جي آروهي امروهيءَ جا بہ قِسم آهن: (1) شُد (2) وِڪر: جيڪڏهن راڳ شُد هوندو تہ سرگم بہ شُد هوندو ۽ جيڪڏهن راڳ وِڪر هوندو تہ سرگم بہ وِڪر هوندو . شُد سرگم جو مثال هيٺين ريت آهي:

**پهريون قسم**

آروهي:- سا. ري. گا. ما. پا. ڌا. ني. سا

امروهي:- سا. ني. ڌا. پا. ما. گا. ري. سا - (هي شد آروهي امروهي آهي)

**ٻيو قِسم**

آروهي:- سا. گا. ما. ڌا سا

امروهي:- سا. ڌا. ما. گا. سا - (هي سرگم بہ شُد سرگم آهي)

آروهي:- ساري سا. گاري. ماگا. پاما. ني ڌا سا

امروهي:- سا ڌا ني پا. ڌاما. پاگا. ماري سا - (هي سرگم وِڪر روپ جي آهي)

اِئين بہ ضروري ناهي تہ آروهي امروهي ٻئي وڪر هجن. اِئين بہ آهي تہ آروهي وِڪر ۽ امروهي شُد هجي.

جيئن: آروهي :- ساري سا. گاري ما. پاما ڌا پا سا. (وِڪر)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امروهي:- ساني ڌا پا ما گاري سا. (شُڌ)

اِئين بہ ٿي سگهي ٿو تہ آروهي وِڪر هجي يا آروهي شُڌ هجي ۽ امروهي وِڪر هجي ۽ اهو بہ ضَروري ناهي تہ سُر وڪر هجن.

## شڌ آروهي امروهي

آروهي:- سا. ري. گا. ما. پا. ڌا. ني. سا

امروهي:- سا ني. ڌا. پا. ما. گا. ري. سا

اِهو بہ چڱي طرح ذهن ۾ رکڻو آهي تہ راڳ جي روپ جو جيڪو بہ قسم هوندو، سرگم پڻ اُنهي قسم جو هوندو. مثال طور: ايمن ڪلياڻ: هي شُڌ روپ جو راڳ آهي ۽ هِن جي آروهي امروهي بہ شُڌ آهي.

## گوند سارنگ:

هي راڳ وِڪر روپ جو راڳ آهي، تنهنڪري هِن راڳ جي آروهي امروهي شروع ڪان ئي وِڪر روپ جي هوندي. سورٺ وِڪر روپ جي راڳڻي آهي ۽ امروهيءَ ۾ شڌ روپ آهي. هِن جي خلاف ڪاموڏ آروهي ۾ شُڌ ۽ امروهي ۾ وِڪر آهي.

اهي سڀ سمجهاڻيون ذهن ۾ آڻڻ ڪان پوءِ تان جي آروهي ۽ امروهي سمجهائجي ٿي، ڇاڪاڻ جو تان جي آروهي امروهي راڳن جي آروهي امروهيءَ کان مختلف آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٻارهون

# تان جي آروهي ۽ امروهيءَ جا قسم

هاڻ اسين راڳن جي روپن جي آروهي امروهي کان پوءِ تان جي آروهي امروهي جي باري ۾ سگهنداسين. هن قاعدي جو راڳ جي آروهي امروهيءَ سان ڪو تعلق ناهي. تان جي آروهي امروهيءَ جا چار قسم آهن. عِلم موسيقيءَ جي گرنٿن ۽ سنگيتن ۾ هِن کي ورن جي نالي سان بہ سڃاڻندا آهن، جڏهن تہ هن جو بگڙيل نالو برن بہ آهي.

(1) آستائي برن (2) آروهي برن

(3) امروهي برن (4) سنچائي برن

اِهو بہ خيال رکڻو پوندو تہ هي چارئي برن ، ڌرپد واريون ٽُڪون ناهِن. هي صرف هڪجهڙي نالي جون چار ٽُڪون ناهن، بلڪ هي چار بَرن آهن ۽ انهن جي ڪردار کان سواءِ دنيا جي ڪنهن بہ راڳ کي وڏائي نٿو سگهجي. ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان هن چئن برن مان ڪنهن نہ ڪنهن هڪ برن کي استعمال ۾ آڻڻو پوندو. دنيا جو ڪوبہ راڳي هِن قاعدي کان بچي راڳ استعمال ۾ نٿو آڻي سگهي. چاهي اها ننڍي يا وڏي تان هجي. مثال طور:

ني. ري. گا. ما. پا. ( هي آروهي برن آهي)

پا. پا. ما. گا. ري. سا (هي امروهي برن آهي)

پا. گا. ما. پا. ڌا. ماپاگاما پا. (هي سنچائي برن ٿيندو.)

پا. سا.... ري. گا... ما... پا.... ڌا... ني... سا. (هي آستائي برن آهي).

يعني ڪوبہ راڳي هڪ ئي سُر کي مسلسل چار يا پنج دفعا چوندو تہ هِن طريقي ڪار کي آستائي بَرن چئبو آهي. هڪ ٻي ڳالهہ آروهي امروهي برن جي باري ۾ سمجهڻي آهي تہ جيڪڏهن اسان هن سرگم. يعني

سا. ري. گا. ما. پا. ڌا.

ني. سا ني ڌا. پا. ما. گا. ري سا

لکيو تہ هاڻ سوال اهو آهي تہ هي پاڻ هڪڙو تان ٿي پيو، ڄاڪاڻ جو پهرين سا (ڪرج) کان تيپ تائين وڃڻ تائين تہ آروهي هئي. پر واپس (امروهي) ۾ سا نہ لڳائي ويئي. تنهنڪري هي قاعدو غلط ٿيو.

سا. ري. گا. ما. پا. ڌا. ني. سا

سا. ني. ڌا. پا. ما. گا. ري. سا

مٿيون قاعدو بلڪل صحيح آهي ڄاڪاڻ جو هن ۾ آروهي امروهي ظاهر آهي.

**گرام:** هي اصطلاح گام مان نڪتل آهي. هيءُ لفظ سنسڪرت ٻوليءَ جو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڳوٺ. اِنهي گرام کي موسيقيءَ جي شوقينن کي سمجهڻ تمام ضروري آهي. جنهن بہ شخص جو علم موسيقيءَ سان لاڳاپو هوندو. ان هي نالو ضرور ٻڌو هوندو. پر ٿي سگهي ٿو تہ گهڻي ڀاڱي موسيقيءَ جي ڄاڻ وارن کي هِن نالي جي معنيٰ جي بہ خبر نہ هجي اِنهيءَ جو ڪارڻ گهڻو ڪري اهو آهي تہ جيئن علم موسيقيءَ مان سرتيون گم ٿي ويون. تنهن وانگر گرام بہ گم ٿي ويو. پر جيڪڏهن ڪو علم موسيقيءَ کي سمجهڻ گهري ٿو تہ اُنهيءَ لاءِ اهو ضروري آهي تہ هو گرام جي باري ۾ پوري خبر چار حاصل ڪري. اصل ۾ سٺن سُرن کي ٻاويهن سُرتين تي قائم ڪرڻ جو نالو آهي گرام ۽ سنگيتن ۾ گرام ٽن قسمن جا مڃيا ويا آهن.

(1) ڪرج گرام (2) مڌم گرام (3) گنڌار گرام

گنڌار گرام جي لاءِ اهو بيان ڪيو ويو آهي تہ اهو ڪنهن نہ ڪنهن سبب جي ڪري موسيقيءَ مان گم ٿي ويو آهي. يعني ڪوبہ علم موسيقيءَ جو واقف اهو نٿو ٻڌائي سگهي تہ گنڌار گرام ڪهڙو هو.

**(1) ڪرج گرام:** هن گرام ۾ ست شُڌ سر آهن. جن کي ٻاويهن سُرتين تي قائم ڪرڻو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) **مڌم گرام:** هِن گرام ۾ بہ ساڳيا سُر آهن، پر فرق اِهو آهي تہ پنچم "**پا**" جي هيٺ واري سُر تي 16 نمبر سُرتي (آلاپني) تيور مڌم کي **سا** ڪري 7 ست ئي سر پربا. جتي هي مڌم لڳندي تہ اهي سڀ راڳ مڌم گرام جا ٿي پوندا، هونئن بہ هڪڙا شُڌ مڌم جا راڳ آهن ۽ ٻيا تيور مڌم جا. اِنهيءَ ڪري راڳ ٻن قِسمن ۾ ورهائجي وڃن ٿا. پر اڄڪلهہ جي رواج موسيقيءَ ۾ ٻنهي گرامن کي گڏ ڪري هڪ ئي گرام تي موسيقيءَ جو رواج آهي. کرج گرام ۾ شُڌ مڌم ۽ تيور مڌم استعمال ۾ اچن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح گرام مان اسان جا مُروِج 12 ئي سُر نهي نڪرن ٿا.

**سا. ري. گا. ما. پا. ڌا. ني. سا** - هي اسان جا مسلمہ شُڌ سر آهن ۽ اهي کرج گرام ۾ شامل ٿين ٿا. اِنهيءَ سرگم جي چڙهِي مڌم **ما،** تيور کي سُر **سا** ڪري سُر آلاپڻ سان پنچم اسان جي (رِکب) ٿي پوندي. ڌيوت (ڌا) تي اسان جي گنڌار ڳالهائيندي، نِکاد (ني) تي اسان جي مڌم (ما) ڳالهائيندي. نتيجي ۾ اسان اصطلاحن جنهن کي مڌم گرام چئون ٿا. اُها مڌم شُڌ نہ رهندي. ڇاڪاڻ جو اها مڌم تيور ٿي ڳالهائيندي. اِنهي طريقي ڪار سان اسان کي ٻئي گرام کرج گرام ۽ مڌم گرام ملي پوندا ۽ سُر اسان کي 8 ملندا. يعني 7 شُڌ سُر ۽ انين تيور مڌم چڙهي مڌم ۽ اِنهي طريقي سان اسين گنڌار (گا) کي سُر قائم ڪري سُر لڳائيندا سين تہ اسان کي پيروي ناٹ ملي پوندو.

## مورڇنا

علم موسيقيءَ جا گرنٿ مورڇنا جي باري ۾ اُن جي تعريف هن ريت ڪن ٿا تہ هن اشلوڪ جو مطلب. ستن سُرن جو سلسليوار لهڻ ۽ چڙهڻ يعني آروهي ۽ امروهي آهي. ان کي مورڇنا چئبو آهي. انهيءَ ۾ سيئي راڳ پيدا ٿين ٿا. مورڇنا جو ٻيو نالو ناٽ آهي، جيڪو اڄ ڪلهہ نظام موسيقيءَ ۾ راڳ ۽ راڳڻين جي سجاڻپ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو . ناٽ جو نالو قديمي سنگيتن ۾ ميل آهي . اڳئين زماني ۾ گرام هُئا. جن

جو ذڪر اسين اڳ ۾ ڪري آيا آهيون. جيئن ڪرج گرام- گنڌار گرام- مڌم گرام . اڳ هر گرام جا ست ست مورڇنا هئا. اڳئين زماني ۾ مورڇنا ڪنهن بہ راڳ جي سڃاڻپ لاءِ استعمال ٿيندا هئا.

## مورڇنا جي سڃاڻپ

جيئن هن زماني ۾ ڪنهن راڳ کي ڳولڻ ۽ سڃاڻڻ لاءِ ٺهريائين ان جو ٺاٺ هٿ ڪرڻو پوندو آهي، تيئن ئي پراڻي زماني ۾ راڳ ۽ راڳڻين لاءِ مورڇنا پڌائڻ ڪافي هوندو هو . هن ڳالهہ جي وڌيڪ سڃاڻپ هيٺ ڏجي ٿي.

## شڌ ٺاٺ

موسيقيءَ جا ست سر **سا. ري. گا. ما. پا. ڌا. ني.** سا شڌ ٿيا ۽ اسين هن کي شڌ ٺاٺ چونداسين. شڌ ٺاٺ بلاول ٺاٺ، جنهن کي علم موسيقيءَ جي گرنٿن ۽ پنڊتن اِهو تسليم ڪيو آهي تہ سواءِ بلاول ٺاٺ جي ٻيو ڪنهن بہ ٺاٺ ۾ سنئي شُڌ سُر سلسليوار نہ لڳندا آهن.

بهرحال اڄ ڪلهہ جي روز مرهہ ۾ هي شُڌ ٺاٺ ٿيو. هن کان اڳ واري دؤر ۾ ٺاٺ نہ هوندو هو. اِنهيءَ ڪري علم موسيقيءَ جي گرنٿن جي زبان ۾ هي شُڌ ٺاٺ اسان جو ڪرج گرام ٿيو. هاڻ جيڪڏهن اسين هِن شُڌ ٺاٺ جي آروهي امروهي ڪنداسين تہ هن ريت ٿيندي.

آروهي:- ساري گا ما پا ڌا ني سا.

امروهي:- ساني ڌا پا. ما. گا. ري. سا

سنگيتن جي گرنٿن مطابق ڪرج جو مورڇنا چؤرائيندو. جيڪڏهن گرنٿن کي ڪن سُرن جا حال بيان ڪرڻا هوندا هئا تہ اهي صرف اِهو چوندا هئا تہ فلاڻي راڳ جو مورڇنا ڪرج آهي.

هِن جو هڪ مثال ٻيو بہ آهي تہ جيڪڏهن راڳڻي گن ڪلي آهي تہ پهرين ان جا سُر معلوم ڪرڻا پوندا. سُر هٿ ڪري پوءِ بيان هن ريت ڪرڻو پوندو:

**ڪرج. رکب شُڌ. گنڌار شُڌ. مڌم. پنچم، ڌيوت شُڌ**

**نکاد شَڏ-** يا وري اهو ٻڌائبو تہ بلاول ٺاٺ جي راڳڻي آهي تہ پنڊت اِئين چوندا تہ اهو مورڇنا ڪرج ٿيو. ڳڏوڳڏ اهو ٻڌائيندا هلون تہ هي مثال اسان بلاول ٺاٺ جي راڳڻي ڳن ڪلي جي ڏنو آهي. ٻيرو ٺاٺ واري ڳن ڪلي ڪان سواءِ مورڇنا جن حالتن ۾ ملي ٿو ان بابت علم موسيقيءَ جي پنڊتن جو چوڻ آهي تہ مورڇنا ٽن قسمن ۾ ملي ٿو.

**(1) سمر پورن:-** جنهن ۾ ست ئي سُر هجن

**(2) کاڊو:-** جنهن ۾ ڇهہ سُر هجن

**(3) اوڊو:-** جنهن ۾ پنج سُر هجن

انهيءَ ڳالهہ تي پوري دنيا جا سنگيت جا ماهر متفق آهن تہ 5 سُرن کان گهٽ راڳ ڪنهن بہ طريقي سان نهي وجود ۾ نٿا اچي سگهن. سمر پورن سرگم هڪ سپتڪ ۾ موجود هوندو آهي ۽ هي سپتڪ هميشہ ٻن حصن ۾ ورهايل هوندو آهي. مثال طور:

سا ري گا ما - هي ٿيو پوروانگ (بدن جو پهريون حصو)

پا ڌا ني سا- هي ٿيو اُترانگ (بدن جو آخري حصو)

پوروانگ واري حصي ۾ صرف ڪرج آچُل ٿيو ۽ اُترانگ ۾ پنچم ۽ ٽيپ جي ڪرج (آچُل) ٿي.

وڏن وڏن پنڊتن نائڪن ڳڏجي هڪ اهڙو خوبصورت ۽ نئون قاعدو (جنڪ ميل ٺاٺ) جنڪ ٺاٺ جي نالي سان وجود ۾ آندو. جنڪ ميل اِنهي ڪري ايجاد ٿيا جو تمام راڳ آسانيءَ سان هِن مان نڪري اچن ۽ راڳن جا سُر ياد ڪرڻ ۾ ٻڻ سهولت رهي. جنڪ جي معنيٰ آهي پيدا ڪرڻ وارو ۽ ٺاٺ معنيٰ زمين ۽ ست سُر هِن ٺاٺ (زمين) جا ٿنيا آهن. جن تي هي زمين ۽ هن جو چار وڃايل آهي.

هاڻ اسين جنڪ ٺاٺ ٺاهڻ جو طريقو ٻڌايون ٿا . اِها ڳالهہ علم موسيقيءَ جي شوقين کي چڱي طرح ذهن ۾ ويهارڻ گهرجي ڇاڪاڻ جو ٺاٺ تمام راڳن جي جڙ آهن. هاڻ ڪجهہ قاعدا جنڪ ٺاٺ ٺاهڻ جا پيش ٿا ڪجن.

(1) هن جي ڪري ئي سمورا ٺاٺ جنڪ ٿيندا. يعني انهن مان ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تمام راڳ پيدا ڪيا ويندا ۽ اِنهي لاءِ لازم آهي تہ هن جي زمين (ناٺ) سم پورن هجي (ست 7 ئي سر هجن)

(2) هڪ ناٺ ڪي ٻئي کان الڳ ڪرڻ ضروري آهي

(3) سُرن کي قاعدي ۾ سلسليوار هلائڻو پوندو.

يعني **سا** کان پوءِ **ري** پوءِ **گا** پوءِ **ما**. انهيءَ طريقي سان ست ئي سر لڳندا. هي قاعدو اڄڻ لازمي آهي. هن ڳالهہ تان قطعي نہ هٽبو ۽ اِنهن ڳالهين کي ياد ڪرڻ کان پوءِ انگن جو هِڪ سڌو حساب استعمال ۾ آڻبو، جنهن کي سنسڪرت ۾ پرستار ڪريا چئبو آهي، جنهن جي معنيٰ ترتيب ۽ اجتماع جو سلسلو آهي.

هيٺ ڏنل سُر اسان جا مسلمہ شُدَ سُر آهن.

**سا ري گا ما پا ڌا ني سا**

مَٿين تِيپ جي **سا** اِنهيءَ ڪري ڏني وئي آهي تہ سپتڪ پورو ٿئي.

هِن جي پوروانگ کي پهرئين ڏسبو تہ ٿيندو: **ساري گا ما**- جيئن تہ اسين پوروانگ جي باري ۾ ٻڌائي آيا آهيون تہ هِن ۾ وِڪر سُر بہ شامل هوندا. تنهنڪري هاڻ هيٺين ريت سُر ٿيا.

**سا. ري ري. گا گا. ما ما**

**سا ري. . گا. گا. ما. ما**

پوروانگ جي اول ۽ آخر سُر يعني **سا** ۽ **ما** کي پرستار جي ضرورت لاءِ ٿوري وقت لاءِ اَچل مڃجي تہ هاڻ شڪل پيدا ٿيندي.

ڪرج (اَچل) رکب (ڪومل) رکب (تيور). گنڌار (ڪومل) گنڌار (تيور) مڌم ما (ڪومل) يا (اَچل) يعني ڪُل سُرن جو تعداد پوروانگ ۾ ڇهہ ٿئي ٿو، تن مان ڪرج ۽ مڌم تہ اَچل ٿي ويا، پر رکب ۽ گنڌار جا تيور ۽ ڪومل سُر موجود آهن. هنن جا آواز سڃاڻڻ لاءِ پرستار جي ضرورت پوندي ۽ انهيءَ ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ پنڊتن رکب ۽ گنڌار جا فرضي نالا هن ريت رکيا آهن. (نالا صرف فرضي آهن ۽ صرف حساب ۾ استعمال ڪيا ويندا.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رکب جا فرضي نالا

| آچُل | ڪومل | تيور | ڪومل | |
|---|---|---|---|---|
| سا | را | ري | رو | را ري رو |
| -- | گا | گي | گو | گا گي گو |

مٿئين نقشي کي غور سان ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ ڪومل رکب جو صرف هڪ ئي نالو آهي، **را** ، پر تيور رکب جا فرضي بہ نالا آهن، يعني **رو** ۽ **گا** - ڪومل گنڌار جا فرضي بہ نالا آهن- **رو** ۽ **گي**، پر وري تيور گنڌار جو هڪڙو ئي نالو رهجي ٿو وڃي **گو**-

اِنهي طريقي سان اصل لڪيل سُر تہ صرف ڇهہ آهن پر نالا اٺ آهن. اِنهن اٺن نالن سان باقاعدي بالا - پرستار جي ناهڻ جو طريقيڪار سمجهائجي ٿو. **سا** کان پوءِ پهرئين رکب يعني **را** قائم ڪري، هر گنڌار سان گڏ ملائڻ سان هي پور وانگ ٺهندو.

پور وانگ- سارا گاما (پور وانگ) سارا گي ما (پور وانگ) سارا گو ما

**را**:- را جي ان کان سواءِ اهڙي بي ڪابہ ترڪيب واجب ناهي.

**ري**:- ري کي سا کان پوءِ هر قسم کي گنڌارن سان ترتيب ڏبي.

سا ري گا ما - (هي پور وانگ غلط آهي )ڇاڪاڻ جو ري ۽ گا هڪڙي ئي سُر رکب تيور جو نالو آهي ۽ اٺن جو سمپورن هجڻ لازمي آهي.

هاڻ بچيل باقي ٻن گنڌارن سان هي ترتيب ڏبي:

(پوروانگ)ساري گي ما - سا ري گو ما (پوروانگ)

هي طريقو بلڪل صحيح آهي ڇاڪاڻ جو **ري** ۽ **گي** ٻئي مختلف سُر آهن. جڏهن تہ ري ۽ گو بہ ٻئي مختلف سر آهن. هاڻ ري کي ٻئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن طريقي ۾ نٿو آٿي سگهجي. هاڻ رکب جو ٽيون قسم يعني رو ڪي سا ڪان پوءِ گنڌارن ڪي ترتيب ڏيو. پهرين ترتيب اهڙي طرح ٿيندي مثال طور:

## سا رو گو ما

پر هي بہ پور وانگ غلط آهي. ڇاڪاڻ جو سُرن جو سلسلي سان ڳالهائڻ ضروري آهي ۽ هن ترتيب ۾ رو جو فرضي نالو گنڌار تيور آهي ۽ گا تيور رکب جو نالو آهي تہ هي طريقيڪار غلط آهي. انهيءَ ڪري اصولن ري ڪان پوءِ گنڌار لڳڻ گهرجي.

**ترتيب نمبر** (2 ) سا. رو. گي. ما (هي پور وانگ بہ غلط ) ڇاڪاڻ جو رو ۽ گي هي ٻئي هڪ ئي سر جا بہ نالا آهن، تنهنڪري هي بہ طريقو غلط ثابت ٿيندو.

**ترتيب نمبر** (3) سا. رو. گو. ما. (هي طريقو بلڪل صحيح آهي) ڇاڪاڻ جو هي ٻئي سُر مختلف آهن. رو ۽ گو، پنهنجي سلسلي وار ڳالهائن پيا. اهڙي طرح قاعدي نمبر پنج ۾ ڇهہ سُرن مان صرف ڇهہ پور وانگ يعني ٺاٺ جو پهريون حصو نڪري سگهندو. علم موسيقيءَ جي سکندڙن ۽ دلچسپي رکندڙن جي لاءِ هيٺ لکي ڏيکارجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب تيرهون

# ٺاٽ جو جنم

| | پوروانگ | ٿهي نڪرندڙ ٺاٽ |
|---|---|---|
| (1) | سا ري گا ما | هي پهريون حصو ڪن ڪانگي ٺاٽ ٿيو |
| (2) | سا ري گي ما | هي پهريون حصو ڀيروي ٺاٽ ٿيو |
| (3) | سا ري گو ما | هي پهريون حصو ڀيرو ٺاٽ ٿيو |
| (4) | سا ري ڳي ما | هي پهريون حصو ڪافي ٺاٽ ٿيو |
| (5) | سا رو گو ما | هي پهريون حصو تان روپي ٺاٽ ٿيو |

هاڻ ڇڏ ٺاٽ جي اُترانگ کي ڏسبو يعني پا ڌا ني سا- هن ۾ بہ اول ۽ آخر جي سُرن کي اَچل مجبو، ڌا ۽ ني يعني ڏيوت ۽ نڪاد وِڪر سرن کي بہ پور وانگ وانگر هِن ۾ شامل سمجهيو ويندو. هاڻ جيڪڏهن پور وانگ وانگر سُرن کي فرضي نالا ڏبا تہ. هنن کي بہ سلسلي وار آئين مطابق نمبر سان لڳائيندا. جيئن پور وانگ ۾ لڳايا ويا تہ هِن جا بہ پڻ ڇهہ اُترانگ پيدا ٿيندا.

## اُترانگ

| | | |
|---|---|---|
| (1) | پا ڌا نا سا | هي ٻيو حصو ڪن ڪانگي ٺاٽ ٿيو |
| (2) | پا ڌا ني سا | هي ٻيو حصو ڀيروي ٺاٽ جو ٿيو |
| (3) | پا ڌا نو سا | هي ٻيو حصو ڀيرو ٺاٽ جو ٿيو |
| (4) | پا ڌا ني سا | هي ٻيو حصو ڪافي ٺاٽ جو ٿيو |
| (5) | پا ڌي نو سا | هي ٻيو حصو بلاول ٺاٽ جو ٿيو |
| (6) | پا ڌو نو سا | هي ٻيو حصو تان روپي ٺاٽ ٿيو |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻ صرف معمولي جمع جو حساب استعمال ۾ آڻتو پوندو ۽ هر هڪ پُوروانگ کي اُترانگ سان جوڙڻو پوندو.

| | | پوروانگ | اُترانگ |
|---|---|---|---|
| (1) | سا را گا ما | پا ڌا نا سا | نمبر (1) |
| (2) | سا را گا ما | پا ڌا ني سا | نمبر پهرئين جو |
| (3) | سا را گا ما | پا ڌي ني سا | پور وانگ ۽ اُترانگ |
| (4) | سا را گا ما | پا ڌا نو سا | (6) |
| (5) | سا را گا ما | پا ڌي نو سا | |
| (6) | سا را گا ما | پا ڌو نو سا | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | سا را گي ما | پا ڌا نا سا | نمبر (2) |
| (2) | سا را گي ما | پا ڌا ني سا | نمبر ٻئي جو |
| (3) | سا را گي ما | پا ڌي نو سا | پور وانگ ۽ اُترانگ (6) |
| (4) | سا را گي ما | پا ڌا ني سا | (12) |
| (5) | سا را گي ما | پا ڌي نو سا | |
| (6) | سا را گي ما | پا ڌو نو سا | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | سا را گو ما | پا ڌا نا سا | نمبر (3) |
| (2) | سا را گو ما | پا ڌا ني سا | نمبر ٽئين جو |
| (3) | سا را گو ما | پا ڌي نو سا | پور وانگ ۽ اُترانگ (6) |
| (4) | سا را گو ما | پا ڌي ني سا | (18) |
| (5) | سا را گو ما | پا ڌي نو سا | |
| (6) | سا را گو ما | پا ڌو نو سا | |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | پوروانگ | اُترانگ | |
|---|---|---|---|
| (1) | سا ري گي ما | پا ڌا نا سا | نمبر (4) |
| (2) | سا ري گي ما | پا ڌا ني سا | نمبر چوٿين جو |
| (3) | سا ري گي ما | پا ڌي نو سا | پوروانگ ۽ اُترانگ |
| (4) | سا ري گي ما | پا ڌا ني سا | (6) |
| (5) | سا ري گي ما | پا ڌي نو سا | (24) |
| (6) | سا ري گي ما | پا ڌو نو سا | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | سا ري گو ما | پا ڌا نا سا | نمبر (5) |
| (2) | سا ري گو ما | پا ڌا ني سا | نمبر پنجين جا |
| (3) | سا ري گو ما | پا ڌا نو سا | پور وانگ ۽ اُترانگ (6) |
| (4) | سا ري گو ما | پا ڌي ني سا | (30) |
| (5) | سا ري گو ما | پا ڌي نو سا | |
| (6) | سا ري گو ما | پا ڌو نو سا | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | سا را گو ما | پا ڌا نا سا | نمبر (6) |
| (2) | سا را گو ما | پا ڌا ني سا | نمبر ڇهين جا |
| (3) | سا را گو ما | پا ڌي نو سا | پور وانگ ۽ اُترانگ (6) |
| (4) | سا را گو ما | پا ڌي ني سا | (36) |
| (5) | سا را گو ما | پا ڌي نو سا | |
| (٥) | سا را گو ما | پا ڌو نو سا | |

انهيءَ طريقي سان اسان کي 36 جنڪ ٺاٽ مليا پر هي 36 ٺاٽ مڌم "ما" سُڌ مڌم "ما" جا مليا. انهيءَ طريقي سان اسين جيڪڏهن تيور مڌم جنهن کي سڃاڻپ لاءِ "مي" ڪري لکنداسين تہ اسان کي 36 جنڪ ٺاٽ ٻيا نهي ملندا ۽ انهي مي مان پيدا ٿيندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | سا را گا مي | پا ڌا نا سا | نمبر (1) |
| (2) | سا را گا مي | پا ڌا ني سا | چڙهي مدم مي جو |
| (3) | سا را گا مي | پا ڌي نو سا | پور وانگ (6) |
| (4) | سا را گا مي | پا ڌا ني سا | (6) |
| (5) | سا را گا مي | پا ڌي نو سا | |
| (6) | سا را گا مي | پا ڌو نو سا | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | سا را گي مي | پا ڌا نا سا | نمبر (2) |
| (2) | سا را گي مي | پا ڌا ني سا | نمبر ٽيون جو |
| (3) | سا را گي مي | پا ڌي نو سا | پور وانگ ۽ اُترانگ (6) |
| (4) | سا را گي مي | پا ڌي ني سا | (12) |
| (5) | سا را گي مي | پا ڌي نو سا | (6) |
| (6) | سا را گي مي | پا ڌو نو سا | |

| | | پوروانگ | اُترانگ |
|---|---|---|---|
| (1) | سا را گو مي | پا ڌا نا سا | نمبر (3) |
| (2) | سا را گو مي | پا ڌا ني سا | چڙهي مدم مي جو |
| (3) | سا را گو مي | پا ڌي نو سا | پور وانگ |
| (4) | سا را گو مي | پا ڌي ني سا | (18) |
| (5) | سا را گو مي | پا ڌي نو سا | (6) |
| (6) | سا را گو مي | پا ڌو نو سا | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | سا را گي مي | پا ڌا نا سا | نمبر (4) |
| (2) | سا را گي مي | پا ڌا ني سا | چڙهي مدم مي جو |
| (3) | سا را گي مي | پا ڌي نو سا | پور وانگ |
| (4) | سا را گي مي | پا ڌي ني سا | (24) |
| (5) | سا را گي مي | پا ڌي نو سا | (6) |
| (6) | سا را گي مي | پا ڌو نو سا | |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | سا را گي مي | پا ڌا نا سا | نمبر (5) |
| (2) | سا را گي مي | پا ڌا ني سا | چڙهي مڌم مي جو |
| (3) | سا را گي مي | پا ڌي نو سا | پور وانگ |
| (4) | سا را گي مي | پا ڌي ني سا | (30) |
| (5) | سا را گي مي | پا ڌي نو سا | (6) |
| (6) | سا را گي مي | پا ڌو نو سا | |

| | | پورروانگ | اُترانگ |
|---|---|---|---|
| (1) | سا را گو مي | پا ڌا نا سا | نمبر (6) |
| (2) | سا را گو مي | پا ڌا ني سا | چڙهي مڌم مي جو |
| (3) | سا را گو مي | پا ڌي نو سا | پور وانگ |
| (4) | سا را گو مي | پا ڌي ني سا | (36) |
| (5) | سا را گو مي | پا ڌي نو سا | (6) |
| (6) | سا را گو مي | پا ڌو نو سا | |

هن طريقي سان اسان کي ٻاهتر ٺاٺ مليا. جن کي جنڪ ميل ٺاٺ ٿو چئجي ۽ اهي اسان کي آسانيءَ سان حاصل ٿيا. سڀ کان پهرئين ونڪ ٽيشور نالي هڪ پنڊت هي طريقو ايجاد ڪيو ۽ اِنهن ٻاهتر ٺاٺن جي آروهي امروهي مختلف قسمن ۾ سمجهائي.

## مورڇنا جا نَوَ قسم:

مورڇنا جا نو قسم آهن. هر قسم جي ٺاٺ ۾ اِنهيءَ ريت آروهي ۽ امروهي ملندي.

**سَمر پُورن:-** سمر پُورن 7 پُورن سرن جي سرگم کي چئبو آهي.

**سَمر پُورن کاڏَو:-** وبندي ست سُر. ايندي 6 سُر

**سَمر پُورن اُوڏو:-** وبندي 7 سُر. ايندي 5 سُر

**کَاڏَو سَمر پُورن:-** وبندي 6 سر. ايندي 7 سُر

**کَاڏَو اُوڏو:-** وبندي 6 سر. ايندي 5 سُر

**اُوڏو سَمر پُورن:-** وبندي ايندي 7 سُر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**اُوڊو ڪاڊَو:-** ويندي 5 ايندي 6 سُر

**اُوڊو اُوڊَو:-** ويندي 5 سر، ايندي 5 سُر

هر هڪ آروهي ۽ امروهي هڪ ٻئي کان الڳ هوندي آهي.

هرهڪ مورڇنا جي سرگم جي آروهي امروهي لکي ڏيکارجي ٿي.

## 1=1 x1 مورڇنا جو پهريون قسم

## سَم پُورن سَم پُورن 1=1x1

| آروهي | امروهي |
|---|---|
| ساري گا ما پا ڌا ني سا | سا ني ڌا پا ما گا ري سا |

## مورڇنا جو ٻيو قسم 4 = 6 x 1

## 6 = 6 x 1 سم پورن ڪاڊو 6 قسم

| آروهي | امروهي |
|---|---|
| سا ري گا ما پا ڌا ني سا | - ڌا پا ما گا ري سا (1) |
| = = = = = = = = | ني ڌا - ما گا ري سا (2) |
| = = = = = = = = | ني ڌا پا ما - ري سا (3) |
| = = = = = = = = | ني ڌا پا ما گا - سا (4) |

## مورڇنا جو ٽيون قسم

## سمپورن اوڊو 15 = 15 x 1

| آروهي | امروهي |
|---|---|
| سا ري گا ما پا ڌا ني سا | - - پا ما گا ري سا (1) |
| = = = = = = = = | - ڌا - ما گا ري سا (2) |
| = = = = = = = = | - ڌا پا - گا ري سا (3) |
| = = = = = = = = | - ڌا پا ما - ري سا (4) |
| = = = = = = = = | - ڌا پا ما گا - سا (5) |
| = = = = = = = = | ني - - ما گا ري سا (6) |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| = = = = = = = | ني ڌا پا ما - ري |
| = = = = = = = | ني ڌا پا ما گا - |

## مورڇنا جو ڇهون قِسم (6)

### سُر کاڏو اوڊو (5) سُر90 = 6x15

**نوٽ:** سڀ مورڇنا لِکي ڪونہ سگهبا آهن. نموني طور ڪجهہ لکجن ٿا، باقي آسان طريقي سان موسيقيءَ جا شاگرد پاڻ انهي ريت ٿاهي سگهندا.

| | |
|---|---|
| ساري گا ما پا ني | - - پا ما گا ري سا |
| = = = = = = | - ڌا - ما گا ري سا |
| = = = = = = | - ڌا پا ما - ري سا |
| = = = = = = | - ڌا پا - گا ري سا |
| = = = = = = | - ڌا پا ما گا - سا |
| = = = = = = | ني - - ما گا ري سا |

## مورڇنا جو (7) قسم

### (5) سُر اوڊو سم پورن (7) سُر =15 1x15

هِن مورڇنا ۾ بہ 15 تانون پيدا ٿينديون. جيئن اسان سمپورن اوڊو ۾ ٿاهي ڏيکاريو آهي. هاڻ فرق صرف اِهو آهي جو هُن ۾ سمپورن پهرين لڳو ۽ اوڊو بعد ۾، پر هِن ۾ ساڳين تانُن ۾ صرف اوڊو کي پهرين استعمال ڪريءَ سم پورن بعد ۾ ڪبو تہ وري 15 تانون ٺهي پونديون.

## مورڇنا جو اٺون قِسم

### اوڊو کاڏو يعني سُر (6 ) ۽ (5 ) 90= 6x15

هِن مورڇنا ۾ بہ ساڳيو طريقو استعمال ڪبو، جيئن پهرئين کاڏو اوڊو ۾ ڪيو ويو. يعني هِن ۾ اوڊو پهرين ايندو ۽ گذريل راڳ ۾کاڏو پهرين استعمال ٿيو تہ فرق صرف اِهو رهندو تہ جيئن کاڏو اوڊو جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تانون پيدا ٿيون، تيئن ساڳي طرح اوڊو ڪاڊو جون تانون نڪرنديون.

## مورڇنا جو نائون قِسم

## اوڊو اوڊو 5 سُر x 5 سُر

هن جا بہ ڪجهہ قِسم لکي ڏيکارجن ٿا. ڇاڪاڻ جو هاڻ هن (مورڇنا) جي ناهڻ جو طريقو آسانيءَ سان موسيقيءَ سان محبت رکندڙن کي سمجهہ ۾ اچي ويو هوندو. تنهنڪري اُوڊو جا ڪجهہ قسم لکجن ٿا.

| آروهي | امروهي |
| --- | --- |
| ساري گا ما پا - | - پا ما گا ري سا |
| = = = = = = | ڌا ما گا ري سا |
| = = = = = = | ڌا پا - گا ري سا |
| = = = = = = | ڌا پا ما - ري سا |
| = = = = = = | ڌا پا ما گا - سا |
| = = = = = = | ني - - ما گا ري سا |

هاڻ اِها ڳالهہ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ جيڪي مورڇنا مٿي بيان ڪيا ويا آهن، سي سڀ هڪ ٻئي کان الڳ آهن يعني هرهڪ آروهي امروهي ۾ سُر سمپورن کان پوءِ گهٽايا ويا آهن. اهڙي طرح هرهڪ مورڇنا هڪ راڳ جي شڪل ۾ روپ پيدا ڪري سگهن ٿا. ناٽ جي معنيٰ سنسڪرت ۾ زمين جي آهي ۽ ست سُر هن جا ست ٿنڀ آهن. يعني هاڻ ست شُڌ سُرن- (سمپورن) راڳن مان گرنٿڪار جيڪو حساب ناهين ٿا، سو هيٺ لکجي ٿو.

**ناٽ:**

چار سؤ چوراسي راڳ صرف هڪڙي ناٽ مان پيدا ٿين ٿا. يعني ستن شُڌ سرن مان- پر هڪڙي سپتڪ مان 12 سُر نڪرن ٿا. جيئن اسين اِها ڳالهہ اڳ ۾ سمجهائي آيا آهيون. اهي سم پورن سُرن مان ٺي ناٽ ٺهندا آهن. ڇاڪاڻ جو ستن سُرن جي سرگم کي ناٽ چئبو آهي. اسين 484 کي 10 سان ضرب ڪنداسين تہ چار هزار اٺ سؤ چاليهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڳ ۽ راڳڻيون نڪرنديون. جيڪڏهن 72 ٺاٺن مان علم موسيقيءَ جو اهڙو جهان نهي ٿو تہ پوءِ جيڪڏهن سيئي 21 سرتين کي ملائي ۽ ضرب ڏيون تہ پوءِ علم موسيقيءَ جو چا عالم هوندو- پر انهن 72 ٺاٺن مان اسين صرف 10 ٺاٺ ٺا ونون. جيڪي هِن وقت پوري دنيا ۾ رائج آهن ۽ في الحال اسان کي ضرورت اِنهن 10 ٺاٺن جي آهي. گهڻو ڪري جڳ مشهور راڳ ۽ راڳڻيون صرف اِنهن ئي 10 ٺاٺن جون آهن. اهي 10 ئي ٺاٺ هيٺ لکجن ٿا.

### (1) ڪلياڻ ٺاٺ:

هي ٺاٺ جنڪ ميل جي فهرست ۾ 65 هين نمبر تي آهي ۽ هن جا ست ئي سُر تيور آهن.

آروهي : (سا ري گو مي پا ڌي نو سا)

امروهي: (سا نو ڌي پا مي گو ري سا)

### (2) بلاول ٺاٺ

هي ٺاٺ اُهو واحد ٺاٺ آهي، جيڪو ست شُدّ سُرن مان ٺهي نڪتو آهي. گرنٿن ۾ هِن جو نالو ٻيو آهي. هِن جا ست ئي سُر سُد سر آهن.

**(بلاول ٺاٺ)**

| | پوروانگ | اُترانگ |
|---|---|---|
| آروهي: | سا ري گو ما | پا ڌي نو سا |
| | اُترانگ | پوروانگ |
| امروهي: | سا نو ڌي پا | ما گو ري سا |

### (3) کماچ ٺاٺ

گرنٿن يعني نظام موسيقيءَ جي ڪتابن (سنگيت ۾ هن ٺاٺ جو نالو ڪام ڀوجي ميل آهي. هِن جو فهرست ۾ نمبر 28 هون آهي. سُر هيٺ لکجن ٿا.

| | پوروانگ | اُترانگ |
|---|---|---|
| آروهي: | سا ري گو ما | پا ڌي ني سا |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪرج:** (شُڌ) رکب (شُڌ) گنڌار (شُڌ) مڌم پنچم (آچل) ڌيوت (شُڌ) نِکاد (ڪومل) ڪرج

### (4) پيروُن ناٽ

هِن جو گرنٿن ۾ بيو نالو گوندِ مالو ميل آهي ۽ فهرست ۾ 15هين نمبر تي آهي. سُر لکجن ٿا.

آروهي: پوروانگ اُترانگ

سا را گو ما پا ڌا نو سا

ڪرج (رکب) ڪومل (گنڌار) تيور (مڌم) شُد. پنچم

ڌيوت ڪومل نکاد تير ڪرج

نوٽ:- هيٺين سا سان ڳٽپ ڪبي تہ آروهي ملندي.

مٿين سا ڪان واپس اچبو تہ امروهي ملي پوندي.

### (5) پيرون ناٽ - ست ئي سُر ڪومل

پوروانگ اترانگ

آروهي: سا را گي ما پا ڌا ني سا

### (6) اساوري ناٽ

گرنٿن ۾ هن جو بيو نالو نٽ پيروين ميل آهي ۽ فهرست ۾ 20 هين نمبر تي آهي. هن جا سُر هي آهن.

آروهي: پوروانگ اُترانگ

سا ري گي ما پا ڌا ني سا

هڪ بي سمجهاڻي تہ جيئن سمر پورن ست سُرن مان ناٽ ۽ هُن جي آروهي نڪري پئي. تيئن اُترانگ جي آخري سُر يعني سا تان اُبتو ڳڻينداسين يعني سا ني ڌا پا تہ امروهي نهي پوندي.

### (7) توڙي ناٽ

هن ناٽ جو بيو نالو ڪرنٿن ۾ بِرالي ميل آهي ۽ فهرست ۾ 45 نمبر تي آهي. سُر هن ريت آهن.

پور وانگ          اُترانگ

سا را گا مي    پا ڌا نو سا

سا                                        پا

ڪرج . رکب ڪومل . گنڌار ڪومل. مڌم تيور پنچم ڌيوت ڪومل نکاد تيور ڪرج

### (8) پوريي ٺاٺ

گرنٿن ۾ هِن جو ٻيو نالو ڪام ورڌنِي ميل آهي ۽ هي ٺاٺ صرف ڀيرو ٺاٺ جي مڌم تيور ۾ مي ڪرڻ سان پيدا ٿئي ٿو. فهرست ۾ هِن جو51 هون نمبر اٿس.

سُر اهڙي ريت آهن:

پوروانگ          اُترانگ

سا را گو مي    پا ڌا نو سا

ڪرج. رکب ڪومل. گنڌار تيور. مڌم تيور پنچم اَچَل

ڌيوت ڪومل    نکاد تيور    ڪرج

### (9) مارو ٺاٺ

گرنٿن ۾ هن جو ٻيو نالو ڳمن شر م ميل آهي ۽ فهرست ۾ 53 نمبر تي آهي ۽ سُر هي اٿس.

پوروانگ          اُترانگ

سا را گو مي. پا ڌي نو سا

### (10) ڪافي ٺاٺ

گرنٿن ۾ هِن جو ٻيو نالوڪرهر پريا ميل آهي ۽ فهرست ۾ 22 نمبر تي آهي. سُر هن ريت آهن:

پوروانگ          اُترانگ

سا ري گا ما    پا ڌي ني سا

ڪرج رکب تيور گنڌار ڪومل. مڌم ڪومل. پنچم ڌيوت تيور نکاد ڪومل ڪرج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻ هڪڙي ٻي ڳالهه چڱي طرح ذهن ۾ ويهاربي ته هي نالا صرف ٺاٽن جا آهن ۽ هن ٺاٽن مان جيڪي به راڳ راڳڻيون پيدا ٿين ٿا. اُنهن جو بيان هيٺ لکجي ٿو.

**(1) ڪلياڻ ٺاٽ**

(1) ايمن (2) شڌ ڪلياڻ (3) پوپ ڪلياڻ يا پوپالي (4) همير ڪلياڻ (5) ڪيڏارو (6) ڇايا نٽ (7) هنڊول (8) گوڙ سارنگ (9) مالسري (10) ايمني بلاول (11) چندر ڪانت (12) سانوٽي ڪلياڻ (13) جيت ڪلياڻ

**(2) بلاول ٺاٽ (شنڪرا پرن ميل)**

(1) بلاول (2) بيهاڳ (3) بيهاڳڙا (4) ديسڪار (5) پهاڙي (6) ڪُڪبه (7) شنڪرا (8) نٽ (9) مانڊ (10) سر پردا (11) اَليا (12) گن ڪلي (13) سڪَل (14) هنس ڌن (15) لڇا ساک (16) هسيم (17) دُرگا (18) نورو چڪايا (19) ملوهو ڪيدارا (20) ديو گري (21) جلنڌر ڪيڏارو (22) پٽ منجري

**(3) کماچ ٺاٽ (ڪام پو جي ميل)**

(1) کماچ (2) جهنجوٽي (3) سورٺ (4) ديس (5) کمپاوتي (6) تلنگ (7) دُرگا جوگيسري (8) جئه جئه ونتي (9) گونڊ ملهار (10) نٽ ملهار (11) تلڪ ڪاموڏ (12) بيدهنس (13) غارا (14) نارائني (15) پرتاب ورالي (16) ناگ سُراولي

**(4) ڀيرون ٺاٽ (گونڊ مالو ميل)**

(1) ڀيرون (2) ڪالنگڙا (3) ميگهه رنجني (4) سوراشٽر (5) جوگيا (6) رام ڪلي (7) پرڀاوتي (8) ٻياس (9) گوري (10) لِلت پنچم (11) ساويري (12) بنگال ڀيرون (13) شيومت ڀيرون (14) آنند ڀيرون (15) گن ڪلي (16) هيج (17) اهير ڀيرون (18) زيلف (19) ديس گونڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### (5) پيروين ٺاٺ

(1) پيروين (2) مالڪؤنس (3) اساوري (4) ڌناسري (5) ڀوپال (6) زنگولا (7) موٽڪي (8) سڌ ساونت (9) بسنت مُکاري (10) بلاس خاني توڙي

### (6) آساوري ٺاٺ- (نٽ پيروين ميل)

(1) آسا وري (2) جونپوري (3) ديو گنڌار (4) سنڌڙو (5) اڏانہ (6) ڪوسي (7) درباري (8) ديسي (9) ڪٺ (10) اپيري

### (7) توڙي ٺاٺ (برالي ميل)

(1)توڙي (2) گجري (3) ميان جي توڙي (4) ملتاني (5) بهادري توڙي

### (8) پوربي ٺاٺ (ڪام ورڌني ميل)

(1) پوربي (2) گوري (3) ديول (4) پياس (5) ديپڪ (6) تربيني (7) مالوي (8) سِري راڳ (9) جيت سِري (10) بسنت (11) پرج (12) ڌنا سِري (13) پورياڌنا سري (14) هنس نارائڻ

### (9) مارو ٺاٺ (گمن شرم ميل)

(1) مارو (2) پوريا (3) سهڻي (4) براري (5) جيت (6) پڪار (7) پتيار (8) پياس (9) ساج گِري (10) مالي گورا (11) پنچم (12) پوريا ڪلياڻ

### (10) ڪافي ٺاٺ (ڪرهر پريا ميل)

(1) ڌنا سري (2) سنڌيوي (3) ڪافي (4) ڌاني (5) پيم پلاسي (6) ميگهہ (7) بهار (8) مذماد (9) شڌ سارنگ (10) پاگيسري (11) حسيني ڪانڙو (12) ميگهہ ملهار (13) رامداسي ملهار (14) ميان جي ملهار (15) سوها (16) سري رنجني (17) پرديپڪي (18) سگهرائي (19) شهانا (20) ديو ساک (21) هنس ڪنگڻي (22) بندرا بني (23) پيلو (24) ڪونس ڪانڙو (25) نائيڪي ڪانڙو (26) لنڪڏن سارنگ (27) بروو (28) ميان جو سارنگ

## باب چوڏهون

# راڳ جي سڃاڻپ

ذڪر ڪيل ڏهن ٺاٺن ۽ انهن جي راڳن جي بيان ڪرڻ ڪان پوءِ موسيقيءَ جي شاگردن جي سمجهڻ لاءِ ڪجهه اصطلاح پيش ڪجن ٿا. جن جو تعلق راڳ سان آهي.

سوال اهو پيدا ٿو ٿئي تہ راڳ ڇا آهي؟ راڳن جي تعريف ۾ پنڊتن يڪراءِ فيصلو ڏنو آهي تہ راڳ چند سُرن جي ملائڻ يا گڏائڻ جو نالو آهي ۽ اهي سُر ڪنن ۽ دل کي وڻڻ گهرجن. راڳن جي سڃاڻپ لاءِ پنڊتن ڏهن ڳالهين کي تمام گهڻو ضروري سمجهيو آهي، اصل ۾ انهن ڏهن اصطلاحن کي ڄاڻڻ ضروري آهن. جيڪي هي آهن.

(1) گرهِ (6) اپنياس
(2) انش (7) سيناس
(3) نياس (8) ويناس
(4) تار (9) بَهُت
(5) مندر (10) اليت

هر هڪ جو الڳ بيان ڪجي ٿو.

(1) **گرهہ:** گرهہ ان سر کي چئجي ٿو، جنهن سان راڳ جي شروعات ٿئي.

(2) **انش:** ان سُر جو نالو آهي، جيڪو راڳ ۾ بار بار لڳي.

(3) **نياس:** ان سُر جو نالو آهي، جيڪو بار بار لڳي ء هن جو ٻيو نالو جيوَ سُر آهي (راڳ جي جان)

(4) **تار:** هي سُر ٻڌائي ٿو تہ مٿي راڳ ۾ وڃڻ جي ڪيتري حد آهي ۽ ڪيستائين وڃڻ گهرجي.

(5) **مندر:** هي سُر ٻڌائي ٿو تہ هيٺ ڪيستائين وڃڻو آهي ۽ ڪيتري حد تائين وڃڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(6) **اينياس:** هي اهو سُر آهي جنهن راڳ ختم ٿئي.

(7) **سيناس:** هي اُهو سُر آهي جنهن تي راڳ جو هڪ حصو ختم ٿئي يعني آستائي جنهن سُر تي ختم ٿئي يعني نياس ۽ اينياس ۾ فرق اهو ٿيو تہ نياس جي سُر تي پورو راڳ ختم ٿئي ٿو ۽ اينياس جي سُر تي راڳ جو هڪ حصو ختم ٿئي ٿو.

(8) **ويناس:** اُنهي سُر کي چئبو آهي جنهن تي گيت غزل ڪافي ڪلام پهريون حصو ختم ٿئي.

(9) **بَهُت:** هي ٻن طريقن سان آهي: النگهن ۽ اپياس (1) النگهن:- اُهو سُر آهي جنهن تي راڳ جي آروهي امروهي ختم ٿئي.
**اپياس:-** هي اُهو سر آهي جيڪو راڳ جي آروهي امروهي مان نڪري وڃي ٿو.

(10) **الپَت:** هن جي لفظي معنيٰ آهي ننڍو يا ڪمزور. هي سُر راڳ ۾ اُن وقت ڪمزور ٿيندو آهي، جڏهن ڪنهن بہ راڳ ۾ هي سر گهٽ لڳايو وڃي ٿو. هن جا ٻہ قسم استعمال ۾ اچن ٿا.
(1) لنگهن ۽ (2) اينياس
**لنگهن:-** هي اُهو سر آهي، جيڪو راڳ ۾ بلڪل نہ استعمال ٿئي.
**انپياس:-** هي اُهو سُر آهي، جيڪو راڳ ۾ بلڪل گهٽ لڳي.

هنن 10 لڇڻن جي سکڻ جي ضرورت گذريل زماني ۾ تمام گهڻي هوندي هُئي. پر هِن دؤر ۾ هنن جي پابندي فرض ناهي. اِنهن مان گهڻو ڪري صرف انش سُر جي ضرورت پوي ٿي ۽ اجڪلهہ هِن سُر کي ٻئي نالي "وادي" جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

اجڪلهہ جي دؤر ۾ راڳن لاءِ هينئين سُرن جو هجڻ لازمي آهي .

**سنگيت پاريجات**

(1) وادي (2) سم وادي (3) انووادِي (4) ديو وادي

پراڻي زماني جي سنگيت (سنگيت پاريجات) گڙ م جيڪو

سنسڪرت جي ٻولي جي سنگيت رتناڪر سارا امرت ڌارا، پاوي، لڪش. هنونت مت درپن ۾ انهن سڀني سنگيتن جي گرنٿڪارن، پنڊتن. نائڪن متفق ٿي هي خيال ظاهر ڪيو ته جيڪو سُر ڪنهن راڳ ۾ گهڻو ظاهر ٿيندو آهي هُن کي (وادي) سُر چئبو آهي ۽ جيڪو سُر هن جي جوڙ جو هجي جيڪو هن کان پوءِ ٻئي نمبر تي استعمال ۾ اچي هُن کي سم وادي چئبو آهي. جيڪو سُر ان جي جوڙ جو هجي جيڪو ان کان پوءِ ٻئي نمبر تي استعمال ۾ اچي ان کي سم وادي چئبو آهي. جيڪو سُر نہ وادي نہ سم وادي ظاهر ٿئي ان کي انووادي چئبو آهي. جيڪو سُر راڳ جي حسن ۽ ترتيب کي خراب ٿو ڪري ان کي ديو وادي سُر چئبو آهي.

**ديو وادي:-** هي سُر راڳ ۾ سُرن جو دشمن آهي. ديووادي (وادي جو دشمن) ستن ئي سُرن مان جنهن سُر تي راڳ جو دارومدار هجي، هُن کي جيو سُر يا انش سُر يا وادي سُر چئبو آهي.

**سَم وادي:-** هي سُر گهڻن ڳالهين ۾ وادي سُر جو هم اثر آهي پر هن جو درجو وادي سُر کان گهٽ آهي. انو وادي بہ گهڻو ڪري سم وادي وانگر آهي. سنا راڳي جڏهن ڪوبہ راڳ ڳائيندا آهن تہ وادي سُر تي گهڻو زور رکندا آهن پر هِن ٻنهي سُرن کان گهٽ طريقي تي انو وادي سُر تي بہ زور ڏيندا آهن. پر هميشہ نہ ڪڏهن ڪڏهن. ڪنهن موقعي مهل تي سنا راڳي هِن سُر ديو وادي سر کي اهڙي هوشياريءَ سان استعمال ڪن ٿا. جو ٻئي ڪنهن کي محسوس نہ ٿئي. هن طريقيڪار جا 2 قسم آهن برڇادن ۽ لوپن.

(1) **برڇادن:** صفا معمولي سُر لڳائڻ کي برڇادن سُر چئبو آهي.

(2) **لوپن:** سُر کي ظاهر ڪري نہ لڳائڻ کي لوپن سُر چئبو آهي.

**لڪش سنگيت:** پنڊتن جو قول آهي تہ وادي سُر راڳ جي جان هوندي آهي ۽ هِن سُر جي لڳائڻ سان راڳ ۽ وقت جي صحيح خبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندي آهي. عام طرح سان سُر امروهي ۾ لڳايو ويندو آهي ۽ هاڻ اِنهن سُرن کي الڳ الڳ بيان ڪري اها ڇاڻ رکڻ گهرجي تہ هر راڳ ۾ هڪڙو سُر اهڙو هوندو آهي. جنهن سان راڳ جي شڪل نهي ٿي پوي ۽ بغير هُن سُر جي لڳائڻ جي راڳ پيدا ٿي نٿو سگهي.

**(وادي)**:- اهڙي سُر کي وادي سُر چئبو آهي.

**(2) سمر وادي**:- ٻيو نمبر سُر جيڪو راڳ ۾ هجڻ ضروري آهي ۽ هي سُر وادي سُر جو مددگار ۽ ٻانهن ٻيلي رهي ٿو يعني هن کي قديمي گرنٿن ۾ منتري سُر چيو وڃي ٿو جيئن ڪنهن بادشاهہ کي وزير جي ضرورت آهي تيئن وادي سُر کي سمر وادي سُر جي ٻڻ ضرورت هوندي آهي.

**(3) انو وادي**:- وادي ۽ سمر وادي سُر جا هيٺيان ساٿي سُر انو وادي سُر انش آهن. هي ڪنهن بہ راڳ جي شڪل کي خراب ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا.

**(4) ديو وادي**:- هي اُهي سُر آهن جن کي راڳن جي شڪل جي مطابق استعمال نہ آهي ڪرڻو. جيئن هندول: هِن راڳ ۾ پنچم "پا" هي ديو وادي سُر آهي.

**ديو وادي**:- کي گرنٿن ۾ شتر (دشمن) ڪونيو آهي ۽ هن جو ٻيون نالو آهي ورجت سُر.

خاص حالتن ۾ گرنٿن ديو وادي سُر کي راڳ ۾ استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي. بشرطيڪ تمام هيٺين طريقي سان لڳائجي. لڪش سنگيت جي مُصنف هن جي باري ۾ ائين چيو آهي تہ منهنجي نظر ۾ ڪنهن بہ راڳ ۾ هي سُر ديو وادي هڪ يا ٻہ دفعہ لڳائڻ سان ڪوبہ فرق نٿو پوي ۽ هِن سُر جي استعمال سان هِن جي خوبصورتي ۾ ڪنهن ڪنهن محل اضافو ٿئي ٿو ۽ حُسن ۾ چار چند اِئين ٿا لڳن جيئن ڪنهن ڳوري رنگ تي ڪارو تر هجي.

لڪش سنگيت جي مصنف جي اِنهي ڳالهہ کي مڃيندي "سُر،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاھہ. سمنڊ“ جي سنگيت پروان  پڻ اِنهي ڳالهہ کي مٿانهون مانَ ڏيندي چوي ٿو تہ اتهي ديو وادي سُر کي پڻ ڪيترن نالي وارن گائڪن (راڳين) هِن سر سان گڏوگڏ يعني ديو وادي ۽ انو وادي سُرن کي استعمال ۾ آڻي پوري دنيا ۾ وڏو نانءُ ڪمايو ۽ انهي ڪرتب سان پنهنجو سڪو ڄمايو ۽ نظام موسيقيءَ جي پوري دنيا ۾ اُنهن جو نقل بہ ٿيايو ويو.

## موسيقيءَ جي رنگن جا تخليقڪار:

غزل گائڪ غلام علي خان. حسين بخش گلو. انوپ جلوٽا. آشا ۽ خانصاحب طفيل خان نيازي. اِنهن ڪلاڪارن اِنهي تخليق کي بي ڊار جو نالو ڏئي ۽ اُنهن 7 ستن سُرن کي زنده ڪري ڇڏيو. ڪجهہ گرنٿن هن کي آن چيت سُر بہ چيو آهي. يعني هي سُر بار بار استعمال ڪرڻ جي قابل نہ آهي ۽ هن کي مناڪ آسپرش بہ چيو آهي يعني لِڪائي ۽ هوشياري سان لڳائڻ گهرجي. جيئن سُر ڪيڏاري ۾ ڪومل نڪاد لڳائبي آهي ڪڏهن ڪڏهن هونئن تہ هِن راڳ ۾ ڪومل نڪاد نہ آهي يا جيئن ايمن ڪلياڻ ۾ شُدَ مدم لڳائن ٿا يا بلاول ناٹ ۾ ڪومل نڪاد. پر وڏن وڏن گنتڪارن ۽ پنڊتن هِن سُر کي صِرف راڳ جي امروهي ۾ جائز قرار ڏنو آهي يعني ديو وادي سُر کي گهٽو ڪري دُربل يعني (ڪمزور) سُر راڳ جي خوبصورتي کي وڌائڻ جي لاءِ استعمال ۾ اچي ٿو.

مثال طور: ڪيڏاري ۾ ڌيوت دُربل لڳي ٿي. جيڪڏهن ڪو راڳي ڌيوت (ڌا) تي سُر تي زور ڏيندو تہ راڳ ڪيڏارو نہ رهندو. جيڪڏهن انو وادي سُرن مان ڪنهن بہ سُر تي زور ڏبو تہ هَن کي اصلاحن ۾ بَل يعني زوردار يا زوري سُر چئبو ۽ جيڪو سُر برابر ۽ آهستي آهستي ڳالهائبندو هن کي اصلاحن ڪمپت لفظي معني آهي. آهستي ۽ هڪ جيتري وزن ۾ ڳالهائڻ ۽ ڪجهہ راڳن ۾ هن جي ضرورت پئي ٿي.

جيئن:- سا ري ري ري. گاما پا ما. گا ري ري سا. تہ هِن ۾ رکب جو سُر ڪُمپت ٿيو. ان ۾ ڪُمپت سُر لڳايا ويندا آهن. جيڪي سُر هڪ ٻئي پويان سلسلي وار نہ ڳالهائن مثلاً سا گا ري ما پا گا ما گا ري سا. اهڙي ريت انهن کي لازمي وِڪر سُر چئبا وِڪر جي معنيٰ آهي اڙانگو يا ڦڏو سُر. اهڙي طريقي جو هڪ ٻيو سرگم لکجي ٿي. (ساري ما گا ما پا ڌاني سا) تہ هِن سرگم ۾ وِڪر سُر ٿيو گنڌار (گا) ۽ هي وِڪر سُر راڳ جي آروهي امروهي کي بہ وِڪر روپ ڏئي ٿو.

**اندولت**:- جي معنيٰ آهي لڏائڻ (جهولائڻ). هاڻ اِها ڄاڻ رکڻ جي پڻ ضرورت آهي تہ راڳ ٻن قسمن جا هوندا آهن (1) مارڳ راڳ، ۽ (2) ديسي راڳ.

## (1) مارڳ راڳ:

مارڳ راڳ اُهو آهي، جيڪو گرنٿن، وڏن وڏن نانڪن ۽ پنڊتن مطابق هي راڳ هندو مذهب جي اوتارن ۽ ديوتائن ٺاهيا هئا ۽ ٻيو تہ مارڳ راڳن جي نسبت اها آهي تہ جنهن ۾ ڌهہ لڇڻ (جن جو اسين اڳ ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون) جيڪي گرام ۽ سُرتين وغيره جي پابندي سان ڳايا وڃن جيئن:- هندول ۽ مالڪؤنس تہ هي مارڳ راڳ جو بهترين مثال آهن.

## (2) ديسي راڳ:

هي اُهي راڳ آهن، جيڪي ملڪ جي ڪن خاص حصن ۾ ٺهيا هجن ۽ ڪنهن خاص طريقي سان ڳايا ويا هجن. ڪلاسيڪل حوالي سان مانڊ ۽ جونپوري ٻئي راڳ ديسي راڳ جي نشاندهي ڪن ٿا.

گرنٿن ۽ پنڊتن مطابق مارڳ راڳ اُنهن جي ديوتائن ٺاهيا ۽ ديسي راڳ مُلڪ جي ڪنهن حصي ۾ خاص طريقي سان ڳايا ويا هجن. هي ٻئي روپ هڪ ٻئي کان الڳ الڳ آهن. پر اسان وٽ سنڌ ڌرتيءَ تي هڪ اهڙي سادات ۽ ولي الله جو جنم ٿيو، جنهن انهن ٻنهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڳن جي روپن تي حُڪمراني ڪري ، پنهنجي نئين تخليق ڪي پنهنجي شاعري جي زبان ڏني ۽ اِنهيءَ وسيلي تبليغ ڪئي. اِنهي سدا بهار ۽ سدا امر رهندڙ ولي الله جو اسم مبارڪ آهي شاه عبداللطيف ڀٽائي رح.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، علم موسيقي ۽ اُنهيءَ جي ڪرتب ۾ ڪمال رکندڙن، عالمن ۽ فاضلن جي نگاهہ ۾ موسيقيءَ جي ڪُل ڏگرين جا شهنشاهہ ٿي گذريا آهن. پاڻ ڪيترائي راڳ نئين انداز ۾ تخليق ڪيائون، قديم زماني جي آغاز ۾ جيترا بہ راڳ ۽ ناٽ وجود ۾ آيا آهن، اُنهن ۾ صرف هڪ ٻن سُرن ۾ فرق هوندو آهي. پوءِ هنن راڳن کي بدلائڻ لاءِ ڪلاسيڪل جو قائدو آهي جنهن کي چَالو چوندا آهن. هن قائدي کي سنڌ جي پهرئين گرنٿڪار شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح پنهنجي تخليق ڪيل راڳن کي داستانن جي روپ ۾ اهڙا چالا استعمال ڪيا جو موسيقي جا وڏا وڏا گائڪ، نائڪ، گُني ۽ پنڊت حيران آهن تہ هي ڪهڙي قسم جا چالا آهن جو راڳن جا روپ سمجهہ ۾ ئي نٿا اچن. خاص ڪري اُنهن داستانن جي ٻوليان لِڪل راڳ، جن جا نالا شاهہ سائينءَ پنهنجي رسالي ”شاهہ جي رسالي“ ۾ ظاهر راڳن جهڙوڪ يمن ڪلياڻ، سهڻي، سورٺ، ڪاموڏ وغيره جي شڪل ۾ ڏنا آهن. اُهي تہ سمجهہ ۾ اچي ٿا وڃن پر جن نالن کي لِڪ جي شڪل ۾ جيئن ڪوهياري، رپ، ڪاهوڙي، مومل راڻو، ليلا چنيسر، مارئي، ڏور مارو وغيره جن جي سڃاڻپ صرف ۽ صرف شاهہ سائين جن جي چالي جي مطابق ۽ فقيرن جي آلاپن کان پوءِ اُنهن داستانن جي ٻوليان لڪل راڳن کي سڃاڻپ جي شڪل ڏئي سگهجي ٿي. جيئن شاه سائين کي هر صديءَ ۾ اچڻ وارن راڳين جا نسل ۽ خاص ڪري ڪلاسيڪل راڳ ويراڳ وارن سان محبت ۽ عقيدت رکندڙن جا نسل ڳولي لهن.

اِنهيءَ ڳولها جي سفر ۾ اُنهن ظاهري داستانن جي ٻوليان لِڪل (راڳن ) کي هٿ ڪري سنگيتن پنڊتن ڪلاسيڪل گرنٿن ۽ شاه سائين

جي راڳي فقيرن جيڪي هڪ منفرد انداز ۾ دنبوري تي 7 ماترن ۽ 4 ماترن جي جهول ۾ (Seven beet & four beet) جي لهرن ۾ هڪ دنيا کان مختلف رنگ ۾ ڳائن ٿا. تنهن کي وڏي محنت جفاڪشي جاکوڙ ۽ سينہ بسينہ اُنهن داستانن جي پويان لڳل راڳن کي شاهہ سائين جي دور کان پوءِ پهريون دفعو هن صديءَ ۾ "سُر، شاهہ، سمنڊ" جي مصنف ظاهر راڳن جا نالا ڏنا آهن، پر پهرين اسين شاهہ سائين جا ڪُل سُر لکنداسين. گڏوگڏ اهو بہ سمجهائيندا هلنداسين تہ ڪلاسيڪل ۽ لوڪ راڳن جي پيداوار آهي ۽ شاهہ سائينءَ جي سنڌي پرڪاش راڳن مان جيڪي ڪلاسيڪل جا راڳ نهن ٿا اُنهن راڳن کي بيان ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪلاسيڪل پيڊا ڪندڙ شاه سائين جا ڪُل راڳ (سُر) لکجن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پندرهون

# شاهہ جي داستانن مان پيدا ٿيندڙ راڳ

| داستان | راڳ |
|---|---|
| (1) سُر يمن ڪلياڻ | = ايمن ڪلياڻ |
| (2) سُر سري راڳ | = سري راڳ |
| (3) سُر سامونڊي | = جيت سري |
| (4) سُر سهڻي | = سهڻي |
| (5) سُر ڪنيات | = ڪنياوتي |
| (6) سُر سارنگ | = شڌ سارنگ |
| (7) سُر ڪيڏارو | =ڪيدارا |
| (8) سُر سسئي آبري | = آليا بلاول |
| (9) سُر معذوري | = جوگيا |
| (10) سُر ڪوهياري | = سڪل بلاول |
| (11) سُر حسيني | = حسيني ڪانرا |
| (12) سُر بيراڳ | = هندي بيراڳي |
| (13) سُر سورٺ | = سورٺ |
| (14) سُر هير ۽ رانجهو | = سنڌي ڀيروين |
| (15) سُر بروو سنڌي | = بروو سنڌيجو |
| (16) سُر مومل راڻو | |
| (17) سُر ڪاهوڙي | |
| (18) سُر رام ڪلي | = رام ڪلي |
| (19) سُرُ رِپ | |
| (20) سُر ليلان | |
| (21) سُر بلاول | |
| (22) سُر مارئي | |

| داستان | راڳ |
|---|---|
| پراڻا نالا | |
| سُر جَمَنَ جُو | = يمن ڪليان |
| سُرُ سِر تيرا گجُو | = سري راگ |
| سُر سآمُونڊِيَنجُو | = جيت سري |
| سُر سُونهنيجو | = سُهڻي |
| سُر ڪَنَيَات جُو | = ڪنياوتي |
| سُر سارنگجو | = سارنگ. ميگهه |
| سُر ڪيڏاريجو | = جلد ڪيارو |
| سُر سسئي ابريجو | = آليا بلاول |
| سُر مَذوريجو | = جوگيا |
| سُر ڪوهياري جو | = سَڪَل بلاول |
| سُر حسيني جُو | = حسيني ڪانرو |
| سُر بيراگ هديجو | = بيراڳي ڀيرو |
| سُر سورٺ جو | = سورٺ، ديس |
| سُر برو | = هندي جوتڪو |
| بروو سنڌيجو | = بروو |
| سُر مُنمل ۽ ران جُو | = سنڌيوي |
| سُر ڪَاهوڙِي | = ديو گنڌار |
| سُر رام ڪليجو | = رام ڪلي |
| سُر رِپ جو | = |
| سُر ليلا جو | = |
| سُر بلاول جُو | = |
| سُر مارويئجُو | = |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| (23) سُر ڍولو مارُول = راڳ پرڇمارو پرڇ | سُر ڍُول ماروئيجُو = پرڇ |
| (24) سُر ڏنا سري = ڏنا سري | سُر ڏنا سريجُو = ڏنا سري |
| (25) سُر پورب = پوربي | سُر پُورب جُو = پوربي |
| (26) سُر ڪاموڏ = ڪاموڏ | سُر ڪامُوڏ جُو = ڪاموڏ |
| (27) سُر ڪارايل = شهانا | سُر ڪارائيل جُو = شهانا سارنگ |
| (28) سُر بسنت = بسنت | سُر بَسنتَ جُو = بسنت |
| (29) سُر ڪاپائتي = آساوري- بلاول | سُر ڪاپاتي جُو = بلاول. آساوري. ڪماچ |
| (30) سُر پرڀاتي = پرڀاوتي | سُر پِر ڀاتي جُو = پرڀاوتي |
| (31) سُر ڏهر = | سُر ڏاهر جُو |
| (32) سُر گهاتو = ديو گنڌار | سُر گهاتوءَ جُو = ديو گنڌار |
| (33) سُر آسا = آساوري | سُر اسا جُو = آساوري |
| (34) سُر ديسي = ديسي | سُر ديسي جُو = ديسي |
| (35) سُر سيعهِ ڪيڏارو چاندني ڪيڏارو =ڪيڏارو | بروو سيعهِ ڪيڏاريجُو = چاندني ڪيڏارو جلنڌر ڪيڏارو |

داستان پهريون

# سُر يمن ڪلياڻ

شاهه سائين جي هِن داستان مان پيدا ٿيو ڪلاسيڪل راڳ يمن ڪلياڻ. جيئن تہ اسين اڳ ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون تہ هي يمن ۽ فارس جو راڳ آهي ۽ هن سُر جو قديم نالو يمن ڪلياڻ آهي ۽ بگڙيل نالو ايمن ڪلياڻ آهي . هي راڳ ڪسريٰ جي دور ۾ هندستان ۾ متعارف ٿيو ۽ انهيءَ کي وڌيڪ روشناس حضرت امير خسرو ڪرايو. پر هن تي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جن پنهنجي بياض مقدس ۾ يمن ڪلياڻ تي نالو رکيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن تہ اسان اڳ ۾ بہ ٻڌائي آيا آهيون تہ شاه سائين ڪجهہ داستانن کي راڳن جي نالي سان ناهيو آهي ۽ ڪن سرن کي داستانن جي ڪهاڻي مطابق اُنهن جي نالن سان ڪوٺيو آهي. جيڪي داستان نالن جي مطابق آهن اُهي سُرُ علم موسيقي جي عالمن ۽ فاضلن لاءِ چئلينج آهن. ڪلاسيڪل جي اعتبار کان هي سُر (راڳ) ٻارهن سُرن مان ست تيور سُرن تي مشتمل آهن ۽ باقائدي هن سُرن (راڳ) جو وادي ۽ سم وادي پڻ آهي. هِن کي آلاپڻ جو وقت رات 10 کان رات 3 تائين آهي ۽ هاڻ هِن راڳ جو سرگم لکي ڏيکارجي ٿو.

وادي سَم وادي

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| هڪ طريقي سان | | ٻئي طريقي سان | | |
| گنڌار | آروهي | سا ري گا ما پا ڌا ني سا | وادي | رکب (ري) |
| ڌيوت | امروهي | سا ني ڌا پا ما گا ري سا | سم وادي | پنچم (پا) |

هاڻ اِهو راڳ شاه جي يمن ڪلياڻ مان پيدا ٿيو.

شاهہ سائين پنهنجن سيني سُرن ۾ پنهنجي الڳ ٿلڳ موسيقي کي خوبصورتي سان نئون چالو ڏئي جيڪا سُرن (داستانن) ۾ نئين تخليق سان خوبصورت آلاپن جي آڌار تي داستانن ۾ جيڪا چنڪاري ڪئي اٿن. تنهن جي راقم الحروف ڳولا ڪئي تہ آخر هي آلاپ ۽ چالو ڪٿي ۽ زمين جي ڪهڙي خطي مان نڪتو ۽ جنم ورتو. جيئن اڳ ۾ لکيو ويو آهي تہ هي ٽيپ (تار اسٽان) جي صدا صرف ۽ صرف جيسلمير کان عمرڪوٽ ٿر جي قديمي لوڪ گيتن جو انداز آهي ۽ اُهو رنگ شاهہ سائين جن کي پسند آيو هوندو ۽ اُنهي رنگ کي شاه سائين پنهنجي ولايت سان رنگي ۽ ان جي حسن کي چوڏهن چنڊ بخشيائون ۽ اهڙي حسين طريقي مٿيان سُر (ٽيپ جي سپتڪ) تان شروع ڪيائون يعني ڪلاسيڪل جتي ڪنهن راڳ کي ٻجائي تي ٻجائيندو آهي. شاهہ سائين جي سُرن جي اُتان شروعات ٿئي ٿي.

جيڪو بہ راڳي يمن ڪلياڻ جي راڳ کان واقف هوندو ۽ هن

## ڪلاسيڪل چالو: يمن ڪلياڻ

ساري سا. ساري گاري گا. ني ري گاري سا. ساري گا. ري سا
ني ڌا پا ما. ني ڌا ني ري ري . ني ري. گا ري گا. ري سا.
پا ما گا ري. گا ري. گا ما پا. ما گا ري. ني ري گا ري
ني ري گا ما پا ما. ري گا.
ڌا ني ري ني. گاري. گا ما پا ما ما گا. ڌا پا ما گا. ري گا ري سا
ني ڌا پا ما گا. ما ڌا ني ڌا ما ڌا. پا ما گا ري. گا ما پا ما گا
ري گا. ما ڌا ني. گا ري گا. پا ما گا ري گا. ري سا.
گا گا پا ڌا پا. سا سا. ني ري سا. ني ري گا ري سا.

## تال تيواڙو يا تين تال 16 ماترا

## لچڻ يمن ڪلياڻ - ڪلاسيڪل جي نوٽيشن جو آستائي انترو

آستائي:- ني ڌا پا ما. گاري گا ما. ني ڌا ما. پا ما گا ري
گا ما پا ما. گا ري سا ني. ڌا ني ما. ڌاني ري.
گا ري گا ما. پا ڌاني ڌا. پا ما گا ما. گا ري سا.
انترو:- سا ني ڌا سا. ري گا مي. پا ڌا ني سا. ني ڌا پا ما.
گاري گا ما. پا ڌا ني ري. ڌا. گا. ري ڌا. ري.
سا ني ڌا پا. ما پاني ڌا. پا ما گا. گا ري سا ني
ڌا ني. ما. ڌا ني ڌا. گا ري گا ما. پا ڌا ني ري
پا ما گا ما. گا ري سا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 10 آستائي x 3

| سم | تاڙي | خالي | تاڙي |
|---|---|---|---|
| x | 2 | 0 | 3 |
| 1 | 5 | 9 | 13 |
| ني ڌا پا ما<br>گي مي پا مي | گي ري گي مي<br>گا ري گا ما | ني ڌي – مي<br>ني ڌا – ما | پا مي گي ري<br>پا ما گا ري |
| گي ما پا مي<br>گا ما پا ما | گي ري سا ني<br>گا ري سا ني | ڌي ني – مي<br>ڌا ني – ما | = ڌي ني ري<br>= ڌا ني ري |
| گي ري گي مي<br>گا ري گا ما | پا ڌي ني ڌي<br>پا ڌا ني ڌا | پا مي گي ما<br>پا ما گا ما | گي ري سا =<br>گا ري سا = |

هي ڄڻ تين تال 16 ماترن تي بدل نوٽيشن جو آستائي انترو نهيل آهي.

## 10 انترو x 3

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | 5 | 9 | 13 |
| x | 2 | 0 | 3 |
| سا ري گي سا<br>سا ري گا سا | - ري گي مي<br>- ري گا ما | پا ڌا ني سا<br>پا ڌا ني سا | ني ڌي پا مي<br>ني ڌا پا ما |
| گي ري گي مي<br>گا ري گا ما | پا ڌي ني ري<br>پا ڌا ني ري | - ڌي - گي<br>- ڌا - گا | ري ري - ري<br>ري ري - ري |

| | | | |
|---|---|---|---|
| سا ني ڌي پا<br>سا ني ڌا پا | مي پا ني ڌي<br>ما پا ني ڌا | پا مي گي ما<br>پا ما گا ما | گي ري سا ني<br>گي ري سا ني |
| ڌي ني – مي<br>ڌا ني – ما | - ڌي ني ري<br>- ڌا ني ري | گي ري گي مي<br>گا ري گا ما | پا ڌي ني ري<br>پا ڌي ني ري |
| پا مي گا ما<br>پا ما گا ما | گي - ري سا<br>گا - ري سا | | |

## داستان ٻيو

# سُر سريراڳ

شاهہ جي هِن داستان مان جيڪو ڪلاسيڪل راڳ پيدا ٿئي ٿو، اُهو آهي سريراڳ. هي داستان شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح اصل راڳ سريراڳ جي نالي سان ٺاهيو آهي ۽ هي راڳ علم موسيقيءَ جي گرنٿن ۾ ملي ٿو. علم موسيقيءَ جا پنڊت ۽ نائڪ هِن راڳ کي پوربي ٺاٺ جو راڳ ڪري لکن ۽ سمجهائن ٿا. هي راڳ تمام قديمي راڳ آهي ۽ هي راڳ اڄ بہ سيني بہ سيني هلي رهيو آهي. اهڙي طرح هي راڳ شاهہ جي سُر مان پيدا ٿيو آهي

علم موسيقي جا سڀ پنڊت هم خيال ٿي چون ٿا تہ راڳن جا ٽي قسم آهن (1) سُڌ ڇايا لڳ (2) سنڪيرن (3) سُڌ راڳ

**(1) سُڌ ڇايا لڳ**:- اُنهن راڳن کي چئجي ٿو جيڪي ٻن راڳن جي ميلاپ مان پيدا ٿين ٿا.

**(2) سنڪيرن**: جيڪي ٻن راڳن کان مٿي راڳن جي ملائڻ مان پيدا ٿين.

**(3)** سُڌ **(نج) راڳ**: هڪڙي شڪل وارو (نج) راڳ

۽ هاڻ اُهو راڳ جيڪو هلندڙ وقت ۾ هڪ ڏينهن 24 ڪلاڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ٻہ دفعا اچي ٿو. يعني هڪ صبح جي وقت ۽ ٻيو شام جي وقت. جيڪي راڳ ڏينهن ۽ رات هڪجهڙي وقت تي اچن ٿن ڪي سنگيتن جي مطابق سنڌي پرڪاش راڳ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

**سنڌي پرڪاش:-** هن راڳ جي سُرن جي سڃاڻپ هن ريت آهي:

(سا ري گا ڌا ني) يعني ڪرج رکب ڪومل گنڌار تيور

ڌيوت ڪومل نکاد تيور. جن جن راڳن ۾ هي سُر نظر اچن تہ سمجهبو تہ هي صرف ۽ صرف سنڌي پرڪاش راڳ آهن. شاهہ سائين جي گهڻن سُرن ۾ سنڌي پرڪاش سُر ملن ٿا. سُر سريراڳ پوربي ٺاٺ جو ساٿي آهي. هي راڳ اوڊو سمپورن آهي يعني آروهي ۾ 5 سُر ۽ امروهي ۾ ست سُر آهن.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| وادي | رکب (ري) | آروهي | سا ري ما پا ني سا | رکب (ري) |
| سم وادي | پنچم (پا) | امروهي | سا ني ڌا پا ما گا ري سا | (پا) پنچم |

اِنهيءَ آروهي امروهي جي مت مان اِهو ظاهر ٿيو تہ هي شاهہ سائين جو سُر سنڌي پرڪاش مان نهيو ۽ هن جو وقت شام جو پهر ٿيو يعني اِهو راڳ صبح جو 6 کان شام جو 6 تائين آهي. اهڙي طرح هي ٻئي وقت جي مناسبت سان هڪجهڙا ٿيا. يعني هڪ پهر صبح ۽ ٻيو پهر شام ٿيو.

هِن سُرُ ۾ شاهہ سائين سمنڊ جي مسافري، سمنڊ ۾ ايندڙ طوفاني خطرا، واپارين جا مال بردار ٻيڙا ڪٽي سمنڊ جي سفر تي نڪرڻ، سمنڊ جي سمورن خطرن کي مُنهن ڏيندڙن ۽ اُتر جي واءُ لڳڻ کان پوءِ نڪرندڙن کي ساريو اٿن. اِنهيءَ سُر ۾ ناکئا پنهنجون ٻيڙيون سينگاري سڙه سنباهي پوءِ هلڻ جي ڪندا هئا تن جو ذڪر شاهہ سائين هِن سُر وسيلي ڪيو آهي ۽ داستان ۾ سنسار کي مها ساگر چيو آهي. جنهن مان گذرڻ پُل صراط جي برابر قرار ڏنو اٿن.

هاڻ سکندڙن کي کپي تہ پهرين هِن راڳ جي آروهي امروهي يعني لهڻ ۽ چڙهڻ کي چڱي طرح ياد ڪري پوءِ هن جا قاعدا ۽ قانون سمجهن، تنهن کان پوءِ ئي شاهہ سائين جي هِن سُر کي ڳائي سگهن ٿا. اهڙي طرح راڳ سِري راڳ داستان سري راڳ مان پيدا ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر سريراڳ جي صنِف

## ”وائي“

مون ۾ تون موجود، آئون اڳاھين آهيان!

## سُر سريراڳ جو ڪلاسيڪل لحن

آستائي: سِري راڳ گني ٻکاني. پوربي ڪو ميل جاني
آروهي ڌا- گا ٻن ڪر وادي سُر رکب جاني

اَنترو: گوري. مالوي تِرون پورويءَ ڪي سوهت پارجا
پانچ شبہ چتر اندر پرت مت پرماني

## وادي رکب پنچم

## سُر سريراڳ جو ڪلاسيڪل چالو

را را سا. ني سا. را را سا. ني راگي را سا. ني سا
يِ گي را. گي را سا. ني را سا. سا ني ني. راني ڌاپا
مي پا. ڌا پا. ني ڌا پا. ني ني را سا. گي را گي را سا.
ني ني سا. را را سا. گي را سا. گي را مي گي را سا.
ني را سا. گي را مي گي را. ڌا ي گي را. گي را سا.
ني را سا. پا- پا. مي ڌا مي گي را. ني ڌا پا. مي گي را.
را پا مي گي را. گي را سا. ني را سا.
پا پا . ڌا پا. سَا. سَا رَا سَا. ني را گي را سا. رَا ني ڌا پا
مي ڌا پا. ني را ني ڌا پا. ي ڌا مي ي را. گي را سا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان ٽيون

# سُر ساموندي (جيت سري)

شاهہ سائين جي هِن داستان مان ڪلاسيڪل راڳ جيت سري جنم ورتي ٿو. هِن سُر کي شاهہ سائين داستان جي مطابق نالو ڏئي ، ڳجهارت ٻڌائي ايندڙ راڳين جي امتحان لاءِ راڳ جي لڪ رکي آهي. هِن لڪ کي راقم الحروف پنهنجي تحقيق ۾ شاهہ سائين جي فقيرن جي آلاپ جي ڪلاسيڪل نوٽيشن کان پوءِ ڪلاسيڪل نالو ڏنو آهي.

اهڙي طرح جيت سريٰ پيداوار آهي سُر ساموندي جي. جيت سِري يعني ساموندي جي پسمنظر واري موسيقي. هن سُرُ ۾ شاهہ سائين سمنڊ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ هن سُر ۾ شاهہ صاحِب جن شاعرائي انداز ۾ شعور جون ٻہ خوبيون پيليءَ پٽ ظاهر ڪيون آهن (1) دلسوزي ۽ (2) رِقت نهايت نازڪ انداز سان بيان ڪيل آهي.

وڻجاري جي اندر جا احوال، طرحين طرحين جا خيال ۽ منظر جيڪي شاهہ سائين ائين بيان ڪيا آهن، جيئن پاڻ اکين سان ڏسندا هجن ۽ اِئين محسوس ٿيندو تہ جيئن شاهہ سائين پاڻ بندر تي بيٺا هجن ۽ جيڪي سفر تي ويا هجن، اُنهن جون ساموندي ناکئن کان خبرون پڇي رهيا هجن. جيئن درياهن تي اکا پائڻ ۽ چؤواٽن تي ڏيئا ٻاري ڪنهن جو انتظار ڪري رهيا هجن.

اِنهي سُرُ ۾ ايڏو تہ درد ۽ گداز بيان ڪيو ويو آهي جو دل لڳائي پڙهڻ وارن جا وار ڪانڊارجي ٿا وڃن. هن سُر ۾ جيڪا تِکي مِٺي هوا سمنڊ جي ڇاتيءَ تي لڳي سمنڊ کي ڇولين جي روپ ۾ رقص ڪرائي ٿي ۽ ڳڏوگڏ هِن سُر ۾ پاڻي ۽ هوا چنڊ جو روپ ملي ٿو ۽ چانڊوڪي رات ۾ جيئن سمنڊ جي مٿان چاندي جي سڪي وانگر چنڊ چمڪي رهيو هجي. اصل ۾ هي راڳ جيت سري يعني سُر ساموندي مان پيدا ٿئي ٿو. هِن جي 1-1 جوڙي جو راڳ سِري راڳ آهي. ٻئي راڳ پوربي ناٺ

سان ملن ٿا. هي راڳ به سريراڳ وانگر اوڊو سمپورن آهي. يعني آروهي ۾ 5 سُر ۽ امروهي ۾ ست سُر لڳن ٿا ۽ انهي جو وقت به سنڌي پرڪاش راڳن جي بنهي وقتن وانگر آهي يعني صبح ۽ شام. هي راڳ ٽن راڳن جي ميلاپ سان به ملي ٿو.

(1) برارِي (2 ) جيت سري (3 ) ڏول سِري: راڳ جيت سري واحد راڳ آهي، جنهن جي آروهي ۾ رکب ۽ ڌيوت نه لڳائبو آهي. راڳن جي انهي ڪائنات ۾ هي واحد راڳ آهي. جنهن جي آروهيءَ ۾ هي سُر ڪڍيا ويا آهن ۽ شاهه سائين هِن کي ايڏو حسين چالو ڏنو آهي جو هي راڳ شاهه صاحب جي داستان ۾ نهڪي بينو آهي ۽ انهي طريقي ڪار سان هِي سُر شاهه جي داستان مان نهي نڪري ٿو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| گا گنڌار وادي | آروهي | سا ري گا ما پا ني سا | وادي | نڪاد |
| سم وادي | امروهي | سا ني ڌا پا مي گي را سا | سَمر وادي | رکب جو |
| | | | | بيو طريقو |
| ڌيوت | | | | |

**نوٽ:** هن راڳ جي شڪل ۾ هن ڪتاب جي مصنف نئين ڪمپوزيشن ڪري پاڻ ۽ جيجي زرينه بلوچ جي آواز ۾ نئين انداز ۾ دو گانو تجربي طور رڪارڊ ڪرايو. (ترُ نهاريان تي منهنجا بندر ويڙا جي)

## سُر ساموندي جو چالو

ني سا - را سا - گي مي گي را سا- ني سا. گي مي. پا ڌا. مي پا. گي پا. مي گي را سا.

ني سا گي را سا. پا مي گي. ڌا مي گي. مي گي را سا. گي پا گي . ني ني مي گي. را سا.

ني سا گي پا. مي ڌا پا. مي گي پا مي گي. ني را سا گي را سا. پا مي گي پا ڌا پا مي گي. مي گي را سا.

پا پا مي گي پا. مي گي را سا. ني را سا. گي مي پا مي ي را سا. سا را ما. گي مي پا. مي ڌا پا. پا مي گي مي پا مي گي را سا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مي ڌا پا. سَا. سَا رَا سَا. ني. رَا سَا. رَا ني ڌا پا. مي گي مي
ڌا پا. سَا. رَاني ڌا پا. سَاني ڌا پا. مي گي. مي گ را سا
مي گي مي ڌاپا. سَا. سَاني رَاسَا. رَا ني ڌا پا. مي گي
مي ڌا مي گي را سا- را ني. مي گي مي گي. را سا

## سُر ساموندي (جيت سري) جي وائي

تڙ نهاريان تي منهنجا بندر ويڙا جي

## گيت (سُر ساموندي)

### ڪلاسيڪل لحڻ (جيت سِري) جهپتال

اَهُو بَل راڳ لِکت جيت سري. ويدهي يت ڪام
ورڌني جنت سنڌي پرڪاش اُڄَت
اڌ روهہَ ري ڌاوي نت گره سُرُ ني
اُڄَتِ اَنش گنڌار ڪرت چتر هر وي هرڪهت

### آستائي

| سَم | خالي | تاڙي | تاڙي | خالي |
|---|---|---|---|---|
| x | 0 | 2 | 3 | 0 |
| ني ني | مي گي | مي گي | را را | سا سا |
| آ هُو | بَ ل | را - | گ لِ | ک ت |
| سا را | سا سا | گي - | پا گي | را سا |
| جي - | ت س | ري - | وي ڏ | يو ت |
| سا - | گي گي | مي ڏا | پا ني | سا سا |
| ڪا - | م و | ر ڏ | ني ج | نـ ت |
| ني - | مي مي | گي - | پ گي | ر سـ |
| سن - | ڏي پر | ڪا - | ش اُ | ڄ ت |
| x | 0 | 2 | 3 | 0 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي ديپڪ راڳ جي پنجن زالن مان هڪ آهي.

هاڻ راڳ وِدياءَ جي لحاظ کان توڏي ڪنهن بہ راڳ يا راڳڻي جي روپ ۾ نٿو ملي ۽ نہ وري هي ڪنهن راڳن جي روپ ۾ ملي ٿي. اصل ۾ هن جو نالو اِهوئي آهي جيڪو شاهہ سائين جن فرمايو. اِهو نالو ڪلاسيڪل ۾ بہ ساڳيو ئي آهي ۽ شاهہ جي داستان مان نهيو.

مغليہ خاندان جي بادشاهہ شاهجهان جي دؤر 1627 کان 1655 پنجاب صوبي جي شهر گجرات ۾ تُلا نالي هڪ ڪنبر جي گهر ۾ سهڻي جو جنم ٿيو ۽ بخارا شهر جي واپاري مرزا عزت بيگ سان لنئون لڳو. پنهي جو جنم شبِ قدر واري رات ۾ ٿيو.

مرزا عزت بيگ بخارا مان واپار جي سوچ رکي نڪتو ۽ گهمندي گهمندي جڏهن گجرات ۾ سهڻي سان اکيون چار ٿيون تہ هو واپسي جا سڀ ڏڳ وساري ۽ عيش و آرام وساري نيٺ تُلا جي گهر نوڪر ٿي بينو ۽ هِن جون مينهون چارڻ لڳو. تنهن کان پوءِ هِن تي نالو ميهار پيو ۽ اهڙي طرح هي عشق ران جي گوشت کارائڻ تائين پهتو. سهڻي ۽ ميهار عشق جي درياهہ جي لهرن ۾ بقا جو گس اهڙي طرح ڳوليو لڌو جو ٻئي هڪ ٻئي سان هميشہ هميشہ لاءِ گڏ ٿي ويا.

فقيري ۽ طريقت جي رشتي سان سهڻي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح جو پنهنجو روح آهي ۽ ميهار تصور ۾ نبي ڪريم پاڻ آهن. هي عشق دنياوي عشق وانگر ختم ناهي ٿيڻو. شاهہ سائين جن گهڻو ڪري هر سُرُ ۾ اِها دعا گهري آهي تہ يا رب العالمين منهنجو هِن ڪوڙي جهان سان ناتو ختم ڪري منهنجي روح کي آزاد ڪر. مان پنهنجن اباڻن سان وڃي ملان.

هِن سُر کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح پنهنجي سنگيت جي سُرن ۾ پنهنجي تخليق ڪيل چالي سان اهڙو تہ سجايو جو هي راڳ شاهہ سائين جن جي آلاپ جي نوٽيشن مطابق ماروا ٺاٺ جي راڳ سُهڻي ۾ نهڪي بينو ۽ پيدا ٿئي ٿو شاهہ جي داستان مان سُهڻي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| وادي | ڌيوت<br>ڌا | آروهي | سا گي مي ڌي  ني سا |
| سَمَ وادي | گنڌار<br>گا | امروهي | ساني ڌي مي ڌي گي مي گي دا سا |

آروهي:- (سا گا ما ڌا ني سا) اوڊو سُر (5) سُر

امروهي:- (ساني ڌا ما ڌا گا ما گا ري سا) ڪاڊو سُر (6) سُر

تجربي طور اِنهي سُرُ جون وايون نئين انداز ۾ خاص ڪري ”مدد تي ميهار يار“ ۽ ”وڃجي اڪڙيون پير ڪري“ وايون راقم الحروف ۽ سندس ننڍي ڀاءُ حيدرعلي خان ريڊيو، P.T.V. ۽ K. T. N تي رڪارڊ ڪري محفوظ ڪري ڇڏيون آهن.

| | |
|---|---|
| وادي | ڌا |
| سَمَ وادي | گا |

**(سهڻيءَ جو ڪلاسيڪل چالو)**

گي مي ڌي. گي مي گي. را سا. ني سا. گي گي . مگي گي. مي ڌي ني سا. ڌي ني سا.

ڌي ني سا. رَا سَا. ني ڌي. مي ڌي ني ڌي. مي گي. مي گي را سا
سا ني ڌي. مي گي. ڪي ڪي. ڌي گي مي گي. سا گي مي ڌي. ني ڌي.
مي گي مي گي. را سا. سا را سا.
سا گي مي گي را سا. گي گي مي گي. ني سا گي گي. مي ڌي ني سا. را را سا
گي را سا. مي گي را سا. سا ني ڌي مي ڌي ني ڌي
مي گي ڌي مي گي. مي گي را سا.

**(ڪلاسيڪل لِجِڻ سهڻي)** تال اِڪتالو 12 ماترا

آستائي:- ماروا ڪوناٽ ڪري پنچم سُر ڇانديئي
پوريا بچائي گا. نش سهڻي سُڌ مانيئي.
تار اسٿان سوهت نِت وادي ڌا ڪو مانيئي
مذم سُڌ ڇُوت ڪو اور اڳني پهچانيئي

## داستان پنجون

# سُر ڪنڀات (سُر ڪنڀاوتي)

علمِ موسيقيءَ جي عالم فاضل حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح هِن سُرَ کي اهڙو تہ خوبصورت ۽ تخليقي چالو ڏنو آهي، جنهن سان پوري موسيقيءَ جي ڪائنات جا ماهر، نائڪ ۽ گرنتڪار حيران ۽ دنگ رهجي ويا آهن تہ هِن چالي جي روپ ڏيڻ سان نيٺ هي ڪهڙو راڳ ٿو نهي!

**رتناڪر**:- سارا امرت ڌارا. ٻاوي ۾ لڪش سنگيت هي سڀ سنگيت اِنهي ڳالهہ سان متفق آهن تہ هي راڳ ڪماچ ٺاٺ جي راڳڻي ڪمباوتي آهي ۽ سنگيتن ۾ هي راڳ ملي ٿو. فرق صرف اِهو آهي تہ شاهہ سائين پنهنجن جوڙيل سُرن کي الهامِي رنگن سان چِتڪاري ڪري اُنهن کي اهڙو تہ روپ ڏنو آهي، جيڪو ڪلاسيڪل جي گرنٿن جي ورقن ۾ نہ ملي سگهندو ۽ نہ وري گذريل صدين يا ايندڙ صدين ۾ ڪا اهڙي تخليق ڪري سگهبي. هي ڪم ڪنهن عام ماڻهوءَ جو ناهي، پر صرف الله جا ولي ڪري سگهن ٿا. اهڙو ئي الله جو ولي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح آهي، جنهن نہ صرف راڳن کي خوبصورت ۽ نئين تخليق سان چالا ڏئي پنهنجي رنگ ۾ رنگيو، پر ان سان گڏوگڏ پنهنجو پيغام شاعري ۽ موسيقارائي رنگ کي آخري رهندڙ دنيا تائين پُڄڻي ڇڏي ويا. بقول ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي تہ هي ڪنڀات سُرُ ڪنهن شهر جو نالو آهي ۽ هڪ مهاديو سڪمپ تيرٿ نالي هڪ چشمو هونا و هو ۽ ڪنڀات انهي سڪمپ تيرٿ جو بگڙيل نالو آهي.

### سُرُ ڪنڀات:

هن نالي (ڪنڀاتِ) جو ٻيو مثال اهڙي ريت ڏنو آهي تہ هي هڪ وَسَيل بندرگاه جو نالو آهي. پر راقم الحروف سنگيتن کي پڙهڻ کان پوءِ اِنهي درجي تي پهتو آهي تہ اصا[illegible]گيتن ۾ هن راڳ وديا جو نالو

ڪنياوتي آهي ۽ ڪماچ ٺاٺ جي پيداوار آهي. هي راڳ اڄ بہ راجستان ۽ انهيءَ جي اڌ ورهاڱي يعني ٿرپارڪر ۾ گهڻو ڳايو وڃي ٿو ۽ ڪلاسيڪل راڳ جي پيدا ٿيڻ ڪان بہ اڳ ۾ فوڪ رنگ ۾ نهيل ڏنون اڄ بہ قديمي راڳي فوڪ نسلن ۾ موجود آهي ۽ اُنهن کي ڪڏهن ڪڏهن ٻُڌڻ جو موقعو خوشين جي رسمن ۾ نصيب ٿئي ٿو.

هِن راڳ جو ڪلاسيڪل روپ ائين آهي تہ هي راڳ ڪماچ ٺاٺ جو سمپورن ۽ کاڊو سُرن جو راڳ آهي. هن ۾ آروهي امروهي وِڪر رُوپ ۾ آهن يعني باقاعدي سُر سلسلي وار نٿا ڳالهائن. هِن ڪان اڳ ۾ مذم ۽ ڌيوت جي ڏي وٺ دل ۽ ڪنن کي تمام گهڻو وڻي ٿي ۽ هن راڳ جو مذم (ما) ۽ کرج (سا) تي پهچڻ ڏاڍو لطف ڏئي ٿو.

هي راڳ ديس ٻاگيسري ۽ ڪماچ جي گڏجڻ سان ملي ٿو. هن جو وقت رات جو وچيون پهر آهي ۽ اهڙي طرح شاهہ سائين جي سُر ڪنيات مان پيدا ٿئي ٿي ڪنياوتي

| | | | |
|---|---|---|---|
| وادي | رکب (ري) | آروهي | سا ري پا ما ڌي پا ني سا |
| | | امروهي | سا نا ڌي پا گي ما گي ما سا |
| سم وادي | ڌيوت (ڌا) | | |

(ساري پا ما ڌا پا ني سا)
(سا ني ڌا پا گا ما گا ما سا)

**(صنف وائي)**

وِسارج م وينءِ جوين بہ ني ڏينهڙا

**نوٽ:** راقم الحروف کي نئين روپ جي ڏن ڏني آهي.

**ڪنيات**

**سر ڪنيات جو ڪلاسيڪل چالو**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گي ماسا. ماگي ماسا. ري ماپا. ذي ما. گي گي ماسا
سا ري ما. پا. ذي پا. ذي ما. گي ماسا. ساري ماپا.
ذي ناذي. ذي ا. پا ذي ما. ماگي ماسا.
ساري ماپا. پاذي پا. ناذي پا. سا نا ذي. پا ذي ما
گي. ماسا. پاذي ما. گي ما سا
سا ري ما پا. پاذي پا. ني سا. ري گي. ما سا. پا ذي پا
ذي پا ذي ما. گي ماسا

**نوٽ:** هِتي هڪڙي ٻي ڳالهہ سمجھڻ جي گھٽي ۾ گھٽي ضرورت اها آهي تہ هِن سنگيت ۾ ڪيترا ئي عجيب قسمن جا نشان آهن. اُنهن کي سمجھڻ تمام ضروري آهي

مثلاً:- هڪ نشان "سا" جي هيٺ ڏنل آهي تہ انهيءَ جو مطلب اِهو ٿيو تہ هيٺين سپتڪ جي کرج سا

وري ٻيو نشان سَا ٽيپ جي سپتڪ جي کرج سَا

ٽيون نشان مثلاً "ما سا" هيٺين سپتڪ جي ميند يعني ماءِ سا جي وچ ۾ جيڪي سُر اچن ٿا تن جو اُچار ظاهر نہ ڪري ۽ ان کي لڪائڻ سان پيدا ٿي پوندي. چوٿون نشان ما سا. پهرئين ۽ آخري سپتڪ جي وچين سپتڪ جي ميند (مڌ استان) استعمال ٿيندي.

## سرُ ڪنيات جو لچڻ (ڪلاسيڪل)

آستائي:- چترا ڪنياوني ڪي سُرُ ا گيو سُڌ بڌهرا اي
موهي بناوي بنا گيو
انترو:- ناتلنگ, ڪماچ ڊرگانہ راگيسري اَپي نا
بچتر موهي روپ دکا گيو

## داستان ڇھون

# سُر سارنگ (شڌ سارنگ)

سنڌي پرڪاش راڳن جي مؤجد ۽ راڳن کي پنهنجي روپ ۾ حُسن بخشيندڙ حضرت شاھہ عبداللطيف ڀٽائي جيترا بہ پنهنجا تخليق ٿيل سُرَ ڏنا آهن، اُنهن مان هرهڪ سُر جي ڪيفيت الڳ الڳ آهي پر هي واحد سُرُ آهي، جنهن ۾ شاھہ سائين سنڌ ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي غريب ماروئڙن لاءِ رب العزت کي تمام گهڻو ٻاڏايو آهي ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ سڄي عالم جهان کي دعائون ڏنيون آهن. خاص ڪري رب العالمين کي التجائون ڪيون اٿس تہ مولا مينهن جو وسڪارو ڪر ۽ اهڙو مينهن وساءِ جو منهنجا سڄڻ منهنجي ڪکن ۾ پُسجي پهچن. سنڌ ڌرتي سڄي ساوڪ سان ٻرجي وڃي.

اِنهيءَ سُرُ ۾ هارين جي محنت ۽ هرن لاءِ دعائون ڪيون اٿن، مال ۽ وٿاڻن جون دعائون ۽ گڏوگڏ ڏڪر ختم ڪرڻ ۽ ويران سُڪل ڌرتي جي ڇاتي تي ساوا گاھہ ڦٽڻ ۽ خاص ڪري سنڌ ڌرتي ۽ ان جي آس پاس جي علائقن کي تمام گهڻيون دعائون ڏنيون آهن.

هونئن بہ شاھہ سائين اِنهي راڳ کي يعني پنهنجي داستان سُر سارنگ يعني شد سارنگ کي اِنهيءَ ڪري داستان جي روپ ۾ آلاپيو جو ڪلاسيڪل جا درويش صفت گوئيا هن راڳ/ سُرُ کي خاص مينهن اَٿڻ ۾ استعمال ڪندا هئا ۽ هِن سُر جو عُنوان شاعري جي وسيلي سان عام طور تي درياهن، ندين، رَنل محبوب کي پرچائڻ، يا مينهن گهرڻ لاءِ ڪتب ۾ آڻيو آهي.

شاھہ سائين جن جي هر سُرُ ۾ پنهنجي تخليق ۽ پنهنجو رنگ سمايل آهي. شاھہ سائين جي راڳ (داستان) يا سُرَ جي ڪٽڻ ۽ ڇڏڻ جو طريقيڪار وڏن وڏن علم موسيقي جي سنگيتن ۾ نٿو ملي. شاھہ سائين جي فقيرن جي ڪٽڻ ۽ سُر ڇڏڻ بابت راقم الحروف جڏهن سُرن جي پسمنظر جي ڪلاسيڪل نوٽيشن ڪئي تہ هي راڳ ڪلاسيڪل جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڳ شڌ سارنگ ثابت ٿيو.

هي راڳ سُرُ يا داستان ڪافي ٺاٺ (ڪر هر پريا ميل) جو اُوڊو ڪاڊو راڳ آهي، يعني آروهيءَ ۾ 5 سُر ۽ امروهي 6 سُر آهن. هِن جو وادي سُر رکب (ري) ۽ سمر وادي پنچم آهي. هي راڳ ميان جو سارنگ، لنکڏن ۽ مڌ ماڌ جي ملائڻ سان نهڪي بيهي ٿو. اهڙي طرح شاهہ سائين جي هِن داستان مان پيدا ٿئي ٿو شد سارنگ.

| | | | |
|---|---|---|---|
| وادي | رکب (ري) | آروهي | سا ري پا ما پا ني سا |
| سَمر وادي | پنچم (پا) | امروهي | سا ڌي نا پا ما ري سا |

سا ري ما پا ني سا
سا ڌا ني پا ما ري سا

شاهہ سائين جي صِنف (**وائي** )

آيا ميگهہ ملهار، صورت تنهنجي سڀ جڳ موهيو. اکيون ميگهہ ملهار

## ڪلاسيڪل چالَو سُر سارنگ

سا. ري. پا. ماري. ساري. ني سا. ري. ماري. پا. مي پا ڌي پا. ماري سا.
سا ري سا. ڌي پا پا. ني ني سا. ري. پا. ري ما. ساري. ني سا. نا پا. ني سا
سا ري ماري. پا مي پا. ڌي پا ما ري. ما پا. ني سا. ري ني سا
نا پا ما ري. پا ماري. ساري. ني سا
ساري پامي پا. ڌي پا. ما پا. سا. نا پا. ما پا. ڌي پا. ماري. ري پا ما ري ما
ساري ماري. پا ماري. ڌي پاسي پا. ڌي پا ري. ني سا. ناپا ما پا . ڌي
پا. ماري. ري ما پا. ما ري سا.
ما پا ني سَارَي سَا. مَاريَ سَا. ني سا. ني پا مي پا. ڌي پا. ما پا
ما ري. ري پا ماري. ماري ساري. ني نسا

## لحِنُ گيت شڌ سارنگ

آستائي:- مان ري مين ڪاسي ڪهُون. پيئر اپني جيا ڪي هوت سري
آنترو:- جا سُون لڳي سو ايڪ هي نہ جاني
ڪهو ڪيسي رهي اب ڌِير

## آستائي

| تاڙي | تاڙي | سَم | خالي | تاڙي | خالي |
|---|---|---|---|---|---|
| 3 | 4 | x | 0 | 2 | 0 |
| سا ري | ما ري | پا - | - مي | پا ذي | - پا |
| ما ري | ري مين | ڪا - | - - | - سي | - ڪ |
| پا پا | - ري | ني ني | ما سا ري | پا پا | ري ري |
| هون بي | ي ر | آ پ | - ني | - جي | - پا |
| - سا | سا ني | - پا | - ني | سا سا | - سا |
| - ڪي | - ري | - بيا | - ڪ | - ل | - هو |
| ري ري | - سا | پا پا | ري ما | سا ري | ني سا |
| - و | - ت | سَ دي | | | |

## آستائي

| تاڙي | تاڙي | سَم | خالي | تاڙي | خالي |
|---|---|---|---|---|---|
| 3 | 4 | x | 0 | 2 | 0 |
| - سا | ري ما | ما ما | - پا | پا پا | - - |
| - جا | - سو | - ل | - گي | - سو | - - |
| پا پا | مي پا ذي | - پا | - پا | ما ري | - سا |
| ري ڪ | آ هي | - يا | - جا | - - | - ني |
| ني ني | سا ري مَا | پا چا | ري ري | - سا | ني سا |
| ڪ هو | - ڪي | - سي | = رَ | - هي | آ ب |
| پا ري | ما سا | ري - | ني سا | - | - |
| ذي - | - - | - - | - رَ | | |

داستان سنون

# سر ڪيڏارو

هن سُر جو اصل نالو ڪيڏارو آهي. هي ڪيڏارو شاه سائين جي اُنهي ڀهرئين ڇپجندڙ شاه جي رسالي ۾ موجود آهي، جنهن جي ڇاپ بمبئي ۾ ٿي ۽ هو سچو تال اڪتالو 12 ماترا عبراني سنڌي ۾ لکيل آهي ۽ هِن شاه جي رسالي کي اُهوئي شخص پڙهي سگهندو جنهن قرآن پاڪ پڙهيو هوندو.

ڪيڏارو شاه سائين جي تخليق ڪيل سُرَن مان واحد سُرُ آهي جنهن ۾ شاه سائين ظاهري ذڪر پنهنجن اباڻن (پنجتن پاڪ) جو وڏي ڪثرت سان ڪيو آهي. نبي ڪريم محمد مصطفيٰ صلي الله عليه و آله وسلم جن جي ظاهري موجودگي جي دؤر کان ويندي ڪربلا مُعليٰ ۽ اُتي جي ٻهڪندي ٽهڪندي سرزمين جنهن تي ڪُل ڪائنات ۽ روءِ زمين جي وارثن ٻيبي پاڪ سائڻ بتول جي گوشہ جگر حضرت امام حسين ع ۽ هر جنگ ۾ فتح جا سهرا پائيندڙ، خدا جي طرفان اِمامت ۽ ولايت جي سردار، جنهن ڪافرن کي ڪنبايو ٿي، شير خدا ٿي تلوار ذوالفقار جنهن کي عطا ٿي، جن جو مشهور قول هوندو هو تہ ”ٻچو ٻچو مون ڪان آسمان جا رستا، ڄاڪاڻ جو مان آسماني رستا بهتر ٻڌائي سگهان ٿو.“ هن پاڪ هستي جي مالڪ، شيرِ خد، ڪرم الله وجهه، حضرت علي عليه السلام جي ٻچڙن دختر مُحمد مصطفيٰ جن جي ذُهتن جي لاءِ نبي ڪريم سڳورن فرمايو حُسَين مِني وَ اَنَا مِن الحُسين يعني حُسين مون مان ۽ مان حسين مان آهيان. اِنهي سُر ڪيڏاري ۾ شاه سائين عالِي مقام حضرت امام حُسين عليه السلام جن جو ذڪر مدينہ پاڪ ڇڏڻ ڪان وٺي ڪربلا جي ميدان تائين پنهنجي ناني پاڪ جي دين بچائڻ ۽ اسلام کي زنده رکڻ لاءِ جيڪا لازوال ۽ عظيم قرباني ڏني، شاهہ سائين

پنهنجن پچڙن ۽ اصحاب سڳورن جي قربانيءَ ڪي اِنهي سُر ڪيڏارو ۾ اهڙي درد ڀريل وڏن واڪن سان رچيل سُرن ۾ آلاپيو اٿن جو اِئين محسوس ٿئي ٿو تہ جڻ هيءُ راڳ نهيو هجي ئي هِن داستان لاءِ.

اصل ڪلاسيڪل جي لحاظ سان هي راڳ ڪلياڻ ٺاٺ سان نهي ٿو ۽ هِن سُرُ (داستان) ۾ ٻنهي مڌمن (ما ۽ مي) ڪومل ۽ تيور مڌم جو رنگ رڪيل آهي.

هِن راڳ کي آلاپڻ جو وقت رات جو ٻيوين پَهر آهي ۽ هي سُرُ پوروانگ ۾ ئي کُلي پوندو آهي. هِن جي سُرن ۾ تيور مڌم شُدّ مڌم (ما) ڪان گهٽ لڳائبي. هن راڳ جي آروهي ۾ رکب ۽ گنڌار خارِج ڪبا ۽ امروهي ۾ ست ئي سُر وِڪر روپ ۾ لڳائبا. يعني وِڪر اُوڊو ۽ وِڪر سَمپُورن.

| | | | |
|---|---|---|---|
| آروهي | سا – – ما ما پا پا دي پا ني ڏي | سا وادي | مڌم (ما) |
| امروهي | سا ني ڏي پا مي پا ڏي پا ما گي ري سا | سم وادي | ڏيوت (ڏا) |
| آروهي | سا – – ما ما پا پا ڏي پا ني ڏي سا | | |
| | سا ني ڏي پا مي پا ڏي پا ڏي پا ما گي ري سا | | امروهي |

هي راڳ سُر بلاول ٺاٺ ۽ ڪلياڻ ٺاٺ سان ملي ٿو هِن جي تصديق گُڙ ديوڏ ۽ گُڙ هَنُونت مت درپن سنگيت ڪن ٿا. شاه سائين جي سُر ڪيڏاري مان ئي ڪلاسيڪل راڳ ڪيڏارو پيدا ٿئي ٿو.

### شاه سائين جي صنف وائي

(1) اڄ مير مومنن جا مدينو ڇڏي هلئا

(2) اڄ نہ آيو اِمام واويلا مومنان ماتام واويلا

## سرُ ڪيڏاري جو چالو

(چَالُو)

سا. ما. ما پا. پا ما. ما پا ما. ري. سا

ما ما ما. پا. ڏي پا. ما. ما. پاني ڏي پا ڏي ما. ما پا. ماما ري سا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سا ما ما ما. پا. ني ڌي پا. ني ڌي. سا ني. ريٖ سا. ني ڌي پا
ما. ري. سا
پا پا. سَا. سَاري سَا. ني ڌي پا. مي پا ڌي. پا ما. سا ني ڌي پا ما
ڌي پا ما. ري سا ني ڌي. پا ڌي پا سا. سَاني ڌي پا ما
ڌي پا ما. مَا مَا مَا رَي سَا. ريَ رَي رَي سَا. ري ني ڌي پا
سا ني ڌي پا ما. ڌي پا ما. سا ما. گي پا. مي پا ڌي پا
سا ري سا. ما ما. ري سا ري. سا ني ڌي پا. پا ما. ما پا ڌي پا ما ري سا.

## لجن گيت ڪيڊارو تال تِتالو

آستائي:- سَرَنَ پريوڪَي دُوار آج هون. شد ڀاوسون
ڀجن ڪرون مين پريو سيڪي آڌا ر آج هون
انترو:- سڌ سرن ڪو ميل ملائون تا مين مڌ مر انش رچائون
گيت گنڌار. رڪب ٻن روحن
ريجهو پريو ڪرتار آج

نيڪ تال- تيتالو 16 ماترا

### آستائي

| 0 | 1 | x | 3 |
|---|---|---|---|
| پا پا ڌي ڌي | پا - ما گي ما گي | ما - ما ما | - پا پا - |
| سَ رَ ن پَر | ٻو- ڪي - | دوا - رَ آ. | - ج هُون - |
| مي پا پا ڌي | - ڌي پا - | ما گي ما ري | سا ري سا - |
| سو - ڌ ٻا | - ؤ سُون - | ٻ جَ ن ڪو | رون - مين - |
| سا سا سا سا | سا ڌي - سا ري | سا ني ڌي پا | ما ما پا - |
| پر ٻُو س ب | ڪي - آ - | ڌا - رَ آ | - ج هون - |

## داستان انون

# سسئي آبري

هِن داستان جي لفظي معنيٰ سمجهائڻ کان اڳ ۾ هِن جي ٻن جُدا جدا لفظن کي غور سان ڏسبو تہ هڪ عورت (سسئي) جو نالو ملندو ۽ ٻيو لفظ آهي آبري. هن اصطلاح جا ٻہ تي مقصد نڪرن ٿا. آبري جي ٻهرين معنيٰ نڪري ٿي اکين مان آب هارڻ واري جي. ٻيو مثال بقول قديمي ڪتاب تحفة الڪرام ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي تہ آبري، اَپري جي بدليل صورت جو نالو آهي: يعني ضعيف. اِنهن ٻنهي مليل لفظن جي معنيٰ هٿ آئي ضعيف سسئي يا جُهوني.

هِن داستان جو مضمون سسئي پنهون جي قصي تي ٻڌل آهي. ڀانڀرا واه جي پار نانَيا نائون نالي ٻانڀڻ ۽ گهر واري جو نالو مُنذر هو. هنن کي سِڪ پڻ مان هڪ نياڻي ڄائي جيڪا چنڊ کان بہ وڌيڪ سُهڻي هُئي. نجومين پيش گوئي ڪئي تہ هِن جو انگ ڪنهن مسلمان سان اڙيل آهي. اِنهيءَ بدنامي کان بچڻ لاءِ نائون اِنهي ٻي ٻها موتيءَ کي هڪ صندوق ۾ وجهي درياهہ جي نذر ڪري ڇڏيو. جيڪا لڙهندي لڙهندي ڀنڀور جي پرسان محمد نالي ڪتي (ڌوٻي) جنهن کي لالا بہ ڪوٺيندا هئا، تنهن کي ملي. پوءِ هِن جو ٻيچ پنهونءَ سان ٿيو، جيڪو لکيل انگ هو. پنهون ڌوٻي ٿي هِن جي ٻيءُ وٽ ڪمائڻ لڳو. هوڏانهن ڪيچ مڪران جو خان آري جام پنهونءَ جي واپس نہ ورڻ جي ڏک ۾ سخت بيمار ٿي پيو. اِنهيءَ نا اُميدي سان تہ منهنجو موڪليل قاصد بہ هُن واپس ڪري ڇڏيو. پوءِ آخرڪار پنهنجي ٻن تن پٽن، چنري، هوتي ۽ نوتي کي دل هٿان مجبور ٿي موڪليائين تہ پنهون کي ڪهڙي بہ طرح ڪيئن بہ ڪري واپس وٺي اچو ۽ نيٺ ۽ ٽيئي ڀائر اچي ڀنڀور پهتا. سسئي اِنهن کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي. هوڏانهن ٽنهي ڀائرن پنهونءَ کي اهڙي مَڌ پياري جو پنهون بي هوش ٿي ويو ۽ انهيءَ حالت ۾ پنهون کي ڪٺي ڪيچ مڪران پهتا. هوڏانهن سسئي کي ٿي ازلن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچوڙي واري نندبہ ۽ جڏهن اک کُلي تہ گهر اوتارا اگڻ سڀ سُجا ٿي چُڪا هئا. سڀني عزيزن مائٽن جي سمجهائڻ جي باوجود سسئي پنهنجي پنهون کي ڳولڻ لاءِ جبلن جا سينا ڏاريندي هاڙي جبل وٽ پهتي، جتي هي جبل سسئي جي عزت بچائڻ لاءِ سسئي جي دعا سان ڦاٽي پيو ۽ سسئي اِنهي جبل ۾ دفن ٿي وئي ۽ جبل واپس اُنهي شڪل ۾ اچي ويو پر رَئي جو پلئہ ٻاهر رهجي ويو جنهن کي ڏسي پنهون بہ دُعا گهري ۽ وري جبل اڌ ٿي پيو ۽ اهڙي طرح پنهون بہ هميشہ هميشہ لاءِ وڃي سسئي سان مليو.

هِن سُر کي جيئن شاهہ جا فقير، شاهہ سائين جي ڏنل چالَي مطابق آلاپن ٿا تہ هي چالو ڪلاسيڪل راڳ اَليا بلاول کي پيدا ڪري ٿو.

هي راڳ بلاول ٺاٺ جو ڪاڊو سمپورن راڳ آهي. هن جي آلاپڻ جو وقت صُبح کان شروع ٿئي ٿو ۽ ٻنپهرن تائين ۽ سُر ڪوهياري بہ اِنهيءَ ٺاٺ مان نهيل آهي.

هِن راڳ جو وادي سُر ڌيوت ۽ سم وادي گنڌار آهي.

آروهي سا ري سا گاري گا پا ڌا ني ڌا سا وادي ڌيوت (ڌا)

امروهي سا ني ڌا پا ڌا ني ڌا پا گا ما پا ما گا ري سا سَم وادي گنڌار (گا)

هِن سُرَ ۾ (داستان) ٻئي مڌمون (ما ۽ مي) ۽ ٻئي نکادون (نا ۽ ني) وِڪر روپ ۾ استعمال ۾ ايندي يون.

شاه سائين جي سُر سسئي آبري مان نهي نڪري ٿو ڪلاسيڪل راڳ اَليا بلاول. هونئن بہ اصل ۾ ڪلاسيڪل فوڪ جي پيداوار آهي.

## شاهہ سائين تخليق وائي

هوءَ جي هليا هوت سُنهارا
مون نہ وهيٹا پنهونءَ سڱيٹا

## ڪلاسيڪل لچڻ گيت (سسئي آبري)

آستائي:- اليا بلاول راڳني ٻچتر ما اَمي سَڪَل سُر سُڌ
= = جا مين اس سانتي ڪو دکائي

(انترو)

| x | 0 | 2 | 0 | 3 | 4 |
|---|---|---|---|---|---|
| پا پا | ڏي ني ڏي | سَا - | سَا = | سَا سَا | - سَا |
| ڏي - | وَ ت | هو - | وا = | دي جا | - مين |
| سا - | ري گي | گِي مَا | رَي مَي سا | - ڏي | نا پا |
| گن - | ڏا - | رَ هو | س مَ | سا | - دي |
| ڏي - | ڏي ما | ما گي | پا - | - وا | گي سا |
| رو - | نو - | گر ني | را - | ڏي مي ني | ني - |
| سا سا | سَا دَي | پا مي | ڏي نا | کَ تَ | گي ما پا |
| آ يي | نَ وَ | رن گ | دي - | ڏي پا | - اي |
| x | 0 | 2 | 0 | 3 | 4 |

داستان نائون

# سُرُ معذوري (جوڳيا)

لفظ معذوري عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ ضعيف يا لاچار آهي. هِن سُرُ ۾ سسئي جي هيڻائي ۽ لاچاريءَ جو ذڪر ڪيل آهي، اِنهي ڪري مٿس نالو معذوري رکيو ويو.

هِن سر ۾ ٻي ٻها ۽ خاموش ٻيٺل، هانءُ ڏاريندڙ جبلن جي سيني ۽ چوٽين تي سسئيءَ جي ٻي وسي ۽ لاچارگيءَ جو ذڪر ڪيل آهي. اِنهي سُرُ ۾ هانءُ ۾ ڏار وجهندڙ پهاڙن جون چوٽيون، پنهون جي وڇوڙي جو درد فراق، سسئيءَ جي اڪيلائي جا اکين ۾ ٻيٺل لڙڪ، پنهونءَ جي ٻويان اڪيلي سِر جوڳ ڪاڻ. پهاڙن جي سخت پٿرن کي ميڻ سمجهي لتاڙڻ، پهاڙن ۾ پنهون پنهون جون صدائون بلند ڪري ڊوڙڻ ۽ پنهونءَ کي ڳولهي لهڻ جو پڪو پَهه ڪري پنڌ لتاڙڻ جو ذڪر ملي ٿو.

شاه سائين جي فقيرن (راڳين) جي آلاپ جي نوٽيشن ڪرڻ سان

راقم الحروف ڪي هي راڳ ڀيرون ٺاٺ جو راڳ جوڳيا هٿ آيو آهي. راڳ ڀيرون ٺاٺ جو اوڊو ڪاڊو راڳ آهي 5 ۽ 6 سُرن جو هي راڳ اُترانگ ۾ ظاهر ٿئي ٿو. هي ۾ نڪاد (ني) لڳائڻ سان گن ڪلي ڪان بہ بچي نڪري ٿو. هن راڳ جو وادي سُر ڪرج (سا) ۽ سم وادي سُرُ مذم (ما) جوڳيا جي آروهي ۾ نڪاد (ني) جو استعمال ڪونہ ڪبو يعني آروهي ۾ هي سُرُ (ني) خارج آهي ۽ امروهي ۾ سواءِ گنڌار (گا) جي ڇهئي سُرُ ڀربا. هن راڳ ۾ مذم ۽ ڌيوت جي سنگت رات ۾ وڌيڪ خوبصورتي آڻندي ۽ امروهي ۾ پنچم (پا) ڪمزور لڳائبي.

سُرُ نِڪاد (ني) سُوت ۽ مينڊ سان مزو ڏيندي هِن راڳ مذم (ما) واضح ۽ خلاصي رنگ ۾ لڳائبي. ڪجهہ گرنٿ لکن ٿا تہ هي راڳ ڀيرون آساوري مان ٺهيل آهي ۽ هِن ۾ استعمال ٿيندڙ سُر اِنهن ٻنهي ٺاٺن مان نڪتا آهن. اِنهي راڳ ڪي آلاپڻ جو وقت فجر جو آهي. اهڙي طرح شاه سائين جي داستان معذوري مان جنم ٿو وٺي راڳ جوڳيا.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| (سا) | آروهي | سا را خارج ما پا ڌا خارج سا | وادي | ڪرج (سا) |
| (پا) | امروهي | سا ني ڌا پا ما خارج را سا | سم وادي | مذم (ما) |

(سا را خارج ما پا ڌا خارج سا)

(سا ني ڌا پا ما خارج را سا)

اهڙي طرح شاه سائين جي سُر معذوري مان جوڳيا جنم وٺي ٿو.

**شاهہ سائين جي وائي**

تو ڏِنِ تان نہ تنواريو، منهنجو لالن واريو

الله ڪارڻ ميان اونيا!

**سُرُ معذوري (جوڳيا) جو ڪلاسيڪل ۽ شاه جو ڏنل چالَو**

را سا. را را ما را سا. را ما. ما پا پا. ڌا ما را. سا

سا را سا. را را سا. ني ڌا. سا. ما پا ڌا پا ڌا ما. را ما. را سا. ني ڌا پا ڌا ما. ني ڌا ما. را سا.

سا را ما ما. پا. ڌا ڌا پا. ڌا سا. ڌا پا ڌا ما. سا ني ڌا پا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پا. پا ڌا ني ڌا پا. ڌا ما را سَا. سَا را سَا. ڌا ڌا پا. ڌا سا
ني ڌا پا. ما پا ڌا ڌا ما. سا ني ڌا پا ما. ڌا ما. را ما پا ڌا ما. ني ڌا ما
پا ما ڌا ما ما. پا پا. ڌا سَا. سَا رَا سَا. سَا رَا مَا رَا سقا. سَا ني
ڌا. پا سا ني ڌا پا ڌا ما. را را سا.

## لِڙ گيت سُر معذوري (جوگيا)

آستائي:- گِني جن راڳ ڪهي جوڳِ ڪو ميل ڪري سُنَ مالو سُر ڪو
مذمر وادي ني ڪو گِني جَن
انترو:- ڪاڍو رُوپ گنڌار تجت نِت اَنو لوم
تجِنيڪو. سنگت ري. ما ڌا ما. چتر.
بڪانت. ڌاني سا ويري ڪو گني جن

نقشو سُر معذوريءَ جو (جوگيا) شاهہ جي داستان مان پيدا ٿيندڙ راڳ
تال تيتالو يا تين تال 16 ماترا

### آستائي

| خالي | تاڙي | سَم | تاڙي |
|---|---|---|---|
| 0 | 2 | x | 2 |
| ما ما پا ڌا | ڌاسا- سا سا | ڌاني - پا ڌا | ما - پا - |
| گ ني ج نَ | را - گ ڪ | ھي - جو - | گ - ڪو - |
| ما - ما · پا | ڌا ڌا ڌا پا | ما - ما ما | را را سا - |
| مي - ل ڪ | رَ تَ سُ ڌَ | ما - لَ وُ | سُ رَ ڪو - |
| ما سا - ما ما | ما - پا - | ڌا - ڌا - | ما ما پا - |
| مَ - ڌَ مَ | وا - دي - | ني - ڪو - | گُ ني جَ نَ |

### انترو

| تاڙي | سم | تاڙي | خالي |
|---|---|---|---|
| 3 | x | 2 | 0 |
| سَا سَا سَا سَا | رَا – رَا رَا | سَا – سَا سَا | پا – ڏا ڏا |
| ج ت نِ ت | ڏا – رَ تَ | رو – پ گن | ڪا – ڊو او |
| – – – را | پا ڏا – سا – | ڏا ڏا پا – | سَا – سَا سا |
| – – – – | ني – ڪو – | مَ تَ ج – | آ نو ئو – |
| را – سا سا | ما ما ما ما | ڏا ڏا ڏا پا | سَا – سَا سَا |
| ڪا – ن ت | چَ تَ رَ بَ | ري ما ڏا ما | سن – گَ تَ |
| ما ما پا ڏا | ڏا – ڏا – | ما – پا – | ما – ما ما |
| گُ ني جَ ن | ري – ڪو – | سا – وي – | سا – ني ڏا |
| 2 | x | 1 | 0 |

داستان ڌهون

# سُر ڪوهياري (بلاول)

هي سُرُ هِند ۽ سنڌ ۾ تمام گهڻو مشهور آهي. هِن سُرُ ۾ سسئيءَ جي جبل جهاڳڻ، تڪر ڏاڪڻ ۽ ڏونگر ڏورڻ جو گهڻو ذڪر آهي. هِن سُر ۾ پڻ اونيئڙن، توڏن، اوجاڳن سسئيءَ جي غفلت واري ننڊ، پرينءَ کي ياد ڪري ڏونگرن کي همراز ڪري دل جو حال اورڻ، ليڪ لڪئي ۽ توڏن (اُنن) جو پلي پاڳي ذڪر ڪيل آهي.

سُر ڪوهياريءَ ۾ ٻن لفظن يعني "ڪوه" ۽ "ياريءَ" جو پاڻ ۾ ميلاپ ٿيل آهي ۽ اِنهن ٻنهي لفظن مان مُراد ان ريت حاصل ٿي ٿئي جيئن : ڪوهَ جي معنيٰ هڪ لحاظ سان نڪري ٿي جبل پهاڙ ۽ ٻي معنيٰ نڪري ٿي پنڌ يعني، آنهن ٻنهي معنائن کي گڏائڻ سان مقصد

نڪري ٿو پنڌ سان ياري.

هِن سُرَ کي شاه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي تخليقي چالَي سان اهڙو تہ سجايو آهي جو هِن جي آلاپن سان اِئين محسوس ٿئي ٿو تہ واقعي جيئن، سسئي جي جبلن ۽ پنڌ سان پڪي ياري، ۽ اِنهن ئي جبلن پهاڙن کي پنهنجو همراز ڪري، پنهنجا ڏک سُور صدما، اندر جا اُڌما پنهل جي وڇوڙي جا فراق. اِنهيءَ همراز پهاڙن جي وچ ۾ هانءُ ڏاريندڙ واڪا رڙيون اِنهن کي ئي اربيائين هي سڀ ڪجهہ ظاهري قصي سسئي پنهونءَ جي مطابق آهي پر شاه سائين جن هِن قصي جي پويان لِڪل ڳجهہ جي ڳالهہ اهڙي طرح سان ظاهر ڪئي اٿن جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ راقم الحروف اِنهيءَ سسئي ۽ پنهونءَ کي اهڙي ريت سجاتو. بقول شاه جي تہ:

پيهي جان پاڻ ۾ ڪيمِ روح رهاڻ،
تہ نڪي ڏونگر ڏيهہ ۾ نڪي ڪيچن ڪاڻ
پنهون تيس پاڻ، سسئي تان سُور هئا!

يعني سسئي پنهنجي پاڻ (پنهنجي روح) کي چيو اُتس ۽ پنهونءَ نبي ڪريم محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي سڏيو اٿن.

شاهہ سائين جن انهي موسيقي جي اِنهيءَ سُرَ ۾ ايڏا حسين چالاَ ۽ اُنهن کي حقيقي ۽ تخليقي رنگن سان سجايو ويو آهي. جو هِن جو اصل رنگ علم موسيقي جي ماهرن جي سمجهڻ کان مٿانهون رهيو آهي.

هِن سُرَ کي فقيرن (شاه جي راڳين) جي آلاپڻ جي طريقيڪار جي جڏهن راقم الحروف ڪلاسيڪل نوٽشن جو حساب لڳايو تہ هي سُرُ بلاول ٺاٽ جو ڪاڏو سمپورن راڳ سَڪُل بلاول پيدا ٿئي ٿو. ڳائڻ جو وقت صبح کان شام تائين آهي. هن راڳ جو وادي سُر مڌم (ما) ۽ سمر وادي کرج (سا) آهي. ڌيوت ۽ مڌم کي جهولائڻ ۽ سوت ميند لڳائڻ سان ڪوهياري ظاهر ٿي پوندي. آروهي ۾ هن جي رکب (ڏُربل) يعني ڪمزور لڳائبي. ما مڌم نياس جو سُر آهي. هي سُر اُترانگ جو راڳ

## نقشو اچل گيت سرُ ڪوهياريءَ جو (سـَڪَل بلاول)

تال جهپتال 10 ماترا

### آستائي

| x | 2 | 0 | 3 |
|---|---|---|---|
| گي گي | ما - نا | ذي پا | ما پا ما |
| سَ ڪُ | لَ - بِ | لا - | وَ - لَ |
| ما ما | گي ري سا | سا گي | گي ما - |
| سَ مَ | جَها - اُون | مين - | س ڪي - |
| ما - | ما گي ما | پا ذي | ني سا سا |
| شَن - | ڪ رَ يُو | ڪَم نَ | م - ل |
| سا نا | دي - ما | پا ذ ي | ني سا ما |
| ڪو مي | لا - اُون | مين - | س ڪي - |

### انترو

| سم | تاڙي | خالي | تاڙي |
|---|---|---|---|
| x | 2 | 0 | 3 |
| ني ني | ني ذي ني | سَا سَا | سَا - سَا |
| سَم بُو | رَ - ن | ڪَ رَ | رُو - پ |
| سَا گي | گي گي مَا | گي رَي | سَا - سَا |
| مَ - | دَ مَ ڪَ | رُون - | وا - دي |
| ذي ذي | ذي ما گي نا | پا ذي | ني سا سا |
| پَر ت | مَ - پَ | هہ رُو | د - ن |
| سَا نا | ذي - ما | پا ذي | ني سا ما |
| نِ تَ | گا - اون | مين - | س ڪي - |
| x | 2 | 0 | 3 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داستان يارهون

# سُرُ حسيني (حسيني ڪانڙه)

اصُل ۾ شاه سائين جن صرف داستانن ڪي پاڪيزه ڪهاڻين جي سدا حيات ڪردارن ڪي اُجاگر ڪري رکيو جو اهي ڪردار دنياوي ڪردارن ۾ بلڪل ڪير وانگر اجا ۽ اُجرا آهن. پر ظاهري ۾ اهي ڪردار داستانن جي روپ ۾ آهن پر باطن ۾ پاڪ خلقڻهار ڪي پاڏائڻ جو راز لِڪ ۾ رکيل آهي. پوري هِن بياض مقدس ۾ شاه سائين ڪٿي به پنهنجو پاڻ کي (مذڪر) مرد نہ سڏيو آهي، پر پنهنجي سڄاڻپ مؤنث (عورت) طور نماڻن لفظن سان پاڻ بيان ڪئي اٿن جيئن: اديون - پينر سرتيون ۽ ڪٿي ڪٿي لالنئون لعل لطيف استعمال ڪيو اٿن. انهي سُر ۾ سچائي، درس انسانيت، هڪ ٻئي سان محبت رکڻ، هڪ ٻئي جي ڪم اچڻ، اِئين نہ ٿئي جو سُکي ۾ سيڪو هجي ۽ ڏکي ۾ ڪو حال پائي نہ ٿئي جهڙو پيغام سمايل آهي.

اِنهن ڳالهين کان بچڻ لاءِ صحيح دين ۽ اسلام تي هلڻ جو گس اهڙي ريت ڏين ٿا:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهن.
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي!

اصل ۾ هي شاهه جو رسالو پوري دنيا جي مجموعي شاعرن جي ڪتابن ۾ واحد ڪتاب آهي. جيڪو ڪلڻ کان اڳ ۾ پڙهندڙ کي هڪ دفعو ڇرڪائي ٿو تہ اي مون کي پڙهڻ وارا، مون کي شاعر سمجهي متان پڙهين، مون کي دل جي روشني ۽ عشق سان پڙهندين تہ توکي دين ۽ دنيا کان ويندي اصل پرين تائين بنا تڪليف جي پهچڻ جو گس ۽ رستو ملندو.

هِن سُر ۾ شاه سائين جن، سسئي ۽ پنهونءَ جي وڇوڙي ۾ سسئي جي دردناڪ دانهن ۽ پتڪن جو عجب رنگ رکيو آهي ۽ گڏوگڏ

هن سُرَ ۾ شاه سائين سسئي جي ڏک ۾ اُنن کي بہ ارمان ڪندي ڇاڻايو آهي. اُنن بہ پڻ سسئي جي دردن کي محسوس ڪيو آهي.

پندرهين صدي عيسويءَ ۾ سلطان حسين شرقي جونپوري، جيڪو سلاطين شرقيہ جو آخري بادشاھ هو ۽ محمد شاھ، جنهن جو تخلصُ "رنگيلي" هو، اُنهن پنهي هُن زماني ۾ ڪجھ نوان راڳ متعارف ڪرايا، تن مان خاص ڪري جونپوري، حسيني ڪانرا ۽ حسيني توڙي شامل آهن، جيڪي اڄ تائين بہ ڳايا وڃن ٿا.

شاه سائين جي سُرُ حسيني کي شاه سائين پنهنجي تخليق ڪيل ڇالَي سان اهڙو تہ سينگاريو جو اِها سڃاڻپ تيڻ تمام مشڪل ڳالھ هئي تہ هن راڳ سُر حسيني مان حسيني ڪانڙه پيدا ٿيو آهي. هي راڳ ڪلاسيڪل جي لحاظ کان گهٽي ۾ گهٽا راڳ ۽ راڳڻيون پيدا ڪندڙ ڪافي ٿاٽ جو سمپورن راڳ آهي ۽ هن جو ڪلاسيڪل نالو حُسيني ڪانڙا آهي ۽ هِن راڳ کي مسلمان ڳائڪن پڻ ڳايو آهي. اهڙي طرح سُر حسيني مان حسيني ڪانڙا پيدا ٿئي ٿو.

**شاه جي تخليق وائي**

ڪوهياريءَ جي ڪا، ماريندم ماءِ،
من اندر جي ڳالهڙي

راقم الحروف هن سُر کي ائين ڪمپوزيشن ڏئي پاڻ پنهنجي آواز، نندي پاءُ حيدر علي خان ۽ شاگرد امبر مهڪ جي آواز ۾ رڪارڊ ڪيو آهي."

هي راڳ وڏن وڏن گرنٿن (سنگيتن) ۾ بہ نٿو ملي. شاه سائين واري نئين تخليق جي روح سان هي شاه سائين جي روح جو راڳ آهي. هن راڳ مان آزانہ ميگھ شهانہ سوها، سگهرائي، ۽ سُور ملهار پيدا ٿين ٿا شاه سائين جي سُر حسيني مان ۽ اِنهن راڳن ۾ خاص ڪري سارنگ جو روپ نظر ايندو هِن سُرُ ۾ تار اُستان جي ڪرج يعني مٿين سا جو استعمال تمام سهڻو ٻيهندو آهي ۽ مٿين سا شاه جا راڳي فقير تمام ڪهڻي خوبصورتي سان لڳائيندا آهن هن سُر جو وادي سُر ڪرج (سا) ۽

سم وادي پنچم پا آهي ۽ هِن جي آلاپڻ جو وقت صبح جو ٻيو پهر آهي. هِن راڳ جي امروهي وِڪر روپ جي آهي. هن راڳ ۾ ٻئي نکاد لڳن ٿا. اهڙي طرح شاه سائين جي داستان سُر حسيني مان راڳ حسيني ڪانره پيدا ٿئي ٿو.

(سا) آروهي سا ري گا ما پا ذي نا سا وادي کرج (سا)
(پا) امروهي سا نا ذي پا گا ما ري سا سم وادي پنچم (پا)

هي راڳ ٻاگيسري ۽ ڪؤنسي ڪي ملائڻ سان خوبصورت ٿي ٻيهندو.

**چالوَ سُر حسيني**

ساري. ٻاگا. ماري سا. گا. ما. ري سا. ما ما. پا گا. ماري. ساري سا
پا پا. گاما. سا. نا پا. ما پا. گا مان نا پا. پا گا. ما ري. سا ري. نا
سان رپا. گا ما ري. پا. گا ما ري سا.
نا نا پا. ما پا ما. گا گا ما پا. نا پا. نا ما پا. سَا. نا پا. گا گا ما ري
پا گا ما ري. سا.
سا ما پا. ني سا. پا. نا پا. ني سَا. رَي ري سَا. نا پا سَا. سَا رَي گا گا
مَامَا ري. پا نا پا. گا گا ما پا. نا ما پا. گا ما ري سا

داستان ٻارهون

## سُرُ سورٺ

شاه سائين جي سر سورٺ مان ڪلاسيڪل راڳ ”دَيس“ جو جنم ٿئي ٿو. شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي هِن سر سورٺ تي ڪافي ليکڪن پنهنجي پنهنجي راءِ سان جيڪو ڪجهه لکيو آهي، اُهو ثابت ۽ بهتر آهي. پر جتي راڳ وِديا (عِلم موسيقي) جي راڳ روپ جو ذڪر ٿيل آهي، اُنهيءَ سان راقم الحروف مُتفق ناهي. ڇاڪاڻ جو ڊاڪٽر گربخشاڻي جيئن سر سهڻي کي سُر توڏِي ڪري لکيو آهي يا جيئن هن سُر سورٺ لاءِ ڀيرو راڳ جو ٺلاٽو ڀٽ ڪري ۽ هِن سُر کي ٻي واجب

پُوريا لکيو ويو آهي. اها راڳ جي دنيا کان نا واقفي جو سبب ۽ ڪنهن ٻڌائندڙ جي ٻَڌل ڳالهہ آهي

هي سُرُ سورٺ داستان ٽن قسمن سان لکيو ويو آهي. اُهي ٽيئي قِسم هيٺ لِکجن ٿا.

## (1) راءِ ڏياچ جو ڪانياواڙي قِصو

875ع ڌاري سنڌي سَمي راجپوت راءَ چوڙا جي حڪومت ٿي، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ ونٿلي وجود ۾ آيو. سندس پويان وارا سما چوڙا سڏائڻ لڳا ۽ اِنهي دؤر کان پوءِ 982ع ۾ جهونا ڳڙهہ جو مشهور قلعو جنهن کي هاڻ اپر ڪوٽ جو قلعو ڪري ڪونين ٿا تنهن کان پوءِ راجا گرهر پوئا تخت تي وينو جيڪو اِنهي سَن ۾ گذاري ويو. تنهن کان پوءِ سندس پٽ راءِ ڪوات سنہ 1003ع ۾ گذر ڪري ويو ۽ هن کان پوءِ سندس پٽ راءِ وياس تخت تي وينو جنهن کي مَهِي پال بہ ڪري سڏيندا هئا.

اِنهي دؤر ۾ گجرات جو حاڪم راجا ڏرلڀ سين هو ۽ هِن جي گاديءَ جو هنڌ نهلواڻ پاٽڻ هو ۽ هن جي ڪري هن کي انهلراءِ بہ سڏيندا هُئا. اِنهي زماني ۾ گجرات ۽ ڪانياواڙ جي حاڪمن جي پاڻ ۾ اٽيٽت هئي. جڏهن گجرات جا راجڪُمار ۽ راجڪُماريون تيرٿ ڪرڻ لاءِ ايندا هُئا تہ اُنهن سان نا سلوڪي ڪئي ويندي هُئي راءِ دياس جي ڏينهن ۾ راجا ڏرلڀ سين جي راڻي دلرڀ ديوي ۽ سندس ڌي چندر ود راءِ وڏي اتالي سان هندستان جا مشهور تيرٿ ۽ تڪيا پيٽيندي اچي گرنار نڪتيون تہ مٿي جبل تي گهوڙي سوار ٿي راجا راءِ دياس نمودار ٿيو ۽ رستو روڪي چيائين تہ اوهان جي ڌي راجڪماري چندروورداءِ جو سڱ ڏيو تنهن تي دربان عقلمندي جو ثبوت ڏيندي چيو تہ اسان ۽ راجڪماري پاڻ ۾ صلاح ڪئي آهي تہ راڻي وچن ٿي ڏئي تہ اها شادي ضرور ڪندس پر وڏي شان ۽ مان سان ڄاڪاڻ جو توهان بہ راجا آهيو ۽ شهزادي بہ راجا جي ڌيءَ آهي تنهنڪري هينئر اسان کي تيرٿ ڪري واپس وڃڻ ڏيو تنهن کان پوءِ ايندڙ مهيني جي انهي ساڳئي ڏينهن تي

اسين راجڪماري کي پالڪي ۾ ويهاري ڇڄ سان وٺي ايندا سين. اُنهي تاريخ تي راجا اُنهي ڏينهن پنهنجي شهر ۽ ان جي گهٽين ۽ بازارن کي سينگاري ۽ غريبن لاءِ خزانن جا مُنهن کولي ڇڏيا ۽ نيٺ راجا دُرلڀ سين پنهنجي خاندان جي بي عزتي جو بدلو وٺڻ لاءِ پالڪين ۾ پهلوان موڪليا ۽ اُتي اِها جنگ لڳي ۽ وڏي مشڪل کان پوءِ راءِ ڏياس پنهنجي قلعي ۾ پنهنجي ساٿين سميت جان بچائي ويهي رهيو. اهڙي طرح راجا دلرڀ سين پنهنجي فوج قلعي جي ٻاهر ويهاري ويهي رهيو تہ اِجهو اندر راشن پاڻي کٽندو ۽ نيٺ هي قلعي کان ٻاهر نڪرندا. پر اندر اَن پاڻي جا انبار گڏ ڪيل هُئا.

ڪجهہ ڏينهن گذرڻ کان پوءِ ٻاهر ويٺل راجا وٽ هڪ چارڻ مڱڻهار پهتو ۽ هُن چيو تہ جيڪڏهن راجا جو سر اڪيلو وڍي آڻي ڏيان تہ مون کي ڇا ملندو. تنهن تي راجا چيو تہ توکي وڏا وڏا انعام ۽ اِڪرام ۽ ٻڻ وڏو عهدو ملندو تنهن کان پوءِ هو راجا جو سر سُرن جي تندن جي آلاپ سان وڍي کڻي آيو ۽ بعد ۾ هُن جي راڻي سورٺ بہ سَتِي ٿي وئي.

### (2) راءِ ڏياچ جو سنڌي قِصو

جهونا ڳڙهہ جو راجا راءِ ڏياچ جنهن جي هڪ ڀيڻ هوندي هئي تنهن کي اولاد جي گهٽي سِڪ هوندي هئي. هڪ ڏينهن هڪ فقير سان اولاد لاءِ سوال ڪيائين. هُن فقير وراڻيو تہ مائي توکي هڪ پٽ ٿيندو، جيڪو تنهنجي ڀاءُ راءِ ڏياچ جو سر وڍيندو.

الله جي ڪرڻي ۽ حڪم سان نيڪ نَون (9) مهينن ۾ ڪيس هڪ پٽ ڄائو ۽ هُن ڇاول ٻار کي صندوق ۾ وجهي درياهہ حوالي ڪيو ويو. هي صندوق لڙهندي لڙهندي راجہ اڪيراج جي ملڪ ۾ وڃي نڪتي. اُتي چارڻ (اڄ جا مڱڻهار پاڻي ڀرڻ لاءِ درياهہ تي آيل هئا. اُنهن جڏهن صندوق کولي تہ اُنهن کي هڪ خوبصورت ٻار ٻَٽ جي شڪل ۾ مليو ۽ اُنهن هن تي نالو رکيو ٻيجل. اهڙيءَ طرح ٻيجل کي پنهنجي اباڻي ڪم

جي ڪرت سان گُر ۽ سُر ڏنائون. اِهو سُر هُن زماني جي مشهور ۽ مشڪل ساز سُرندي جي روپ ۾ نصيب ٿيو ۽ اهڙي طرح ٻيجل ڪي هن ساز تي وڏو عبور حاصل ٿي ويو. هِن جي آڱرين ۾ ايڏو رس ۽ رچاءُ جو اثر ٿي پيو جو هو جڏهن بہ ڪنهن سنسان جهنگ ۾ ويهي سُرندي جي تارن کي ڇيڙيندو هو تہ اُنهي وقت جهنگ ۾ موجود جانور قدمن ۾ اچي سِبِس نمائي ويهي رهندا هئا ۽ جانورن کي ايڏو تہ سڪون ملندو هو جو اُنهن کي اُتي ئي ننڊ اچي ويندي هئي. انهي طريقي سان هُو جانورن جو شڪار ڪري گهر ڪٺي ايندو هو.

اُنهي زماني ۾ جڏهن ٻيجل جائو هو، اُنهي وقت راجا اڪيراج کي هڪ ڌيءَ جائي هُئي. راجا کي ست ڌيئون اڳي ئي جاول هيون. سو بادشاه هِن ڌک ۾ پنهنجي جاول ڌيءَ کي صندوق ۾ وجهي لوڙهي ڇڏيو. اُها صندوق وڃي راءِ ڏياچ جي مُلڪ ۾ نڪتي ۽ اُتي رتني نالي ڪنير کي هٿ آئي ۽ هن تي نالو رکيائون سورٺ. جڏهن سورٺ سامائي تڏهن هُن جي حُسن جي هاڪ راجا اڪيراج وٽ پهتي جنهن کي انيراءِ بہ چوندا هئا. اِهو راجا رتني ڪنير وٽ پهتو ۽ سورٺ جو سڱ گهريائين. ڪنير اِهو سڱ ڏيڻ تي راضي ٿي پيو ۽ هن سورٺ کي سينگاري پالڪيون نهرائي هن کي راجا انيراءِ وٽ پهچائڻ لاءِ وني وڃي رهيو هو تہ راجا راءِ ڏياچ پنهنجي محل جي دريءَ مان هِن ڄڃ کي ڏسي رهيو هو. خبر پيس هي ڄڃ رتني ڪنير جي ڌي سورٺ جي آهي جنهن کي هي راجا اڪيراج سان پرڻائڻ لاءِ وني وڃي رهيو آهي. تنهن تي ٻنهي کي گهرائي سورٺ کي پنهنجي حويلي ۽ ڪنير کي قيد ۾ وڌائين.

جڏهن راجا انيراءِ کي اِها خبر پئي تہ هُن جهونا ڳڙه تي وڏي لشڪر سان حملو ڪيو. اهڙي طرح هي جنگ ٻارنهن مهينا هلي ۽ فتح نصيب نہ ٿيڻ ڪري واپس وطن موٽي آيو. پوءِ رتن نڪن جو ٿال پري اعلان ڪيائين تہ جيڪو بہ راجا راءِ ڏياچ جو سر وڍي ايندو تنهن کي نہ صرف هي ٿال پر جيڪو گهرندو سو ملندو. تنهن تي ٻيجل جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زال هي ٿال وٺي رکيو ۽ وچن ڏنائين تہ منهنجو مڙس اِهو شرط ضرور پورو ڪندو. ٻيجل زال سان وڙهيو پر هاڻ مجبور ٿي پنهنجو سُرندو سينگاري ۽ وڃي جهوناڳڙهہ نڪتو ۽ محل جي سامهون ويهي اهڙو تہ جادوئي اثر سان وڄايائين جو راجا مجبور ٿي محل ۾ گهرائي ورتس ۽ چيائين تہ مڱڻهار! جيڪو گهرين سون ڏيانءِ. اِتي چارڻ سِر جي صدا هنئي ۽ اهڙي طرح راجا سخا ڪندي سِر وڍي ڏنو ۽ سِر ڪٽي ٻيجل راءِ اڪيراج وٽ پهتو. راجا هُن کي شهر نيڪالي ڏني ۽ چيائين تہ تون اسان سان الائي ڇا ڪندين. تنهنڪري هِن شهر مان هليو وڃ. چارڻ رُئندو جهونا ڳڙهہ مان نڪري رهيو هو تہ اوچتو ڏنائين تہ هڪ وڏو باهہ جو آڙاهہ آهي جنهن ۾ سورٺ ستي ٿي رهي آهي ۽ اهڙي طرح پاڻ بہ انهي باهہ ۾ هليو ويو.

هِن داستان کي جنهن حَسِين انداز ۾ شاه سائين آلاپيو آهي. اها صدا ۽ اِهو روپ اڄ بہ ٿرپارڪر واري پاسي ٿري زبان جي لوڪ گيتن جي صورت ۾ موجود آهي. مثال طور: اونان ري هسواري. لوٽا گر. پيٺيا. نينداڙي . هي أهي قديمي گيت آهن جن جي تاريخ تمام گهڻي قديمي آهي. ۽ شاهہ سائين جي هن سُر مان راڳ ديس پيدا ٿئي ٿو.

اهڙي طرح هي داستان ڪلاسيڪل جي لحاظ سان ڪماچ ٺاٺ جو أوڏو ڪاڏو راڳ آهي ۽ هن راڳ ۾ گنڌار (گا) جو سُر خارج آهي. هِن راڳ جي آروهي ۾ رکب ۽ ڌيوت نہ لڳائبي ۽ هِن راڳ جو وادي سُر رکب ۽ سم وادي ڌيوت آهي. مذم گرهہ جو سُر ۽ رکب نياس جو سُر آهي. آروهي ۾ ڪومل نکاد امروهي ۾ تيور نکاد لڳائبي. اهڙي طرح: ماري ني ني ساري سا نا ڌا پا ڌي ماري ري ني سا سورٺ مان ديس پيدا ٿئي ٿو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| آروهي | سا ما ري ما پا ني سا | وادي | رکب (ري) |
| امروهي | سا ني ڌي پا ما ري سا | سم وادي | ڌيوت (ڌي) |

راگ وِديا (عِلم موسيقي) جي ڪلاسيڪل روپ ۾ چالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر سورٺ جو چالو:

سا. ري ري. ما پا. ما ري سا. ني سا ري سا. ماري. سا
ني ساري. ماري. پا ما ري. ما پا ڌي ما ري. ري پا ما ري سا
ني سا ري سا. سا ري سا. نا ڌي پا.
ني سا. ما ري. ما پا ڌي. ما ري پا ما ري. ني سَا
سا ري ما ري. ما پا ني سَا. رَي سَا. نا ڌي پا ما ري. ما پا ني سا
رَي رَي سَا. مَا رَي سَا. نا ڌي پا. ري ما پا. ني ني سَا
ني ڌي ما پا. سا ني ڌي پا. ڌي ما ري سا

**لچڻ گيت سُر سورٺ** (چؤتال) 12 ماترا

آستائي: سورٺ راڳني اُودو ڪاڊو ڳنڌا ر سُربِن
ما ري ما پا ني ني سا ني ني سا ري ري سا ني ڌا پا پا
انترو:- رات ڪي دوجي پهر ڪماچي ڪو ناٿ
بنائي رکب انش ڪري. چتر ڳنِي جن ڌائي

### لچڻ گيت سُرُ سورٺ

تال اِڪتالو 12 ماترا

| تاڙي | تاڙي | سَم | خالي | تاڙي | خالي |
|---|---|---|---|---|---|
| 3 | 4 | x | 0 | 2 | 0 |
| سا نا | ڌي ما | ري ما – | – – | – – | سا سا |
| سو او | رَ ٿ | را – | – – | – – | گ ني |
| ما ري | – ما | پا – | پا ڌي | ما ري | پا ما |
| او – | ڊ ؤ | ڪا – | ڊ وَ | گن ڌا | – رَ |
| ري ري | سا سا | ما ري | ما پا | ني ني | سا – |
| سُ رَ | بِ نَ | ما ري | ما پا | ني ني | سا – |
| ني ني | سا – | ري ري | سا – | ني ڌا | پا پا |
| ني ني | سا – | ري ري | سا – | ني ڌا | پا پا |
| 3 | 4 | x | 0 | 2 | 0 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (انترو)

| 0 | 2 | 0 | x | 4 | 3 |
|---|---|---|---|---|---|
| سا سا<br>هَ رَ<br>پا پا<br>نا اي<br>سا سا<br>ت رَ | سا ني<br>جي پ<br>نا ڏي<br>ٺ بَ<br>سا نيِ<br>ري چ | سا -<br>دو -<br>سا -<br>ٺا -<br>ني ني<br>ش ڪ<br>ڏي پا<br>- اي | ني ني<br>- اي<br>ري ماري<br>ڪو -<br>پا -<br>آن -<br>سا نا<br>ڏا آ | ما پا<br>ت ڪي<br>سا ري<br>چي -<br>- ما<br>ڪ بَ<br>ري سا<br>جَ ن | ما -<br>را -<br>ني سا<br>ڪر ما<br>ما ري<br>ري اي<br>ري ما<br>ري<br>گُ ني |
| 0 | 2 | 0 | x | 4 | 3 |

### داستان تيرهون

# سُر بيراڳ (بيراڳ هندي)

هِن سُر ۾ شاهه سائين پنهنجي ازل کان ذهن ۾ چٽيل اُنهي تصوراتي تصوير جو عڪس ڏنو آهي، جيئن سج جا ڪِرڻا ۽ چنڊ جي روشني سمنڊن جي پاڻيءَ تي اٿل تي بيهي ٿي.

شاه سائين هِن سُر ۾ هِندي ٻولي وسيلي پرينءَ جو پيغام انهيءَ ٻولي وارن تائين رسايو آهي ۽ گڏوگڏ شاه سائين پاڪ پالڻهار جي اِنهي هندي ٻولي ۾ اهڙي ريت تعريف ڪئي آهي، جنهن جي پاتال ۾ ڪنهن شاعر کي طاقت ئي ناهي جو هُن ڳجهي ڳالهه جو ذرو به لهي سگهن، چو جو شاه سائين اِنهي شاعري واري ٻولي وسيلي اُهي نشانيون سنڌي ۾ چٽيون آهن جيڪي مُقدس قرآن پاڪ جي صفحن تي موجود آهن. اِنهيءَ ڳالهه مان ظاهر ٿيو ته شاعري وسيلي ئي محبتن ۽ گڏجي رهڻ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اولیت ڏئي همدردي ۽ اِنسانیت جو پیغام ڏنو. هندي ٻولي ۾ اهڙا اهڙا لفظ استعال ڪیا آهن جو ڪنهن هندي ٻولي وارن شاعرن کان بہ اڳ ۾ ڪونہ ٻڌاسون.

مثلاً: ڌرتي ساري ڪاغذ ڪرون قلم ڪرون ونڻ راه
مَس ڪرون سارا سمندر تہ ڀي ايڪ گڻ لکو نہ جاءِ

يعني:- جيڪڏهن مان سڄي روءِ زمين کي ڪاغذ بنائي ۽ جيڪي روءِ زمين تي وڻ آهن اُنهن کي وڍرائي ۽ اُنهن جو قلم ٺاهرايان ۽ سڄي سمنڊ جي پاڻي کي مَسُ ڪري لکان تڏهن بہ پاڪ پالڻهار جو هڪ بہ ٿورو نٿو لکي سگهان. اهڙي طرح سُر بيراگ هندي مان بيراگي پيروو جنم وني ٿو.

هِن سُرُ بيراگ هندي لاءِ مشهور چوڻي آهي تہ هي راڳ ڪنهن وڏي پهاڙ جي هڪ وڏي پٿر جي سامهون ويهي آلاپجي ۽ سچائي سان سُر اچي سامهون بيهي رهن تہ پٿر اڌو اڌ ٿي پوي.

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رح جن پنجتيهہ سُر پنهنجي رنگ ۾ آلاپيا آهن، اُهي علمِ موسيقي مان ٻاهر نہ آهن، پر شاه سائين اِنهن راڳن ۾ هڪ معجزاتي سلسلي سان هڪ قاعدي مطابق پنهنجي سنڌي تخليق ڪيل چَالي کي اهڙي طريقي سان آندو، جو ڪلاسيڪل جون شڪليون در جون ڪنيز ۽ غلام ٿي بيهي رهيون . چالو چٽبو آهي لفظن کي جهولائي ۽ هيٺ مٿي ڪرڻ کي. هي راڳ ڪلاسيڪل جي گرنٿن ۾ ملي ٿو. شاه جي راڳ مان هي راڳ ڀيرو ٺاٺ جو اوڊو اُوڊو يعني 5 سرن جو راڳ آهي هِن جو قديمي نالو صرف بيراگ آهي. هِن سُرُ ۾ گنڌار ۽ ڌيوت خارِج آهن. هن جو وقت رات جو ٽين کان صبح تائين آهي. هن سُرُ جو وادي سُر رکب (ري) ۽ سم وادي پنچم (پا) آهي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| آروهي | سا را ما پا نا سا | وادي | رکب (ري) |
| امروهي | سا نا پا ما ري سا | سم وادي | ڌيوت (ڌي) |

سا ري ما پا ني سا

سا ني پا ما ري سا
شاه سائين جي صنف (وائي) ندي ۾

(وائي)

جوگي ڪِسِي ڪانہ مِيت، سامي ڪسي ڪا نہ ميت
نانگا هو سين ماتا گوپي. اور نانگا هُون ۾ پريت
بره ني لايا ڪيا اِس مندل ۾ ڪائي اِسڪي ريت
آڪي سجن موري پاتا گَلَي. ناٿُ نِمئا ڪوئي نيچ
اِنهيءَ سُرُ ۾ شاه سائين جي فارسي زبان ۾ وائي

## سُر بيراگ هنديجو

(فارسي وائي)

مِلڪَا ذڪرُ تُو ڪُويَم ڪہ تُو پاڪِي و خُدائِي
نِرَ وَ مَرَ من بَجُزان ره ڪ تُو ان رَهنمنَائِي
تو خُداوند يَساري تو خداوُند زَمِييني تو خُدا وَند سَمَائِي
هَمہ توحيد توُڪُويَم تبوحيد سزائِي
هَمَه دَرڪارِ تُو يُويَمَ هَمَه اَز فَضَلِ تو جويم
تُو حَليمي تو ڪريمي تو سَمِيعي تُو بصَيرِي
تُو مُعزا تُو مُزلا مالِڪُ العرشِ الاهي
تُو ڪَبيرا تو خبيرا تو ”لطيف“ تو رَحيمي
تو غفورا تو ڪريما تو شايانِ ثَنَائِي

هي وايون قلمي پهرئين ڇاپي، شاه جي رسالي مان هٿ ڪيون
ويون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان چوڏهون

# سُر هير رانجهو (سنڌي پيروين)

ڀِٽائي سائين هِن راڳ کي پنهنجي تخليق ڪيل چَالي سان ڏاڍي خوبصورت انداز سان آلاپيو آهي ۽ اِنهيءَ سُر کي مرزا قليچ بيگ جن پنهنجي ڇپايل شاهه جو رسالي ۾ صفحي نمبر 489 تي پڻ ڏنو آهي. اِنهيءَ سُر ۾ شاه سائين فرمائين ٿا تہ:

سُڻ وي سڱا مئين سڱ تيڏي- تون سگ ميڏي دلبر دي درد دا
ڪائيندن طعام سَتيندن لُقما تيڪون نور نظر دا
اُنهين لقمَي وچون هڪ لُقما ڏيوين ميڏا تيوي قُوت قبر دا
شاه سائين اِنهيءَ داستان ۾ فرمائن ٿا.
رانجهڻ والا زهر پيالا ڳجهڙي آيم پاڄي.
ماءُپي ڪنون چوري پيتم ڪيتم روح رَاضي
دل دي قضا دل جاني تون ڪيا جاني قاضي.

وري هِن سُر ۾ پاڻ فرمائين ٿا.

چولِي ميلي صابن تولا- ڪتِلي مَلمل ڌووان.
سيني اندر داغ رانجهن دا جيوين ديکان تيوين رووان

وري پاڻ اِنهيءَ سُر ۾ فرمائن ٿا.

تو جيها رانجها وَر مينون نہ ڪوئي. مين جَهيان لکهہ تينون
تن پيي ٽُڪڙا مَن پيي ٽُڪڙا. جئن درزيان ديان ليران اُن
ليڙان وچون ڪفني سيسان. جُلسان فقيران نال شاه رانجهان
مينون آڻ مِلائو جو شاه آکهيا سو ڪريسان تو جيها رنجها
اور نہ ڪوئي. مين جيهان لک هيران رُخصت پاجهون يار
رانَجهودي. وچ جنت دي نہ وڙسان.

وري پاڻ اهڙي ريت هِن داستان ۾ فرمائن ٿا.

ڪِٿ اَسان ڪِٿ يار اسان ڏا، ڪِٿ ياران دي وستي
رانَجها ڪسڻ ڪيڙا ڏسڻ، ويک جتان دي مستي

ڀٽائي گهوٽ هِن راڳ ڪي اهڙو تہ چَالو ڏنو آهي جو هِن سُر ۾ نئين تخليق يعني لطيف جي پنهنجي خوشبوئن سان مهڪيل ۽ سجايل اِنهي سُرُ هير رانجهي ڪي سنڌي پيروين جو روپ ڏئي سنڌ ۾ متعارف ڪرايو. اِنهيءَ سُرُ ڪي ”سنڌي پيروين“ جو روپ مجڻ جو ڪارڻ اِهو آهي تہ اِنهي راڳ ڪي دنيا جي مختلف مُلڪن ۾ پنهنجي پنهنجي روايتي انداز ۾ آلاپيو آهي. مثلاً: بنگال وارا هِن ڪي پنهنجي انداز ۾ تہ بلوچ پناڻ پنهنجي انداز ۾ استعمال ڪن ٿا. خاص ڪري عربستان ۾ هن راڳ ڪي آذان لاءِ استعمال ڪن ٿا ۽ ڪلاسيڪل جي لحاظ سان هن ڪي ناٺ ڪونبو آهي.

اهڙي طرح انگريز پنهجي روايتي انداز ۾ ڳائيندا آهن ۽ خاص ڪري پنجاب وارا اِنهي راڳ پيروين ۾ وارث شاه جي هير ڳائيندا آهن يعني هر ملڪ هر زبان ۽ بولي ۾ مختلف رنگن سان هن راڳ ڪي ڳائيندا آهن.

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رح پنهنجي ولايت جي رنگ سان پنهنجي الهامي شاعري جي وجدانيت واري رنگ ۾ ملائي ۽ پنهنجي تخليق ڪيل چالي ڪي اهڙي طرح ڪرتب ۾ آندو جو هي داستان سنڌي پيروين جو روپ ٿي ويو.

هاڻ خاص ڳالهہ ٻڌائيندا هلون تہ پيروين پاڻ ناٺ ناهي پر هي توڙي يا براِل ميل ناٺ جي سمپورن راڳڻي آهي ۽ اِج ڪلهہ هِن ڪي ناٺ بہ چوندا آهن ۽ گڏوگڏ هن واحد راڳڻي ڪي سدا سهاڳڻ جو خطاب بہ مليل آهي. يعني هي راڳڻي جنهن وقت ڳائبي تہ هِن جو رنگ ڦِڪو نہ پوندو يعني هي راڳڻي وقت جي محتاج ناهي.

هِن راڳ ۾ مختلف طريقن سان 12 ٻارهن ئي سُر استعمال ۾ اچن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تال:- جهپتال (10) ماترا

| x | 2 | 0 | 3 |
|---|---|---|---|
| سا - | پا نا پا | سا - | سا سا - |
| گا - | وَتَ سُو | مو - | ت کي - |
| سا ما | ما - پا | گا - | را - سا - |
| ڪَ ري | مِ - شر | هي - | لَ سُون - |
| گا - | گا گا ما | را - | را سا - |
| پِ - | رَ وين هـَ | رَ - | پر يا - |
| نا سا | گا - ما | پا ذي | نا سَا پا ذي |
| ني سا | گا - ما | پا ذا | ني پا ذا |
| گا - | را - سا | را پا | گا - - |
| گا - | ري - سا | ري پا | گا - - |

## آستائي انترو سُر هير رانجهو

راڳ موتڪي ڪومل پا گيسري

### آستائي انترو

| x | 2 | 0 | 3 |
|---|---|---|---|
| ما پا | سَا - نا | سَا - | نا سَا سَا |
| يا - | گي - سِ | ري - | آن ن گ |
| سا رَا گا | رَا - سَا | نا سَا | ذا - پا |
| آ - | سا - وَ | رِي - | سن - گ |
| پاذا ما پا | گا - ما | پا ذي | نا سَا - ذي پا |
| آ نو | لو - مَر | او ر | وَ مَر ذ |
| گا - | را را سا | را پا | گا - را |
| مَر - | ذ مَر ڪَ | رَ ت | آن - ش |
| سم | تاڙي | خالي | تاڙي |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان پندرهون

# سر بروو سنڌيجو (سنڌي)

هِن سُر ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي محبوب سان ملڻ جي سِڪ ۾ پنهنجي پرينءَ کي خوابن وسيلي ڏسندي اِئين محسوس ڪرايو آهي تہ جيئن ساهہ تہ محبوب ڀاڻ سان ڪٽي ويو ۽ جسم بي جان رهيو. وري فرمائين ٿا تہ جي هڪ ڀيرو پرين اڱڻ تي پير اچي پائين تہ وار وڇائي پنبڻيون پيرن هيٺ رکان. جيڪڏهن پرين شفقت ڀري نگاهہ سان صرف هڪ وار ڏسن تہ هميشہ هميشہ لاءِ عشق جي ڪائنات ۾ روح پُرباش ٿي پوي. شاهہ لطيف سرڪار ڪُليل لفظن ۾ فرمائي رهيا آهن تہ رب العزت جا ڪروڙين شڪرانا جو مون کي حياتي ۾ جيئري پرين جي زيارت ٿي ۽ مان اُنهن جي پُر نور محفل ۾ وڃي وينس، وري پاڻ اِنهي سُر ۾ فرمائين ٿا تہ "دل جو دلبر هڪڙو ٿي ڪجي گهڻا نہ ڪجن. دل هڪ کي ٿي ڏجي توٽي سوين ڀيا سِڪن. در در دوستي لائڻ وارن کي حقيقت ۽ معرفت وارو ڳس ڪين ملندو." وري پاڻ اِئين بہ فرمايو اٿن تہ "مالڪ توکي منهنجي ڏلائين جي سچي خبر آهي، پر اها اُميد بہ آهي تہ تون ڏڪٿار آهين ۽ ڀيو ڏڪيندين." راڳ بروو سنڌي جيڪا شاهہ سائين جن جي تخليق آهي، هن راڳ کي شاه عبداللطيف ڀٽائي رح پنهنجي روحاني ڇالَي سان اهڙو سجايو آهي جو هن تي نالو پنهنجي داستان جي مطابق رکيائين بروو سنڌي. اهڙي طرح هن راڳ (داستان) تي نالو سنڌ سان ڳنڍيو ويو. ڪلاسيڪل راڳ وِديا (علم موسيقي) جي لحاظ سان ڪافي ٺاٺ (ڪر هر پريا ميل) وانگر اوڊو سمپورن راڳ آهي. آروهي ۾ ڳنڌار ۽ ڌيوت خارج آهن. يعني گا ۽ ما ڪونہ استعمال ۾ آئيا. باقي امروهي سمر پورن آهي. هن راڳ جو وادي سُر کرج (سا) آهي ۽ سمر وادي پنچم (پا) آهي. هي داستان (سُر) ٻن طريقن سان ڳايو وڃي ٿو. هڪ طريقي سان صرف ڪومل ڳنڌار لڳائبي آهي ۽ ٻئي طريقي ۾ ٻئي (ڳنڌارون) گا ۽ ڳي (تيور ڪومل

گنڌار) ڪتب آڻبيون آهن. جڏهن ڪومل گنڌار هن راڳ ۾ لڳائبي تہ هي راڳ ديسي راڳ جي شڪل ۾ ٿي پوندو، پر هن راڳ ۾ ڌيوت (ڌي) تيور ٿيڻ سان هِن راڳ تي ديسي راڳ جو اثر نہ پوندو.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| سا | آروهي | سا ري ما پا ڌي ني سا | وادي | کرج (سا) |
| پا | امروهي | سا نا ڌي پا ڌي ما گي ري گا سا | سمر وادي | پنچم (پا) |

هِن راڳ ۾ ٻئي نکادون ۽ ٻئي گنڌارون لڳن ٿيون. هي راڳ بہ سنڌي پرڪاش جو آهي ۽ هِي بہ ٻنهي پهرن ۾ آلاپبو. يعني ڏينهن جو ٻيو پهرُ ۽ رات جو ٻيو پهر.

اهڙي طرح هي راڳ شاه سائين جن جي تخليق ڪيل سنڌ جي راڳن مان "سنڌي" جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو ۽ هِن مان راڳ بروو جنم ورتي ٿو.

## چالو سُر بَروو سنڌيجو

گا. ري گي. سا. ري پا. گي ري گا سا. نا ڌي پا ما پا ني سا
سا ري. ما پا. ڌي پا. ڌي ما. گي ري گا سا.
سا ري پا. گا. ري ما پا. ڌي پا. ڌي ما. گا ري ما پا ڌي سا. ري نا
ڌي پا. ما پا. گا ري گي سا.
ڌي سَا. رَي نا ڌي پا. ما پا. گي. ري گا سا
پا پا. گي ري گا. سا ني سا. ري ما پا. گا ري ما پا سا
نا ڌي پا. ڌي ما. گا. ري گا سا ري. ما پا ڌي. گي ري گا سا.
ما پا ني سَا. سَا ني سَا. گا رَي گا سَا. نا ڌي پا گي ري ما پا پا.
ڌي سَا. نا ڌي پا. ڌي ما پا. گا ري. ما پا ڌي گي ري گا. سا.

### شاهہ سائين جي تخليق: وائي

هاڻ ايندو هاڻ ايندو، منهنجو سڄڻ سائين هاڻ ايندو
ڏيئي وو وِلين کي ڪامل ڪرم ڪريندو، هاڻ ايندو
شمع باريندي شب ۾، نرمل نور سڏيندو، هاڻ ايندو
نمائي جو نجرو، پاسي پاڻ اڏيندو، هاڻ ايندو
مٿان لڪن ساڙو، صحيح سلامت نيندو، هاڻ ايندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داستان سورهون

# سرُ مومل راڻو

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جيترا بہ سُر (داستان) لکيا آهن، اُنهن داستانن ۾ ظاهري قصن ۾ پاڪيزه عشق لِکل آهي، جن کي دنيا جي اعتبار سان پاڪ صاف نگاهن سان پڙهيو ۽ محسوس ڪيو ويندو آهي. هي داستان عشق جي رنگن سان رتل آهي، اهڙي طرح هي بہ داستان هڪ مرد (راڻو) ۽ هڪ عورت (مومل) جي نالي سان سينگاريل آهي.

سورهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ ٺٽي جو شاعر محمد نعيم اُهو پهريون شخص آهي، جنهن هن قصي کي فارسي شاعريءَ ۾ لکيو ۽ هن تي نانءُ رکيائين ترنم - عشق، اِنهيءَ سان گڏوگڏ پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ ڪيترن ئي صاحبن جهڙوڪ شيخ ابراهيم، ڪبير شاهہ، حفيظ تيوڙو ۽ پڻ ٻين هن قصي کي نظم توڙي نثر ۾ لکيو. راقم الحروف پنهنجي فقيراڻي سوچ مطابق لکي ٿو تہ مومل جو روح جڻ شاه سائين پنهنجي روح کي ڄاڻايو هجي ۽ راڻو جڻ پنهنجي تصوراتي مُرشد ڪائنات جي مالڪ جي محبوب کي ڪوٺيو هجي.

## ظاهري ڪهاڻي (داستان) سرُ مومل راڻو:

ڪنهن زماني ۾ راجا نند نالي هڪ بادشاهہ کي نو (9) نياڻيون هيون جِن مان مومل تمام گهڻي حَسين ۽ وڏي سونهن جي مالڪ هُئي ۽ وڏي ڀيڻ سومل وڏي هوشيار داناءُ ۽ جادو ٽوڻن جي پڻ ماهر هُئي. هڪ ڏينهن بادشاهہ (نند) شڪار تي ويو ۽ اوچتو هڪ سُوئر تي نگاهہ پيس، جيڪو درياهہ ۾ گهڙي رهيو هو ۽ جتان هو پاڻي ۾ گهڙي رهيو هو تہ اُها جاءِ پنهنجي پاڻ خشڪ پئي ٿي. اِهو لقاءُ ڏسي راجا گهوڙي تان لٿو ۽ ڪنهن طريقي سان هُن جانور کي ماري ۽ هُن جي جسم جي ٽڪرن کي پاڻي خشڪ ڪرڻ لاءِ آزمائيندو رهيو. آخرڪار اِنهي

جانور جي ڏندن سان پاڻي خشڪ ٿي ويو. پوءِ اهڙي طرح پنهنجو سڄو خزانو پاڻي هيٺ ڏند وسيلي محفوظ ڪري رکيائين. اُنهي دؤر جي هڪ جادوگر کي پنهنجي جادو وسيلي اِها خبر پئجي وئي تہ راجا هڪ خزانو ڏند جي وسيلي پاڻي ۾ لڪائي رکيو آهي سو هاڻ اِهو ڏند ڪنهن بہ طرح سان هٿ ڪجي. هڪ ڏينهن راجا شڪار تي ويل هو ۽ جادوگر وڃھ وٽي راجا جي محل جي هيٺان بيهي زور زور سان رڙيون ڪرڻ لڳو. رڙيون ٻڌي مومل دري مان ڪنڌ ڪڍي هن کان پڇيو تہ توسان ڪهڙو مسئلو آهي. تنهن تي جادوگر چيو تہ مون کي هڪ اهڙي خطرناڪ بيماري لڳل آهي جنهن جو علاج سُوئر جي ڏند سان ٿي سگهي ٿو. تنهنڪري در در وڃي دانهون پيو ڪيان تہ من اِهو ڪٿان ڏند ملي پوي ۽ منهنجي زندگي بچي پوي. اِها ڳالهہ ٻڌندي مومل اُهو ڏند ڪٿي هُن جادوگر کي ڏنو ۽ هو جادوگر خوشيءَ ۾ ڏند کڻي راجا جو سڄو خزانو ميڙي ويو هليو. هڪ ڏينهن جڏهن راجا پنهنجو خالي خزانو ڏٺو ۽ پڇا ڳاڇا ڪان پوءِ گهر ۾ خبر پئي تہ اُهو ڏند مومل هڪ سائل فقير کي ڏئي ڇڏيو تنهن تي راجا مومل کي جان سان مارڻ لڳو. تڏهن راجا جي وڏي ڌي سومل اِنهيءَ ضمانت تي جان بخشي ڪرائي تہ اِهو خزانو ڪنهن بہ طرح واپس موٽائي آڻينداسين. پوءِ سومل ڇا ڪيو جو جيسلمير جي پرسان ٻُڌاٿو ڳوٺ ۾ هڪ جادو جو "ڪاڪ محل" تيار ڪرايائين ۽ ديس جي بادشاهن ۽ شهزادن ۾ اِها ڳالهہ عام ڪيائين تہ جيڪو بہ مومل جو ٺهيل جادوئي محل پار ڪري مومل تائين رسندو هُن سان مومل جي شادي ڪئي ويندي.

مومل جي اها هاڪ ٻُڌي ڪئين شهزادا مومل جي فراق ۾ قيدي ٿي رهيا ۽ ڪيترا جانيون وڃائي ويٺا. اِنهيءَ هاڪ کي جڏهن عمرڪوٽ جي بادشاهہ حمير سومري ٻڌو تہ هو پنهنجن دوستن سان گڏ ڪاڪ محل پهتو. حمير سومرو 1400 عيسوي ۾ گادي تي ويٺو ۽ هِي دؤر سومرن جي بادشاهت جو دؤر هو ۽ اِنهي بادشاه جي تخت گاه اَمر ڪوٽ (عمر ڪوٽ) هئي. جڏهن راجا حمير سومرو مومل جا سوال

پورا ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو تڏهن سندس 3 ساٿي (1) ڏونئر پٽي (2) سنهڙو ڏماچاٽي (3) راڻو مينڌرو بہ گڏ هئا. هي چار ئي دوست گڏجي مومل جي اُنهي ڪاڪ محل پهتا. اِتي شاه سائين فرمائين ٿا تہ:

چڙهيا چار ئي يار سُوڏا شِڪاري
ويا ڪاهيندي ڪاڪ ڏي جت مومل موچاري

جڏهن اهي چار ئي هتي پهتا، تہ راڻي پنهنجي دانائي ۽ عقلمنديءَ سان ڪاڪ محل جي جادوئي طلسمات کي پيرن سان لتاڙي سيئي ڏگ پيچرن کي پاس ڪري وڃي مومل ماڻي.

حمير سُومرو وقت جو حاڪم هو ۽ اُنهيءَ کي مومل راڻي جو ميلاپ برداشت نہ ٿيو. هُن حسد ۾ اچي راڻي کي قيد ڪري رکيو. پوءِ راڻو چوري چوري مومل سان ملڻ ويندو هو. هڪ ڏهاڙي مومل پنهنجي ڀيڻ سومل کي راڻي جا ڪپڙا پارائي پاڻ سان گڏ هَنڌ تي سمهاريو ۽ پنهي کي ننڊ اچي وئي. اوچتو رات جي پهر ۾ سفر لتاڙي راڻو بہ پهتو. راڻو مومل سان سُتل ڀيڻ کي ڪنهن غير مرد سان مشابهت ڏئي ۽ شڪ ڪري پنهنجيون ڪجهہ نشانيون اُنهي هَنڌ تي رکي واپس موٽي آيو. راڻي جون نشانيون ڏسي مومل سمجهي وئي تہ رات راڻو آيو هو ۽ هاڻ شايد ڪڏهن بہ واپس نہ اچي. پوءِ هر طرح مومل حيلا وسيلا ڪيا پر راڻو رسيو ئي رهيو، ايستائين جو مومل عمر ڪوٽ جي پرسان هڪ نئين ماڙي نهرائي پنهنجي پاڻ کي وڻجارن جا ويس پارائي وڻجاري ٿي پر راڻو نہ مڙيو پوءِ واپس ڪاڪ محل اچي هڪ وڏي باه جي آڙاه ۾ پنهنجي پاڻ کي اُڇلي ۽ سَتي ڪري ڇڏيائين. جڏهن راڻي کي خبر پئي تہ مومل واپس وئي هلي آهي تہ پوءِ هو بہ ڪاڪ محل پهتو ۽ اُنهي آڙاه ۾ پنهنجي پاڻ کي بہ اُڇلايائين ۽ هن ڪهاڻي کي ٻئي سدا امر ڪري ويا.

شاهہ سائين جي فقيرن (شاه جي راڳين) جي آلاپ جي راقم الحروف جڏهن نوٽيشن ڪلاسيڪل وسيلي ڪئي تہ هي راڳ ڪلاسيڪل جي گرنٿن مطابق ڪافي ٺاٺ جو اوڏو سمپورن راڳ سنڌوي ملي ٿو. يعني هن راڳ جي آروهي ۾ 5 سُر ۽ امروهي ۾ 7 ئي

وِڪر روپ جا سُر ملن ٿا. هن راڳ جو وادي سُر ڪرج (سا) ۽ سمر وادي پنچم (پا) آهي. هِن راڳ جي آروهي ۾ گنڌار ۽ نکاد خارج آهن اهڙي طرح ڪافي ٺاٺ جو سنڌوي راڳ آهي ۽ شاه جي راڳ مومل راڻي مان پيدا ٿيل ٿو.

ڀاوي سنگيت جو گرنٿڪار پنهنجي سنگيت ۾ لکي ٿو تہ سنڌوي جي آروهي امروهي اِئين ئي لڳائجي جيئن روايتي لڳائي وڃي ٿي.

لکش سنگيت جو گرنٿڪار پنڊت بہ اِنهيءَ روايت کي صحيح قرار ڏئي ٿو ۽ ڳڏوڳڏ سنڌ جا ڪلاسيڪل راڳي بہ سُر راڻي ۾ اِنهيءَ ريت سُرن کي استعمال ڪن ٿا. اِنهي طريقيڪار سا جيڪڏهن ڀيرو ٺاٺ مان هي ٻئي سُر يعني گنڌار ۽ نکاد نہ لڳائيندا سين تہ گن ڪلي پيدا ٿيندي.

بلاول ٺاٺ ۾ هي ئي سُر چڙهيا تہ دُرگا ٿي پوندو ۽ اهڙي طرح جيڪڏهن کماج ٺاٺ ۾ طريقيڪار ڪبو تہ شُڌ ملهار پيدا ٿي پوندو.
هن جو خاص وقت رات پڇاڙيءَ جي وقت ڪان پرهہ ڦٽيءَ تائين آهي.

## شاهہ سائين جي تخليق وائي

(1) راڻا جي رجپوت، مومل سي ئي پسندا،

(2) ميو تون موٽاءِ، الله ڪارڻ سپرين الا،

**نوٽ:** هي ٻئي وايون راقم الحروف جديد ۽ قديمي انداز ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي تي رڪارڊ ڪرائي محفوظ ڪري ڇڏيون آهن.

| | | | |
|---|---|---|---|
| آروهي | سا ري ما پا ڌي سا | وادي | ڪرج (سا) |
| امروهي | سا نا ڌي ما پا گا ري سا | سمر وادي | پنچم (پا) |

## سُرُ مومل راڻو (سنڌوِي) جو چَالَو

آروهي سا. ري. ما پا ڌي. سا

امروهي سا. نا ڌي. ما پا گا ري سا

سا ري گا. ري. سا. ري. ما پا. ڌي سا. رَي گارَي سَا.

نا ڌي. ما پا ڌي. گا. ري. سا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سا ري سا. ري گا ري سا. ري ما ري. ما پا ذَي. سَا. سَا رَي سَا
نا ما پا ذي گا. ري سا.
سا ري ما ري . ما پا. ذي ما پا. ذي سَا. سَاريَ سَا. نا ما پا ذي گا ري سا.
گا- ري سا. ري ما پا. ما پا ذي. گا. ري گا ري. ما پا. سَا. ذي سَا
رَي گا رَي. سا نا ما پا. ذي گا. ري سا.
سَا. نا ما پا. ذي سَا. رَي گا رَي سَا. نا نا پا گا. ري گا ري.
سا ري ما ري. ما پا ذي. ما پا سَا. نا ذي پا ما گا . ري سا

## تيتالا 16 ماترا لِڄڻ گيت سُر مومل راڻو (سنڌوي)

آستائي- بڌن بنا شنا چتر پڇُها اِک ونت طبو ڌر پريا
اَنترو- سِندُور بَدنا مُشڪ پنا رِڌ سِڌ ڪي دائِق گُن نائِڪ
سا ري ماري ما پا ڌا ا پا ڌا ري
سا ني ڌا پا ڌ

تال تيتالا- تين تال 16 ماترا

**(آستائي)**

| تاڙي | سم | تاڙي | خالي |
|---|---|---|---|
| 1 | x | 3 | 0 |
| ما ما پا ذي | سا ذي سا - | ري گا ري سا | ري ري سا ري |
| بِ ڌَ ن ب | نا - ش نا | - ڄَ ت رَ | پِ جا - - |
| ري ما گا - | گا ري - سا | - ري سا سا | نا دي پا ذي |
| اي ڪ دن - | ت لَم - بو | - ڌَ رَ هَ | رَ - پر يا |
| 1 | x | 3 | 0 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (انترو)

| 0 | 3 | x | 1 |
|---|---|---|---|
| ري ري سا ري | ري گا ري سا | سا ڏي سا - | ما - پا ڏي |
| بِ هِ نا ري | مُ - ش ڪ | بَ ڏ نا - | سِن - ڏو رَ |
| سا ري سا سا | ري - گا ري | گا گا - گا | سا نا نا ڏي پا |
| نا - يَ ڪَ | ڪـ - گُ - نَ | - دا - اي | ڏَ سِ ڏ ڪي |
| نا ڏي پا ڏي | پا ڏي ري سا | ما پا ڏي ما | سا ري ما ري |
| ني ڏا پا ڏا | پا ڏا ري سا | ما پا ڏا ما | سا ري ما ري |
| 0 | 3 | x | 1 |

نقشہ لچڻ سُر مومل راڻو (سنڌوي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان سترهون

# سُرُ ڪاهوڙي

هن سُر ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جن ڏوٿيئڙن ۽ جبل جهاڳيندڙن جي اُنهن ڳسن پيچرن جو ذڪر ڪيو آهي جتي پري پري کان پکي بہ پر هٽندي نہ نظر اچن، اُتي ڪاهوڙين ويهي وڻ چوندڀا.

هن سر ۾ شاهہ سائين ڪاهوڙين جي سفر ۾ ڏکايل ڏونهن، ڪرڪٽن، ڏونگرن، ڏوٿين ڏُتن، ڀراٽن ڪيٽرن، ڳجهي پنڌ جون ڳالهيون، تمندي نيٽن، ڳنجي ڏونگر تي هلندڙ سامين، لاهوتين ۽ ڳرم تتي ڌرتي جو بيان ڪيو آهي. هن سُر ۾ شاه صاحب اِنسان جي اندر لِڪل سازو سامان کي جهنگ ڪوٺيو آهي. سو اندريون جهنگ سڙي ويو، چور لِڪڻ جي جاءِ ڪونهي، هاڻ صرف سجڻ آهي ۽ ٻي آهي سڪ. جيڪا جيئڻ کان جهان ڇڏڻ تائين رهندي. هِن سُر ۾ ڪُتن جي ڪُوڪار، شڪارين جا شڪار، جهنگ جو ٻنهي کي پٽڻ، اِهڙي، ڪاري رات جو جنهن ۾ راهون ڳم تي وڃڻ جو پڻ ذڪر ملي ٿو. نُور جي صفت ڪاري رات ۾ اچي اُجري ڏينهن کي ڪوٺيو آهي. وري جتي حضور اڪرم مُحمد ﷺ جن جو هُجڻ ظاهري ظهور ۾ اُنهن جو حُسن اِنهن ٻنهي، روپن کان مٿاهون ڪوٺيو آهي. حقيقت جي َڪل ٻوڙو تي ٻُڌجي انڌو تي پسجي، اڪين کي معيار ڏني اٿن تہ تو جاڳي اوجاڳو نہ ڪيو، اڪيون تہ منهنجو سجڻ ساري تهہ تهہ تمن ٿيون.

سيد جمن شاه (شاه جو راڳي) سان ڳڏجي، سُر ڪاهوڙي مان پيدا ٿيندڙ راڳ ۽ اُن جي نوٽيشن ڪرڻ کان پوءِ متفق ٿي ان ڳالهہ تي پهچجي ٿو تہ شاه سائين جن جي انهيءَ داستان جي پويان لِڪل سُرن مان پيدا ٿئي ٿو آساوري ۽ ديو ڳنڌار– هِن راڳ کي هند ۾ راڳ ڳنڌاري جي نالي سان بہ سڃاتو وڃي ٿو. سُر ڪاهوڙي ۾ ٻنهي ڳنڌارن جو استعمال شاهہ جا راڳي داستان ۾ ڪن ٿا. سُر ديو ڳنڌار جي آروهيءَ ۾

گنڌار ۽ ڌيوت جا سُر نہ لڳائيا. تنهنڪري هن ۾ پهرين آساوري جو استعمال ۽ پوءِ چالي جي مطابق هن ۾ ديو گنڌار ۽ آساوري جو جنم ٿئي ٿو. اِنهيءَ ڪان عِلاوه هِن سُر ۾ خاص طريقي سان فقيرن جي آلاپ مطابق تہ ڌناسري ۽ آساوي جو ميل نظر اچي ٿو. اِنهي راڳ ۾ کرج (سا) وادي ۽ پنچم (پا) سَمَ وادي طور استعمال ٿين ٿا. جڏهن تہ شاهہ سائين جن جي چالي ۽ اڳ جي آلاپ مان گهٽو ڪري بلاول ناٿ. ڪماچ ناٿ ۽ پوربي ناٿ پيدا ٿين ٿا.

آروهي:- سا ري - ما - ڌا- سا-

امروهي:- سا ني ڌا پا- ما- گا- ري- سا

شاهہ سائين جن جي داستان ۾ پيدا ٿيندڙ راڳ ديو گنڌار جو چالو هيٺ لکجي ٿو.

پا پا - ڌا ما- پا گا - سا ري ما پا- ڌا ڌا- پا نا - ڌا پا- پا گا - ما پا- گا ري سا

سا نا ڌا پا- پا پا - ڌا ڌا پا- سا پا سا- ري ما پا- گا ري ري سا-

ما پا نا ڌا پا- سَا- نا سَا- ريَ گَا- ري- گَي - ري سا- ري سا ني ڌا پا- ما پا گي- ري گا ري سا

سانا‌سَا- گا رَي سَا- ڌا ڌا پا- ڌا ما پا- ما پا سَا- نا ڌا پا- ما گي را گا ري سا-

## لڇڻ گيت جهپتال 10 ماترا

آستائي - ديو گنڌار سب مانت گني لوگ اسا وري ميل ري ڌا تجت اڌي آروه

انترو- سَا پَاڪرت سمواد - ڌنا سري انن ڌبڌمت نج گت سوچ ڪهي جترمت

## (آستائي)

| 4 | 0 | 2 | x |
|---|---|---|---|
| سَا سَا سَا | سَا – | نا ڌا پا | ما پا |
| رَ سَ بَ | ڌا – | وگن – ر | دي – |
| ڌا نا – پا | رَا سا | سا سا گا | نا – |
| لو – گ | ني – | نَ ت گُ | ما – |
| رَي سَا سا | پا – | گا – ما | پا– |
| مي – لَ | ري – | سَا – وَ | ل– |
| را– سا | گا گا | گا ما پا | پا پا |
| رو – هه | آرَي | ت جَ ڪ | ري ڌا |
| 4 | 0 | 2 | x |

## (انترو)

| 3 | 0 | 2 | x |
|---|---|---|---|
| سا سا سا | سَا – | ڌا ڌا پا | ما پا |
| – – دي | سَ مر | ڪَ رَ تِ | سا پا |
| وا – پا | سَا – | گا ري ري | ري سا |
| ڌا – گ | ري – | نَ – سَا | ڌ – |
| ري سَا سَا | ڌا پا | گا ما پا | پا پا |
| ح گ ت | ت لَ | بُ ڌ م | ڌ – |
| ري ري سا | گا گا | گا ما پا | پا – |
| رَ مَ تَ | چَ تَ | چَ ڪَ هي | سو– |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان ارڙھون

# رام ڪلي

شاھ سائين جي سُرُ رامڪلي مان مشرميل رام ڪلي جنم ونئي تي. سُر رامڪلي ۾ شاھ عبداللطيف ڀٽائي هنگلاج جي سفرنامي جو احوال پهرئين ڏينهن کان وٺي ٽيهن ڏينهن تائين ڪيو آهي ۽ گڏوگڏ هن سُر ۾ شاھ سائين جا سِي حرفي يعني الف کان وٺي ي تائين ٽيهن حرفن ۾ ڏوهيڙا پڻ ملن ٿا.

هِن سُر ۾ شاھ سائين جوڳين سامين جو سفر هانءُ ڏاريندڙ جبلن ۾ پنهنجي ناٿ کي ڳولهڻ لاءِ پنهنجن ساٿين (سامين) سان گڏ ڪيو آهي، تنهن جو گهٽي پاڳي ذڪر ٿيل آهي ۽ اِنهيءَ سفر ۾ نڪرڻ وقت شاعري وسيلي اِهو درس بہ ڏنو اٿن تہ جيڪي بہ هِن سفر ۾ نڪتا آهن، تنين دنيا جي طمعن کي غرق ڪري دنياوي عشق کي ڌرتي جي پاتال ۾ فنا ڪري پنهنجي ناٿ کي ڳولهڻ لاءِ پنهنجن سرن تي ڪفن ٻڌي واپس ورڻ جا سڀ گس پيچرا ختم ڪري پوءِ نڪتا آهن. اِن کان سواءِ شاھ سائين هِن سفر ۾ نڪتل سامين جي رهڻي ڪهڻي ۽ لباس بہ پڌرو ڪيو آهي. سامين جي پاتل لباس کي هيئن ظاهر ڪيو اٿن:

جسم تي احرام ٻڌل، وڏا وڏا گهاٽا زلف قمر سان ڪشتا ۽ هٿن ۾ ڪنڊريون، هٿن پيرن ۾ ڪڙولا. ڪنن ۾ مُندرا (واليون) اهڙي طرح اِهي سامي جبلن پهاڙن جا سينا چيرندي گر کي گڏيا ڪاپڙي.

هي داستان عشق ۾ مگن دنياوي رنگن کان بي نياز پهاڙن ڏونگرن جي چوٽين تي مچ ٻاريندڙ جيئن نيزي جي نوڪ تي مَکڻ پچائڻ وارن جي قافلي جي سرواڻ جو آهي.

اهڙي طرح شاھ جي سُر رام ڪلي مان جنم ورتو راڳ رام ڪلي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِن داستان جو ظاهري نالو عِلم موسيقي جي راڳڻي رام ڪلي تي ٿي رکيل آهي. هِن داستان ۾ راڳ جي لِڪ شاه سائين جن ناهي رکي. ڇاڪاڻ جو هي راڳ ڪلاسيڪل جي گرنٿن سنگيتن ۾ ملي ٿو.

يعني آروهي ۾ 5 سُر ۽ امروهي ۾ 7 وِڪر روپ جا سُر ملن ٿا. آروهي مان مذم (ما) ۽ نکاد (ني) ٻئي خارج آهن. هِن راڳ ۾ ٻئي مذمون لڳائبيون پر سُڌ مذم (ما) ظاهري طريقي سان واضع ڪري لڳائبي.

شاه سائين هِن راڳ/ داستان ۾ ٻئي نکادون بہ استعمال ۾ آنديون آهن ۽ ڪلاسيڪل جي اعتبار سان بہ هِن راڳ ۾ وٹجارن ۽ جوڳين جي منظر ڪشي ظاهر ٿئي ٿي. هيٺ آروهي امروهي بيان ڪجي ٿي. اهڙي طرح شاه سائين جي هِن داستان رامڪلي مان رامڪلي پيدا ٿئي ٿي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| آروهي | سا را گي پا ڌا سا | وادي | ڌيوت ڌا |
| امروهي | سا ني ڌا پا. نا ڌا پا. ما گا گا. را سا | سم وادي | رکب ري |

آروهي- سا راگي پا ڌا سا
امروهي- سا ني ڌا پا نا ڌا پا ما گي جي گي را سا

هي راڳ رات ۽ صبح کي ظاهر ڪري ٿو يعني ٻئي نِکادون. هي راڳ رات 3 کان صبح سج جي ڪرڻن تائين آلاپجي.

## سُر رام ڪلي:

### سُر رام ڪلي جو چَالُو

آروهي سا. را. گي. پا. ڌا. سا
امروهي ساني ڌا پا نا ڌا پا. ما گي مي گي را سا

### چَالُو سُر رام ڪلي

سا- ڌا ڌا پا. ما گي ما پا. ڌا ڌا پا گي مي را سا.
ما گي پا پا. ڌا ڌا پا. ما گي مي پا. ڌا. نا ڌا پا. ڌا ڌا پا مي گي را ما
سا را ما گي مي پا. ڌا ڌا پا. ما گي را سا. ڌا ڌا پا. گي ما پا. گي ما. را سا
پا ڌا پا. سا را را سا. گي ما را سا. ڌا پا. ما گي مي را پا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ما گي ما را سا.
سا را سا. گي ما را سا. ڌا پا. مي گا ما را سا. پا. ما گي ما را سا
ما پا. ڌا ڌا . سا. را سا. سا ني ڌا پا. پا ڌا ما پا ما گي ما را سا

## لڇڻ گيت سُر رامر ڪلي جهپتال

آستائي: ما پا مالوا حَنتَ راگ لَڇن ڪهت رام ڪلي
گڙ مت واسر مُکھ اچرتِ
انترو: وادي ڏيوت ڪرت اُمرَ ني انولوم نِت
جُگل ماني
ڪهون چتر لَڇ گمت اَنو سُرتَ

## شاه سائين جي تخليق وائي

وَيهہُ مَر ويَسرِي، ايءُ تان ڪِي جاڳي اَور الله سين،
محبت جي ميدان ۾، سڄي ڳالھ ڳري،
رُئندا سيئي رت ويا، ملئا جي مري،
سُتي ساجن نہ مِليَ، خبرَ ايءَ ڪِري،
لطف تيو لطيفُ چئي، وَري دل ڏي دل وَرِي.

## وائي (2)

پانڌي ڪا پَرين جِي، ڪر ڪا ڳالهڙي،
ڏيئي پاھ پنيور ڪي، جتن سين آئون جاندِي.
سا پر تيئي سيرين، الست جا آندِي.
ڪڏهن تيندي ڪيچ ۾. هو تن سين هيڪاندِي،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، مُني هي پس ماندِي.

## (آستائي)

| x | 2 | 0 | 3 |
|---|---|---|---|
| سَا – | رَا سَا – | ني ڌا | ني ڌا پا |
| ما – | پا ما – | لَ وَا | جِ نِ تَ |
| گي را | راگي ما پا | ما گي | رامي را سا |
| را – | گ ل – | ڄَ ن | ڪَ هَ ت |
| سا سا | سا را سا | ڌا – | ڌا سا سا |
| را – | مَ ڪ لي | گرن – | تَ مَ تَ |
| ما گي | ني ڌا پا | پا ما | گي را سا |
| وا – | سُ رَ مُ | ڪ أ | اڄ رَ ت |
| x | 2 | 0 | 3 |

## (انترو)

| x | 2 | 0 | 3 |
|---|---|---|---|
| پا پا | پا ڌا – | سا سا | سا سا سا |
| وا – | دي ڌي – | و ت | ڪَ رَ ت |
| را را | گي را سا | را – | سا ڌا ڌا |
| آ مَ | ني آ نو | لو – | مَ نِ ت |
| ڌا ڌا | را را سا | ني ڌا | ڌاني ڌا پا |
| جُ گَ | لَ ما ني | ڪ هون | جَ ت ر |
| گي ما رمي | را گي پا | ما گي | را را سا |
| ل – | جَ گَ ت | آ نو | سُو رَ ت |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان اوٽيهون

# سُر رپ

هن سُر ۾ شاه سائين جن دَرسِ انسانيت اهڙي ريت ڏنو تہ ”گوندر ۾ غَرقُ، ماءُ منهنجو جندڙو“. سجڻ جي گڏجڻ ۽ زيارت ڪرائڻ کي مُڪمل صحت قرار ڏنو“ سِر سير لايا ڪَرَم قطارون ڪري.“

جيڪا سِڪ جي باهہ آهي تنهنجو مچ اهڙي طرح ٻري رهيو آهي، جيڪو سواءِ درشن جي اُجهامي ئي نٿو سگهجي.

ڪايو ڪايو سُر ٻجيو لوچيو اُٿيان. آئل ڙِي اِئين نہ ڀائينج جو آئون اُنهن سپرين ٻنا پل ٻہ جيئان. مينهن ڪنهن ڪنهن خاص مُند تي وسن ٿا ير اکيون 24 ڪلاڪ وسن ٿيون. رِڳون رباب جيئن وڄن ٿيون. منهنجي روح ۾ رچيل آهي تصوير پرينءَ جي. جڏهن ٿيان سامهون تہ وڃن سڀ وِسري، سڄڻ جهڙو ڪو آهي ئي ڪونہ، ڪنهن سان پيت ڪجي. نيڻ نہ ننڊون ڪن، پڳو آرس اکڙين، پرين ويو ڊور چارڻ. آئون سِي ۾ رڱان، وڻ ڏسيو جيئري زيارت نٿي پرين جي ۽ مون تان ڪڏهن ٻہ پرين هٿ نہ ڪڻن. اندر پرين جون ڳالهيون اهڙي طرح نپايم جو پڻ مان وڏي وڃي وڻ ٿيون.

### شاهہ سائين جو تخليقي چالو

سا ني ڌي پا- ري ما پا ڌا پا ري ما پا
ري ري گي گي ما گا ري - ر سا ني پا
ڌي ما - ري- پا مي گي- ري س
ري سا ني ڌي - سا ني ڌا پا سا-
ما گا ري سا ني - ني سا ري - ما گي ري گا ري سا

هِن سُر ۾ جڏهن هِن جي نوٽيشن ڪئي وئي تہ شاه سائين جي چَالي مان اهي سُر اهڙي طرح پيدا ٿين ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي گنڌارون (گا ۽ گي) ٻئي مڌ مون (ما ۽ مي) ۽ ٻئي ڌيوتون (ڌا ۽ ڌي) شاه سائين جن جي هن داستان مان پيدا ٿين ٿيون.

اهڙي طرح شاه سائين جي هن داستان مان ٽن ٺاٺن جو جنم ٿو ٿئي. کماچ، ڪافي ۽ آساوري. کماچ جي گنڌار تيور آساوري جي گنڌار ڪومل ۽ ڪافي جي ڌيوت تيور ملي ٿي.

آساوري ٺاٺ مان راڳ کٽ ۽ ميران ٻائي جي ملهار جا سُر ملن ٿا. راقم الحروف اِنهن ٻنهي راڳن کي ٻاڻ ۾ اهڙي ريت مِلائي ٿو.

## راڳ (کٽ ۽ ميران ٻائي ملهار)

آروهي:- ني سا گا ما پا ڌا نا سا

امروهي: سا ني ڌا پا- ڌي ما گي مي گا ري سا

## راڳ ميران ٻائي جي ملهار

آروهي:- ني سا ري ما ري پا نا ڌي ني سَا

امروهي:- سا ڌا نا پا- پا- گي ما پا گا- ما ري سا

هاڻ هيٺ ٻنهي راڳن جو گڏيل چالو جنهن کي شاه عبداللطيف ٻنائيءَ جن ٻنهنجي الهامي روحاني انداز سان آلاپيو آهي ۽ اِنهيءَ چالي مان پيدا ٿين ٿا راڳ کٽ ۽ ميران ٻائي جي ملهار گڏيل آروهي امروهي.

آروهي:- ني سا گا ما پا گي مي پا ڌا ني سا

امروهي:- سا ڌي نا پا ما پا گي ما پا گا - مي گي ري سا

## سُر رِپ جو چالو

سا. گا. ما پا. پا پا. ڌي ڌي پا گي. مي پا. ري. سا. گا. ما پا .
پا. ڌا ڌا پا. پا نا گا مي پا گي ما ري سا.
ني سا گا ما پا پا ڌا نا ڌي پا. ڌي ڌي. ني ڌا پا. ڌا ڌا پا. سَا
ڌا ڌا پا گا ما. ڌي ڌي نا پا. گي ما نا ڌا پا. مي پا . گا ما. ڌي پا ما ڌا
سَا. نا پا. ما پا گا ما. گي مي. ري گا. سا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان

ڇڻ گيت سُر رِپ. راڳ
ڪٽ ۽ ميران ٻائي جي ملهيار
ڇڻ گيت ڪٽ ميران ٻائي ملهار
تالِ- جهپتال 10 ماترا
آستائي:- پرٿم سڌ ناٿ پيروي ڪو ڪري
دونون. ري ڌا گا ني سُون روپ انوپم ڌري
انترو:- وادي ڏيوت روچر سمي پرياٿ هي
صورت مُکهت ميلت پوني چترمت. پرٿم سڌ

## تال جهپتال 10 ماترا

ڪٽ ميران ٻائي ملهار

### آستائي

| سَم | تاڙي | خالي | تاڙي |
|---|---|---|---|
| x | 2 | 0 | 3 |
| سا ني | سا ما گا ما | پا - | ڌا ڌا پا |
| پِرت | مَ سُ ڌَ | ٿا - | ن ن ت |
| ڌا - | ڌي ڌي - | سا - | سا ڌا نا پا |
| پ - | رَ وي - | ڪو اُو | ڪهه ري - |
| ما گا ما | پا - نا | ڌي پا | گا ما ما |
| دو - | نو - ري | ڌا گا | ني - سون |
| گا ما | نا ڌا پا | مي پا ما گي | ري سا - |
| رُو - | پ آ نو | پ م | ڌَ ري - |
| x | 2 | 0 | 3 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## انترو

| | | | |
|---|---|---|---|
| ما پا | ڏا ڏا - | نا سا | سَا سَا سَا |
| وا - | دي ڌي - | وَ تَ | رو چَ رَ |
| ڏا ڏا | ني ڌي سَا | رَي سَا | ڌي - پا |
| سَ مي | - پَ رَ | پا - | تَ هي - |
| تا ني | نا ما ڌي | ڏا - پا | ڌي ني |
| صُو رِ | ت کَ ث | مِ ل | سا |
| رَي سَا | نا ڌي مي | پا ڏا | تَ پُو ني |
| چَ تَ | رَ مَ ت | ڪو او | ني ني سَا |
| نا ڏا | پا گي ما | | ڪَ هي - |
| پر ث | مَ سُ ڌ | | |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئرن کي وٺي چنيسر جي وزير وٽ پهتي ۽ اهڙي طرح جکري کي به هِن جي حال تي رحم اچي ويو ۽ اِنهن کي پڪ ڏنائين ته اِنشاءَ الله مان ڪوشش ڪندس ته ڪنهن به طريقي سان راجا چنيسر توهان کي پاڻ گهرائي وٺندو. اهڙي طرح جکري وڃي راجا چنيسر کي اِها سڄي ڪؤنرو جي داستان ۽ سونهن جي ڳالهه ڪري ٻڌائي. راجا چنيسر پنهنجي پرٽيل راڻي لِيلان جي دل ٽوڙڻ نٿي چاهي تنهنڪري جکري کي نا اُميد ڪري سمجهائي موڪليو ته هن ماءُ ڌيئر کي واپس مُلڪ اماڻي ڇڏ. جڏهن جکري اچي ٻُڌايو ته ماءُ ڌيئر پنهي جي اکين ۾ انڌارو اچي ويو ۽ پڪو پهه ڪيائون ته ڪجهه به ٿي پوي چنيسر کي هٿ ڪبو. سو آخرڪار ڪنهن به طريقي سان وڃي ليلان وٽ محل ۾ نوڪراڻيون ٿي ڪمائڻ لڳيون، انهيءَ اُميد سان ته شايد چنيسر راضي ٿي پوي ۽ پوءِ چنيسر کي پنهنجي پلئه آڻي سگهون.

راڻي ليلان کي هِن تي قياس اچي ويو ۽ اِنهن ٻنهي کي خاص ٻانهيون ڪري، ڪؤنرو جي حاضري سيج وڇائڻ ۽ سندس ماءُ جي حاضري چنيسر جي پڳ آڻڻ تي رکيائين. گهڻا ڏينهن ۽ راتيون گذري ويون پر چنيسر سان حال اورڻ جو موقعو نه مليو. سو هڪ ڏينهن ڪنؤرو، چنيسر جي سجيل سيج سان متو ٽيڪي روئڻ لڳي، ته اوچتو راڻي ليلان جي هن تي نظر پئي ۽ هِن ڪان پڇيائين ته روئين ڇو ٿي. تنهن تي هِن گهڻا بهانا ڪيا پر هِن جواب ڪان راڻي ليلان متاثر نه ٿي ۽ هِن تي زور رکي پڇيائين ته سچ ٻُڌاءِ تنهن تي ڪنؤرو هُن کي سچ ٻُڌايو ته مان به تو وانگر هڪ رياست جي راڻي آهيان ۽ تو وانگر محلاتن ۾ رهي سچن هيرن جواهرن جا هار پائيندي هيس. تنهن تي راڻي ليلان چيو ته تو وٽ هِن ڳالهه جو ڪهڙو ثبوت آهي ته هُن ډوڙ پائي پنهنجي گوڏڙيءَ مان نوَ لکو هار ڪڍي ڪٽي آئي، جنهن جي چمڪ سان سڄو محل جرڪي پيو. هِن هار کي ڏسي راڻي ليلان ڏاڍي خوش ٿي ۽ خوشيءَ ۾ چيائين جيڪو گهرين سو ڏيانءِ. تنهن تي شهزادي ڪؤنرؤ چيو ته صرف هڪ رات لاءِ چنيسر سان منهنجي رهاڻ ڪرائي ته هي هار تنهنجو ٿيو ۽ شهزادي ليلان هار جي لالچ ۾ وچن

ڏنو تہ اڄ رات جيئن چنيسر ايندو تہ هِن سينگاريل سيج تي تنهنجو مهمان هوندو. هوڏانهن چنيسر وٽ محل ۾ ڪجهہ دوست آيل هئا جن سان مَڌ پِي چنيسر نشي ۾ ٻُٽ ٿي پنهنجي راڻي وٽ پهتو. تڏهن ليلان هِن کي شهزادي ڪنؤرو جي ڪهاڻي ڪري ٻُڌائي ۽ مجبور ڪيائين تہ هڪ رات هِن سان روح ريجهائي. نشي جي حالت ۾ هئڻ جي باوجود چنيسر هِن ڳالهہ تي بگڙيو. نشي واري حالت مان فائدو وٺندي ليلان هِن کي پنهنجي هٿان وچن نيائيندي ڪؤنرو جي ڪمري تائين پهچاءِ موني آئي. ڪؤنرو وس ڪيا پر چنيسر سجاڳ نہ ٿي سگهيو. جڏهن پره ڦٽيءَ جي وقت چنيسر جي اک کُلي تہ هو هنڌ تي سُتل غير عورت کي ڏسي پريشان ٿي ويو ۽ ٻاهر نڪرڻ لڳو تنهن تي ڪؤنرو هَڪل ڪري چيس تہ رات توهان مون سان پريم جون لائون لڌيون آهن ۽ هي ڪم توهان جي ملڪہ ليلان پنهنجي هٿن سان نوَ لکو هار وٺي توهان جو مون سان ميلاپ ڪرايو آهي. جڏهن اِنهيءَ ڳالهہ جي چنيسر کي تصديق ٿي تہ هُن جي نظرن ۾ ليلان جو نَهيل مقام ڪري پيو ۽ هو هميشہ لاءِ ليلان کي وسارڻ لڳو. نيٺ ليلان جي چنيسر کي پرچائڻ جي هر ڪوشش ناڪام ٿي، تڏهن هُوءَ واپس اباڻي مُلڪ اِنهيءَ آس سان وئي هلي تہ نيٺ مون کي وٺڻ لاءِ پنهنجي ضد تان لهندو.

پر چنيسر هن کي هميشہ لاءِ وساري ويهي رهيو. چنيسر جي وزير جکري جو مڱڻو ليلان جي عزيزن ۾ ڪيل هو. سو مائٽ شادي جا ڏينهن وٺڻ ويا تنهن تي ليلان جي عزيزن جکري کي سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. تنهن تي جکرو مجبور ٿي ليلان وٽ ويو ۽ پنهنجي دل هٿان مجبور ٿي هِن شادي ڪرائڻ لاءِ زور پريو تنهن تي ليلان چيو تہ جيڪڏهن تون چنيسر کي آڻين پاڻ سان ڄڃ ۾ تہ هي سڱ پڪو ٿيو. تنهن تي ڪهڙي بہ طرح سان جکرو ڄڃ ۾ پاڻ سان گڏ چنيسر کي وٺي آيو. اڳيان استقبال ڪرڻ لاءِ ڳائڻ ۽ ناچڻين کي گهرايو ويو. تن مان هڪ ڳائڻي ناچڻي جو روپ ليلان پاڻ ادا ڪيو. اکين تي نقاب هئڻ ڪري چنيسر ليلان کي سڃاڻي نہ سگهيو ۽ هِن تي عاشق ٿي نقاب لاهڻ لاءِ چيو. جڏهن هن چهري تان نقاب هٽايو تڏهن هن کي هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روپ ۾ ڏسي هن جو روح تن مان آزاد ٿي ويو. جڏهن چنيسر جي موت جي تصديق ٿي تہ ليلان اُتي ئي دم ڏنو.

## شاه سائين جو چالو (داستان ليلان چنيسر)

اِنهيءَ سُر جي ڪلاسيڪل نوٽيشن مان هيءُ راڳ پيدا ٿئي ٿو.

ري ري گا. ما گا ري. ري سا ني پا

سا ني ڌا پا. ري ري ما پا. ڌا پا. ڌا پا. ري ما ما

ڌا ما ري. پا ما گي ري. گا ري سا.

ني سا ري. ما گي ري سا.

اهڙيءَ طرح هِن چالي مان پيدا ٿئي ٿو:

سا ري گا ما پا ڌي ني سا

سا ني ڌا پا ما گي ري گا ري سا

شاه سائين جي هِن سُر مان پيدا ٿين ٿا بہ ٺاٺ: ڪافي ٺاٺ ۽ پوربي ٺاٺ ۽ انهن جي گڏجڻ سان پيدا ٿيو راڳ سُور داسِي ملهار.

## چالو سُر ليلان، راڳ (سُور داسِي ملهار)

ني سا. ري ما. پا نا ڌي پا. ما ري. سا ري پا گا. ما ري سا.

نا سا. ري ما پا. ني ڌي پا. ري ما پا. نا ڌي پا. ما پا ني سَا.

سَا ني سَا رَي سا. نا پا. ما ري. سا. نا سا. ري پا. گا ما ري سا

سا ري ما ري. ما پا نا ڌي پا. ما ري ما پا. نا پا. سَا ني سَا.

رَي مَا رَي سَا. رِيَ رِيَ سَا. ني پا ما ري. ما پا نا ڌي پا.

ري ما پا ما ري. پا گا ما ري سا.

سا ري ما . پا. نا ڌي ني سَا. سَا رَي سَا. نا ما. پا ني ڌي پا ما پا. گا ما. ري سا.

آستائي: برکهارُت بيري هماري. ماس ڌُکايو

گهنا گهن گرجت پيت رسيو سمايو

اَنترو: مور پپيها دادر چا ترڪ هِر بريا ڪرت پڪاري

اب نہ سهت سکي سُور بره دکهہ نِڪست پِران هماري

تال - تيتالا 16 ماترا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (آستائي)

| 0 | x | 3 | 4 |
|---|---|---|---|
| پا نا – پا ما | پا ما ري سا | ري – پا ما | ما – – – |
| ڪا – رُ ٿ | بي – رِي ھَ | ما – ري – | – – – – |
| ما – پا پا | نا پا ما ني ني | سَا – سَا سَا | نيِ ني رَا سَا |
| ما – س آ | ڪَ اَ دَ گھ | تا – گھ نَ | گَ رَ جَ تَ |
| نيِ – سَا سَا | رَي – سَا سَا | سَا – ري – نا | ما – ما پا |
| چ – تر بِ | دي – سَ ھَ | مَا – ري – | – – بَ رَ |
| 0 | x | 3 | 4 |

## (انترو)

| خالي | سَم | تاڙي | تاڙي |
|---|---|---|---|
| 0 | x | 3 | 4 |
| ما – ما پا | نا پا ني – | سَا – سَا سَا | ني سَا سَا سَا |
| مُو – رَ پَ | پي – يا – | دا – وَ رَ | چا آ تر ڪَ |
| نا نا پا ما | پا ما ري سا | ري – پا – | ما – – – |
| وَ رَ ٻر يا | ڪَ رَ تَ پُ | ڪَ – ري – | – – – – |
| ما ما ما پا | نا پا پا ني ني | سَا – سَا سَا | ني ني سَا سَا |
| آ بَ نہ سُ | ھِ تَ سَ ڪي | سُو – رَ ب | رَ ھَ ڏُ ڪَ |
| ني ني سا سَا | رَي ما رَي سَا | رَي سَا – نا – | ما – ما پا |
| نَ ڪَ سُ تَ | ٻر آ نَ ھَ | ما – ري – | – – بَ رَ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان ايڪيهون

# سُرُ بلاول

شاه سائين جي هِن داستان سُر بلاول ۾ پاڻ سڳورن حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي ظاهري تولد ٿيڻ کان اڳ ۾ جيڪا ڪفر جي اُونداهي ۽ بُت پرستي ذهنن تي ڇانيل هُئي ۽ ماڻهو پنهنجا خدا، الڳ الڳ بُت بتخانن ۾ رکي، اُنهن جي پوڄا پاٺ ڪندا هُئا. رب العظيم اِنهيءَ اونداهيءَ مان ماڻهن کي ڪڍڻ لاءِ پاڻ حضور جن کي آخري نبي ﷺ جي روپ ۾ پاڻ کي ظاهري ۽ باطنِ نُور سان نوازي دين اِسلام جي روشني سان مالا مال ڪري موڪلڻ جو ذڪر ٿيل آهي. انهيءَ سُر ۾ نبي ڪريم ﷺ جن کي خدا جي طرفان شير خدا ۽ پنهنجو وصِي حضرت علي عليہ السلام جي ملڻ جو ذڪر ڪيو اٿن. شاه سائين اِنهيءَ سُر ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي هِن دنيا ۾ اچڻ جو شاعري جي لفظن سان جشن پڻ ملهايو آهي. شاه سائينءَ هن داستان وسيلي پاڻ سڳورن ﷺ جي ساراهہ ڪئي اٿن.

هن سُر ۾ حضرت علي حيدرِ ڪرار ۽ عطا ٿيل ذوالفقار تلوارِ جو بہ گهڻو ذڪر ڪيو ويو آهي. جهڙوڪ اِها تلوارِ ذوالفقار جيڪا دين جي دشمن ڪافرن تي قهر بنجي ڪافرن جا سر ڌڙ سان جدا ڪندي رهي. اِنهي ذوالفقار کي پاڻ سڳورن جي حڪم مطابق هُن دؤر جي جنگن کي فتح ڪرڻ جو ذڪر ٿيل آهي.

هن سُر ۾ پاڻ سڳورن جي ظاهري دنياوي آمد تي زمين ۽ آسمان جي مخلوقن کي جشن ملهائيندي داستان وسيلي لکيو اٿن.

شاه سائين هن داستان لاءِ جنهن راڳ ۾ تخليقي چالو ڏئي پنهنجي انداز سان آلاپيو آهي. اِهو راڳ (بلاول) مسلمان گوئين جو ٺي آلاپيل راڳ آهي. اِنهي ناٺ کي هندو مذهب جا جيترا بہ علم موسيقي تي لکيل سنگيت جن مان خاص ڪري رتناڪر، هنومنت مت دربن، پاوي لڪش

۽ ڀات ڪندي جو لکيل سنگيت ”معرفت النغمات“ آهن، سي سڀ يڪراءِ ٿي چون ٿا تہ جيترا بہ سنگيت جا ٺاٺ آهن اُنهن ۾ شد ٺاٺ (خالص ٺاٺ) صرف بلاول ٺاٺ ئي آهي. هاڻ هيٺ هِن راڳ جو سرگم لکجي ٿو.

هن ٺاٺ کي هندي سنسڪرت ۾ شنڪر اڀرن ميل ٺاٺ چوندا آهن. هي راڳ اُترانگ جو راڳ آهي. ڳائڻ جو وقت صبح جو آهي. هن راڳ ۾ گنڌار ڪمزور ڪري لڳائبي نکاد کي وِڪر روپ سان لڳائبي. هڪڙا گائڪ (راڳي) وادي سُر کي کرج (سا) ۽ ٻيا ڌيوت (ڌا) کي استعمال ڪندا آهن.

راقم الحروف کي ڌيوت ۽ مدم جي سنگت گهڻي پسند آهي ۽ هن راڳ جو اصل ۾ قديمي روپ شاهہ سائين جن جو ئي آهي. اهڙي طرح شاهہ جي داستان بلاول مان پيدا ٿيو ٺاٺ بلاول.

- سرگم -

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ڌا | آروهي | سا ري گي ما پا ڌي ني سا | وادي | ڌيوت (ڌا) |
| ما | امروهي | سا ني ڌي پا ما گي ري سا | سمر وادي | مدم (ما) |

۽ اهڙي طرح اِنهي سُر بلاول مان ڪلاسيڪل راڳ بلاول جنم وٺي ٿو.

### شاهہ سائين جي تخليق ڇاڱو وائي

آستائي: مون ۾ عيب اَپار، يار ستار
آئون جا طامع آهيان تنهنجي

انترو: هڪ وجايم وبتري، ڄاڻين سڀ ڄمار
2) هِن منهنجي حال جي، توکي سُڌَ ستار
3) امرُ اُوڏي نہ ٿيئان، نيهن ڪيس نکار
4) جيئن سي گل گلاب جا، ڪِرَئا ڪنڌهار

## وائي

جنئان ڏنائون پَيرَ جنئان ڏنائون پير،
پڳا ڪوٽ ڪفار جا، اچي علي شير،
مٿي اڱڻ آيا، سُونهن لڳا سير،
جئائين نبي نِڪيوَ، پري مبارڪ پير،
ساري شفيع جام ڪي، هينئڙي لڳي هير.

## ڪلاسيڪل چَالو؛ سُر بلاول جو

سا ري سا. گي ما گي ري سا. ني ڌي ني پا. ڌي سا. سا ري ي پا ڌي
پا ما گي ري. گي ما گي ري سا.
سا ري گي ما پا. ما گي ري سا.
ني ني ڌي پا. ني ڌي پا. ڌي ما. گي پا. گي ما پا. ما گي ما ري. گي ما
پا ما گي ري سا
پا پا ڌي ني ڌي. ني سَا. سَارَي. گي مَا گي رَي سَا
سا ري سا. ڌي نا ڌي پا. ڌي ما پا. ري سا. ڌي ڌي پا.
ما گي ما ري. ري گي ما پا. ما گي ري سا
سا ري سا. گي پا. ني ڌي. سَا رَي سَا. ني ڌي پا. پا ڌي نا ڌي پا
ما گي ري. گي ما پا ما گي ري سا

## لڇڻ گيت سُر بلاول تال روپڪ ماترا (شنڪرا پرن ميل)
## قديمي نالو

سا ني ڌي پا. ما گي ري گي. پا ڌي ني سا
سُر بلاولي ڪي ڪهاٽي
وَڪر سُر روپ گت سُر پائي. آترانگ پر بل ڪهاٽي

## تال روپڪ 7 ماترا

### (آستائي)

| x | 2 | 1 | x | 2 | 1 |
|---|---|---|---|---|---|
| سا - - | ذي ني | گي پا | ما گي ري | ذي پا | سا ني |
| سا - - | ذا ني | گا پا | ما گا ري | ذا پا | سا ني |
| ذي سا - پا | ري سا | ذي سا ذي | ري - سا | گي ما | سا سا |
| ها - - يو | ڪي ڪ | لي - | لا - وَ | ب اي | سُ رَ |
| x | 2 | 1 | x | 2 | 1 |

### (انترو)

| x | 2 | 1 | x | 2 | 1 |
|---|---|---|---|---|---|
| ري سا سا | سا سا | ني سا ني سا | سا - سا | ذي ني ني | پا - |
| پا - اي | سُ - رَ | گ ت | رُ رو پ | ڪر سُ | وَ - |
| ذي سا- پا | ري سا | سا سا | ري سا-سا | پا گي | گي ما |
| هَا - اي | لَ ڪَ | پَر بَ | آن - گ | تَ رَ | أ - |
| x | 2 | 1 | x | 2 | 1 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان باوبهون

# سُر مارئي

هن داستان کي شاهہ سائينءَ جي رواجي نُسخن مطابق ڏهن داستانن سان گڏائي لکيو ويو آهي ۽ ان داستان وسيلي عُمر کي ڏوهي ڪري تاريخ جو هڪ بدڪردار شخص ثابت ڪيو ويو آهي. پر مصنف جي هڪ نئين ۽ صحيح طريقي تي بِذل ڪهاڻي جيڪا ست سؤ سال پراڻي درگاهہ سيد نماڻي شاه جي گادي نشين مرحوم صابر علي فقير ۽ سندس فرزند فقير عاشق علي رِند وٽان ملي، اها هن ريت آهي، جيڪا هنن وٽان سُرَ مَارئي لاءِ روايت ملي آهي، اُها اڳتي هلي بيان ٿيندي، ڀهرياڻين اِنهيءَ داستان کي ڏنل روپ شاهہ جي رسالي، جيڪو ڊاڪٽر گربخشاڻي مرتب ڪيو ۽ ڪجهہ قديمي ڪتابن جهڙو مير طاهر محمد جنهن ٻڻ سنڌ جي تاريخ "تاريخ طاهري" جيڪا 1621 ۾ لکي وئي هئي، انهن مطابق ڏجي ٿو. علي شير قانح بہ تحفة الڪرام ۾ هي قصو بيان ڪيو آهي ۽ گڏوگڏ سنڌي ٻولي ۾ ڀهرين مارئي تي شعر شاهہ عنايت چيا. پراڻي زماني ۾ سُر مارئي جو داستان هن طرح چاٽايل آهي:

عمر بادشاه جي زماني ۾ ٿر ملڪ جي ڳوٺ ملير ۾ پالڻي نالي هڪ پنهوار ۽ سندس زال ماڏوئي کي هڪ ڌي جائي مارئي.

پالڻي کان ئي هَن جو عاشق هو ڦوڳ ۽ هُن وجهہ وني مارئي جو سڱ بہ گهريو هو ۽ هي سڱُ هو ڌئي چُڪا هئا ڪيت ڪي. پوءِ انڪار ملڻ سان هَن وڃي عُمر بادشاه وٽ دانهيو. عمر بادشاه حُسن جي هاڪ ٻُڌي ڦوڳ سان گڏجي کوه تان اچي ماري کي ڪنيو ۽ 12 مهينا قيد ڪري رکيائين ۽ آخر هُن کي آزاد ڪري ڇڏيائين. مارئي ڪيت کي پنهنجي پاڪيزگي جو يقين ڏيارڻ لاءِ هندوڪي روايت موجب هڪ باه جي تپيل سج جي روشني جهڙي گرم سيخ کي پنهي هٿن سان جهلي يقين ڏياريو پر ڪيت کي يقين نہ ٿيو. پوءِ عُمر بادشاه پاڻ کي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي آڙاهہ مان هلي مارئي جي پاڪيزگي جو يقين ڏياريو تنهن کان پوءِ کيت ۽ مارئي باقي زندگي جا ڏينهن گذجي گذاريا.

راقم الحروف جيڪا هي مارئي جي ڪهاڻي هٿ ڪئي آهي، تنهن جو مُنڍ اِنهي ريت آهي تہ همير سومري جي دؤر حڪومت ۾ هڪ ڏهاڙي همير سومرو شڪار لاءِ عمر ڪوٽ جي پرپاسي ڳوٺ ڪاروَڙي ۾ ويو ۽ اُتي ماڏوري سان اکيون چار ٿيون. ماڏوري تمام خوبصورت ۽ وڏي سونهن جي مالڪ هُئي. پوءِ ڪهڙي بہ طرح همير سومري بادشاه هِن سان عقد ڪيو ۽ اهڙي طرح ماڏوري کي حمل ٿي پيو ۽ هِن کي ڌي ڄائي جنهن تي نالو رکيائين مارئي، جيڪا رشتي ۾ عمر جي پيئاتي ڀيڻ ٿي. ڦوڳ نالي هڪ شخص، جيڪو ماڏوري جو مائٽ هو تنهن سڱ گهريو مارئي جو تنهن کي جواب ملڻ کان پوءِ هُن کيت کي ڏنل مارئي جو سڱ ڦٽائڻ لاءِ وڃي عمر بادشاه کي حقيقت ٻڌائي تہ مارئي سڱ ۾ تنهنجي ڀيڻ آهي ۽ هِن جو سڱ کيت رباريئي سان ڪن پيا.

تنهن تي عمر بادشاه ڪاروڙي ڳوٺ جي کوہ تان مارئي کي ڀيڻ سمجهي پنهنجي محل ۾ آندو ۽ هر طرح سان سمجهايائين تہ تون همير بادشاه جي ڌي آهين ۽ منهنجي ڀيڻ آهين تنهنڪري تنهنجي شادي هڪ رباريئي سان ٿيڻ ڪونہ ڏيندس.

اِنهي ڳالهہ تان مارئي کي هٽائڻ لاءِ طرح طرح جون لالچون، سونا زيور، ڪيم خاب جا لٽا، ست رڇيون (ست طعام) آڇيا ويا، پر مارئي هڪ بہ نہ مڃي ۽ نيٺ عمر بادشاه پنهنجي سختي جا هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ مارئي کي آزاد ڪيائين اِنهيءَ شرط سان تہ تون ۽ تنهنجا اباڻا هِن علائقي کان ڏور پنهنجي زندگي جا ڏينهن گهاريندؤ.

جڏهن مارئي آزاد ٿي تہ مارن کي عُمر جي اِها سڃي آڪاٽي ۽ عمر جو پيغام ٻڌايائين تنهن تي مارئي جا اباڻا ڪاروڙو ڇڏي هميشہ هميشہ لاءِ ماروئي آڏو ٿر ويڙهي جهپ ڏي پنهنجا ڪڪڙا اَڏيائون. اِتي شاه سائين فرمائين ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاروڙئون ڪِٽي هُو رِيڙهي جهپ ويا
سيڻ منهنجا سيد چوڻ وڃي آڏو تر تيا
پسِي پڊ اُنهيءَ جا لِڙي لُڙڪ پيا
ڏيئي ڏور تيا تہ ڏيان ڏوراپو ڪن ڪي

اِتي لڏ پلاڻ ڪان پوءِ اِنهي ڪکن ۾ مارئي جو نڪاح ٿيو ۽ رسمن طور مولوي ۽ هن سان گڏ ٻن شاهدن وڃي مارئي ڪان پڇيو تہ توکي ڪيت قبول آهي تہ رسم طور مارئي ڪنڌ لوڏي ها چيو. جڏهن مولوي ۽ شاهدن ڪيت ڪان پڇيو تہ هن مارئي تي طرح طرح جا الزام هٽندي نڪاح ڪان انڪار ڪيو. جڏهن اِها خبر مارئي کي پئي تہ مارئي جو روح اُتي ئي جسم ڪان آزاد ٿي ويو ۽ هوءَ هميشہ هميشہ لاءِ هڪ داستان جي روپ ۾ اَمر ٿي وئي. اِنهيءَ داستان کي شاه سائينءَ راڳ جي سُر ۾ شاعري وسيلي پنهنجي اندرين ڪيفيت بيان ڪئي آهي. جي اِنهي سُرَ کي پڙهڻ ڪان پوءِ راقم الحروف پنهنجي قلم وسيلي اِئين محسوس ڪري لکي ٿو تہ جيئن شاه سائين مارئي پنهنجي روح ۽ ڪوٽ جيئن پنهنجي جسم کي ڪوٺيو هجي. جنهن ۾ روح قدرت واري قيد ڪيو هجي ۽ هِن سُر وسيلي جيئن مالڪ کي شاه سائين التجائون ڪري رهيا هجن تہ اِنهيءَ ڪوٽ مان اِنهيءَ روح کي آزاد ڪر تہ جيئن وڃي پنهنجي اباڻن يعني پنجتن پاڪ سان ملان.

شاهہ سائين جو شعر:

قسمت قيد ڪياس، نہ تہ ڪير اچي هِن ڪوٽ ۾
آڻ لِکئي لوح جي هنڌ ڏيکاريم هي
پر چي ڪين پنهوار رِي جان جُسو جيءُ
راجا راضي ٿيءُ تہ مارن ملي مارئي

ٻئي نڪادون ۽ ٻئي گنڌارون استعمال ٿين ٿيون:
سا ري گا. رِي سا گي ما پا. ڌي ني سا
سا نا ڌي پا. ما پا ني ڌي پا. ما گي ما پا ما ري گا ري سا.

## داستان ٽيوٽيهون

# ڏولا مارُوَل (پرڄ)

شاهہ سائين جي اِنهيءَ داستان مان ڪلاسيڪل راڳ پرڄ جو جنم ٿئي ٿو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح ٻن راڄائن جي قصي کي ظاهر ۾ سامهون رکي لکيو آهي. هي ٻئي راڄا قديمي ٿر جي علائقي پونگڙ ڳڙهہ جا هئا ۽ ٻئي ذات جا رانوڙ هئا. هنن ٻنهي جو پاڻ ۾ تمام گهڻو پريم ۽ جهڙوڪ هڪ ٻئي ۾ ساهہ هو. هڪ راڄا جو نالو نڙ ۽ ٻئي جو راڄا پينگڙ هو. هڪ ڏينهن ٻئي سفر تي گڏجي نڪتا ۽ هلندي هلندي گهوڙن ۽ پنهنجي پاڻ کي ساهي ڏيڻ لاءِ گهوڙن کي وڻن سان ٻڌي گاهہ پنو ڏئي ۽ پاڻ ٻئي پير جي وڻ هيٺ ويهي ساهي پٽڻ لڳا تہ اوچتو هڪ ٻئي کي واڌايون ڏيڻ لڳا ۽ ٻڌايائون تہ منهنجي گهر اُميد وارِي آهي، تہ ٻئي ورائيو اِها ساڳي اُميد وارِي منهنجي گهر ۾ بہ آهي. ٻئي تمام گهڻا خوش ٿيا. پوءِ ٻنهي پاڻ ۾ اُنهيءَ وڻ جي هيٺان ويهي وچن ڏنو تہ جي توکي ڌيءَ ٿي تہ منهنجي ننهن ٿيندي ۽ جي توکي پٽ ٿيو تہ منهنجو نياڻو ٿيندو.

راقم الحروف ٿرپاڪر ۾ رهي ۽ اُتي جي بزرگن ۽ پنهنجي قوم جي قديمي ماڻهن سان ٿري زبان ۾ هن داستان جا ڇيل ڪهاڻي مطابق ڏوهيڙا هٿ ڪري وڏي محنت ۽ سچائي سان پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪيا آهن.

جڏهن راڄا نڙ ۽ راڄا پينگڙ ٻنهي سڱاوتي جو اعلان ڪيو، تنهن تي ڇيل ٿري زبان جو ڏوهڙو هن ريت آهي:

**ڏوهڙو 1:**

نڙ پينگڙ آڙوڏيا. پارس پيپڙ هيٺ.
جڏ ڪا ڪونا ڪڙ پيا. ڍولو ماروَل پيٺ.

ڳڏوڳڏ استعمال ٿيل ٿري لفظن جي معني بہ لکجي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"آزوڊِيا" هڪ ٻئي سان ٻاڪر پائڻ يا ڳنڍجڻ. "پارس پيپڙ" پارس وانگر چمڪندڙ وڻ (پِپر جو وڻ). "ڪونا ڪڙ پيا" گهر تائين خبر پئجڻ.

**ڏوھُو 2:**

جَو جِڏا پرٽيا تِل جڏا ٽٽي،
ڍولا تميٽِي ماروَل بيگِي بڙڻ ڪري.

معنيٰ: ڪٽڪ جي داٽي جيترا پيٽ ۾ هئا ۽ جڏهن امڙ جي ٽٽن تائين پهتا.

وري ڍولي کي ياد ڪندي مارول ۽ هُن جي اچڻ جون راهون نهاريندي اُٺ مارول کي چوي ٿو:

تون ڍولي رِي نار، ٻاڏا ڪُتڻ رِي ڪانبڙي
تون مان متي مارَ

ڍولي کان مخاطب ٿي اُٺ پيو چوي:

ڪيِ ها ٿان ٻگان را تا ڪڙا ڍيلي چڏ مُهار،
جاؤن ڍولي ري ساسري گهر گهر ڏان جوار.

اسان جي ديس ۾ گهٽا مُڱ ٿين ٿا.

سنڌ جا چانورِ آٽجن،
ٻر چولو جهيٽو پاٽل آ.

ساراھ ڪيان سنڌ جي.

ساڙ بڪاٿان سنڌ ري مونگ مڏو ور ڏيس،
چولو جهيٽو ماڙ ٻي ماڙ هُو هُڙ ڏر ڏيس.

(گهٽي زندگي وئي ٿوري رهي) گهٽي گئي ٿوڙي رئي جنهن ۾ ٻڃڻ ڇڻ جائي (ڏينهن گهٽجن پيا)

گهڙي بيڙا ري ڪارٽي. راجہ رَمت مت ڦنائي
ڪجهہ دير جي لاءِ راجہ اِها راند بند نہ ڪجان
رات وئي پره ڦٽي جو ٽائيم آ بدن ۾ ساھ نہ آهي

رات گئي پريات پئي پنجري ناهين پراڻ
دل ڪوڙي آ. تون سچو ساز وڄاءِ آهستي آهستي
ڪهي نتي سُڻ نائيڪا جهيڻا ساز بڄاءِ

معنيٰ: اُنٿي مارَول کي مخاطب تي چئي تي، هِن ڇهبڪ سان پاڌا ڪتبا آهن. مون کي تہ نہ مار- چاڪاڻ جو تون ڍولي جي نار آهين. چئني پيرن مان لڱل سيخون ڪڍ پوءِ پلي ڍري ڇڏ مَهار پوءِ توکي جلد پهچايان.

هي داستان اُستاد حبيب الله خان پوڏرائي کان مليو.

## داستان ماڙ جي علائقي جو سُر ڍولا مارول

راجا نڙ. اوچڻ نگر ۾ راجا پينگڙ پونگڙ گڏهہ جو. هِنن ٻنهي جي پاڻ ۾ تمام گهڻو پريم ۽ محبت هئي، هڪ ڏيهاڙي ٻئي راجا شڪار جي لحاظ سان پنهنجي پنهنجي رستي تي نڪتا. اوچتو ٻئي پاڻ ۾ ملي پيا، ڏاڍا خوش ٿيا ۽ پير جي هِڪ وڻ جي هيٺان پنهنجا تنبو کوڙي ۽ رهاڻ رچايائون. اوچتو ٻنهي راجائن هڪ ٻئي کان پڇيو تہ توکي گهڻو اولاد آهي تہ ٻنهي وراڻيو تہ منهنجي گهر اولاد ٿيڻ جي اُميد واري آهي راجا نڙ چيو تہ منهنجي بہ گهر پورا ڏينهن آهن. تڏهن ٻنهي پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي وچن ڏنو تہ جي منهنجي گهر نياڻي ٿي تہ تنهنجي نَنهن ۽ جي تنهنجي گهر نياڻي ٿي تہ منهنجي نُنهن ٿيندي. راجپوت قوم جا فرد هوندئن پنهنجي وچن ۽ زبان جا ڪرا هوندا آهن. ٻئي راجا واپس خوش ٿي ۽ پنهنجي گهرن ۾ وڃي اولاد ٿيڻ کان اڳ ۾ هڪ ٻئي سان سڱاوندين جو اعلان ڪيائون ۽ خدا جي ڪرڻي جو راجا نڙ کي پٽ ڄائو ۽ راجہ پينگڙ کي نياڻي ٿي. ٻنهي تي نالا رکيا ويا: ڍولو ۽ مارول. هڪ ٻئي ڏانهن واڌايون موڪليون ويون ۽ قدرت خدا جي سان هي اجا ٻئي ننڍي ڄمار ۾ هئا تہ سندن والدين يعني راجا نڙ ۽ راجا پينگڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذاري ويا.

جڏهن ڍولو ڀرپور جواني ۾ آيو تڏهن کيس اِها خبر پئي تہ سندس سڳاوتي مارول نالي ڇوڪري سان ٽيل آهي تہ پوءِ گهر ڇڏي مارول کي ڳوليندي، هڪ مارول نالي ڇوڪري جيڪا ذات جي ماڙن يعني هندو ماڙڻ هئي ۽ هِن ڍولي اِنهيءَ کي مارول سمجهي ۽ رشتو جوڙڻ جي تيارين ۾ هو تہ هڪ ڏينهن هُن جي مڱٿهار هن کي سمجهايو تہ اُها مارَول راجا پينگڙ جي ڌي آهي. هو راجا پينگڙ گڏهہ جو راجا هو ۽ توکي هِن لوهارڻ پنهنجي پاڻ کي انهيءَ مارَول سان ملائي توکي دوکي ۾ رکيو آهي. جنهن مڱٿهار هِن کي اِها ڳالهہ ٻُڌائي اُهو مڱٿهار راجا پينگڙ جو مڱٿهار هو.

جڏهن هِن راجا ڍولو کي مارول جي رياست جو پتو ڏنو تہ راجا ڍولو پنهنجي اُٺ کي تيار ڪري مارَول تائين پهچڻ لاءِ نڪرڻ وارو هو تہ ماڙڻ مارول اُٺ جي پيرن ۾ لوه جا سَرِيا هٽي ڇڏيا جيئن ڍولو مارول تائين نہ پڄي سگهي. جڏهن ڍولي اُٺ جي مهار ڇڪي تہ اُٺ هلڻ کان لاچار ٿي پيو. پوءِ راجا کي شڪ پيو تہ منهنجي اُٺ جي هلڻ جي اُها چال ناهي. تنهن تي ڍولي اُٺ کي چيو:

ڏن گيو ڏرَ ڏونگري، ٻَٽيا گيا وَٽي
ڪاڙي ڪاڏو ڪِريا ڇوڙيو تي رڻ ٽٽي.

اُٺَ جواب ڏنو:

ڪاڍ هتان پڳان را تاڪڙا، ڍيلي ڇوڏ مُهار
جاؤن ڍولي ري ساسري هون گهر گهر ڏان جُوار

اٺ جي چال کي ڍولو سمجهي ويو ۽ هيٺ لهي اُٺ جي پيرن جي ترين مان لوه جا سريا ڪڍيائين. پوءِ تہ اُٺ جهاز وانگر ٿر جي واريءَ تي ڊوڙندي پنهنجي منزل تي رسيو. جڏهن ڍولو پونگڙ گڏهہ پهتو تہ اُٺ کي اُڃ لڳل هئي ۽ انهيءَ رياست ۾ اُٺ کي پاڻي پيارڻ لاءِ گهٽيرا کوه وٽ ترسيو تہ رياست جي شهزادي پري کان ڏٺو تہ هي ڪير اجنبي آهي، جنهن اسان جي کوهہ تي همت ڪري ۽ پنهنجي اُٺ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻي پياري رهبو آهي.

شهزاديءَ ويجهو اچي اُٺ جي مُنهن ۾ زور سان ڇهبڪ هنيو، جنهن سان اُٺ جا چپ چيرجي ويا. ڍولي، ڪنهن شخص کان پڇيو ته هي مغرور ڇوڪري ڪير آهي، جنهن منهنجي ڪَرهي (اُٺ) جا چپ زخمي ڪري وڌا آهن. تنهن تي هُن شخص وراڻي ڏني ته تون جلدي هتان هلڻ واري ڪر ڇو جو هي هتي جي شهزادي مارَوَل آهي جيڪا راجہ پينگَڙ جي ڌي آهي. اُتي ڍولي شعرائي انداز ۾ چيو.

ڪي پاوسان ڪي پي وسان قابل تَتي ڳهٽيرِي ڳُوهي

اُٺ چئي ٿو مارَوَل:- تون مون کي ڇا پيئاريندي پاڻي هن کوهن جو. ڍولي سان ملائڻ جو تورو اِئين لاٿو اٿئي جو مون کي ڇهبڪن سان ماريو اٿئي. اِها ڳالهہ مون کي جيئري ڪڏهن بہ ڪونہ وِسرندي.

مارول بائي ڪامپٽي مِنا بسرسي مُوئي

پنهنجي پيءُ جا سَو اُٺ پيارين ٿي، هڪ اُٺ پنهنجو بہ ڍاپاءِ.

ڍولو ٿو چوي:

سؤ پاوي پاپيٽان. هڪ پا آپيٽو.

هي کوهہ آهن ۽ ڪيترائي جانور توڙي اِنسان هن کوهن تان پاڻي پين ٿا. جنهن مارَول لاءِ آئون واري اُڏائي ۽ هن جي ور کي هِن سان ملائڻ ۾ مدد ڪئي، اِنهيءَ مارول مون کي ڏک هنيو. جيڪو مون کي جيئري نہ وسرندو.

تنهن تي شهزادي مارَول پڇيو تہ هي شخص ڪير آهي. جيڪو مون کي پنهنجي پيو سڏي. تنهن تي ڍولي چيو تہ تون منهنجي مڱ آهين ۽ توکي ٿي ڳولهيندي هيستائين پڳو آهيان. مان راجا نَڙ جو پٽ ڍولو آهيان ۽ اهڙي طرح اها ڳالهہ ٻڌي مارَول ڏاڍي خوش ٿي ۽ مارول اِنهيءَ ڍولي جي انتظار ۾ هُئي ۽ هن هميشہ ننڍپڻ جي جمار کان ڍولي جو نالو ٻڌو هو ۽ هِن کي بہ پڻ اها خبر هُئي تہ مان ڍولي جي لڄ آهيان ۽

انهيءَ انتظار تي مارول ڇيو.

جَوَ جڏا پرڻيا. تِل جڏا ٿِيَ
ڍولا تمهِنَي مارَول بيگِي بڙڻ ڪري

اهڙي طرح ڍولو ۽ مارَول گڏجي ٻيا ۽ وڏي ڌام ڌوم سان ٻنهي جا ست ڦيرا ٿيا ۽ زندگي جون سڀ گهڙيون ٻئي گڏجي گهارڻ لڳا. اهڙي ريت شاه سائينءَ جي هِن داستان مان راڳ پرڄ جنم ورتو ۽ راڳ جي شڪل اڄ بہ انهيءَ نالي سان سڄاتي وڃي ٿي.

هِن سُر ڍولا مارَول کي ماڙ جي مُلڪ وارا قديمي زماني کان جيسلمير کان وٺي ٿرپارڪر تائين هِن راڳ ۾ پوربي ٺاٺ جي سمپورن راڳ (پَرڄ) جنهن کي (پرج ) جي نالي سان بہ سڃاتو ويندو آهي) تنهن ۾ هِن ماڙيچڪي ٻولي جا ڏوٺا ڏيندا آيا آهن ۽ هن راڳ کي شاه سائين جي اڳيان آنڙيو خان ۽ چانچڙيو ڳائي ۽ هِن ۾ ڏوٺا ٻڌائيندا هئا. شاه سائين جا گهڻا داستان ماڙ جي ملڪ مان اِنهن ٻنهي ٻائرن متعارف ڪرايا تنهن کي شاه پنهنجي روحاني ڪماليات جي وسيلي اُنهن کي ڪلاسيڪل جي بجاءِ بل فوڪ جي چالي سان اهڙو روپ ڏنو جو هن راڳن جي سڃاڻپ ڪلاسيڪل وارن کان بہ زور تي وئي. ڪلاسيڪل راڳ جي اعتبار سان هي اُترانگ جو راڳ آهي ۽ هِن ۾ مَٿين سُر تار اسٿان جي کرج تمام گهڻو لطف ڏئي ٿي. هِن جو وقت رات جي پوئين پهر جو اهي. اصل ۾ هن راڳ کي صرف ڪومل مڌم سان ڳائبو آهي. پر شاهہ سائين جي آلاپ ۾ شاه سائين جا فقير (راڳي) هِن ۾ ٻئي مڌمون استعمال ڪن ٿا. بقول چتر جي تہ هِن راڳ ۾ ٻنهي مڌمن جو ميلاپ رات ۽ اڇڻ واري صبح کي اُجاگر ڪري ٿو.

هن راڳ جي شڪل بسنت راڳ سان گهڻو ملي ٿي. پر هن راڳ جو وادي سُر کرج (سا) آهي. هِن راڳ جي خاص تان هيٺ لکجي ٿي.

سَا ني ڌا پا . مي. پا. ڌا پا. گي ما گي.

شاه سائين جا راڳي بہ اِنهن سُرن کي داستان ۾ آلاپن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان چوويهون

# سُر ڌناسري

سُر ڌناسري ۾ حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رح، پيرانِ پير دستگير محي الدين جيلاني رح جن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ پڻ مدد بہ گهري آهي. شاھہ سائين اِنهي سُر ۾ فرمائي ٿو:

منهن مُناري سامهون، ڏٺم هڪ نوري نيل،
ڪوڙين جت قنديل هِن سُر ۾ گڏوگڏ

ملتان واري پير حضرت بهاؤ الدين رح جو بہ ذڪر ڪيو آهي ۽ شاھہ عنايت ڪي بہ ملتان جا پنڌ ڪندي لکيو اٿن ۽ پاڻ بہ اوڏانهين وڃڻ جو ذڪر ڪيو آهي.

سُر ڌنا سري جو نالو ٻن ناٽن ۾ ملي ٿو.

(1) پوربي ٺاٽ (پوريا ڌنا سري) (2) ڪافي ٺاٽ (ڌنا سري)

هاڻ هتي ٿورو منجهارو ٿئي ٿو تہ شاھ سائين اِنهن ٻنهي هڪجهڙي نالي رکندڙ سُرن مان ڪنهن کي پنهنجي داستان ۾ آلاپيو آهي. اِنهيءَ مشڪلات واري راڳ وديا جي مسئلي ۾ پيٽ شاھ سائين جن جي راڳي فقيرن مان سيد محمد جمن شاھ شاھ سائين واري رنگ ۾ جڏهن آلاپيو آلاپ ٻڌڻ کان پوءِ راقم الحروف ٻنهنجي حاصل ڪيل موسيقي جي علم سان جڏهن هِن جي نوٽيشن ڪئي تہ سيد جمن شاھ اِنهيءَ سُرن وسيلي هن سُر (داستان) کي آلاپڻ جو پڻ اعتراف ڪيو. تنهن کان پوءِ مطمئن ٿي ۽ هاڻ اِنهيءَ راڳ جو نوٽيشن ۽ ٻيا هِن جا ڪرتب وصف هيٺ لکجن ٿا.

ڪلاسيڪل جي راڳن جي اعتبار کان سُر ڌناسري ڪافي ٺاٽ جو اُوڊو سمپورن راڳ آهي يعني هن جي آروهي ۾ پنج سُر آئيا ۽ بہ 2 سُر

رکب (ري) ۽ ڌيوت (ڌا) هي ٻئي سُر آروهي ۾ ڪونہ لڳائبا. هاڻ امروهي (لهڻ) ۾ ست 7 ئي سُر استعمال ۾ آڻبا. هن راڳ جو وادي سُر پنچم (پا) آهي ۽ سم وادي ڪرج (سا) آهي. اهڙي طرح شاهہ سائين جي هِن داستان مان پوريا ڌناسري جو جنم ٿئي ٿو. هِن سُر ڪي آلاپڻ جو وقت ڏينهن جو ٽيون پهر آهي. شاهہ سائين جي تخليق ڪيل هِن سُر ۾ چالَي جي مطابق هِن راڳ جي گِره جو سُر (جنهن سُر سان راڳ شروع ٿئي) اُهو سُر نکاد (ني) آهي ۽ اِنياس جو سُر (جنهن سُر تي راڳ ختم ٿئي) اُهو سُر پنچم (پا) آهي. هِن راڳ ۾ شاهہ جي راڳڻ جي آلاپ ڪرڻ ۾ پنچم ۽ گنڌار جي سنگت جو گهڻو لطف اچي ٿو. جيڪڏهن هِن راڳ ۾ مڌم (ما) کي وادي جو سُر ڪجي تہ هي سُر ٻيم پلاسي تي پوندو. "ڀاوي سنگيت" جو مصنف ٻنڊت اَهُوبل پنهنجي گرنٿ ۾ لکي ٿو تہ جيڪڏهن رکب ۽ ڌيوت کي هِن راڳ جي آروهي ۾ نہ ڳائينداسين تہ هي سُر ڌنا سري تي پوندو ۽ جيڪڏهن اسين اِنهي راڳ ۾ رکب ڪومل (را) ڪري لڳائينداسين تہ هي پوربي ٺاٺ جو پوريا ڌنا سري تي پوندو.

اهڙي طرح شاهہ سائين جي هِن سُر مان ڌناسري جو جنم ٿئي ٿو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| پا | آروهي | نا سا گا ما پا نا سا | وادي | ڪرج (سا) |
| سا | امروهي | سا نا ڌي پا ما گا ري سا | سم وادي | ڌيوت (ڌا) |

## لڇڻ گيت سُر ڌنا سري

شاستر سَمت راڳ گائي . اوڊو بنائي هر ٻريا سُر ميل سا ڌا ري
ڌا اور جت نِت دکائي
پنچم جب وادي ڪرت ڌناسي گني برنت ٻيم پِلاسِي مون چتر
وادي مڌم کهائي

## سُر ڏنا سري جو چاَلو

تال اِڪتالو 12 ماترا

پا. پا. گا پا. گا ما گا. ري سا. نا سا. گا ما پا. نا ذي پا
گا پا. ما گا ري سا.
سا نا ذي پا. پا پا نا سا. گا ما پا. پا. گا پا. گا ري. نا سا
پا نا سا. پا گا پا. گا ما پا. نا ذي پا. ما پا. گا ما پا. گا. ري سا.
پا پا. گا ما پا. نا. سا. گا ري سا. سا ري سا. نا ذي پا. گا پا. ذي پا

## لِحنُ گيت سُر ڏنا سري (چوٽال)

### (آستائي)

| سَم | خالي | تاڙي | خالي | تاڙي | تاڙي |
|---|---|---|---|---|---|
| x | 0 | 2 | 0 | 3 | 4 |
| پا – | پا پا | گا پا | ما ما | گا ري | – سا |
| شا – | ستر. سُ | مَ ت | را – | گ گا | – اي |
| نا – | سا سا | گا ما | پا پا | نا ذي | – پا |
| او – | دَ وَ | پُو – | رَ ن | – نا | – اي |
| پا پا | گا ما | پا پا | نا سا – | سَا نا سَا | – سا |
| هَ رَ | پر يا | سُ رَ | مي – | لَ سا | – ڌ |
| سَا نا | ذي پا | گا ما پا | گا ما | گا ري | – سا |
| ري ڏا | وَ رَ | جَ تَ | نِ ٿ | دِ ڪا | – اي |

| تاڙي | تاڙي | خالي | تاڙي | خالي | سَمَ |
|---|---|---|---|---|---|
| 4 | 3 | 0 | 2 | 0 | x |
| سا سا | نا سا | پا نا | گا ما | پا پا | پا - |
| رَ تَ | دي ڪَ | وا - | ڄَ ب | ڄَ مَ | پن - |
| پا پا | نا ڌي | ري سا | ري گا سا | سا ما | نا - |
| نَ تَ | بَ رَ | گُ ني | سي - | نا - | ڌ - |
| ري سا | ما گا | ما پا | گا ما - | نا سا | ما پا |
| تَ رَ | مُون چَ | سي - | لا - | مَ پ | پي - |
| ري سا | ما گا | پا گا | گا - | ڌي نا پا | سا - |
| آ ئي | ڪَ ها | ڌ مَ | مَ - | دي - | وا - |
| 4 | 3 | 0 | 2 | 0 | x |

هن سُر جهڙو نالو ڪلاسيڪل جي ٽن ٺاٺن ۾ ملي ٿو. (1) پوربي ٺاٺ (2) ڀيرون ٺاٺ (3) ڀيروين ٺاٺ.

هي سُر (ڏنا سري) اِنهن ٽنهي ٺاٺن ۾ مختلف سرن جي شڪل ۾ ملي ٿو. ڀيروين واري ڏنا سري جي شڪل هيٺ لکي ڏيکارجي ٿي.

آروهي: نا سا گا ما پا نا سا

امروهي: سا نا ڏا پا ما گا را سا

داستان پنجوبھون

# سرُ پُورب

شاھہ سائين جي هِن داستان مان پيدا ٿئي ٿو ڪلاسيڪل راڳ پورب. شاھہ سائين جو سُر پُورب شاھہ سائين جي آلاپ مطابق راقم الحروف تلاش ۽ کوجنا ڪئي تہ هي راڳ قديمي شاستر گرنٿن ۾ رام ڪريا جي نالي سان مليو، جنهن کي هاڻ اجوڪي دؤر ۾ پوربي ٺاٺ جي نالي سان ڪوٺبو آهي.

هي داستان سُر پورب پوربي جي سُرن تي آلاپبو آهي. هن جا سُر اهڙي ريت آهن: کرج (سا) ڪومل رکب، تيور گنڌار، تيور مڌم، پنچم تيور نکاد (ني) کرج (سا). هاڻ ڀيرو راڳ ۽ پوربي جي سُرن ۾ صرف هڪ مڌم (ما) جو فرق آهي. جيڪڏهن پوربي جي تيور مڌم (ما) کي شڌ ڪري لڳائبو تہ ڀيرو ٿي پوندو، يعني مڌم ڪومل ڪرڻ سان ڀيرو ٿي پوندو.

ڪرناٽڪ سنگيت ۾ هِن راڳ جو نالو ڪام ورڌني ميل ٺاٺ بہ ملي ٿو. اجڪلهہ اِنهيءَ ٺاٺ جي راڳ پوربي تي ٺاٺ جو نالو ڏنئي ۽ اِنهيءَ کي ٺاٺ ڪري سڏبو آهي. پوربي ٺاٺ جي خاص نشاني اِها آهي تہ هي ٻن انگن سان ڳايو ويندو آهي. هڪڙو انگ آهي پوربي ۽ ٻيو انگ آهي سِرِي ۽ اِنهن ٻنهي جي خاص نشاني آهي. اِنهن ٻنهي جي سنگت يعني گنڌار ۽ نکاد جي ڏي وٺ ۽ جيڪو سِري راڳ واري انداز تي ڳائبو آهي. اُنهيءَ جو وقت شام ۽ هن ۾ پنچم ۽ رکب جي سنگت رهندي آهي. گنڌار جو سُر هِن سِرِي راڳ ۾ وادي جو سُر آهي ۽ شام جي وقت آلاپڻ سان هِن جو روپ مست رنگن سان رَچي ۽ ٻڌندڙن تي گهرا نقش چٽي ٿو.

اِهڙي طرح پورب جو وادي سُر گنڌار (گا) آهي ۽ هي راڳ سِري راڳ جي مٿان آلاپڻ جوڳو آهي. ڪي عِلم موسيقيءَ جا ڄاڻ پوربي کي ڀيرو ٺاٺ تي بہ لکن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي طرح هي راڳ ٻنهي مڌمن ما ۽ مي جي لڳائڻ سان ظاهر ٿئي ٿو، پر جيڪڏهن هِن راڳ ۾ صرف مڌم ڪومل ما لڳائبي تہ هي پيرو راڳ ٿي پوندو ۽ جيڪڏهن پيرو راڳ ۾ تيور مڌم مي لڳائڻ سان پوربي ٿهي پوندو ۽ پوربي ٺاٺ مان مڌم ۽ نکاد خارج ڪئي وڃي تہ هي رام ڪريا راڳ ٿي پوندو.

اِهڙي طرح پيرو ٺاٺ جي آروهي مان مڌم ۾ تيور مڌم نہ لڳائبي تہ هي سُر رام ڪلي ٿي پوندو.

لکنؤ واري علائقي ۾ هي رواج آهي تہ هِن راڳ سُر پورب ۾ ٻئي ڌيوتون ڌا ۽ ڌي لڳائيندا آهن ۽ گهڻو زور تيور ڌيوت ڌي تي ڏئي آلاپيندا آهن ۽ ڪومل ڌيوت ڌا کي گهٽ استعمال ۾ آڻيندا آهن. اهڙي طرح شاه سائين جي هِن داستان مان ڄنم ٿو ٿئي پوربي جو. هيٺ سُر پورب جو سرگم لکجي ٿو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| آروهي | سا ري گي مي پا ڌا ني سا | | وادي | | گنڌار (گا) |
| امروهي | سا ني ڌا پا مي گي ما گا را سا | | سم وادي | | نکاد (ني) |

## سُر پورب جو چالو

گي را سا. ني را گي. را گي. مي مي. گي ما گي. را گي را سا
ني را گي. را گي. ني را ني. مي ڌي ني. را گي. مي پا مي. گي ما گي. را گي را سا.
ني سا را گي را گي. ني را گي مي پا مي گي. پا مي گي م گي
گي مي پا. مي پا ڌا. ڌا پا. ني ڌا پا مي مي گي ما گي. را گي را سا
گي گي مي ڌا مي. سا ني را سا. ني را گي را سا. ني را ني ڌا پا
پا مي. ما گي. مي ڌا ني. را ني ڌا پا. مي گي را گي را سا.

## ڇوٽو گيت پوريا چَڪر تال (10) ماترا

آستائي:- اري من رَبن بچار تج سب اوبچار
گهڙي پَل اَوڌ بيتَتَ
انترو:- چَتر ٻکو ڪر سُمرنُ. هو اوتَ پوَتَ
رنَ چڪر ڌرڪو سمپار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تال جهپتال 10 ماترا

## (آستائي)

| 4 | 3 | 2 | x |
|---|---|---|---|
| گي گي | گي ما را | مي گي | پا ڌا مي پا |
| چا رَ | ن بِ | رَ ب | آ ري مِ نَ |
| سا سا | سا سا | گي را | ني را گي مي |
| رَ - | چا - | آ وي | ت ج س ب |
| سا سا | گي را | ني را | مي ڌا ني سا |
| ت ت | ڌ بِ | آ وَ | گهه ري پَ لَ |

## آستائي

| 4 | 3 | 2 | x |
|---|---|---|---|
| سا سا | سا سا | ني ني | گي گي مي ڌا |
| رَ نَ | سُ مَ | ڪ ر | چَ تَ ر ڪو |
| پا پا | ڌا پا | ني سا ني | ني سا سا را |
| ن - | رَ - | وَ ت | هو او ٺا پَ |
| سا سا | گي را | مي را | مي ڌا مي گي |
| پا ر | ڪو سمَ | ڌ رَ | چ - ڪر - • |
| 4 | 3 | 2 | x |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داستان چوبهون

# سُر ڪاموڏ

شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي مقدس رسالي ۾ اڪثر ڪري پنهنجي پاڻ کي مذڪر (مرد) جي روپ بجاءِ مؤنث (عورت) وارن لفظن سان مالڪن اڳيان ٻاڏايو اٿس: اديون، سرتيون، ڀينر ۽ گڏوگڏ پنهنجي پاڻ کي نِوڙت ۽ نيازمندي سان اُنهن پاڪيزه داستانن ۾ ڪٿي مارئي، ڪٿي سُهڻي تہ وري ڪٿي نوري، گندري ۽ عين ڀري ڪري ڄاڻايو آهي.

شاه سائين جيترا بہ داستان پنهنجي موسيقي وسيلي شاعرائي انداز ۾ پيش ڪيا آهن، اُهي داستان حقيقت ۾ سچيون عشق جون پاڪيزا ڪهاڻيون آهن. اُنهن داستانن جي ٻويان ظاهري ڪردارن کي پنهنجو روپ ڏئي پنهنجي حقيقي سردارن پنجتن پاڪ ۽ پاڪ پالڻهار کي ٻاڏايو آهي. هي داستان بہ هڪ عشق جي پاڪيزه ڪهاڻي آهي. نوري ۽ ڄام تماچي اِنهي داستان جا ظاهري مُکِ ڪردار آهن.

نوري هڪ مهاڻي هئي، جنهن کي رب العظيم تمام گهڻي سونهن ۽ حُسن سان نوازيو هو ۽ اِنهيءَ حُسن جي هاڪ ٻَڌي ياڌوَ گهراڻي جا راجپوت جيڪي بعد ۾ سما سڏجڻ لڳا ۽ 1333ع ڌاري علاؤالدين خلجي سومرن کان حڪومت کسي ورتي، تڏهن سمن پنهنجي حڪومت ٺاهي ۽ ٺٽي شهر کي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪيائون.

ڄام اُنڙ هِن گهراڻي جو پهريون حاڪم هو. تنهن کان پوءِ سندس ڀاءُ ڄام جُوڻو هِن گادي تي وينو. وري ٿوري ئي وقت کان پوءِ فيروز تغلق سنڌ تي حملو ڪري ڄام جُوڻي کي قيدي بڻائي دهلي ڪٺي ويو ۽ حڪومت جون واڳون سندس ڀائٽي ڄام تماچِي کي هٿ آيون.

اهڙي طرح ڏهن (10) ڄامن هڪ ٻئي پٺيان حڪومت ڪئي تنهن مان ڄام نندو مشهور حاڪم ٿي گذريو آهي.

سُر ڪاموڏ جنهن ۾ نوري ڄام تماچي جي عشق جي ڪهاڻي

هِن داستان راڳ وسيلي شاعري جي بَدَل بولن ۾ ڏني وئي آهي.

اِنهيءَ سُر کي ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو تہ هي سُر ڪاموڏ، سنسڪرت ٻولي جي لفظ ڪامودا جي بگڙيل صورت آهي ۽ هن جي هندي ٻوليءَ ۾ معنيٰ نڪري ٿي ڪام وهيڻي ۽ بقول ڊاڪٽر گربخشاڻي جي تہ ڪاموڏ هڪ راڳڻي جو نالو آهي جا ديپڪ راڳ جي پنجن (5) ڀائرن جي زالن مان هڪ آهي ۽ راڳ مالا ۾ هِن جي تصوير هِن ريت چٽي اٿس:

بدن سون جهڙو. جنهن تي اڇو ڪنجرو، سُرخ ساڙهي اوڍيل وٽراهہ ۾ ڀؤنر جيان ڀُري، ڪوئل جهڙي منيءَ للڪار سان ڳائي رهي آهي ۽ برهہ جي باهہ ۾ جلي ور لاءِ وياڪل ٿي اُن جي راهہ نهاري رهي آهي.

راقم الحروف وڌي تحقيق ۽ تصديق ڪان پوءِ ورتل علم موسيقي جي گرنٿن رتناڪر، سُر امرت ڌارا، لڪش، ڀاوي ۽ معرفت النغمات مان حوالا ڏئي لکي ٿو تہ سُر ڪاموڏ عراق عجم ۽ يونان جي راڳ يمن ڪلياڻ جو وِڪر اوڊو اوڊو راڳ آهي. شاهہ سائين جا فقير راڳي هِن سُرُ ۾ ٻئي مذمون ما ۽ مي کي ڪتب ۾ آڻين ٿا. هن راڳ جو وقت شام کان اڳ جو آهي.

هن راڳ جو وادي سُر پنچم ۽ سمر وادي رکب ري آهي. ڪي لکن ٿا تہ هي راڳ گوند ۽ همير راڳ جي ڀاڱ ۾ ملائڻ سان ٺهي ٿو.

پنڊت سوم ناٿ پنهنجي گرنٿ ڀاوي سنگيت ۾ لکي ٿو تہ هي راڳ سُر ڪاموڏ مان پيدا ٿئي ٿو. دکن مُلڪ جا پنڊت هِن راڳ ۾ پنچم (پا) ۽ ڌيوت (ڌا) کي استعمال نٿا ڪن. پر شاه سائين جي ڌنل سُرن جو طريقيڪار هي ناهي. معرفت النغمات جو گرنٿڪار ٻات ڪندي هِن راڳ جي آروهي ۾ گنڌار (گا) ڌيوت ڌا کي استعمال ۾ نٿو آڻي. جيڪڏهن شاهہ سائين جي سُر ڪاموڏ کي وِڪر روپ (تيزو روپ) ۾ نہ الاپيندا سين ۽ جيڪڏهن سُڌ روپ ۾ سُر لڳائيندا سين تہ هي سُر ڪاموڏ مان ڦري يمن ڪلياڻ جي شڪل اختيار ڪري ويندو. هاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظاهر ٿيو تہ سُر ڪاموڏ تيڙو روپ سان آلاپيو.
سُر ڪاموڏ ڪي وڪر روپ سان ائين وڏائڻ گهرجي
(سا ري پا پا ڏا پا گا ما پا گا ما ري سا)
اهڙي طرح شاہ سائين جي سُر ڪاموڏ مان راڳ ڪاموڏ ٺهي نڪري ٿو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| آروهي | سا ري پا مي پا ڌي پا ڌي سا | وادي | پنچم (پا) |
| امروهي | سا گي ما پا گي ما ري سا | سمر وادي | رکب (ري) |

## سُر ڪاموڏ جو چَالَو

سا ري. پا پا. ڌي پا. گي ما پا. گي ما ري. سا
سا ڌي پا. سا ري سا. ماري. پا پا. ڌي ڌي پا پا. مي پا
ڌي پا. گي ما پا. گي ما ري. سا ري سا. گي ما ري. پا پا. مي پا ڌي پا
سا ڌي پا. گي ما ري. پا گي ما ري سا.
پا پا. سَا رَي سَا. مَا رَي سَا. ري سا ڌي پا. مي پا ڌي ڌي پا
گي ما. ڌي پا. گي ما پا. ري پا. گي ما ري سا.
سَا سَا. رَي رَي سَا. گي مَا رَي سَا. ني ڌي پا. مي پا. ڌي ڌي پا مي پا
گي ما ڌي گي ما ري. پا گي ما ري سا.

## لڇڻ گيت سُر ڪاموڏ

آستائي: ميل جَنڪ راڳ ڪامود گنين سب گاوت
انترو: ري پا. سمر وادي. گا ني ات ڏربل دونون مَڌم

## چتر دڪاوت

تال اِڪتالو 12 ماترا

### آستائي

| 4 | 3 | 0 | 2 | 0 | x |
|---|---|---|---|---|---|
| - پا | ذي پا | پا پا | ما ري | ري سا | سا - |
| ني - | ليا - | ڪَ - | ن ڪ | لَ جَ | مي - |
| پا گي | گي ما | - پا | - ذي | ذي پا | سا - |
| يَ ن | گُ ني | - د | - مو | گ ڪا | را - |
| ري سا | گي ما | ما پا | پا گي | سا ري | ما ري |
| وَ ت | - - | - - | - - | گا - | سَ بَ |

### انترو

| 4 | 3 | 0 | 2 | 0 | x |
|---|---|---|---|---|---|
| گي مَا | رَي پَا | سَا سَا | سَا رَي | سَا - | پا - |
| آ - | گا ني | دي - | وا - | سَ مَ | ري پا |
| سَا ذي | سَا رَي | پا ذي | - مي | ذي پا | رَي سَا |
| - ڌ | - مَ | - نو | لَ دو | رَ ب | ت دُ |
| پا ذي | ري پا | ري سا | گي ما | ما پا | پا گي |
| - - | - - | - - | د ڪا | تَ رَ | مَ چَ |
| ري سا | گي ما | ما پا | پا گي | ما ذي | پا گي |
| وَ ت | - - | - - | - - | - - | - - |
| 4 | 3 | 0 | 2 | 0 | x |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داستان سناوبهون

# سرُ ڪارايل

سُر ڪارايل ۾ پکين پرندن ۽ نانگن جو ذڪر پڻ ڪثرت سان ٿيل آهي ته وري جُهونا ڳڙه جي جلڻ جو پڻ ذڪر ٿيل آهي.

جڏهن سيد جمن شاه (ٻتائي سائين جو راڳي) ۽ راقم الحروف اِنهيءَ ڪم ۾ رُڌل هُئاسين ته خبر پئي ته شاه سائين جن هَر داستان کي هڪ عجيب چالا ڏنا آهن. جيڪي ڪلاسيڪل جي دنيا کان هزارين ڳڻ مٿي آهن. راقم الحروف علم موسيقيءِ جي گرنٿن وسيلي ڳولها کان پوءِ شاهہ سائين جن جي اِنهيءَ داستان سُر ڪارايل مان ڪافي ٺاٺ جو سنئون سِڌو ڳس مليو.

هن داستان مان پيدا ٿئي ٿو راڳ شهانا. هي راڳ ڪافي ٺاٺ جو کاڏو سمپورن راڳ آهي ۽ هوئنن به هي راڳ مسلمانن جو ئي آلاپيل آهي. هن کي آلاپڻ جو وقت رات جو آهي. هن راڳ جي شڪل راڳ آڙانہ کان به تمام گهڻو ملي ٿي. شهانا جي امروهي ۾ ٿورو ڌيوت جو اضافو ڪبو ته آڙانہ سان پري ٿي ويندو. آروهي ۾ ڌيوت استعمال ڪونہ ٿي ٿئي. هِن راڳ جو تعلق درباري ۽ ميگهہ سان پڻ آهي.

آروهي:- سا ري ما پا نا سا

امروهي:- سا نا ڌي پا- ما پا- گا ما ري سا

## ڪارايل جو چالو

نا ڌ پا. پا پا. ڌي ما پا. پا سَا. نا. پا پا. گا. ما پا . گا ما ري سا

سا. ما ما. پا. گاما. ڌي ڌي پا. نا پا. سَا. نا ڌي نا پا. پا. گا ما پا. گا ما ري سا

پا. گا. ماما. نا پا. ني سَا. نا ڌي نا پا. ڌي ما پا. گا. ما ري. ما پا سا.

نا ڌي پا نا پا. گا ما ري سا.

لِحن گيت سُر شهانا

10 ماترا جهپتال

آستائي: شهانا ڏيبُڌ پانش آڏنڪ ڪهي روپ ڪرنات
ڪوئي شيش گاوت سب ني شيتا
آنترو: آڊانا ڏا گا مِرُول سارنگ آڏا گامت سُڌ را پرتي
روپ ڏِن گئي - لي چترمت ڪرنات ڪوئي شيش گاوت سب ني شيت

## (آستائي)

| x | 2 | 0 | 3 |
|---|---|---|---|
| ذي ذي | پا - پا | پا ما | پا - پا |
| شَ ها | نا - دي | بُ ڏ | پان - ش |
| سا - | نا نا پا | پا پا | گا ما را |
| آ - | ڏ ن ڪَ | ڪَ هي | رُو - پ |
| ما پا | ماگا ما ما | ري ري | سا - سا |
| ڪَ رَ | نا - تَ | ڪو ئي | شِ - ش |
| سا ما | ما ما ما | پا پا | گا ما ما |
| گا -- | وَ ت سُ | ب ني | ش - ت |

## انترو

| x | 2 | 0 | 3 |
|---|---|---|---|
| ما پا | ني - سا | سا ني | سَا سَا سَا |
| آ - | ڏا - نہ | ڏا گا | نا ڏا پا |
| ني سَا | رَي - ري | سَا سا | پا - پا |
| ذي ذي | پا - - | پا ما | پا گا ما |
| سَا سَا | نا - پا | پا ما | سا - سا |
| ما پا | گا - ما | ري ري | گا ما پا |
| سا ما | ما ما ما | پا پا | شي - تُ |
| گا - | و ت سُ | ب ني | |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داستان اناويهون

# سُرُ بسنت

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي سُر بسنت کي بهار جي مُند ۾ آلاپي اهڙي حسين رنگن سان رڱيو آهي، جو هن سُر ۾ مند جي لحاظ سان جيڪڏهن سچائيءَ سان سُر لڳن ته ٻُنن جي ڇٽڻ جون ڪٽوريون ۽ خوشبوئون روحن کي ترو تازا ڪري ڇڏين. ڇپرن ۽ باغن تي آسمان تان جُهڙ ڦڙ ڪري وسندڙ مينهن ۽ شبنم جي موتين جهڙين ڪٽين سان سڄي ڌرتي ساوي ٿي پوي.

هن سُر ۾ شاه سائين سنڌ ڌرتي لاءِ ٻڻ دعائون گهريون آهن. هن سُر ۾ جيڪڏهن سُر صحيح ۽ وقت سان رچي پون ته ان جي اثر سان سُڪل وڻ ساوا ٿي پون. شاه سائينءَ هِن سُر ۾ قِسمين قِسمين گلن جا رنگ ڇٽيا آهن. مثال طور:

شاهہ سائين سُر بسنت ۾ هڪ گل ڪينتڪي لاءِ فرمائن ٿا ته هي گل هِن مُند ۾ سُڪندو پر سائو نہ ٿيندو.

بسنت کي قول سڀ بن راه
ايڪ نہ قولي ڪينتڪي اور سُڪتي جا

يعني بسنت بهار جي مُند ۾ ٻيا سڀ گل ٽِڙي پنهنجون پنکڙيون کڏي ۽ خوشبوءِ سان ڌرتي کي مهڪائن ٿا. پر هِن مُند ۾ ڪينتڪي گل ڪُمائجي ۽ سُڪي ڪِري ٿا پون.

شاه سائين اِنهيءَ سُر ۾ انگوريون، ڪينتڪيون ڦليون ۽ ڦاڳڻ کي سرهايو آهي. هِن سُر ۾ آخوند ۽ لاڪي جو ذڪر ڪيو آهي.

ڪلاسيڪل جي لحاظ سان هي سُر (سُر بسنت) پُوربي ٺاٺ جو کاڏو سمپورن راڳ آهي ۽ شاه سائين جي هن داستان مان پيدا ٿئي ٿو. هن راڳ جو وادي سُر تار اسٿان جي کرج (سا) مٿين يا ٽيپ جي (سا) آهي. ڳائڻ جو وقت زمانهءِ بسنت رُت آهي. اڄڪلهہ پرچ جي ڏنل وقت ۾ بہ هِن کي ڳائن ٿا. يعني ڪنهن مُلڪ جي بادشاه جي پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دربار ۾ آمد جي وقت ڳائن ٿا.

ڪجهہ گائڪ (راڳي) هِن راڳ جي پور وانگ ۾ تورو لَلت راڳ جو انگ ڏيکارن ٿا. اهڙي طرح هِن راڳ ۾ شد مڌم ما بہ استعمال ۾ آڻن ٿا. تنهنڪري هِن راڳ جو روپ پرڄ کان مختلف ٿي پئي ٿو.

جيڪڏهن بنست راڳ جي آروهي ۾ پنچم (پا) کي لڳائبو تہ هِن راڳ جو لُطف ختم ٿي پوندو ۽ اِهو طريقو بالڪل غلط آهي ۽ هي سُر صرف پرڄ جي سهٽائپ لاءِ استعمال ۾ اچي ٿو. شاهہ جي سُر بسنت مان راڳ بسنت پيدا ٿئي ٿو

پرڄ راڳ ۾ جنهن طريقي سان نکاد (ني) جي سُر کي پريو وجي ٿو، اهڙي طرح سُر بسنت جي خاص تان نهندي، جيڪا هن ريت آهي:

مي ڌارَا سَا. رَاني ڌا پا. مي گي مي گي.

هي خاص تان سر بسنت جي آهي.

اهڙي طرح شاه جي سُر بسنت مان راڳ بسنت پيدا ٿئي ٿو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| سا | آروهي | سا گي مي ڌا را سا | وادي | ڪرج (سا) |
| مي | امروهي | رَاني. ڌا. پا. مي گي مي گي را سا. | سمر وادي | مڌم (مي) |

## سُر بسنت جو چَالَو

پا مي مي گي. مي گي. مي ڌا سا. را سا. ني ڌا پا
مي گي مي گي را سا
ني سا. مي گي. مي ڌا سَا. رَا ني . ڌا پا. مي پا. مي گي مي گي را سا
سَاني ڌا پا. مي گي مي گي. مي ڌا رَا سَا. ني ڌا پا مي گي
ني ني ڌا پا. مي گي را سا. ني سا مي گي. ما ني ڌا. را سا
رَاني ڌا پا. مي گي ما گي را سا
سَاني ڌا. ني ڌا پا. ڌا پا مي گي مي گي. مي ڌا رَا سَا
رَاني ڌا پا. مي گي ما ڌا سَا. رَا سا. سا رَا ني. ڌا پا
مي گي مي گي را سا

لِحِنُ گيت سُرُ بسنت تيالا (16) ماترا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## آستائي

| 0 | 1 | x | 3 |
|---|---|---|---|
| سا ني ڌا پا | مي گي مي ڌا | رَا - سَا سَا | مي ڌا مي ڌا |
| سَ رَ س ب | سَن - ت رَ | چا - اي سَ | ڪي-ڪي-سي |
| ني - سَا را | ني - ڌا پا | مي گي ني مي | گي - را سا |
| مين - جا - | نون - پِ يا | پ رَ چ سُ | نا - وَ ت |
| سا سا مي گي | گي گي مي ڌا | را - سا سا | مي ڌا - مي ڌا |
| شرو تي يَ نُ | پِي - د ب | تا - اي سَ | ڪِي- ڪي سي |
| 0 | 1 | x | 3 |

## انترو

| 0 | 1 | x | 2 |
|---|---|---|---|
| گي - گي - | مي گي مي ڌا مي | سَا سَا سَا سَا | سَا رَا سَا سَا |
| آ - رو - | هـ نَ پَن - | چق م ب ن | ري - ڪ بَ |
| ني ڌا گي را | سَا سَا سَا سَا | سَا - رَا سَا | ني ڌا پا - |
| سِري- صو - | رَت دڪ | لا - - - | - - اي - |
| پا - پا پا | مي - گي گي | گي ني مي گي | گي را سا سا |
| مَن - د ب | لو - م سَ | ڪي - ما گا | سَن - گَ تَ |
| سا سا گي گي | مي گي مي ڌا | رَا - سَا سَا | ني - مي ڌا |
| تَ ن مَ ن | سَ ڌ بِ س | را - اي سَ | ڪي- ڪي سي |

## لڇڻ گيت سُرُ بسنت تيالا (16) ماترا

آستائي:- ڪِسِي سَرسَ بسنت رچائي سَکي. من جانون پيا پرچ سناوت
شروتي ين پيد بتائي سکي ڪي سي

انترو:- آرهن پنچم ن رکب سري مورت دکلائي مند بلوم
سکي. ماگا. سنگت. تن من بسرائي سري ڪيسي

## داستان اوٽتيهون

# ڪاپائتي

هِن سُر ۾ شاهه سائين مالڪ ڏٺي پاڪ پالڻهار جي اڳيان ڏورن جيئان ڏڪڻ تي زور ڏنو آهي.

وري هيڪلي پيرڻ واري کي طماع کي ڇڏي هلڻ جي دُعا. اَڄُ کي ڇڏي گذريل ڪالهه جي ڪرٽي کي سارڻ- اُتي اور آرٿ سين ڪالهوٽي ڏينهن کي. اِنهيءَ سُر ۾ صرافن جو پڻ ذڪر ٿيل آهي. هِن جهان ۾ اهڙو ڪردار ادا ڪجي جو ڏينهن محشر ۾ پنهنجن جي اڳيان شرمندگي نہ ٿئي. وري هڪ ڏينهن عيد ايندي اُڳهاڙن وڃ ۾. محشر ڏيهاڙي. وري هُتي جيڪا عيد ايندي ۽ ڪيل ڪُڌا ڪم توکي اڳيان ايندا. توکي سَچڻ ساٿي سڏيندا پر افسوس جو تون اُنهن سان عيد جا سينگار نہ ڪري سگهندين.

هن سُر ۾ سَون ۽ صرافائي ڪردار کي سامهون رکي پويان مالڪن جو رنگ ۽ پنهنجي چڱائي ۽ بُرائي جو ڪردار چٽيو آهي. اِنهيءَ سُر ۾ عزرائيل جو بہ ذڪر آهي، جي صراف راضي ٿي پون اَڻ توريو بہ اڳهائي سگهن ٿا. هن سُر ۾ پرين جي هنج ۾ سمهڻ جنهن رات اِهو هنج نہ ملي تہ رات کي مبارون ڏنيون آهن. (ڪا هيئن سين پوري لاءِ) ۽ آڏيءَ جون روئي پنهنجي مالڪن کي پاڏائڻ جو نقش بہ چٽيو آهي.

مرزا قليچ بيگ جي رسالي ۾ سُر ڪاپائتي پڻ ڇپيل آهي. هن ڪاپائتي سر ۾ شاهہ سائين جن فرمايو آهي تہ واڪاڻ رب العظيم جي ڪجي، نيت کي هميشہ صاف ۽ اُجري رکڻ گهرجي. هميشہ توبهن زاريون ۽ مالڪن جي در اڳيان جُهڪي زاريون ڪرڻ گهرجن. هميشہ ڪالتار جو چرخو چورڻ گهرجي. هِن فاني جهان مان هڪ ڏينهن هلڻو آهي. اُهي بہ مائهو جن جي هٿن ۾ مُلڪن جون بادشاهيون هُيون، جن تڪبُر ڪيو اُهي ڪنڌ پر ڪريا. سچ ڏي اچڻو ٿئي تہ پنهنجي مَن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مار، ڪوڙي طلسمي جهان ۾ اندر مالڪن جو عشق اُجار- جيڪو دنيا ۾ رَب جي اڳيان پورهيو ڪيو هوندئي ان جو اَجُر محشر ڏيهاڙي ضرور ملندئي.

شاه سائين جي هن سُر يعني سُر ڪاپائتي ۾ شاه سائين جي راڳي سيد جمن شاه ۽ خان محمد چانڊيئي جي آلاپڻ ڪان پوءِ راڳ بابت اِها راءِ بيٺي تہ شاه سائين جن اِنهيءَ داستان جي پويان جيڪي سُر آلاپيا آهن، انهن مان خاص ڪري:

آروهي: شڌ ڪرج سا. ري تيور، گا تيور. ما شُد
پا اَچل، ڌها - تيور. ني . ري. سا

امروهي: سا. ني. ڌا تيبر. پا. ما. پا. ڌا ڪومل. پا
ما . گا. ما. گا. ري. سا

يعني ان جو خلاصو اِنهي ريت آهي تہ هِن سُر ۾ ني تيور ۽ ني ڪومل- ڌيوت ڌا ڪومل ۽ ڌيوت ڌا تيور جو استعمال ڪيو ويو آهي. اهڙي طريقي سان شاه سائين جن جي ڏنل اِنهيءَ انمول راڳ جي چالي مان هڪ ئي وقت ۾ ٻہ ناٺ پيدا ٿين ٿا.

## ڪهماچ ناٺ ۽ پيرو ناٺ

| ڪومل | تيور | ڪومل | تيور |
|---|---|---|---|
| نا ۽ | ني | ڌا ۽ | ڌي |

## تِلڪ ڪاموڌ ۽ شيومت پيرو

سُر ڪاپائتي مان جنم ٿئي ٿو تلڪ ڪاموڌ شيومت پيرو جو.

آروهي: پا ني سا. ري. ما. پا. ني . سا

امروهي: سا. نا. ڌي. پا. ما. ري. ما. پا. ڌا. نا. ڌي. پا. ما. ري. گي. سا

### چالو سُر ڪاپائتي

سا. ني سا. ري ري. پا ا گي. سا ري گي. سا ني پا ني سا
ري گي سا. پا ني سا ري. گي ري. پا ما گي. سا ري گي
سا ني پا ني سا. ري گي سا.

پا ني سا. ري ري. گي ري. پا ما گي. ري ما پا. ڌي پا ما
ڌا ما گي. ري ما گي ري گي سا.
پا ڌي ما گي. پا ڌا نا ڌي پا. ڌي ما گي. ري ما پا. ني سَا
سَا گي رَي مَا َي. سَا ني. پا ڌا نا. سا ني پا ني سَا
پا ڌي ما گي. ڌا پا ما. گي ري گي سا.

## لڇڻ گيت تلڪ ڪاموڏ شيومت پيرو

آستائي: تلڪ ڪاموڏ سب گني گائِن ڪري ناٿ هري پورب ڪماچ مَڌر ڌرين

انترو: سورٺ انگ سدات سوهت ڏيوت آروهن گت برهت ويڪر بلوم نِت چتر ڪومن هرين

سُر ڪاپائتي:- راڳ تِلڪ ڪامود شيومت پيرو

تال تيتال 16 ماترا

### آستائي

| 0 | 1 | x | 3 |
|---|---|---|---|
| ري ما گي ري پا | ما گي ني سا | ني پا نا سا | ري گي ني سا |
| تِ لَ ڪَ ڪا | مود سَ بَ | گُ ني گا - | ي ن ڪَ ري |
| ري - ما ما | ما ڌي ما پا | سَا نا ڌي پا ڌي | ما گي ني سا |
| نا - ٿ هَ | ري پُ رَ ب | ڪَم مَا چي مَ | ڌ ر ڌ رين |

## انترو

| خالي | تاڙي | سَمر | تاڙي |
|---|---|---|---|
| 0 | 1 | x | 3 |
| ما - ما پا | ني - ني ني | سَا - سَا سَا | ني سَا سَا سَا |
| سو - رَ ٿَ | آن - گَ سَ | دا - اَ ت | سو - ھَ ت |
| ني - ني ني | سَا - سَا - | سَا ني ري سَا سَا | نا ڌي پا ڌا |
| ڌ - وَ تَ | آ - رو - | ھَ نَ گَ تَ | بَ رَ ج ت |
| ما - ما - | پا پا ما پا | پا سَا نا ڌي پا ڌا | ما گي ني سا |
| وَ- ڪر بِ | لومَ نِ تَ | چَ تَ رَ ڪو | مَ نَ ھَ رين |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان تيهون

# پرڀاتي

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح سُر پرڀاتي ۾ سڄيون راتيون جاڳي ڪچهري مچائي اکين جا اوجاڳا ڪري ۽ اونداهي توڙي چاندوڪي راتين کي اجھڻ واري صبح جي انتظار ۾ پربات واري وقت ۽ سماع ۾ انسان ذات لاءِ پاڪ پالڻهار جي درٻار ۾ دعائون گهريون آهن. اِنهن ڀهرن جي وِيرن جي وچ مان پنهنجي ٻاڻ کي مڱتو ۽ مڱڻهار ڪري رب العزت جي درٻار مان هر ماڻهو لاءِ ٻينار ٿي پنيو آهي ۽ گڏوگڏ هر انسان ذات لاءِ اِهو درس به ڏنو آهي ته تو وٽ هِن فاني دنيا ۾ مهمان ٿي گذارڻ جو وقت تمام ٿورو آهي ۽ ٿوري وقت کي غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ٿي سوجهري سان پنهنجو اصل ماڳ سڃاڻي اُهو فهم (ڳس) وٺڻ گهرجي جنهن سان پرِين (پنجتن پاڪ) جي رهاڻ نصيب ٿئي.

هن سُر ۾ علم موسيقيءَ جي ساز سُرندي جو ذڪر ٿيل آهي ۽ گڏوگڏ مڱڻهار ۽ جاچڪ جو تمام خوبصورتي سان ذڪر ٿيل آهي. مثال طور:

”جي ميراثي مڱڻا. آئون ٻڻ منجهان تن.“

اِنهيءَ شعر مان مُراد اِها ٿي ته جيڪڏهن مڱڻهار ڪنهن ٻنڻ واري کي چئجي ٿو ته سڀ ڪان وڏو مڱڻهار رب العظيم جي درٻار ۾. آئون ٻاڻ آهيان. انسان ذات لاءِ درس ڏنو اٿن ته ٻير ڏکها ڪري نه سمهڻ گهرجي. مالڪن جو ذڪر فڪر ڪرڻ گهرجي. ڇو جو هِن مهمان خاني ۾ مهماني ڪائي وري واپس جنان آيو آهين. اوڏاهين واپس وڃڻو اٿئي ۽ حقيقي مالڪ جي حضور ۾ پنهنجي اعمالن سان گڏ پهچڻو پوندئي. اول ۽ آخر ڪرم اُنهيءَ جي ذات سان آهي ۽ هميشه ڪرم ڪريم ۾ آهي.

هِن سُر پرڀاتي ۾ پاڻ فرمائن ٿا تہ ڌات ذات جي محتاج ناهي. ٻوءِ اِها جنهن کي بہ نصيب ٿئي اِنهيءَ دنيا جي ڏکين گسن ٻيچن ۽ نازڪ پيچرن تي پنهنجي پاڻ کي هلائڻ جهڙو پُل صراط تي هلڻ جي برابر آهي.

شاه سائين جي اِنهيءَ داستان سُر پرڀاتي مان ڪلاسيڪل راڳ پرڀاوتي پيدا ٿئي ٿو. جنهن جو شاه سائين پنهنجي راڳن جي دنيا ۾ پرڀاتي نالو رکيائون ۽ گڏوگڏ پنهنجي علم موسيقي جي نئين تخليق ڇالو پنهنجي مجذوبي ۽ وجدانيت جي رنگن سان سينگاري بمطابق سنڌي پرڪاش راڳن جي هِن تي نالو رکيائون پرڀاتي.

هي سُر پرڀاتي ڀيرو ٺاٺ جو سمپورن راڳ آهي ۽ شڌ مدم (ما) هِن جو وادي سُر آهي. هن راڳ جو وقت فجر (پرهہ ڦٽي) جو آهي. شاه سائين جي سُر پرڀاوتي ۾ رکب (ري) ۽ ڌيوت (ڌا) ڀيرو ٺاٺ مان ورتو ويو آهي. تنهنڪري هن کي آلاپڻ جو وقت فجر جو رکيل آهي.

هن راڳ جي وادي سُر مدم (ما) ٿيڻ ڪري اِهو سُر ڀيرو کان بہ الڳ ٿي پوي ٿو.

هن راڳ ۾ گهڻو ڪري، حمد، صفت باري تعاليٰ ۽ عارفاڻو رنگ ڳايو وڃي ٿو. ۽ هندو مذهب وارا خاص ڪري ڀڳتي مت ڳائيندا آهن اِنهيءَ راڳ ۾ اِنهيءَ سُرن جي امروهي ۾ مدم نڪاد جا سُرن لڳن ٿا تنهنڪري هي سُر رام ڪلي کان بہ الڳ ٿي پوي ٿو ۽ گن ڪلي کان بہ الڳ ٿو ٿي پوي ڇاڪاڻ جو هِن سُر ۾ گنڌار ۽ نڪاد موجود آهن. گن ڪلي ۾ هي سُر خارج آهن فجر جي مهل اِنهيءَ راڳ جو اثر جلدي قائم ي ٿو وڃي. اِنهيءَ راڳ کي هميشہ بلمپت لئہ ۾ ڳائڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن هي راڳ ٻيڻ جي لئہ ۾ ڳائبو تہ هي سُر پارتي جي بدران ڪالنگڙو ٿي پوندو. ڇاڪاڻ جو شاه جي اِنهيءَ سُر ۾ ٻئي مدمون ما ۽ مي استعمال ر اچن ٿيون. اهڙي طرح هن داستان مان راڳ پرڀاوتي جنم ورتي ٿو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| آروهي | سا را گي ما پا ڌا ني سا | وادي | سُڌ مڌم |
| امروهي | سا ني ڌا پا مي گي ما ري سا | سم وادي | |

آستائي: آج سُون پرڀات سڪِي. راڳ سجن گايو
ميل ڀيرو ڪو سا. مڌم ڪو بڙهايو

اَنترو: پنچم سُر وشاد گايو للت کي ڇهپايو
رام ڪرِي گن ڪرِي جو گيا بچايو

## وائي

وڏڙا ڏاڻَ ڏِنائين، ڪنيائين رَختُ ريزالَن جو.
اَنڌا منـدا آئيا، سخـا سـڏ وِڏائيـن،
وتُعزُ من تَشآءُ وَ تُذِل مَن تشاءُ، آهي سڀ اُتائين.
حرفت حريفن جي، ڀِجي سڀ ڀِڳائين.
اديون عبداللطيفُ چئي، آهِ پاڻَ وٿنڊڙ سائين.

لحڻ گيت پرڀاتي تال 18 ماترا

## آستائي

| سَم | خالي | سَم | خالي | سَم | خالي |
|---|---|---|---|---|---|
| x | 0 | x | 0 | x | 0 |
| ماگي - گي | را - سا | ڌا - ني | سا سا | گي ما ڌا | پا ما ما |
| آ - ج | سُون - پَر | يا - ت | سَ کي - | را - گ | سَ ج ن |
| گي ما را - | گي ما مي | ني سا سا | ما - ما | ما ما مي | ما گي گي |
| گا - - | يو - - | م اي ل | ڀ اي رو | او ڪو - | سا - ڌ |
| ما - ڌا | پا ما ما | گي ما را - | گي ما مي | | |
| مَ - ڌ | مَ ڪو ب | ڙا - - | يو - - | | |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## آنترو

| x | 0 | x | 0 | x | 0 |
|---|---|---|---|---|---|
| پا - پا<br>پَن - چَ<br>رَا - سَا<br>پا - -<br>پا سا - سا<br>جو - گِ | پا ڏا ڏا<br>مَ سُ رَ<br>ڏا سَا پا پا<br>يو - -<br>ڏا - پا<br>يا - ب | ني ني سَا<br>بَ شا د<br>ما - ما<br>را - ما<br>گي ما را -<br>چا - - | سَا - سَا<br>گا - اي<br>ما ما گي<br>ڪَ لي -<br>گي ما مي<br>يو - - | ڏا ڏا ڏا<br>لَ لَ ت<br>ما ڏا پا<br>گُ - نَ | ني - سَا<br>ڪو-ڇُهو<br>پا گي سا<br>ڪَ لي - |
| سَم | خالي | سَم | خالي | سَم | خالي |

سو هميشہ لاءِ پنهنجي پاڇهہ رکجانءِ. هر اندر جي ڳالهہ توکان ڳجهي ڪونهي. ستر ڪَر ستار آئون تہ اُگهاڙي آهيان، پاڪ پالڻهار ہہ تون آهين. پنهنجي پاند پناهہ ۾ رکجئين.

## ”وائي“

مون سين هوت نہ ڪندڙا هينئن، ماءُ جام نہ ڪندڙا هينئن
الله مون نہ ڇڏين ڇپرين.

هوتن جي هيڪاند ڪي، آئون رُئان راتو ڏينهن،
لَڪون لڳن ڪوسُيون، ڏاڍا پن ڏينهن،
مون ڪي پرين ميڙئين، روڄهڙيون ميڙئين مينهن،
الله عبداللطيف ڪي، ساڄَن ميڙ سَميعَ.

شاهہ سائين جن جي هن داستان مان سُرن جو هڪ اهڙو سَمُنڊ اُڀري ٿو، جنهن جو انت ڪير بہ ٻُڌائي نٿو سگهي ۽ هميشہ ڪان اِهو دستور آهي تہ پاڻي ۾ ٻُڏندو هونئن بہ تارُو ئي آهي. سو شاهہ سائين جي انهي اُتم ۽ اُونهي درياهہ جي گهرائيءَ ۾ وڃڻ تمام گهڻو مشڪل ڪم آهي.

سُر ڏهر مان پيدا ٿين ٿا بہ ٺاٺ (1) ڪافي ٺاٺ (2) ڪرناٽڪي ٺاٺ ۽ انهن ٻنهي ڪي ملائڻ يعني صرف گنڌار (گا) ڪومل ۽ گي (تيور) جي ڪري ٺاٺ ۽ راڳ بدلجي ٿو وڃي. اهڙي طرح ٻنهي ڪي ملائڻ سان راڳ جنم وٺندو: هنسر ڪنگني- اِنهيءَ راڳ ۾ ٻئي گنڌارون استعمال ۾ اچن ٿيون.

آرهي: سا. ري. گا. ما. پا. ڌا. ني. سا

امروهي: سا ني ڌا پا. ما گي ري. پا ما گا ري سا

هي ڪافي ٺاٺ جو سمپورن راڳ آهي. هِن جي آروهي ۾ رکب (ري) ڌيوت (ڌا) کي ڪمزورڪري لڳائبو. اِنهيءَ اڳ ۾ شاهہ سائين جن جا راڳي ٻئي گنڌارون (گا ۽ گي) خوبصورتي سان لڳائن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شاه سائين جي ڏھر جو چالو

سا. ني سا. گي. ما پا. پا گا. ري سا. سا. ني ني. سا گي ما پا. ما گي سا.
ني سا. گي گي. ما پا. ما گي . سا گي. ما پا. نا ڌي. پا. ما پا. مر گي.
سا گي. ما پا. گا ري سا.
پا ما پا. نا ڌي پا. ما گي. سا. گي. ما پا. ڌي پا ما گي. گي ما پا. گا
ري سا ني سا
ما پا. ني ني سا. سَا گا رَي سَا. نا ڌي پا. پا ما پا. ما گي گي. ما پا سَا.
نا ڌي پا. گي ما پا. گا ري سا.

## لڇڻ گيت (ھنس ڪنگڻي) تال جھپتال 10 ماتره

آستائي:- ڏن ھنس ڪنگني اَتَ چتر راگني
انترو:- ڪرنات سُر سُڪل سُڌ ميل سون ملائي - پنچم ڪرت وادي
چتر سا ڌني

### آستائي

| x | 2 | 0 | 3 |
|---|---|---|---|
| گي گي | ما - پا | ري گا - | ري سا - |
| ڏ نَ | ھَن - سَ | ڪن - | گ ني - |
| ني ني | سا گي سا | پا - | پا ما گي |
| اَ تَ | چ - تِر | را - | گ ني - |

## انترو

| x | 2 | 0 | 3 |
|---|---|---|---|
| ما پا | ني - ني | سَا سَا | سَا سَا سَا |
| ڪَ رَ | نا - ٿ | سُ رَ | سَ ڪَ لَ |
| ما پا | ني سَا ڳَا | رَي سا | نا ڏي پا |
| سُ ڏَ | مر - ي لَ | سُون مِ | لا - ٿي |
| پا نا | ڏي پا ما | ڳِي ڳي | ما - ما |
| پن - | ڇَ مَ ڳُ | رَ ت | وا - دي |
| سا سا | ڳي ڳي ما | پا ما | پا ما ڳي |
| ڇ ت | رَ ڳُ ن | سا - | ڏ ني - |

داستان پنجھون

# سُر گهاتُ

سُر گهاتو ۾ استعمال ٿيل لفظ "گهاتُ" سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ ان جي لفظي معنيٰ آهي مارِي يا شڪاري.

راجا دلو راءِ جي زماني ۾ سون مياڻيءَ ۾ اوڀائي نالي هڪ مهاڻو رهندو هو. کيس ست پُٽ هئا. جن مان مورڙو مڙني ڪان ننڍو ۽ هڪ ٽنگ کان پڻ منڊو هو ۽ باقي ڇهہ ئي پٽ جُنگ جوان هُئا ۽ مڇي مارڻ جي فن ۾ اُستاد هُئا. مورڙو جيڪڏهن هڪ جنگهہ کان جڏو هو پر عقل جو اڪابر هو، پر سندس ڀائر هُن کي جڏو سمجهي ۽ گهر ڇڏي ڀاڻ شڪار تي هليا ويندا هئا. هڪ ڏيهاڙي هي ڇهہ ئي ڀائر ڪُلاچيءَ جي ڪن ڏي اچي نڪتا. هن ڪُن ۾ ايڏو تہ ڦهر هوندو هو جو هتي جا ماڻهو هِن ڪُن ڏي ويندي ڪيٻائيندا هئا. ڇاڪاڻ جو هن ڪُن ۾ هڪ خطرناڪ وڏو ڏکهو ۽ آدم خور مانگر مڇ رهندو هو. جنهن جي ڪري ڪيترائي شخص اجل جو شڪار ٿيا ۽ هُتي جي رهواسين هِنن کي گهڻو ئي سمجهايو تہ هِن ڪُن وٽان ڀڄي پاسو ڪريو، پر هِنن هڪ بہ نہ مڃي ۽ نيٺ ٻيڙي کي ڪُن جي وچ ۾ پهچايو ۽ جيئن ئي مانگر مڇ کي محسوس ٿيو تہ هي شڪار ويجهو اچي پهتو آهي سو رُڳو پاسو پلٽيائين تہ سندن ٻيڙي اونڌي ٿي پئي ۽ ڪٽي وات کوليائين ۽ ڇهن ئي ڀائرن کي اندر ڳڙڪائي ويو. ويل واپس ورڻ جي گذري وئي ۽ گهر وارن کي فڪر لڳو تہ هي ڇهہ ئي ڀائر واپس نہ وريا. اُنهن جي ڳولا لاءِ آخر مورڙو گهران نڪتو ۽ ڀڃا ڳاڇا ڪرڻ کان پوءِ پتو پئجي ويس تہ ڇهن ڀائرن سان ڪهڙو واقعو پيش آيو. پوءِ موٽي واپس پنهنجي ماڳ آيو ۽ متن مائٽن کي گڏ ڪري ۽ پنهنجي ڀائرن جو بدلو وٺڻ لاءِ ڪيئي رٿائون رٿڻ لڳو ۽ اهڙي طرح هڪ لوهہ جو پڃرو تيار ڪرايائون، جنهن کي ٻاهرين پاسي ڪيترائي ڪُنڊا ۽ تِکا ڪنڊا، خنجرن جهڙا لڳل هئا ۽ هر هڪ ڪنڊي ۾ ريشمي رسا ٻڌل هُئا ۽

جنهن جي آخري پُڇڙيءَ هڪ پيجري سان ٻڌل هئي. اِهي شڪار لاءِ هنيار هنيڪا ڪري، پنهنجي ساٿين کي گڏ ڪري ۽ اُنهي خُوني ڪُن ڏي ڪاهيندا ويا ۽ اُتي پهچندي شرط پاڻ هُن پيجري ۾ ويهي ۽ ساٿين کي چيائين تہ هِن پيجري کي ڪُن ۾ ڦٽو ڪريو ۽ رسا ڍرا ڇڏيندا وڃجو. جڏهن آءٌ هيٺان رَسي کي لوڏيان تڏهن ڇڪي ٻاهر ڪڍجو. پيجرو جنهن مهل هيٺ لٿو تہ هيٺ مانگر مڇ بہ اِنهيءَ پيجري کي ڳڙڪائڻ لاءِ وات کوليو وينو هو. تيئن ئي پيجري تي لڳل ٻاهريان خنجر جي روپ سان تهيل ڪوڪا اندر گهڙي ويا. جيئن هُن ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، تيئن ويتر ڪِلا هُن جي جسم ۾ وات ۾ گهڙندا ويا ۽ آخر چؤپاسي کان مانگر مڇ لوهہ ٽي پيو ۽ ڪو وس چارو نہ هلڻ لڳس پوءِ تہ مورڙي زور زور سان رسا لوڏيا. تنهن تي ٻاچارين سانَ جوتي اُنهن جي پٺن تي مٽا رکي ۽ ڪٽي باهہ ڏنائون ۽ اهڙي طرح مانگر مڇ کي گهلي ۽ سُڪيءَ تي آندائون ۽ اهڙي طرح هِن آدم خور مانگر مڇ جو ساهہ ڪڍي ڇڏيائون پوءِ پاڻ پيجري مان صحيح سلامت نڪري ۽ مانگر مڇ جو پيٽ چيري سندس ڀائرن جا لاش ڪڍي اُتي ئي جبل جي پاسي وٽ ئي دفن ڪيائين ۽ اهڙي طرح مورڙو زندگي جا باقي ڏينهن ڀائرن جي قبر تي مجاور ٿي گذارڻ لڳو.

ويا گڏجي وِير ۾، ٻَيا مُنهن مهراڻ،

اِڳيان پويان تاڻ، ويا ويچارن وِسري.

## چالو دَيو گندار

سا گي. ما پا. گي ما. ڌي پا. گي پا ما. گي ري گي ري سا.

سا گَي. ما پا پا. پا ڌي ني ڌي پا. گي پا ما. گي ري گي ري سا.

سا گي پا ما گي. ما نا ڌي پا. ما پا ما گي. نا نا ڌي. ري گي ما. پا ما گي ري. سا

پا ني ڌي ني سَا. رَي نَي سَا. سَا سَا ما گي. گي ما پا. گي ما. ما گي ما پا ني سَا. سَا سَا سَا

ري گي مَا گي رَي سَا. پا سَا. پا گي ما پا. گي ما ي ري سا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه سائين جن جي هن سُر گهاتو مان پيدا ٿيو راڳ لچا ساک.
هي راڳ بلاول ٺاٺ جو راڳ آهي ۽ شاه سائين جن هِن داستان کي تمام خوبصورت چالو ڏنو آهي. بلاول جي انگ ظاهر ٿيڻ سان اِهو ثابت ٿيو تہ هن راڳ جو وادي سُر گنڌار ۽ سَمر وادي ڌيوت (ڌا) آهي. اِنهيءَ راڳ ۾ ٿورو روپ راڳ جهنجهوٽيءَ جو بہ نظر اچي ٿو. ڪٿي ڪٿي گوڙ سارنگ بہ محسوس ٿئي ٿو. خاص ڪري بلاول ٺاٺ جي راڳن تي هميشہ ڪان وٺي بحث مُباحثو هلندو رهي ٿو. اِنهي لچا ساک راڳ ۾ ٻئي نڪادون (ني) ۽ اِنهيءَ ۾ بلاول جو انگ خاص نظر اچي ٿو.

آروهي:- سا ري گي ما - پا ما پا ما گي. ڌي نا. ڌي. ني. سا

امروهي:- سا ني دهي ڌي پا. پا ڌي پا ما گي ري گي ري سا

اِهڙي طرح هي آروهي ۽ امروهي وِڪر روپ ۾ ملي ٿي.

## لچڻ گيت - لچا ساک

آستائي:- سهيليان گاؤ ري گاؤ آج ٺُم منڊل راس
آنترو:- سمپورن سُر سُڌ لڳاؤ - سَا وادي ڪر رنگ جاؤ چتراڪي گهر ڪاج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تال جهپتال 10 ماترا

## آستائي

| 2 | x | 3 | 0 |
|---|---|---|---|
| گي سا ري | گي | ذي پا ما | ما ما |
| – – او | گا – | يان – – | هي لِ |
| پا ني ني | پا – | گي ما گي | گي – |
| ج تُ – | آ – | گا – او | ري – |
| ما ري گي | ما گي | – ذي پا | سا – |
| – – سَ | را – | – دِ ل | مَن – |

## انترو

| 2 | x | 3 | 0 |
|---|---|---|---|
| سا – سا | سا – | ني – ني | پا – |
| سُ – ر | نَ – | پُو – رَ | سَمر – |
| رَي – سا | گي – | گي – مَا | سا گي |
| – – او | گا – | ذ – لَ | سُ – |
| سَا – سَا | سَا – | ني – ني | پا – |
| ڪَ – رَ | دي – | وا – – | سا – |
| رَي – سَا | گي – | گي – مَا | سَا گَي |
| – – ؤ | را – | گ – ج | رَن – |
| – ذي پا | سَا – | ني – ذي | پا پا |
| گھ – ر | ڪي – | ني | جَ تَ |
|  |  | را – – | پا گي |
|  |  | پا گي گي | ڪا – |
|  |  | – – ج |  |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان ٽيٽيهون

# سُر آسا

هن داستان ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جن فرمائين ٿا تہ:

لوچان لاحَد ۾ هادي لهان نہ حدُ،
سُپيريان جي سونهن جو، نڪو قد نہ مد،
هتَ سِڪَڻ بي عدد، هُتِ پرين پرواہ ناهِ ڪو.

هن سُر ۾ ڀاڻ پاڪ پالڻهار جي هٿ ۾ اُنهيءَ شيءِ جو رنگ چٽيو آهي، جيڪا ڏينهن محشر تائين مالڪ جي هٿ ۾ رهندي ۽ رهڻي آهي ۽ شِرڪ حرام آهي. اِنهيءَ ۾ عارفن ۽ عالمن جي تنوار ۽ نڪا اِبتدا عبد جي، وري نڪا انتها. پر جيڪي وڃڻ ڪي ويا، تن ڪي نصيب ٿيو سُپرين. اِنهيءَ سُرَ وسيلي ڀاڻ فرمائين ٿا.

جان جان پسين ڀاڻ ڪي تان تان ناهِ نماز
سڀ وڃائي ساز، تنهان پوءِ تڪبير چؤ
جان جان پسين ڀاڻ ڪي تان تان ناہ سُجُود
وڃائي سڀ وُجُود، تنها پوءِ تڪبير چؤ

وِرد وظيفا وِسريا نڪا رهي نماز
هينئڙو بحري باز، چوري ڪيو چنبن ۾.

وري ڀاڻ فرمائين ٿا.

لوڪان لِڪي سِيڪو لِڪيان لِڪي ڪون
اُتي وينَي اون – اُن اُلتي ڳالهہ جي.

ڀاڻ فرمائين ٿا تہ:

هَڪل حقيقت جي پوڙو ٿي پُڌيج
اندو ٿي پسيج مشاهدو محبوب جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لک عبادتون ڪر- روضا نمازون حج زڪواة هر فرض ادا ڪر ڪجهہ ڪونہ ٿيندو، جيستائين پنهنجو اندر آئيني وانگر صاف ۽ اَڇو اُجرو نہ ڪندين. لطيف سائين جن جو درس، درسِ انسانيت آهي. شاهہ سائين فرمائين ٿا:

هن سُر ڪي جڏهن شاه سائين جي راڳين سان ڳنڍ ويهي گهڻي غور و فڪر ڪان پوءِ ڏٺو ويو تہ جيڪو راڳ اِنهيءَ داستان مان پيدا ٿئي ٿو، تنهن جو تعلق بلاول ٺاٺ سان آهي.

شاه عبداللطيف ڀٽائي رح جن جو هي داستان سُر آسا ۾ ٺاٺن ڪي جنم ڏئي ٿو. خاص ڪري هي داستان ۾ اِنهيءَ جي سُرن مان ٻهرين پيدا ٿو ٿئي آساوري ۽ بلاول . شاه سائين جن جي دنبوري تي ڏنل اِلهامي چالي جو زور ڏيوت ڌا تيور رکب ڪي آهستگي سان محسوس ڪرائجي ٿو. اِنهيءَ داستان مان پيدا ٿيندڙ سُر اهڙي ريت آهن:

ڪرج سا. رکب ري (تيور) گنڌار گا (تيور) مڌم م

ما شُڌ- پا (اَچَل) ڌا تيور - ني تيورءِ سا

تہ هِن مان پيدا ٿين ٿا. ٻئي ٺاٺ آساوري ۽ بلاول.

حقيقت ۾ شاه سائين جن جي راڳ جو چالو سُوت ۽ ميند جي روپ ۾ گهڻو ملي ٿو. هِن راڳ ۾ مٿين سَا (ڪرج) ۽ مٿين رکب يعني (ري) سان مِلائي اُتان ميند واري سُرتي سا اِئين لهبو.

پا ڌا سا. سا ڌا پا. سا ني ڌي. نا ڌي پا. ڌا پا ما ڳي پا ما ڳي ري. ڳي ري سا

اهڙي طرح هن سُر آسا مان آساوري جي ٺاٺ جي راڳ ڪٿ جو جنم ٿئي ٿو. هي آساوري ٺاٺ جو سمپورن راڳ آهي. شاه سائين جي ڏنل چالي مطابق ڏيوت وادي جو سُر آهي ۽ مڌم (ما) گره جو سُر آهي.

پنچم (پا) نياس جو سُر آهي. هي راڳ سنڪيرن راڳ آهي يعني هي راڳ ڪئي راڳن سان مِلي نهيو آهي. انهيءَ ڪري هِن ڪي مِشر ميل راڳ چئبو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِنهيءَ ۾ بلاول ٺاٺ جو جُز بہ ملي ٿو. هِن راڳ جو مزاج شوخ چنچل نما ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو. اِنهيءَ راڳ ۾ ڪمڪ جو بہ استعمال ڪن ٿا. هي اُترانگ جو راڳ آهي ۽ ڳائڻ جو وقت صبح آهي. اِنهيءَ راڳ ۾ جيڪڏهن ٻئي رکبون، ٻئي گنڌارون ۽ ٻئي نکادون لڳائبيون ۽ گڏوگڏ ٻئي ڌيوتون بہ لڳائبيون تہ جائز آهن. هي راڳ پوروانگ ۾ ڀيرو جو انگ ڌيکاري ٿو ۽ اُترانگ ۾ آساوري جو انگ ڌيکاري ٿو.

ڪن موسيقيءَ جي پنڊتن جو چوڻ آهي تہ هي راڳ ڇهن 6 راڳڻ سان ملي ٺهيو آهي. اِنهيءَ ڪري هِن راڳ تي نالو ڪٽ رکيو ويو آهي، ڪٽ جي سنسڪرت ٻولي ۾ معنيٰ ڇهن 6 جي آهي.

سُر آسا جي چال

## (ڪٽ جي چال)

سا گا. ما پا. پا پا. ڌي ڌي پا. گا ما پا. را سا. گا ما پا. ڌي ڌي پا. نا پا گا پا

پا ري سا. ني سا. گا ما پا. ڌا ڌا نا ڌا پا. سَا. ڌا ڌا پا گا ما.

ڌا ڌا. نا پا. گا ما نا ڌي پا. گا ما. پا را سا.

ما پا ڌا ڌا. سَا. نا سَا. َي سَا. ڌا پا. مي پا. ڌا ڌا سَا.

نا پا- مي پا گي ما پا. گا نا را سا. پا ڌي سا. سا ڌي پا

پا ما. گي ري مي گا را سا.

شاهہ سائين جي آلاپيل داستانن مان ڪجهہ رُوپ هڪجهڙا آهن. اُنهن پيدا ٿيندڙ هڪجهڙي شڪلين مان هڪ شڪل مثال طور پيش ڪجي ٿي.

## وائي نمبر 4

جيڏيون آئون ڪا پاڻ وهيٽي آهيان، ڪامون سارَ لهيجاَه
واڳ ڌڻين هٿ ۾، ڪيڏانهن ڪر هل ڪاهيان
جيڏانهن ورائيم سُپرين، پير اوڏانهين پايان
سدا سُپرين لَئہ - ويئي ڪانگ اُڏايان
ايندا عبداللطيفُ چئي- آس اُميد نہ لاهيان

## سُر آسا - (لچڻ گيت) جهپتال

آستائي: پِر تَم سُدَ ناٿ نٽ پيروين ڪَو ڪَري دونون ري ڌا گا ني سُون روپ

وادي ڏيوت روچر سَمي پرِيات هيمورت ڪٿ مِلت پوربي چتر مت گواد ڪي

(لچڻ گيت آسا. تال جهپتال 10 ماترا)

### آستائي

| x | 2 | 0 | 3 |
|---|---|---|---|
| سا ني | سا گا ما ما | پا - | ڌا ڌا پا |
| پَر تَ | مَ سُ ڌ | نا - | ٿ نَ ت |
| ڌا - | ڌا ڌا - | سَا - | سَا ڌا نا پا |
| پ - | رَ وين - | ڪو اُو | ڪَ ري - |
| گا ما ما | نا ڌا - نا | ڌا پا | گاما ما ما |
| دو - | نون - ري | ڌا . گا | ني - سُون |
| گا ما | نا ڌا پا | پا نا ما گا | را سا - |
| رُو - | پَ آ نو | پَ مَ | ڌ ري - |

### انترو

| x | 2 | 0 | 3 |
|---|---|---|---|
| ما پا | ڌا ڌا - | نا سَا | سَا سَا نا |
| وا - | دي ڏي - | وَ تَ | رُو چ رَ |
| ڌا ڌا | ڌا ني سَا | رَي سَا | ڌا - پا |
| سَ مِ | - پَ رَ | پا - | ت هِ - |
| ناسَا نَا | نَا نا ما | پا ڌي | ني سَا سَا |
| مُو رَ | تَ ڪَ ٿَ | مِ لَ | ت پُ ني |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان چوٿيهون

# سُر ديسي

هِن سُر ۾ شاهہ سائين سسئي ۽ پنهونءَ ۾ وڇوڙي جو ذڪر ڪيو آهي. هن سُر ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح اُنن، ڏيرن ۽ جبلن-ڏونگرن تنهيءَ ڪي سسئي جي ڏکن ۽ اِنهن ۾ وڇوڙي جو ڪردار ڪونيو آهي، پر سسئي اِنهيءَ صدمي کي هڪڙي پنهل ڪاڻ برداشت ڪيو.

اِنهن تنهي جي ڏکن جي ڏڌي، پنهونءَ جا پير پڇندي وِک وڌائيندي، قسمت جو لکيو قرار ڏيندي ۽ انهي ويران خاموش هاڻ ڏاريندڙ جبلن ۾ رُلندڙ سسئيءَ جي ڪٿا هن داستان ۾ آهي.

هن سُر وسيلي شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ هميشہ سيڻ پنهنجي ديس جا ڪجن. پرديسين سان نيهن لائي پاڻ جنجال ۾ نہ ڦاسائجي. ڇاڪاڻ جو هو ڪڏهن پنهنجي ديس واپس ضرور ويندا ۽ پوءِ پيو هميشہ پڇتائبو پوءِ اُهو پريم جو شهر زهر ٿي پوندو.

هن سُر ۾ سسئي ۽ پنهونءَ جي وڇوڙي لاءِ ستن شين کي سسئي پنهونءَ جو ڏوهاري ڪونيو ويو آهي: (1) اُٺ (2) اونار (3) ڏير (8) واءُ (5) سج (6) ڇپر ۽ (7) چنڊ. اِنهن ستن ئي گڏجي سسئي ۽ پنهونءَ جي وڇوڙي ۾ وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو هو.

شاهہ سائين فرمائن ٿا تہ سسئي ويچاري مڪران جي اِنهيءَ پنڌ جو ڪڏهن سوچيو بہ ڪونہ هو. پنهونءَ کي بہ خبر ڪونہ هُئي تہ منهنجا پنهنجا پائر مون کي اهڙي ريت دوکو ڏئي پاڻ سان ڪٺي ويندا. وري سسئي اِنهيءَ سُر وسيلي اُنهن اُنن جي لاءِ بہ خير جي دُعا گهري آهي تہ جيئن پنهون خير سان پُجي ۽ وري فرمائن ٿا تہ منهنجو ور (پنهون) جابر زوري ڪٺي ويا. منهنجي لاءِ حشر ڪري ويا. وري آس بہ آهي تہ پنهون ضرور ملندو ۽ وري روح رهاڻ ويهي منهن مقابل ڪنديس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنڌ واري منزل ۾ دعائون بہ گهريون آهن تہ اِنهن جبلن تي چڙهندس ۽ رب مون کي ضرور پنهونءَ سان ملائيندو. هي سچو داستان وڇوڙي ۽ درد فراق سان ڀريل ملي ٿو.

ڪلاسيڪل راڳن جي اعتبار کان هي آساوري ناٺ جو اوڊو سمپورن راڳ آهي. وادي سُر ڪرج ۽ سموادي مدم آهي. رکب ۽ نکاد (ني) جي سنگت ڀلي محسوس ٿئي ٿي. هن راڳ جي اُترانگ ۾ آساوري ۽ پور وانگ ۾ سارنگ ملي ٿو. ڪجهہ گائڪ تيور ڌيوت جو بہ استعمال ڪن ٿا. اهڙي طرح شاهہ سائين جي سُر ديسي مان راڳ ديسي جو جنم ٿئي ٿو.

آروهي :- سا. ري. ما. پا. نا. سا

امروهي:- سا. نا. ڌا. پا. ما. گا. ري. سا

## سُر ديسي جو چالو

سا نا سا ري. گا. ري سا. ما ما پا. ري ما پا

گا ري سا نا سا

ما ما پا ري. ما پا. ڌا ڌا پا. ما پا. ڌا گا. ري سا.

نا سا. ري. پا گا ري سا

گا ري. گا. سا ري سا نا سا. نا ڌا پا. سا. نا سا. ري ما پا

ڌا ما پا. گا ري. ما ما پا. نا ڌا پا. ري ما پا. ڌا ڌا پا. ما پا ڌا

گا. ري ما پا. گا ري سا

ما پا. سَا نا سَا.

ري گا ريَ سَا. سَا نا ڌا پا. ما پا

نا نا. سا ريَ نا سَا. پا ڌا. ما پا. گا ما. سا ري. نا سا

ري پا. گا ري ساآستائي:- بالم همري بديس سڌاري توري هماري پريت ري

انترو:- آ.ب پري مين هوت نِراسي

ڪيسي چتر ڪو ديکهو سکهي الٽي ريت ري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 14 ماترا تال هوري ڌمار

### (آستائي)

| x | 2 | 3 |
|---|---|---|
| گا ري گا ري - | سا - ما پا - | نا - سا- ري |
| با - - - ل - | مَ - هه مَ - | ري - - بِ |
| گا - - - ري - | سا سا نا - - | سا - سا - |
| دي - - - - | سَ سَ ڌا - - | - - ري - |
| ري ماري ما ري ما | ما ما پا - سَا | ڌا - پا ما |
| ري ما | - هه ما - - | ري - - - |
| ٿو - - ري - | - ڌا گا - - | ري - نا سا |
| ما - - پا - | - ت ري - - | - - - - |
| پي - - - - | | |

### اَنترو

| x | 2 | 3 |
|---|---|---|
| ما - پا نا - | نا نا سا - - | نا سا سا - |
| آ - - سَ - | - پِ ري - - | - - مين - |
| نا - - سَا - | سا سا نا - - | سا - - - |
| هو - - تَ - | - نِ را - - | سي - - - |
| نا - - سَا | سَا رَي سا ناسَا - | ڌا - پا پا |
| ڪي - - سي - | - ڇَ تَ رَ - | ڪي - - - |
| پاڌا پاما پا گا - | ري گا ساگا ما ري ماري ما | پا - سَا - |
| دي ڪهو - س - | ڪي - اَ لَ - | ٿي - - - |
| ڌا - پا پا ما | پا ڌا گا - - | ري - نا سا |
| ري - - - - | - ت ري - - | - - - - |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان پنجتيهون

## سُر سيها ڪيڏارو

شاهہ سائين جي سُر سيها ڪيڏارو مان جنم وٺي ٿو ڪلاسيڪل راڳ رامداسي ملهار. شاهہ سائين جن جي هن داستان جي پويان لِکيل سُرن جي ڳولها مطابق ۽ شاهہ سائين جي راڳن جي آلاپ مان جيڪي سُر مِلن ٿا اِنهيءَ جو خلاصو اڳتي هلي ڪبو. پهرين هِن سُر ۾ جيڪو شاهہ سائين جن شاعري وسيلي نياپو ڏنو آهي، تنهن جو خُلاصو اهڙي ريت آهي.

مَٿي جنهن مدارُ - ڪانڌ تنهنجو تڪيو - پاڻ اونچو عادت نيچي هاٿي جي هيٺو هلي ٿو تہ گهٽي مُلهہ گهوڙن جي.

جِت ڏمامين جي ڏس وڃي (مگهارن جو ڏهل وڄائڻ)

هن سُر ۾ اصل ڪربلا جي ميدان ۾ خيما کوڙي عالي مقام حضرت اِمام حُسين رضہ جي پٽن پائيٽين، پاٽيجن ۽ صحابين جي ڏنل قرباني کي ڳايو ويو آهي. جيئن پاڻ فرمائن ٿا.

هِن سُر ۾ سڄو ذڪر ڪربلا واري قرباني تي ٻڌل آهي. هن سُر ڪيڏاري جي پويان لِکيل سُر اهڙي ريت آهن.

ني سا پا - گاما - پا ما گا ما پا ڌا پا ما ما گي ري

گا ري سا- پا سا پا - گي ري - پا مي - گي ري - گا ري سا

شاهہ سائين جي اِنهي داستان مان جنم وٺي ٿو راڳ - رامداسي ملهار.

هي راڳ رامداس جي ٺي نالي سان جُڙيل آهي. هي راڳ ڪافي ٺاٺ جو سمپورن راڳ آهي، اِنهيءَ راڳ ۾ ٻئي گنڌارون گا ۽ گي ۽ ٻئي نِکادون نا ۽ ني تيپ گنڌار ۽ نکاد صرف آروهي ۾ لڳائيبون مذم ما وادي آهي ۽ کرج (سا) سموادي آهي. هن جي ڳائڻ جو وقت رات جو پويون پهر ۽ پنيهرن جو آهي. اِنهيءَ جو روپ سنڌي پرڪاش آهي.

آروهي:- ني سا ري گي ما - پا گا ما - نا پا ني سا

اَمروهي:- سا نا ڌي پا- نا پا- گا ما ري گا ري سا-

اِنهيءَ راڳ جو چالو سُر سيهہ ڪيڏاري جو

**چالو**

سا ماما- ماگي- پاماپا- ماگا- ماري ري پا- ڌي ماپا- گاگا- ماري- سا ني سا

سا- ماما- گي پا- ماري پا- پاپا- نا ڌي- سَا- نا پا گاگا- ماري- سا- ماما

پا- ناپا- گاگا- ساما ري- ماگي ما. پا- ڌي پا- ما پا- ڌي ماپا- گاماري ساني سا

ناپا- گي ما پا- گاما ري- پاپا نا ڌي- سَا- ناپا گي ما پا- گا ما ري- گا ري سا

ماما- پاني سَا- سَارَي سَا- رَي ني سَا- ناپا- پا گي ما- پا- گا ما ري سا

لِحڻ گيت سيها ڪيڏارو تال آڙو چؤتالو 14 ماترا

رامداسي ملهار

آستائي:- ڪهي هر رنگ رامداسي ڪي شڪل گني مت

انترو:- انولوم تيبر گهت ڏا. گا. سم وادي چتراپي مت

## آستائي

| 4 | 0 | x | 2 | 0 | 3 0 |
|---|---|---|---|---|---|
| ما<br>پا گا<br>هي -<br><br>سا ري<br>- سي | ما<br>گا ما<br>هَ رَ<br><br>گي ما<br>- ڪي | <br>ري -<br>رَن -<br><br>پا ما<br>نشَ ڪَ | <br>- سا<br>- گ<br>ما<br>پا گا<br>- لَ | <br>- ني<br>- را<br><br>ما پا<br>- گُ | <br>سا سا - ني سا<br>- مَ - دا<br>ما نا پا ناپا<br>ني مَ ت ڪَ<br>ني مَ ت ڪَ |
| تاڙي | خالي | سَم | تاڙي | خالي | تاڙو |

## آستائي

| 4 | 0 | x | 2 | 0 | 3 0 |
|---|---|---|---|---|---|
| <br>ڏي ني<br>نو لو<br>ما ما<br>مَ وا | <br>سَا سَا<br>- مَ<br>گامي ما<br>- دي | <br>سَا رَي<br>تِي -<br>پا ما<br>چَ ت | <br>سَا ريَ<br>بَ رَ<br>پا گا<br>- رَ | <br>ني سَا<br>گ هَ<br>ما پا<br>- - | پا<br>سَا نا پا ما<br>ٿ ڏا گا سُ<br>ما ناپا پا نا<br>پِي مَ ت ڪَ |
| تاڙي | خالي | سَم | تاڙي | خالي | تاڙو |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب سورهون

# تال اڏيائي

## (هوا ۾ ڳنڍيون لڳائڻ جو علم)

هاڻ اِنهيءَ طريقيڪار کي سامهون رکندي اسان ٽين تال 16 ماترن کي اِئين لکنداسين (عـ) يعني پهريون الف لڳهو جو نشان ٽيو عـ همزي جو آهي جيڪو 8 ماترن جي برابر آهي. وري پيو الف 1 جيڪو چئن 4 ماترن جو آهي تہ اهڙي ريت اسان کي مليا 16 =4 + 8 + 4

تالن کي اهڙي طرح لکڻ سان نہ صرف اِهو فائدو آهي تہ ماترن جو تعداد معلوم ٿي پوندو پر انهيءَ کان وڌي خوبي اِها بہ آهي تہ تال جي ضربن جي باري ۾ بہ پوري معلومات حاصل ٿي پوندي ۽ اِنهن ضربن جي وچ ۾ جيڪو فاصلو آهي اُنهن جي بہ خبر پئجي ويندي. ڇاڪاڻ جو جهڙي ريت تالن جون علامتون هونديون تہ اُن جون اُنهيءَ حساب ۾ ضربون بہ ملنديون. ماترن کان پوءِ ٻيهر ٻي ضرب ايندي. هي تال لکڻ جو بهترين قاعدو سمورن علمي اُصول سان ٺاهيو ويو آهي. جيڪو تمام گهڻو مفيد ۽ ڪار آمد آهي. هاڻ اُن ۾ اسان جي سنڌي ڍولڪ واري جو ڪم اِهو آهي تہ اِنهيءَ ماترن کي هم وزن الفاظ ڏيڻا آهن. جڏهن بہ ڪنهن تال ۾ ماترائن تي هم وزن ٻول رکجي ٿو تہ اُنهيءَ کي اصطلاحاً ٺيڪو چئبو آهي. مثلن چئن 4 ماترن لاءِ ت - تِ- ڪَ- تِ وغيره.

هاڻ سڀ کان پهرين اسان گرنٿن جي ڪلاسيڪل تالن کي بيان ٿا ڪيون. جنهن جو اڄ ڪلهہ جي تالن سا ڪو ورلي تعلق ملندو. هي پُراڻيون تالون ٻن قسمن ۾ ملن ٿيون.

هڪڙي باقاعده ۽ ٻي بيقاعده. هاڻ باقاعده تال جا نالا گرنٿن ۾ جيڪي ملن ٿا تن کي ”جَاتي تال“ ڪونيو ويو آهي. تالن جي باري ۾

علم موسيقي جي عالمن جا بيان آهن تہ اِنهن تالن جي جائين ۾ مخصوص ڳالهيون ملن ٿيون، جن کي اصطلاحن ”پِرن“ چوندا آهن. هي ڏهہ ئي پَڌ هيٺ ڏجن ٿا.

(1) ڪال (2) مارگ (3) ڪريا (4) انگ (5) گره (6) جاتي
(7) پرستار (8) ڪَلا (9) لئي (10) يتي

(1) **ڪال:** اِنهيءَ مان مُراد. اَنُ دُرت، دُرت، لگهو وغيره جي آهي، جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ هر تال ۾ موجود ملن ٿا.

(2) **مارگ:** هي پُراڻن گرنٿن ۾ چئن قسمن جا ٿين ٿا. (1) دُهروا (2) چترا (3) دڪشنا (4) ورتيڪا. ڪلا جي مختلف ماترن جي حساب سان اِنهيءَ جي ورهاست ڪئي وئي هُئي. مارگ جو اصل مصرف هي ڪنهن بہ علِم موسيقي جي گرنٿن ۾ نٿو ملي.

(3) **ڪَريا:** هن جي لفظي معنيٰ آهي ”حرڪت“. اِنهيءَ جا بہ قسم آهن (1) سَشَد- يعني جنهن مان آواز پيدا ٿئي ۽ پيو آهي. ”نِشَد“ يعني جنهن مان ڪوبہ آواز پيدا نہ ٿئي. مثال طور: چؤ تال جي قسم تي ضرب آهي تہ اهو نشان ملي سشَد نهي ٿو. اهڙي طرح مغليہ تال (روپڪ تال) جو سَم خالي تي آهي تہ هي مثال نِشد جو آهي.

(4) **انگ:** هن مان مُراد چند علامتن جي آهي، جيڪا عِلم موسيقي جي پنڊتن تالن لاءِ اختراع ڪيون آهن.

(5) **گِره:** سَم، بِسَم- اتيت - آنا گهات. ڪنهن بہ شيءِ کي هڪ جاءِ تي رکبو. مثال طور: هڪ کي سَم ڪبو تہ هُو گِره جو هڪ قسم ٿيو. ماتري کي ڪنهن بہ هڪ، ٻن يا پنجن مان ڪنهن کي بہ سَم ڪري گره جو دائرو ٻڌبو تہ اُنهيءَ مان مختلف رنگن ۾ هي چار ئي رُوپ ملندا.

**سَم** - بِسَم (هڪ جي سوائي) سوا هڪ گِره ٻڌبو

**اتيت:**- هڪ جو اڌ ۽ هر دفعي گره اڌ کي ٻڌبو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**اناگهات:**- هڪ جي پوڻ - مُنو هڪ

اِنهيءَ ماترن جي ڪائنات ۾ سڀ مُشڪل ماترو سَم جو آنا گهات آهي، جنهن جي سَم ڪي هوا ۾ ايتري طلسماتي طرح سان لِڪائي رکيو ويو آهي، جو جڏهن هِن جو گِره جو چڪر پڏبو ۽ جڏهن گهمي واپس سَم تي اچبو تہ سوَ مان 1 سيڪڙو ماڻهو سَم تي ڪنڌ هڻي سگهندا.

(6)**جاتي:** اِنهي جي لفظي معنيٰ ذات آهي ۽ مطلب قِسم سان آهي. دنيا ۾ جيترا بہ تال آهن، اُنهن جي سڃاڻپ لاءِ هِن قسم ڪي استعمال ۾ آڻبو آهي تہ جيئن خبر پئجي سگهي تہ هي تال ڪهڙي گهراڻي جو ناهيل آهي.

(7) **پرستار:** اِنهيءَجي لفظي معنيٰ آهي- وڌائڻ - هي هڪ ڪوڙي جو حساب آهي، جنهن مان تمام تالون پيدا ٿين ٿيون.

(8) **ڪلا:** اِنهيءَ جي لفظي معنيٰ آهي، ورهائڻ يا تقسيم ۽ اِنهيءَجي اڄڪلهہ ضرورت ناهي رهي. تال وديا ۾ ڄاڪاڻ جو پرنبده مختلف ۾ تقسيم ٿيندا هُئا ۽ هر حصي جا تال مختلف هوندا هُئا.

(9) **لئہ:** اِنهيءَ لفظ جي تعريف ۽ سُڃاڻپ اڳ ۾ ٿيل آهي. لئہ ڪنهن بہ تال جي چند ماترائن ڪي وني هلڻ ۽ پنهنجي روحاني طريقي سان تال بَڌڻ ۽ سُر ناهڻ ۽ واپس اُنهيءَ سُر ڪي هوائن جي لهرن مان گذرائيندي واپس وني اچڻ ڪي لئہ چئبو آهي. هي راڳي جي مرضي تي آهي تہ هُو چاهي جهڙي لئہ ناهي ڏئي سگهي ٿو.

**يتي:**- اِنهيءَ جي معنيٰ ملي ٿي بيهڻ يا تڪاءُ ڪرڻ. هر هڪ تال ۾ چند ماترن کان پوءِ ڪنهن نہ ڪنهن ماتري جي انگ تي بيهڻ ڪي يتي چئبو آهي.

هاڻِ سڀ کان پهرين انگ جو تفصيل بيان ڪيون ٿا. دراصل انگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان مُراد اُنهن چند علامتن جي آهي، جنهن کي پنڊتن:
**دُرت** : لگهو - گرو- پُلت وغيره لاءِ ايجاد ڪيو آهي.

اسان کي اڄڪلهہ جي مروجہ تالن کي واپرائڻ لاءِ جيڪا ضرورت پئي ٿي، اُها آهي - خالي ۽ سَم کي سمجهڻ ۽ اِنهن جي وچ ۾ جيڪي ماترا آهن تن کي ڌسٽو ٿو پوي تہ جيئن حساب ۾ ڪا گهٽتائي يا وڌائپ نہ ٿئي. اڄڪلهہ جي 16 ماترن جي تال يعني تيتالو يا تين تال جنهن ڪُل 16 ماترا آهن، 3 ضربون ۽ هڪ خالي آهي. هاڻ هيٺ برابر چئن حصن ۾ ورهايون ٿا.

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 - 2 - 3 - 4 | 5 - 6 - 7 - 8 | 9 - 10 - 11 - 12 | 13 - 14 - 15 - 16 |
| سَم | ضرب | خالي | ضرب |

هتي x نشان ٿيو سم جو.

اهڙي طرح (1) پهرئين ماتري تي ٿيو سم - ٻي ضرب 5 ماتري تي ايندي ۽ ٽين ضرب ايندي 9 ماتري خالي تي ۽ چوٿين ضرب ايندي 13 ماتري تي. اهڙي طرح:

| | | | |
|---|---|---|---|
| سَم | ضرب | خالي | ضرب |
| x | - | 0 | - |
| 1 | 5 | 9 | 13 |

اهڙي طرح هڪ گهر ۾ ايندي يون 4 ضربون تہ ٻئي گهر ۾ (8).
(4 ) ضربون ملائڻ سان ٿينديون 8 ضربون. وري ٽئين گهر جون 4 ضربون ملائڻ سان ٿينديون 12 ضربون ۽ وري آخري (4) ضربون ملائڻ سان ڪُل ٿينديون 16 ضربون (چوٿون گهر)

هاڻ جيڪڏهن اسين هڪ ماتري کي چئن سان ضرب ڏئي ڳڻينداسين تہ اسان کي هڪ گهر چئن واري ۾ ڪُل ملندا 16 تہ 5 واري 4 چئن گهرن ۾ ملندا پيا 16 ۽ ٽئين گهر ۾ ملندا پيا 16 ۽ چوٿين گهر 13 ماتري جي ضرب جا ملندا پيا سورنهن تہ هي ٽوٽل وچي ٿيندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

<u>64</u> چؤهٺ ماترا

| | | | |
|---|---|---|---|
| 4 | 0 | 2 | x |
| (13 .14 .15 .16) | (9 .10 .11 .12) | (5 .6 .7 .8) | ( 1 .2 .3 .4) |
| ضرب | خالي | ضرب | سَم |

هي ٿيو <u>1</u> خاني جي چئن جو گهر

اهڙي طرح وري ٻي تاڙي (5 ) تي هٿبي تہ <u>32</u> ملندا ۽ خالي تي هٿ ڪلڻ تي <u>4</u> ضربون پوريون ڳڻڻ سان ملندا <u>48</u> ۽ چوٿين تاڙي <u>13</u> جنهن جو اُچار ٿيندو <u>49</u> اُٺونجاهہ تنهن جي آخري ضرب تي ملندا <u>64</u> چؤهٺ. هاڻ اِنهيءَ نقشي جو علمي طريقي سان نالو ملندو.

لگهو - گرو - لگهو ۽ اِنهيءَ جي علامت ملي ءِ ۽ هي تيتالي جو انگ ظاهر ٿيو.

هاڻ اِنهيءَ گِرنٿ يعني سُر شاهہ سَمُند ۾ ڏنل ۽ ورتل ۽ هٿ ڪيل قديم سنگيتن جهڙوڪ - سارا امرت ڌارا. رتناڪر پاوي. لڪش - هنونت مت درپن ۽ نواب ٺاڪر علي ۽ پات ڪندي جي معروف النغمات ۾ ڏنل تالن کي باقاعدگي سان بيان ٿو ڪجي ۽ جيڪي تال بيان ٿا ڪجن تنهن کي "جاتي" تال چئبو آهي. اِنهيءَ جو ڪارڻ اِهو آهي تہ هر هڪ تال جو پنهنجو قسم پنهنجي ذات ۽ پنهنجي سڃاڻپ آهي. اِهڙي طرح هي تال شمار ۾ <u>7</u> آهن ۽ هاڻ اِنهن جا نالا بمع انگ هيٺ نقشي ۾ ڏجن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| نمبر | تال جو نالو | انڱ يعني علامت | اصلاحي نالو | ماترن جو تعداد |
|---|---|---|---|---|
| 1 | ڌروا | 1 1 0 1 | لگھو دُرت لگھو<br>4 + 4 + 2 + 4 | 14 ماترا |
| 2 | مَٺ | 1 0 1 | لگھو دُرت لگھو<br>4 + 2 + 4 | 10 ماترا |
| 3 | جَھپ | 0 U 1 | لگھو اَنو دُرت<br>2 + 1 + 4 | 7 ماترا |
| 4 | ترِپُٽ | 0 0 1 | لَگھو دُرت دُرت<br>2 + 1 + 4 | |
| 5 | اَٽ | 0 0 1 1 | لگھو لگھو دُرت دُرت<br>2 + 2 + 4 + 4 | 12 ماترا |
| 6 | روپڪ | 1 0 | دُرت لگھو<br>4 + 2 | 6 ماترا |
| 7 | اِڪتال | 1 | لگھو 4 = 4 | 4 ماترا |

هاڻ هڪڙو ٻيو خيال بہ رکڻو پوندو، چاڪاڻ جو ڪن مروج تالن جا بہ نالا اِنهيءَ طرح آهن: مثلاً روپڪ تال، اِڪتال، يا جهپ تال، پر اِنهن تالن جي نالن جو ڌنل سبق موجب ڪوبہ تعلق ناهي. چاڪاڻ جو اسين هتي صرف جاتي جي تالن جو بيان ڪري رهيا آهيون ”جاتي“ لاءِ جيئن اسين اڳ ٻُڌائي آيا آهيون تہ اِنهيءَ مان مُراد آهي ذات ۽ مقصد. هي ست تال جيڪي قسمن جي طور تي بيان ڪيا ويا آهن، اِنهن ۾ لگھو 4 چئن ماترن جي برابر آهي. پر اِنهيءَ مان قسم پيدا ڪرڻ لاءِ علمِ موسيقي جي پنڊتن هڪ خوبصورت طريقو اختيار ڪيو آهي. جيئن مثلا لگھو چار 4 جو تہ آهي پر أنهيءَ جي وڌيڪ سجائپ لاءِ أنهيءَ کي (اِڪي) جي تالن جا (3 5 7 ۽ 9 ) جي بہ برابر انگن جي جوڙجَڪ ۾ مختلف انگن جي ڳهرج مطابق نشاني طور رکيا ويا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اَنو ڏُرت - ڏُرت- گرو - پُلت ۽ ڪاڪپد جا ماترا حسبِ دستور قائم رکيا. اهڙي طرح اِتائين جاتي يعني ذات جي پيدائش شروع ٿي ٿئي. ڇاڪاڻ جو لگهو جا 5 قسم ٿيڻ سان اِنهيءَ ابتدائي 7 تالن مان مختلف طريقي سان پنجٽيهہ تال پيدا ٿين ٿا.

(35 = 5 x 7) اِنهن سمورن تالن جو تفصيل اڳيان هلي بيان ڪنداسين. اِنهي وقت تمثيلن اسين "ڌُهروا" تال جو بيان ٿا لِکون. اِنهي جي علامت جيئن تہ پهرين بيان ڪري چُڪا آهيون.

1101 = 4 + 2 + 4 + 4 = اِهي ظاهر ۾ ٿيا 14 ماترا

پر جيڪڏهن لگهو کي 3 ماترن جي برابر ۾ رکبو تہ شڪل اهڙي ريت ٿهندي

= 3 + 2 + 2 + 3 + 3 = اهي ٿيا 11 ماترا

پر جيڪڏهن هاڻ لگهو کي 5 ماترن جي برابر لکبو تہ بي شڪل ٿهندي. اهڙي ريت 5 ئي طريقن سان لگهو کي لڳائبو تہ اُنهيءَ مان مختلف تالن جون شڪليون پيدا ٿينديون. مثلاً 5 واري لگهو جي نشاني ڏيڻ کان ٿيندو.

(17 = 5 + 2 + 5 + 5) اهڙي طرح هي ڌُهروا تال مليو سترهن ماترن جو. صرف لگهو کي 5 ماترن ڪرڻ سان. اجا ڏُرت اَنو ڏُرت کي تہ ڪابہ بي شڪل نہ ڏني ويئي آهي. صرف لگهو جي ماترائن ۾ ڪمي پيشي ڪئي وئي آهي ۽ جڏهن تہ ڏُرت جا ماترا انهيءَ جملہ تالن ۾ هڪ جهڙائي آهن. پر هاڻ اِنهيءَ مقام تي هي سوال پيدا ٿو ٿئي تہ لگهو 4 ماترن جي برابر شِڪل ۾ نہ رهڻ سبب اُها شڪل ڌَهروا جي نہ رهي.

اِنهيءَ جو ڪارڻ اِهو آهي تہ هي 7 ست ئي تالون علامتن تي ٿاهيون ويون آهن. يعني جيڪڏهن ڪنهن بہ تال ۾ ڌُهروا تال جو انگ نہ ڏبو. يعني هي علامت علامتي نشان (1101) قائم رهندي تہ علمي طريقي سان ڌهروا جو جاتي تال چيو ويندو.

پنڊتن جو جاتي تال تي رايو اِهوئي آهي تہ لگهو جي ماترائن ۾ ڪمي بيشي ڪرڻ ۽ اِن مان پيدا ٿيندڙ تالن جي قسمن ڪَي جاتي تال چئبو آهي. اهڙي طرح هاڻ ڌُهروا تال جون پنج ئي جاتي (شڪليون) بيان ڪجن ٿيون. انهن تالن جو انگ هڪ ئي آهي، ضربن جو تعداد بہ هڪ ئي آهي. صرف لگهو جي ماترائن ۾ فرق پوندو.

| | | |
|---|---|---|
| 14 ماتره ڌُهروا تال = | 14 ماتره<br>=4+4+2+4 = 1101 | لگهو 4 ماترائن جي برابر آهي |
| 11 ماتره ڌُهروا تال = | 11 ماتره<br>=3+3+2+3 = 1101 | لگهو هن ۾ 3 ماترن جي برابر آهي |
| 17 ماتره ڌُهروا تال = | 17 ماتره<br>=5+5+2+5 = 1101 | لگهو هِن ۾ 5 ماترن جي برابر آهي |
| 33 ماتره ڌُهروا تال = | 33 ماتره<br>=7+7+2+7 = 1101 | لگهو هِن ۾ 7 ماترن جو ٿيو |
| 29 ماتره ڌُهروا تال = | 29 ماتره<br>=9+9+2+9 = 1101 | لگهو هِن ۾ ٿيو 9 ماترن جو |

اِنهن جاتين جي ڪن مختلف قسمن جا نالا. جيڪي هڪ ٻئي جي سُڃاڻپ لاءِ عِلم موسيقي جي عالمن مُقرر ڪيا آهن، سي هي آهن:

1: جنهن ڌُروا تال ۾ لگهو 4 ماترن جو هجي اُن کي- چَتُر ستر جاتي ڌُروا چئبو آهي.

2: = = 3 = = - تيتر جاتي ڌُروا چئبو آهي.

3: = = 5 = = - کنڊ جاتي ڌُروا چئبو آهي.

4: = = 7 = = - مِشر جاتي ڌُروا چئبو آهي.

5: = = 9 = = - سنڪيرن جاتي ڌُروا چئبو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏروا تال جو بيان ختم ٿيو ۽ هاڻ + سين سمجهنداسين
مُٺ تال = مُٺ تال جي علامتي سُجاڻپ هي آهي.
= 101 = يعني لڳهو ڏرت لڳهو

(1) جيڪڏهن لڳهو 4 ماترن جي برابر آهي تہ اُنهيءَ کي چَتر سَرَجاتي مُٺ تال چئبو آهي.

(2) جيڪڏهن لڳهو 3 ماترن جي برابر آي تہ اُنهيءَ کي تتر جاتي مُٺ تال چئبو

(3) جيڪڏهن لڳهو 5 ماترن جي برابر آهي تہ کنڊ جاتي مُٺ تال چئبو

(4) جيڪڏهن لڳهو 7 ماترن جي برابر آهي تہ مِشر جاتي مُٺ تال چئبو

(5) جيڪڏهن لڳهو 9 ماترن جي برابر آهي. سنڪيرن جاتي مُٺ چئبو

## (2) ماترا ۽ اننگ

### علامت

1. چَتُر ستر جاتو مُٺ = 101 = 4 + 2 + 4 = 10 ماترا
2. تيتر جاتي مُٺَ = 101 = 3 + 2 + 3 = 8 ماترا
3. کنڊ جاتي مُٺ = 101 = 5 + 2 + 5 = 12 ماترا
4. مشر جاتي مُٺ = 101 = 7 + 2 + 7 = 16 ماتره
5. سنڪيرن جاتي مُٺ = 101 = 9 + 2 + 9 = 20 ماتره

## (3) جهپ تال جا 5 ئي قسم اُن جا اننگ ۽ ماترا

### علامت

1. چتر سَتر جاتي جهنپ OUI = 4 + 1 + 2 = ست 7 ماترا
2. تيتر جاتي جهنپ OUI = 3 + 1 + 2 = ڇهہ 6 ماترا
3. کنڊ جاتي جهنپ OUI = 7 + 1 + 2 = اٺ 8 ماترا
4. مشر جاتي جهنپ OUI = 7 + 1 + 2 = ڏهہ 10 ماترا
5. سنڪيرن جاتي جهنپ OUI = 9 + 1 + 2 = 10 ماترا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### (4) ترپٽ تال جا 5 قِسم

**علامت**

1. چتر ستر جاتي ترپٽ = 001 = 4 + 2 + 2 = 8 ماترا
2. تيٽر ستر جاتي ترپٽ 001 = 3 + 2 + 2 = 7 ماتره
3. کنڊ جاتي ترپٽ 001 = 5 + 2 + 2 = 9 ماتره
4. مشر جاتي ترپٽ 001 = 7 + 2 + 2 = 11 ماتره
5. جاتي ترپٽ 001 = 9 + 2 + 2 = 13 ماتره

### (5) آٽ تال جا 5 قسم

**علامت**

1. چتر ستر جاتي آٽ 0011 = 4 + 4 + 2 + 2 = 12 ماتره
2. تيتر ستر جاتي آٽ 0011 = 3 + 3 + 2 + 2 = 10 ماتره
3. کنڊ جاتي آٽ 0011 = 5 + 5 + 2 + 2 = 14 ماتره
4. مشر جاتي آٽ 0011 = 7 + + + 2 + 2 = 18 ماتره
5. سنکيرن جاتي اٽ 0011 = 9 + 9 + 2 + 2 = 22 ماتره

### (6) روپڪ تال جا 5 قسم

**علامت**

1. چتر ستر جاتي روپڪ 10 = 2 + 4 = 6 ماتره
2. تيتر جاتي روپڪ 10 = 2 + 3 = 5 ماتره
3. کنڊ جاتي روپڪ 10 = 2 + 5 = 7 ماتره
4. مشر جاتي روپڪ 10 = 2 + 7 = 9 ماتره
5. سنکيرن جاتي روپڪ 10 = 2 + 9 = 11 ماتره

### (7) اِڪتال جا 5 قسم

1. چتر ستر جاتي اِڪتال = 1 = 1 = 4 = 4 ماتره
2. تيتر جاتي اِڪتال = 1 = 1 = 3 = 3 ماتره
3. کنڊ جاتي اِڪتال = 1 = 1 = 5 = 5 ماتره
4. سنکيرن جاي اِڪتال = 1 = 1 = 7 = 7 ماتره
5. سنکيرن جاتي اِڪتال = 1 = 1 = 9 = 9 ماتره

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي ريت انهن مان هر هڪ تال جا نالا الڳ الڳ رکيا ويا آهن. تنهنڪري اِنهن تالن جي سڃاڻپ الڳ الڳ محسوس ٿي پوندي. مثلاً: تيتر جاتي ڏروا تال جو نالو منتري تال آهي. هاڻ هِن جي وجت واري پکاوجي کي منتري تال وڄائڻ جي فرمائش ڪجي تہ هو ضرور گهبرائجي ويندو، پر هي منتري تال دراصل اُهوئي تيتر جاتي تال ئي آهي، جنهن ۾ لڳهو 3 ماترن جي برابر آهي ۽ انهيءَ ڪري اِئين ڪرڻ سان هي تال 11 ماترن جو ٿي پوندو.

### (8) هر هڪ تال جو نالو بمع ماترا

1. چتر سُتر ڏروا کي شيکر تال چئبو ۽ هي 14 ماترن جو تال آهي.
2. تيتر ڏروا تال کي منتري تال چئبو ۽ هي 11 ماترن جو تال آهي.
3. ڏروا تال . پر مان تال چئبو ۽ هي 17 ماترن جو تال آهي.
4. مسٽر ڏروا تال پورن تال چئبو ۽ هي 32 ماترن جو تال آهي.
5. سنڪيرن ڏروا تال کي ڀهودن تال چئبو ۽ هي 29 ماترن جو آهي.
6. چتر سُتر مٺ تال کي سَمر تال چئبو ۽ هن ۾ 10 ماترا آهن.
7. تيتر مُٺ کي سار تال بہ چئبو ۽ هن ۾ 8 ماترا آهن.
8. کنڊ مُٺ کي اُپرن تال بہ چئبو ۽ هن ۾ 12 ماترا آهن.
9. مشر مُٺ کي اُدي تال چئبو ۽ هن ۾ 16 ماترا آهن.
10. سنڪيرن مٺ کي داؤ تال چئبو ۽ هن ۾ 20 ماترا آهن.
11. تيتر جهنپ کي ڳدمپ تال چئبو ۽ هن ۾ 6 ماترا آهن.
12. کنڊ جهنپ کي جَن تال چئبو ۽ هن ۾ 8 ماترا آهن.
13. مشر جهنپ کي سُر تال چئبو ۽ هن ۾ 10 ماترا آهن.
14. سنڪيرن جهنپ تال ڪرتال تال چئبو ۽ هن ۾ 12 ماترا آهن.
15. چتر سُتر ترپٽ تال کي آؤ تال چئبو ۽ هن ۾ 8 ماترا آهن.
16. تيتر ترپٽ تال کي شکهہ تال چئبو ۽ هن ۾ 7 ماترا آهن.
17. کنڊ ترپٽ تال کي دوشڪر تال چئبو ۽ هن ۾ 9 ماترا آهن.
18. مشر ترپٽ تال کي ليل تال چئبو ۽ هن ۾ 11 ماترا آهن.
19. سنڪيرن ترپٽ تال کي ڀهوگ تال چئبو ۽ هن ۾ 13 ماترا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

20. چتر ستر اٺ تال کي ليک تال چئبو ۽ هن ۾ 12 ماترا آهن.
21. تيتر اٺ تال کي گپت تال چئبو ۽ هن ۾ 10 ماترا آهن.
22. بند اٺ تال کي ديد تال چئبو ۽ هن ۾ 14 ماترا آهن.
23. مشر اٺ تال کي لوپ تال چئبو ۽ هن ۾ 18 ماترا آهن.
24. سنکرن اٺ تال کي ڌير تال چئبو ۽ هن ۾ 22 ماترا آهن.
25. چتر سُتر روپڪ تال کي پُٽ تال چئبو ۽ هن ۾ 6 ماترا آهن.
26. تيتر وپڪ تال کي چَڪر تال چئبو هن ۾ 5 ماترا آهن.
27. کند روپڪ تال ڪل تال چئبو هن ۾ 7 ماترا آهن.
28. مِشر روپڪ تال کي راج تال چئبو هن ۾ 9 ماترا آهن.
29. سنکيرن روپڪ کي بِندو تال چئبو هن ۾ 11 ماترا آهن.
30. چتر ستر اِڪتال کي مان تال چئبو هن ۾ 4 ماترا آهن.
31. تيتر اِڪتال کي سُتَ تال چئبو هن ۾ 3 ماترا آهن.
32. کنڊ اِڪتال کي رَني تال چئبو هن ۾ 5 ماترا آهن.
33. مشر اِڪتال کي رام تال چئبو هن ۾ 7 ماترا آهن.
34. سنکيرن اِڪتال تال کي بَسُو تال چئبو هن ۾ 9 ماترا آهن.

دنيا ۾ جيترا بہ سنگيت يا علم موسيقي جا گرنٿ آهن، اُنهن ۾ باقاعدگي سان اِهي 35 تال مِلن ٿا ۽ اِنهن تالن کي باقاعده اِنهيءَ ڪري چئبو جو اِنهن مان قاعدي مطابق لکهو جا ماترا ۽ اُنهي جون وصفون مختلف طريقن سان بيان ڪيون ويون ۽ اِهي صرف 7 تالن ۾ پيدا ٿيون، جيڪي اسين اڳ ۾ بيان ڪري آيا آهيون. هيٺ اُنهن تالن جو بيان ڪجي ٿو، جن کي اسين اڳ ۾ لکي چُڪا آهيون. هي طريقو سارنگ ديو پنڊت علمِ موسيقي جي اَصولي ڪتاب رتنا ڪر گڙ مان ورتو ويو آهي.

| نمبر تال جو نالو | علامت/ سجائپ | ماتره | تعداد | ضرب |
|---|---|---|---|---|
| گنيش تال | عـعـعـااعـعـااعـ | | 62 | 10 |
| اشٽ منگل تال | 00010101 | | 22 | 8 |
| وِشنو تال | 100000110111 | | 36 | 12 |
| ڪُنپ تال | 1001101 | 4+2+2+4+4+2+4 | 22 | 7 |
| مَت تال | 100101 | 4+2+2+2+4+2+2 | 18 | 6 |
| اشٽ منگل تال | 00010101 | | 22 | 8 |
| وِشنو تال (ٻيو قسم) | 11U | | 36 | 12 |
| رُنجي تال | 1000 | 4+2+2+2 | 10 | 4 |
| چورامني تال | 1110U | 4+4+4+2+3 | 17 | 5 |
| جئہ منگل تال | 1011 | 4+2+4+4 | 14 | 4 |
| اشٽ تال | 1UUU11100 | 2+1+1+4+4+4+2+2 | 32 | 8 |
| فردوست تال | 00001 | 2+2+3+2+4 | 13 | 5 |
| فرو دست (ٻيو قسم) | 10001 | 4+2+2+2+4 | 14 | 5 |

## (10) هن صديءَ جي تالن جو تعارف:

گرنٿن مان ورتل تالن جي ماترن ۽ ضربن جو تعداد بيان ڪيو ويو. هاڻ هِن صدي جي تالن جو تعارف پيش ڪجي ٿو، جن جي ڄمار 1500 سالن کان مٿي آهي. اُنهن کي اڄ بہ اُنهيءَ روپ ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو ۽ اِنهن تالن جي ماترن ضربن ۽ نيڪي جي ٻولن کي بہ هيٺ لکجي ٿو.

ماترن جي خانہ پوري لاءِ چند لفظ مقرر ڪجن ٿا جيڪي پنهنجن نالن سان اڄ بہ مشهور آهن. اهڙي طرح هڪڙي تال جا ڪئي نيڪا ملن ٿا پر اُنهن جا ٻول مختلف هوندا آهن. جيڪي تال رواجن استعمال ۾ اچن ٿا اُهي هيٺ لکجن ٿا.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| چؤتالو | اڪتالو | تيننالو | تلواڙو | رويڪ | سُول | ڌمار |
| آڙو چؤتالو | فردوست | چانچر | تيورا | جهپتال | پشتو | جهومرو |
| اِڪوائي | پنجابي نيڪو | دادرو | ڪهروو | قوالي | | |

سموري ايشيا ۾ سمورا راڳي يا وڄت وارا اِنهن نيڪن کان ٻاهر نـ آهن. پر هِن پوري ايشيا ۾ جيڪو اعزاز سنڌ جي تال ” کلواڙي“ کي آهي اهڙو حُسن ٻئي ڪنهن بہ تال ۾ نـ آهي. ڇاڪاڻ جو هُن جو سَمُ کان وٺي ضربن تائين ۽ واضع خالي (اُن جو اڌ) صاف نظر اچڻ ۽ محسوس ٿيڻ جي باوجود بہ هِن تال کي وڄائڻ ٻين مُلڪ وارن لاءِ تمام مُشڪل ثابت ٿيندو رهيو آهي. پوري هندستان ۽ پاڪستان ۾ طبلي ۽ ڍولڪ (پکاوج) کي اسپيڊ سان وڄائڻ وارا ٻڻ موجود آهن پر جڏهن اسان جي سنڌ جو تال (کلواڙو) اچي ٿو تہ ان جي ماترن جي ڳُٽپ تہ ڪري ويندا پر اُن ۾ جيئن اسان جا سنڌي مڱڻهار پکاوجي وڏن وڏن ماترن جون تيهائيون ناهي هٽندا آهن تيئن هٽڻ لاءِ اُنهن جي خواهش آهي، تہ ڪاش اسين بہ اِنهن سنڌي ڍولڪ وارن وانگر وڄائي سگهون پر سنڌ جي تال جي اهڙي تہ بندش ٻڌل آهي جو اُن ۾ سواءِ سنڌي وڄت وارن جي. ڪنهن بہ مُلڪ جو ڍولڪ يا طبلي وڄائيندڙ هِن سنڌي تال سان هٿ چراند نٿو ڪري سگهجي.

## (11) چوٽالو تال جو ذڪر

هي 12 ماترن جو تال آهي ۽ عِلم موسيقي جي گرنٿن جي اصول مطابق اِنهيءَ تال جي سڃاڻپ يا علامت اِهڙي طرح ٿيندي: لکهو لکهو دُرت (OOH) يعني ڇئن ماترن جون بہ ضربون 2 ٻن 2 ٻن ماترن جون بہ ضربون مليون. هي اَصُول اڳين عِلم موسيقي جي پنڊتن جو هو، پر اڄڪلهہ جي عِلم موسيقي جي عالمن اِهو طريقيڪار رکيو آهي تہ ٻن ضربن جي وچ ۾ اُنهن ماترن جو تعداد گهٽو ڏنو تہ اُتي اُنهن وڏيل ماترن کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو اٿن تہ جيئن نيڪو ياد رکڻ ۾ آساني ٿي سگهي ۽ لئي جو ميزان ذهن ۾ رهي سگهجي.

اِنهن ورهاستن جو نالو ” خالي“ آهي. اِنهي جي لکڻ جو طريقيڪار اِهو آهي جو هڪ گول نشان ناهبو تہ هي نشان واضح ڪندو ماترن جي خالي کي مثلاً:- لکهو ڇئن ماترن جو آهي 4، 3، 2، 1 هاڻ هن کي ٻن حصن ۾ اِئين وِرهائبو.

| | |
|---|---|
| 3 4 | 1 2 |
| 0 | x |
| خالي | ضرب |

يعني هڪ تي سَم جي ضرب ۽ هڪ ضرب خالي تي ايندي.

هِن طريقي ڪرڻ سان فائدو اِهو ٿيو تہ جهڙي طرح ضربون آهن تنهن جو تعداد بہ ڪونہ وڌندو، تن حصن کي ورهائڻ آسان ٿي پوندو.

## قديمي ۽ سنڌي طريقي جا تال

هاڻ اِنهيءَ تال جي هيٺ ڏنل نقشي کي غور سان ڏسندا تہ اِنهيءَ چؤتال ۾ لکهو جي ماترائن کي ڪيئن ورهايو ويو آهي، يعني تقسيم ڪيئن ٿي ٿئي.

**چؤتال** <u>12</u> ماتره

| ماترا | 1 2 | 3 4 | 5 6 | 7 8 | 9 10 | 11 12 |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ٻول | ڌا ڌا | ڌِن تا | ڪَت تا | ڌِن تا | تِٽ ڪٽ | گِد گِن |
| | x | 0 | 2 | 0 | 3 | 4 |
| ضرب ۽ خالي | سَم | خالي | ضرب | خالي | ضرب | ضرب |
| | x | 0 | ضرب | 0 | ضرب | |

يعني هِن تال ۾ <u>4</u> ضربون ۽ بہ خالي اڄڪلهہ مروج آهن. اصل ۾ تال شروع ۾ ٿاهيا ويا ڌر پد جي ڳائڻ لاءِ ۽ لئہ هِن ۾ گهڻو ڪري بلمپت جي رکي ويندي هُئي.

سنڌي رنگ جو نيڪو **اِڪتالو** <u>12</u> ماتره

| ماترا | 1 2 | 3 4 | 5 6 | 7 8 | 9 10 | 11 12 |
|---|---|---|---|---|---|---|
| (نيڪو) ٻول | ڌن ڌن | ڌها ترِڪ | تو نا | ڪت تا | ڌها ترڪ | ڌن نا |
| ضرب ۽ خالي | x | 0 | 2 | 0 | 3 | 4 |
| | سَم | خالي | ضرب | خالي | ضرب | ضرب |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنجابي تال انگ **اِڪتالو**

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ماترا | 1 2 | 3 4 | 5 6 | 7 8 | 9 10 | 11 12 |
| ٺيڪي جا بول | ڌي ڌن | ڌا ڌا | ٿن نا | ڪت تي | ڌهگ تتڪ | ڌن ڌا |
| ضرب ۽ خالي | X | 0 | | 0 | | |
| | سم | خالي | ضرب | خالي | ضرب | ضرب |

عجم ۽ يمن جو تال **سُول فاختہ** 10 ماتره

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ماترا | 1 2 | 3 4 | 5 6 | 7 8 | 9 10 |
| ٺيڪو | ڌا آ | ڌد نگ | ڌد نگ | ڌڙ ڪڙ | گد گن |
| ضرب ۽ خالي | x | 0 | 2 | 3 | 0 |
| | سم | خالي | ضرب | | خالي |

**سنڌي رنگ ۾ پيو ٺيڪو سُول فاختہ**

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ڌن ڌن | ڌا ترڪٽ | ڌن ڌن | ڌا ترڪٽ | تن نا . |

پنجابي تال انگ **سول فاختہ**

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ڌا تت | تا ڌا | تت تا | تت نگ | گد گن |
| X ، | 0 | - | 0 | - |

**جهتال** 10 ماتره

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ماترا | 1 2 | 3 4 5 | 6 7 | 8 |
| ٺيڪو | ڌن نگ | ڌن ڌن نگ | ڌن نگ | ڌڙ ڪڙ |
| ضرب ۽ خالي | x | 0 | 0 | 8 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي تال **پيو قسم چانچر جو** 14 ماتره

چانچر

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 2 3 | 4 5 6 7 | 8 9 10 | 11 12 13 14 |
| رها ها آ | تِ ن ت ن | تا - آ | ڌِي ن ڌي ن |
| x | 2 | 0 | 3 |

## آڏو چؤ تالو 14 ماتره

| ماترا | 1 2 | 3 4 | 5 6 | 7 8 | 9 10 | 11 12 13 14 |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ٺيڪو | ڌي ڌي | ڌي ڌي | تُو نا | ڪَت تا | ڪَت تا | نا ڌي ڌي نا |
| ضرب خالي | x | 2 | 0 | 3 | 0 | 4 |

سنڌي انگ ۾ **پيو قسم** 14 ماتره

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 2 | 3 4 | 5 6 | 7 8 | 9 10 | 11 12 13 14 |
| ڌا آگ | ڌا ڌا | ڌين نا | ڪت نگ | نگ ڌ | ڪت نگ گد گن |

## ڌمار تال 14 ماتره

| ماترا | 1 2 3 | 4 5 | 6 7 8 | 9 10 | 11 12 | 13 14 |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ٺيڪو | ڪِ ڌ ت | ڌي ت | ڌا آ گهي | تِ ت | تِ ت | تا آ |
| ضرب خالي | x | 0 | 3 | 0 | 2 | 0 |
| | سَم | خالي | ضرب | خالي | ضرب | خالي |

## هَوري ڌمار

تا ڌن ت ت ڪ ت ڌن ڌن ڌاگي تنڪت ڌاتين اِين گ

ڪت تا ڪَتڪت

تاڌن - تنڪت- ڌن ڌن - ڌاگي تَڪت ڌا ڌا تين اِين گ تا

تنڪتڪت تاتن تا ڪت تا

## روپڪ تال — 7 ماتره

| ماترا | 1 2 | 3 4 | 5 6 7 | هن تال جو |
|---|---|---|---|---|
| نيڪو | ڌِن نگ | ڌِن نگ | تِن تِن نگ | سَمُ خالي جي |
| ضرب خالي | 1 | 2 | x | ضرب تي آهي |
| سنڌي انگ ۾ | ڌُم ڪٽ<br>1 2 | گِد گِن<br>3 4 | تا تِن تا<br>5 6 7 | |

## تيورا تال — 7 ماترا

| ماترا | 1 2 | 3 4 | 5 6 7 |
|---|---|---|---|
| نيڪو | تِٽ ڪَٽ | گِد گن | ڌا ڌن نا |
| ضرب خالي | 1 | 2 | x |

سنڌي انگ ۾ تيورا — **ٻيو قسم** — 7 ماترا

| ماترا | 1 2 | 3 4 | 5 6 7 |
|---|---|---|---|
| نيڪو | ڌِن نگ | ڌِن نگ | ڌا ڌِن نگ |
| ضرب خالي | 1 | 2 | x |

## ٽيون قسم تيورا

| 1 2 | 3 4 | 5 6 7 | هن تال ۾ |
|---|---|---|---|
| ڌِن نا | ڌِن نا | ڌا ڌِن نگ | خالَي نہ رکي |
| x | 2 | 3 | وئي آهي |

## پشتو تال — 7 ماترا

| ماترا | 1 2 3 | 1 2 | 1 2 |
|---|---|---|---|
| نيڪو | دهين اِين نگ | دهين اِين | ڌا ڌا |
| ضرب | x | 2 | 3 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پيو قسم پشتو تال

| | | |
|---|---|---|
| تا ڪي ڏن | ڌا ڌا | تِن اِن |
| x | 2 | 3 |

## پشتو تال

7 ماترا

| | | |
|---|---|---|
| 1 2 3 | 1 2 | 1 2 |
| ت ڪ ڏِن | ڌا ڌا | تِن اِن |
| x | 2 | 3 |

## تين تال تيتالو تال يا تيتالا

16 ماترہ

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ماترا | 1 2 3 4 | 5 6 7 8 | 9 10 11 12 | 13 14 15 16 |
| ٺيڪو | ڌاڌِن ڌِن نا | ڌا ڌِن ڌِن نا | تا تِن تِن نا | ڌا ڌي ڏِن نا |
| ضرب ۽ خالي | x | 2 | 0 | 3 |

## تلواڙو

16 ماترہ

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ماترا | 1 2 3 4 | 5 6 7 8 | 9 10 11 12 | 13 14 15 16 |
| ٺيڪو | ڌا ترڪ ڌِن ڌِن | ڌا ڌِن ڌِن نا | تا ترڪٽ ڌن ڌن | ڌا ڌا ڌن ڌن |
| ضرب ۽ خالي | x | 2 | 0 | 4 |

## پنجابي ٺيڪو

16 ماترہ

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ماترا | 1 2 3 4 | 5 6 7 8 | 9 10 11 12 | 13 14 15 16 |
| ٺيڪو | ڌا ڌن نگ ڌا | ڌا ڌي نگ تا | ڌا ڌي نگ ڌا | ڌا ڌي انگ ڌا |
| ضرب ۽ خالي | x | 2 | 0 | 3 |

بن قسمن ۾ **اِکوائي تال** 16 ماتره

| ماترا | 4 3 2 1 | 8 7 6 5 | 12 11 10 9 | 16 15 14 13 |
|---|---|---|---|---|
| نيکو | تاآگهي گهي | تا گي اي گي | تا آ گي گي | تاگهي اي گهي |
| ضرب ۽ خالي | x | 2 | 0 | 4 |

سنڌي قسم جو تال ٻيو قسم **اِکوائي تال** 16 ماتره

| | 4 3 2 1 | 8 7 6 5 | 12 11 10 9 | 16 15 14 13 |
|---|---|---|---|---|
| | ڌا آ آ گهن | ڌا آ گهن گهن | تا آ آ گهن | ڌا آ گهن گهن |
| | x | 2 | 0 | 4 |

ٽن قسمن جو **دادرا** 6 ماترا

| ماترا | 3 2 1 | 6 5 4 |
|---|---|---|
| نيکو | ڌن ڌن نا | ڌا تو نا |
| ضرب | x | 1 |

سنڌ جو دادرو ٻيو قسم دادرا 6 ماترا

| ماترا | 3 2 1 | 6 5 4 |
|---|---|---|
| نيکو | ڌا گي ني | ڌا ڌن نا |
| ضرب | x | 2 |

هي دادرو سنڌي انگ ۾ شمار ٿئي ٿو.

ٽيون قسم دادرو

| ماترا | 3 2 1 | 6 5 4 |
|---|---|---|
| نيکو | ڌا ڌن ڌا | ڌا ڌن نا |
| ضرب | x | 2 |

## سواري تال 30 ماتره

| | | |
|---|---|---|
| ماترا | x<br>1 2 3 4 5 6 7 8 | x<br>9 10 11 12 13 14 15 16 17 18 |
| نيڪو | ذي تا ڪِـ ذي تا ڪي ذي ذي | تا ڪـ ذي ذي تا ڪـ تي نا |
| ماترا | 19 20 21 22 23 24 | 25 26 27 28 29 30 |
| نيڪو | ذنا تِر ڪِٽ ذي نا ذي ذي<br>3 | نا ذي ذي نا ذِن نا |

## سواري تال 32 ماتره

| | | |
|---|---|---|
| | 1 2 3 4 5 6 7 8 | 9 10 11 12 13 14 15 16 |
| ضرب | ذي ذي نا آ ذي اي ذي اي<br>x | تا ڪـ ذي ذي تا ڪـ تي نا<br>2 |
| | 17 18 19 20 21 22 23 24 | 25 26 27 28 29 30 31 32 |
| ضرب | تِن ترڪٽ تِن تِن نا نا تو نا<br>3 | ڪَٽ تا تِرڪٽ ذي ناذي ذي نا<br>4 |

ٻن قسمن جا نيڪا **ڪمتا تال** 12 ماترا

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ماترا | 1 2 3 | 4 5 6 | 7 8 9 | 10 11 12 |
| نيڪو | ڌا تِ ذِي | نا تِن نا | تِن تا ذِن | ڌا ڌا ذِن |
| ضرب | x | 2 | 0 | 4 |

ٻيو قسم ڪمتا تال 12 ماترا

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 2 3 | 4 5 6 | 7 8 9 | 10 11 12 |
| تا تِٽ ذِن | نا تا ذِن | نا تِٽ ذِن | نا تا ذِين |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻن قسمن ۾ استعمال ٿئي ٿو **ڪهروا تال** 8 ماترا

| | | |
|---|---|---|
| ماترا | 1 2 3 4 | 5 6 7 8 |
| ٺيڪو | ڌا ڳي نا تِ | نا ڪي ڌي نا |
| ضرب | x | 2 |

سنڌي انگ ۾
استعمال ٿيندڙ **ڪهروو تال** 8 ماترا

| | |
|---|---|
| 1 2 3 4 | 5 6 7 8 |
| ڌي ڌي ڪِ ٿ | ن ڳ ڌِن نا |

**ڦرودست** 14 ماترا

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ماترا | 1 2 | 3 4 | 5 6 | 7 8 | 9 10 | 11 12 13 14 |
| ٺيڪو | ڌاڳي ٽرڪٽ | تاڳي ٽرڪٽ | تت تا ٽِرڪٽ | ڌهن ڌا | ڌن ڌن | ڌا ڳي نگ ڳِهن |
| ضرب | x | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 |

هِن کي ٻه ٻن طريقن سان استعمال ڪيو ويندو آهي.

**ڦرودست پيو قسم**

قديمي طريقي ۽ سنڌي طريقي جا تال ۽ تقسيم

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 2 | 3 4 | 5 6 | 7 8 | 9 10 | 11 12 13 14 |
| ڌني ڪڙنگ | ڌن ڪڙنگ | ڌِن ڪڙنگ | تگهن تگهِن | ڌن ڪڙنگ | ڌن تا ڪت تا |
| x | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هوا ۾ ڳنڍون لڳائڻ بابت ڄاڻ

تالن جي مروج قسمن سمجھڻ کان پوءِ هاڻ ڪن چند باقي تالن جي اصطلاحن کي بہ سمجھڻ ضروري آهي، جن کي مڪمل تال جي ڳِره چوندا آهن. اهي هيٺ ڏجن ٿا.

سَمر بِسمر اتيت انا گھات

(1) **سم:** سَمر سنسڪرت ٻولي جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”برابر“. هن کان اڳ ۾ بہ ذڪر ڪري آيا آهيون تہ هر هڪ تال ۾ ”هڪ“ سَمر جو هجڻ ضروري آهي ۽ سَمر اچڻ کان بعد ئي ٻين ماترن جي ڳڻپ شروع ٿيندي آهي. يا اِئين بہ ڪٿي چئجي تہ تال جي پهرين ضرب شروع ٿي سم کان ڳڻپ ۾ ايندي آهي.

جيڪڏهن ڪوبہ راڳي پنهنجي گيت، ڪافي، ڪلام، غزل يا خيال جو سَمر ڳائڻ وارو رکي ٿو تہ اُنهيءَ جي ڪمپوزيشن تانون پلٽہ سڀ اُنهيءَ سَمر تي اچي ختم ٿين. اُنهيءَ کي ”گره“ چئبو آهي. گره جي لفظي معنيٰ آهي شروع ٿيڻ جو مقام.

**بسَم:** بسم جي لفظي معنيٰ آهي برابر، ظاهري، لڪل سَمر. جڏهن بہ ڏُر پر گائيڪي جي صنف استعمال ڪبي ۽ راڳي سَمر جي ٻول کي ڪنهن ٻئي ماتري تي استعمال ڪن مثلن خالي تي يا ڪنهن بہ ماتري تي تہ پوءِ اُن کي هر چڪر ۾ هر دفعي اُنهيءَ مقام تي ڳِره ٻڌئي پوندي تہ اُن کي بِسمر ڳِره چئبو آهي.

بي تارو ڳائڻ وارو هميشہ انهيءَ صنف يعني بِسَمَر تي ڳائيندو آهي ۽ بيهر اُن جو سمر تي واپس نہ اچڻ ٿي اُن کي بي سُرو يا بي گرو ڪندو آهي. ڄاڪاڻ جو ڳائيندي وقت موسيقيءَ سان ناواقفيت جي ڪري هُو جتان ڪٿي ٿو اُتي واپس نٿو پهچي سگهي. اِنهيءَ جي مقابلي ۾ اهو ئي عيب لئہ دار راڳي جي هنر ۾ سجاڳ جو ڪارڻ ٿئي ٿو. ڄاڪاڻ جو هو ڄاڻ ڪندي پنهنجي روحاني مرضي کان سَمر کي هڪ

جي مثان سوا هڪ جي سَمَ کي شڪل ڏئي ۽ بار بار اُنهيءَ سوا ماتري تي موتي اچڻ کي ئي بِسم چئبو آهي. اِن جو بيو مثال اهڙي ريت ڏجي ٿو تہ جيئن ڪو راڳي، گائڪ يا وڄائڪ راڳ آلاپيندي راڳ جي شڪل جي برخلاف ڏيو وادي سُر استعمال نہ ڪري سگهي.

**اتيت:** اتيت جي معنيٰ تال کان پوءِ جي آهي ۽ هِن جو مقام بِسم گره کان پوءِ استعمال ڪبو جيئن بِسم جيڪڏهن سَم جو مٿيون سَم - بِسم يعني سوا ماترو تہ پوءِ اڌ ماتري تي اتيت جو سَم پڌبو ۽ هِن کي ماتري جو اڌ ماترو چئي سگهجي ٿو. هِن سِم جي گره پڌي ۽ واپس ورڻ تمام مشڪل رنگ آهي ۽ ڪو راڳي اِنهيءَ کي سَم ڪري ۽ هر دفع سَم جي گهر تي موتي واپس اچي تہ اِنهيءَ کي "اتيت" چئبو آهي.

**آنا گات گره:** هِن سَم (آنا گات گره) کي ڳولي لهڻ تمام مشڪل آهي. چاڪاڻ جو هي آنا گات گره جو سم پوڻ جي وزن جو آهي ۽ هِن جو گره هوا ۾ ڳنڍ لڳائڻ جي برابرآهي ۽ هِن جو پارکو اُنهيءَ وقت اُنهيءَ پهر اُنهيءَ وزن جي مطابق سَم هٿندو ۽ آنا گات جي سَم کي ظاهر ڪندو. پوڻ ماتري جي ڳٽپ هميشہ ماترن جي چوٿي لئہ ۾ ظاهر ٿيندي ۽ ڳٽپ بہ چوٿي لئہ ۾ ڪئي ويندي.

مثال طور هڪ تال جيڪو سنڌ ڌرتي جي هڪ وڏي امير ترين شخص ٺاهيو، جنهن کي تال وِديا سان عشق ٿيو ۽ هُن اِنهيءَ ماترن جو هڪ تال ٺاهي جوڙيو. جيڪو پوڻن ٻارهن 12 12-1/25 جي ٺالي سان مشهور ٿيو. هاڻ هِن تال کي ڳڻڻ مشڪل ۾ مشڪل آهي، عِلم الجبرا جي حساب سان پوڻن 12-1/25 کي چار دفعا ڳڻيندا سين تہ ٻن حصن جا 23-1/2 ٿيندا ۽ چئن حصن ۾ ٿيندا 47/1 سنتيتاليهہ تہ هاڻ هِن جو سَم ظاهر ٿي پيو سنتيتاليهہ. هڪ هاڻ هِن جي تقسيم بہ آسان ٿي پئي، سم تي اچڻ لاءِ هميشہ علم ڳڻتڪاري جي حساب سان سَم جي ماتري کي ڳڏائي مثلاً 16 ماترن جي سَم تي واپس اچڻ لاءِ تقسيم انهيءَ ريت ڪجي تہ 16 ۽ سَم جي ماتري کي ڳڏائبو ۽ پوءِ 17 کي ٽن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهہ جوڙيندا آهن.

ڪنهن بہ تال يا نيڪي جي شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ٻولن جي پرواز ناهي ۽ نيڪي شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ اچڻ ڪ "مُهرو" چئبو آهي.

## تال پرستار جو مختصر بيان

**پرستار:** هي سنسڪرت ٻولي جو لفظ آهي ۽ هِن جي معنيٰ آهي "تال کي وڌائڻ" يا پکيڙڻ. تال کي پکيڙڻ جي ڇا معنيٰ ٿي سگهي ٿي. اِنهيءَ جو هڪ مثال اِهڙي طرح بيان ڪجي ٿو. جهڙي ريت اِن کان اڳ ۾ اسان راڳ اڏيائي ۾ بيان ڪري چُڪا آهيون. انهيءَ طريقي جي ڪرڻ سان ست 7 سُرن مان پنج هزار چاليهہ 5040 تانون پيدا ٿين ٿيون سو اِتي بہ تال اڏيائي ۾ بہ ساڳيو طريقو استعمال ڪندي اسان کي ڏسڻو آهي تہ ماترن جي تالن مان ڪيترا تال پيدا ٿي سگهن ٿا.

مثلاً جيڪڏهن اسان کي چار ماترا پرستار لاءِ ڏنا ويا آهن تہ اسان کي پرستار جي حساب لڳائڻ لاءِ ڏسڻو پوندو تہ اِنهن چئن ماترن مان ڪيتريون تانون پيدا ٿي سگهن ٿيون. اِئين چوڻ واجب هوندو تہ 4 ماترن جي ضربن جي وچ ۾ ڪهڙي طرح ۽ ڪيترا دفعہ ورهائي سگهجن ٿا. ڇاڪاڻ جو هر نئين دفعي ورهائڻ سان هڪ نئون تال حاصل ٿيندو. هي 4 - ماترن کي انن دفعا ضرب ڪري وچائين ورائي سگهجن ٿا.

اهڙي تقسيم هيٺ لکجي ٿي.

| | |
|---|---|
| (1) 4- | صرف هڪ ضرب چار ماترن لاءِ |
| (2) 1 + 2 | بہ ضربون هڪ هڪ ماتري لاءِ |
| (3) 2 + 2 | بہ 2 ضربون |
| (4) 2 + 1 + 1 | 3 ضربون |
| (5) + 3 + 1 | 2 بہ ضربون |
| (6) 1 + 2 + 1 | 3 ضربون |
| (7) 2 + 1 + 1 | 3 ضربون |

(8) 1+1+1+1 4 ضربون

4 ماترن مان اٺ 8 مختلف تانون پيدا ٿي سگھن ٿيون. اِنھيءَ کان وڌيڪ ناممڪن آھي.

## تال پرستار جو قاعدو قانون

اسين صرف 4 ماترا پرستار لاءِ ونون ٿا تہ ھي 8 طريقن سان ورھائي سگھون ٿا. جيڪو ھِن کان اڳ ۾ بيان ڪري چُڪا آھيون. پرستار جو حساب ناھڻ وقت اِھو خيال رکڻ گھرجي تہ ھر نئين تال ۾ ماترن جو مجموعي تعداد اِنھيءَ قدر ھوندو جيڪو اسان اڳ ۾ مقرر ڪيو آھي. ڇاڪاڻ جو اِنھن مثالن ۾ بہ اسان 4 ماترائي ورتا آھن.

ھاڻ پرستار لاءِ اسان کي جيڪي 4 ماترا ڏنا ويا آھن، اُنھن کي اسين اھڙي ريت لکون ٿا.

4 ماترا پرستار لاءِ ڏنا ويا جنھن کي اھڙي ريت لکبو.

(1) 4 ھي اسان جي پھرين تال ٿي.

ھاڻ ٻي تال اِنھيءَ مان پيدا ٿيندي، اِنھيءَ جو طريقيڪار اِھو ٿيندو تہ 4 کان پوءِ جيڪو بہ انگ سڀ کان وچ ۾ وڏو ھوندو، اُنھيءَ کي چئن 4 کان ھيٺ لکبو. اِھي عدد انگ جا 3 ٿيندا، اھڙي ريت اِنھي ٽنھي انگ جي عددن کي ھيٺ اھڙي طرح لکبو:

4 (1)

3 ( 2)

ھاڻ ھر نئين تال لاءِ شرط اِھو آھي تہ مجموعي تعداد ماترن جي مجوزه تعداد جي برابر ھئڻ گھرجي. ڏنل ماترن جو تعداد 4 چئن جو آھي، جڏھن تہ ٻين قسم ۾ اجا باقي ھڪ ماترو رھي ٿو. تنھنڪري انھيءَ کي اسين 3 کان پھرين لکنداسين.

4 (1)

3+1 ( 2)

اھڙي طرح نئين تال ٻن ضربن جي پيدا ٿي. اھڙي طرح ٻيو

پرستار ٽيو ۽ اِنهي طريقي سان ٽين تال ٻين تال مان نڪرندي. اهڙي طرح وري اسين 3 کان جيڪو وڏو عدد آهي تنهن کي 3 جي هيٺان لکنداسين تہ اسان کي اهڙي طرح لکڻو پوندو

1 + 3 ( 2)

2 ( 3)

اِنهيءَ طريقيڪار کي غور سان ڏسبو. (3 ) نمبر واري پرستار ۾ 2 ماترن جي اجا ڪمي آهي تہ اِنهيءَ کي 2 ٻن واري طريقيڪار سان لکبو.

اهڙي ريت 3 + 1

2 + 2

هاڻ ٽئين قسم ۾ چارئي ماترا پورا ٿي پيا ۽ هي ٽئين تال 2 ضربن جي 2 ٻن 2 ٻن ماترن تي تيار ٿي پئي. هاڻ چوٿين تال 3 ٽين تال مان نڪرندي، اهڙي طرح جيڪو 4 چوٿين تال جو وڏو عدد آهي، اُهو 2 ٻن جي هيٺيان لکبو، اِهو عدد هڪ آهي. اهڙي طرح هِن کي اسان ٽين تال جي هيٺيان لکنداسين.

2 + 2 ( 3)

1

اهڙي طرح هاڻ اسان کي رهيل خانن جي خال ۾ لکڻو پوندو.

2 + 2 ( 3)

2 + 1 ( 4)

ائين ڪرڻ سان بہ ماترن جو مجموعي تعداد 4 ڪونہ ٿو بيهي. اجا بہ اِنهيءَ ۾ هڪ ماترو گُٽي ٿو. تنهنڪري کابي پاسي کان اُهو هڪ بہ اَهڙي ريت لکبو:

(2) 2 + 2

( 4) 2 + 1 + 1

اهڙي طرح چوٿين نشان واري تال (3 ) ٽن ضربن جي ٿيندي. هاڻ پنجين تال چوٿين تال مان نڪرندي. اهڙي طرح اسان چوٿين تال

جي ٻن جي انگ جي هيٺيان هڪ عدد لکي سگهون ٿا.

(4) 2 + 1 + 1

(5) 1

پر اڃا پنجين تان ۾ اڃا 3 ماترن جي ڪمي آهي.

اهڙي طرح اسان ٽن جي انگ کي (5) نمبر تان جي ڪاٻي پاسي کان اهڙي طرح لکنداسين.

(4) 2 + 1 + 1

(5) 1 + 3

اهڙي طرح پنجين تال مڪمل ٿي ۽ ڇهين تال اِنهي پنجين تال مان نڪرندي. هاڻ اسين پنجين تال جي ٽين 3 انگ جي هيٺان 2 ٻن جو انگ ڏئي سگهون ٿا. اهڙي طرح اِنهيءَ حساب سان باقي تالن ۾ انگن کي ورهائي سگهون ٿا.

اهڙي طريقن سان ماترن ۽ ضربن جي معلومات حاصل ڪرڻ کان پوءِ پکاوجي پنهنجي مدد سان نيڪا ۽ تالن جي بندش ٻڌي سگهندا.

**جڳپال تال** 11 ماترا 4 ضربون

| ماترا | 1 2 3 4 5 | 6 7 | 8 9 | 10 11 |
|---|---|---|---|---|
| نيڪو | ڌا ڌن نگ ڌن نا | ڌم ڪٽ | تٽ ڪتا | گد گن |
| ضرب ۽ خالي | سم | 2 | 3 | 4 |

**پانومتي تال** 11 ماترا 4 ضربون

| ماترا | 1 2 3 4 | 5 6 | 7 8 | 9 10 11 |
|---|---|---|---|---|
| نيڪو | ڌا تٽ ڌن نگ | ڌٽ ڌٽ | ڌاڳي تٽ | تن گدي گن |
| ضرب ۽ خالي | x | 2 | 3 | 4 |

### ردر تال — 17 ماترا

| ماترا | 1 2 3 4 5 | 6 7 8 9 | 10 11 12 13 14 | 15 16 17 |
|---|---|---|---|---|
| ٺيڪو | ڌا ڌِن نگ ڌِن نگ | ڌم ڪَٽ ڌِن نگ | ڪت ڌم ڪِٽ تڪ ڌم | ڪتا گدي گن |
| ضرب ۽ خالي | x | 2 | 3 | 4 |

### ڪنپ تال — 11 ماترا

| ماترا | 1 2 | 3 4 5 | 6 7 | 8 9 10 11 |
|---|---|---|---|---|
| ٺيڪو | ڌا ڌِت | تڪ تِت ڌا | ڌِن نگ | تت ڪت گدي گن |
| ضرب ۽ خالي | x | x | 3 | 4 |

### مت تال — 9 ماترا

| ماترا | 1 2 | 3 4 5 | 6 7 8 9 |
|---|---|---|---|
| ٺيڪو | ڌا ڌِن | نگ ڌِن نگ | تت ڪتا گدي گن |
| ضرب ۽ خالي | x | 2 3 | 4 |

### شڪر تال — 17 ماترا 4 ضربون

| ماترا | 1 2 3 4 5 6 | 7 8 9 10 11 12 | 13 14 | 15 16 17 |
|---|---|---|---|---|
| ٺيڪو | ڌا آ تِ رِ ڪِ ٽ | ڌ مَ تِ رِ ڪِ ٽ | ت گ | ني ڌين ن |
| ضرب ۽ خالي | x | 2 | 3 | 4 |

### نڪشت تال — 17 ماترا 4 ضربون

| ماترا | 1 2 3 | 4 5 6 | 7 8 9 | 10 11 12 |
|---|---|---|---|---|
| ٺيڪو | ڌا ڌِن نگ | نگ ڌِن نگ | ڌا ڪِٽ تڪ | ڌم ڪِٽ تڪ |
| | x | 2 | 3 | 4 |

| ماترا | 13 14 15 | 16 17 18 | 19 20 21 | 22 23 24 | 22 23 24 |
|---|---|---|---|---|---|
| ٺيڪو | نگ ڌن نگ | تِن ڌِن نگ | تگ ڌِن نگ | ڪِڙڌا نگ تِگي | تڪ ڌِن ڪِٽ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تال اڌيائي **بشنُو تال** 17 ماترا

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ماترا | 2 1 | 5 4 3 | 9 8 7 6 | 13 12 11 10 | 17 16 15 14 |
| نيڪو | ڌن نا | ڌن ڌِن نا | ڌن ترڪٽ ڌِن نا | تِن تن نا ڌن | ڌن نا ڌن نا |
| ضرب | x | | 2 | 0 | 4 |
| ء خالي | | | | | |

## اڪشٽ منگل تال <u>22</u> ماترا

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ماترا | 4 3 2 1 | 6 5 | 10 9 8 7 | 12 11 |
| نيڪو | ڌا آ ڌ م | ڪ ت | ت ڪ ڌ م | ڪ ت |
| | x | 2 | 0 | 4 |
| ماترا | 16 15 14 13 | 18 17 | 22 21 20 19 | |
| نيڪو | ڌ م ت ت | ڪ تا | گدا دي گي ن | |
| | x | 2 | 3 | |

## پت تال <u>6</u> ماترا

| | | |
|---|---|---|
| ماترا | 2 1 | 6 5 4 3 |
| نيڪو | ڌا تِت | ڌا گي ٿو نا |
| ضرب | x | |

## منتري تال <u>11</u> ماترا

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ماترا | 3 2 1 | 5 4 | 8 7 6 | 11 10 9 |
| نيڪو | ڌا ڌ ت | ڌ ت | ڌا مي ت | ت ڪ ت |
| ضرب | x | 2 | 3 | 4 |

## سار تال <u>8</u> ماترا

| | | | |
|---|---|---|---|
| ماترا | 3 2 1 | 5 4 | 8 7 6 |
| نيڪو | ڌا ڪ ت | ت ڪ | ڌا ڪ ت |
| ضرب | 2 | 3 | 4 |

## تال اڏيائي — چَڪر تال — 11 ماتري دو ضربين

| | | |
|---|---|---|
| ماترا | 1 2 | 3 4 5 |
| نيڪو | ڌين اِين | ڌا ڪ ت |
| ضرب | x | 2 |

## پورن تال — 23 ماترا

| | | | |
|---|---|---|---|
| ماترا | 1 2 3 4 5 6 7 | 8 9 | 10 11 12 13 14 |
| | ڌا آ ڪِ ت ڪِ ڻ نگ | ڌِ ت | تا ڌي اي ڌي اي |
| | 15 16 17 18 19 20 21 | 22 23 | |
| | تِ ڪِ ت ڪِ تِ تا آ | گد گِن | |

## اُڌيرن تال — 9 ماترا

| | | | |
|---|---|---|---|
| ماترا | 1 2 3 4 5 6 7 | 8 9 | 10 11 12 13 14 15 16 |
| نيڪو | ڌا آڪِ ت ڪ ت ڌن | تِ تِ | تا آ ڪِ تِ تا ڪِ ت |
| | x | 2 | 3 4 |

## ڪُل تال — 9 ماترا

| | | |
|---|---|---|
| ماترا | 1 2 | 3 4 5 6 7 8 9 |
| نيڪو | ڌين اِين | گا ڪِ ت ت ت ڪَ تا |
| ضرب | x | 2 3 4 |

## ڪلواڙو تال

جيئن هر مُلڪ جي صوبن، ضلعن ۽ اُن جي تعلقن جي مختلف علائقن جا مختلف لهجا ٿين ٿا ۽ اُهو اُنهن جي سڃاڻپ هوندو آهي، تيئن هر صوبي جي ديسي موسيقي جي شڪلن ۾ بدل تال اُنهيءَ مُلڪ جي سڃاڻپ هوندي آهي. جيئن بلوچستان صوبي جي سڃاڻپ اُتي جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليوا تال آهي، جنهن جي رِڌم جي بيٽ ۾ هڪ عجيب رقص ڪندڙ ٻول ملن ٿا. تيئن صوبي سرحد جو پشتو ڪهروا آهي. اُهو تال جڏهن وڄندو آهي تہ محسوس ٿيندو تہ اسين سرحد جي پشتو موسيقي ٻڌي رهيا آهيون. اهڙي طرح صوبي پنجاب جو تال ڀنگڙي جي شڪل ۾ سامهون اچي ٿو. جنهن ۾ گهڻو ڪري پنجاب وارا پاڻ بہ نچندا آهن ۽ انهيءَ تال ۾ گهڻو ڪري ماهيا ڳايا ويندا آهن ۽ گهوڙن جو بہ رقص ڪرايو ويندو آهي.

صوبي سنڌ جي وارو تال آهي ڪلواڙو. ڪِلواڙو هڪ قديم ۾ قديم تال آهي. هِن جو جنم موهن جي دڙي جي تاريخ سان لاڳو آهي. ڪِلواڙي جو جنم موهن جي دڙي واري عروج جي زماني ۾ ٿيو. آثار قديمہ ۾ جيڪو سِڪو مليو آهي، اُن تي ڏُهل چِٽيل آهي. ان ڏُهل تي ڪلواڙو وڄندو هو ۽ پوءِ هي تال راجستان ۾ تمام گهڻو استعمال ٿيو، خاص ڪري ڀِتين (ڀاٽين) ۽ مڱڻهارن ۾ اُتي جي رسم رواجن تي ٻڌل گيتن ۾ استعمال ٿيندو هو. جنهن جا روپ ڪيئي قسمن تي ورهايا ويا آهن. عِلم موسيقي جي ڪائنات ۾ هي واحد تال آهي جنهن ۾ دنيا جي ڪنهن بہ وڏي ۾ وڏي ماتري باز طبلہ نواز، پکارج نواز پوءِ اهو ڀلي پرواز ڪندڙ آگرين سان طبلو وڄائيندڙ هجي پر جڏهن ڪِلواڙي جو تال ايندو تہ هو مُنجهي پوندو ۽ هِن تال ۾ هو چڱي طرح پرواز آگرين ڪي نہ ڪرائي سگهندو. هِن دؤر ۾ سڀني ڪان گهڻو تالن تي آگرين ذريعي پرواز ڪرائيندڙ طبلي نواز پنجاب جا آهن پر جڏهن هو اسان جي ڪنهن بہ عام ڍولڪ واري ڪان ڪلواڙو ٻڌن ٿا تہ ڳُتب ۾ ئي غرق ٿي ويندا آهن. يوري دنيا ۾ سڀ ڪان وڏيڪ پرواز ڪندڙ طبلي وارو ذاڪر علي خان ۽ پنجاب مان طافو موسيقار طبلچي چون ٿا تہ اسان جڏهن ڪلواڙو تال ۽ هُن جون ٻڌل ضربون ٻڌون ٿا تہ اسان جو دماغ ڪم ڇڏي ٿو وڃي تہ هِن جي بندش ڪيئن ٻڌل آهي. ڪيئن عام ڍولڪن وارا هن ۾ ڦرت گهرت ڪن ٿا ۽ وري واپس ڪيئن سَم تي اچن ٿا. تہ اهڙي ريت اسان جي هِن ڪِلواڙي تال کي دنيا جي تالن مٿان عبور حاصل

آهي.

ڪلواڙو اَنن ماترن جو آهي، جتي دنيا جا مختلف تال پرواز تي پهچڻ ۽ دنگ تا ڪن تہ اُتان اسان جي تال ڪلواڙي جي شروعات ٿئي ٿي. اسان جي هن ڪلواڙي تال کي تالن جو سردار بہ چئي سگهجي ٿو.

| | |
|---|---|
| پهريون روپ | 8 7 6 5 4 3 2 1<br>ڌن - تا. ڌِن - ڌن. نا. آ |
| ٻيو روپ | 1 x 4 = 3 - 5<br>3 x 5 = 4 - 4 |

ڪلواڙي جو تال اسپيڊ وارو تال چئبو - تيز لئہ واري هِن تال مان ڪئين تال جنم ورتا. جيئن - تِلواڙو - راج تال ۽ پڻ ڪيترا جن مان خاص ڪري ڪهروي جا قِسم.

هِن تال کان پوري دنيا جا تال ۽ اُن کي وڄائيندڙ طبلچي لنوائِن ٿا، ڇاڪاڻ جو هِن جي تيز تِکي لئہ ناممڪن آهي. صرف ٻين مُلڪن وارن لاءِ. هِن تال کي وڏيڪ عروج ڏياريندڙن ۾ اُستان رُومڙو خان، ضامن علي، جهانئرو خان، مرحوم برڪت علي خان، مرحوم غلام محمد خان، مرحوم احمد نواز خان، مرحوم لؤنگ فقير، محمد يوسف مرحوم (راڳي جو والد) الڻ خان، مرحوم الله رکيو خان، مرحوم سُومار خان هِن دور ۾ هاشوڙو خان، ٻچل خان، محمد انب خان، صادق علي خان، نياز علي خان، اُستاد نذير خان، اُستاد راجو خان سمرات، مير خان، منور علي خان، نصرت حسين، مير خان ۽ پڻ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تعارف



امير علي خان ڪي پنهنجي ٿهيءَ جي نيڪ نامر گائڪ طور سڄي سنڌ ۾ هِن وقت نهايت وڏي شهرت حاصل آهي. مون کي ياد آهي تہ 80ع واري ڏهاڪي ۾ اسان ئي پهريون دفعو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان هِن کي متعارف ڪرايو هو. خوبصورت گونجندڙ راجستاني آواز، رياضت، خداداد صلاحيتن ۽ ڪلاسيڪل موسيقيءَ ۾ مهارت حاصل ڪري وٺڻ سبب، هِن جي هاڪ جو سلسلو اڃا مسلسل ئي آهي، جو اِجهو هُن، علمِ موسيقيءَ بابت هي ڪتاب "سر، شاهہ، سمنڊ" لکي زماني کي جهڙوڪ پنهنجو اڃا بہ وڌيڪ متعرف بنائي ورتو آهي. امير علي خان گائڪيءَ جي عظيم ۽ برک ڪلاسيڪل راڳي خانصاحب حاجي خيرمحمد خان جو پوٽو ۽ مرحوم اُستاد رمضان علي خان جو فرزند ۽ ان سان گڏوگڏ اهڙي گائڪ گهراڻي جو چشم و چراغ ۽ نمائندو آهي، جنهن سنڌي موسيقيءَ کي جيوٽي ٻائي، اُستاد دين محمد، شادي فقير، علم الدين خان، مراد فقير ۽ زوار فقير جهڙا شاگرد ڏنا ۽ اولاد مان مرحوم لعل بخش خان (موسيقار) ۽ سندس ٽيون نمبر فرزند رجب علي رضا جن جي سنڌي موسيقي ۾ وڏي هاڪ ۽ ڌاڪ آهي.

امير علي خان جي ٿهي ڪان گهڻو اڳ، سنڌ ۾ سنڌي راڳ جا وڏا پارکو، حافظ ۽ محافظ موجود هئا، پر افسوس، گوَين جو اهو قافلو ڳائيندو وڄائيندو، نيٺ ڌرتيءَ ۾ لهي ويو ۽ منجهانئن ڪنهن کي بہ سنڌيءَ ۾ سنگيت، پُستڪ يا گرنٿ لکڻ جي همت ڪانہ ٿي. ها، برابر ويجهي ماضيءَ ۾، نهايت احترام لائق، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب، سيد منظور نقوي، شيخ عزيز ۽ ممتاز مرزا پنهنجي پنهنجي انداز ۽ اسلوب سان سنڌي سنگيت ۽ موسيقيءَ جي تاريخ تي قلم کنيو، پر ظاهر آهي، تہ اهي سڀ صاحب، صرف ڪَن رسيا هئا، نہ ڪہ گائڪ وغيره ۽ هيڏانهن اسان جي امير علي کي انهن مڙني مانائتن محققن ۾ اها انفراديت حاصل آهي، تہ نہ فقط هو پيشہ ور گلوڪار ۽ موسيقار آهي، پر ڌڻي تعاليٰ کيس موسيقيءَ جي ان فن بابت تحقيق ڪرڻ جو وڏو هنر ۽ ڏانءُ بہ ڏنو آهي.

۽ اِجهو، سنڌي ٻوليءَ ۾، امير علي خان جي هن تحقيقي ڪم ڪي، آئون ڪنهن ڪارنامي کان قطعي گهٽ ڪونہ ٿو سمجهان ۽ ان لاءِ آئون کيس هزارين آفرينون ۽ لک شاباسون ڏيندي چوان پيو:

جيئُ امير علي خان، جيئُ دوست

**نصير مرزا**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book